شاهڪار لکڻين جي چونڊ

# ڪرزما

ڊائجسٽ

اُپ تي فائرنگ

امر جليل جي نئين ڪهاڻي

چنگيز خان جي زندگيءَ تي مڪمل ناول

ڪرشن چندر جو مڪمل ناول:

محبت ۽ قيامت ۽



سلسلوار

# ڪرزما

ڊائجسٽ

جون - جولاءِ 2005

چيف ايڊيٽر (اعزازي): ڊاڪٽر خالد نوراني

ايڊيٽر: الطاف ملڪاڻي

سهڪاري ست: مقصود قاضي،
ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ
علي نواز گهانگهرو،
نثار منصور

پبلشر: مير محمد نوراني

ڪمپيوٽر لي آئوٽ: سيد احمد علي شاهه ۽ وارث علي شاهه

مواد موڪلڻ لاءِ پتو: پوسٽ باڪس نمبر2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او)، ڪراچي

سرڪيوليشن ۽ اشتهارن

لاءِ ائڊريس: بنگلو نمبر D- 121/ B بلاڪ
پنجون ڪلفٽن ڪراچي،
فون نمبر: 021-5820838
موبائل: 0300-9223834

حيدرآباد آفيس ائڊريس: الطاف ملڪاڻي
معرفت ارم ڪمپيوٽرز
ويجهو چائينز ريسٽورنٽ گاڏي کاتو،
حيدرچوڪ حيدرآباد
موبائل: 0301 -3520695
E-mail: Krizmadig@yahoo.com

سٿاءُ

ڪرزما رنگ

06 پنهنجي پاران

ايڊيٽوريل

07 چنگيز خان

خالد حسين

62 اپ ٽي فائرنگ

امر جليل

72 ريڪارڊ سيڪشن ۾ هڪ رات

موهن ڪلپنا

77 پتني ۽ فرض

لعل پشپ

81 هڪڙو ووٽ

خالد حسين

95 چتيون

حسن منصور

| صفحو | عنوان | ليکڪ |
|---|---|---|
| 99 | پـــيءُ | بجورن اسٽريني بجورنسن |
| 103 | ڪرسمس جو بهشتي وڻ | دوستو وسڪي |
| 109 | باپوءَ جي واپسي | ڪرشن چندر |
| 121 | محشر | رحمان خاصخيلي |
| 153 | هلال احمر | مقصود احمد قاضي |
| 161 | عجيب ڪرشما | انجنيئر ڪامران ميمڻ |
| 174 | حضرت شمس تبريز رحه | ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ |
| 195 | محبت بہ قيامت بہ | ڪرشن چندر / بيد مسرور |

# پنهنجي پاران

هتي هر ڪو رڙيون ڪري ٿو تہ اسان موهن جي دڙي جي عظيم تهذيب جا وارث آهيون. ڳالهہ واقعي صحيح پر ٿورو من شانت ڪري، ٺڏو ساهہ ڀري پاڻ کان پڇون تہ ڇا اسان ان اوچائيءَ تي بيهي سگهيا آهيون؟ اسان وٽ اڄ بہ ساڳي بيل گاڏي هلي پئي جيڪا پنج هزار سال پهرين هلندي هئي. دنيا پوئين صديءَ ۾ چنڊ تي وڃي پهتي آهي ۽ اسان جي ڳوٺن ۽ شهرن جون ناليون اڄ بہ ايڪهين صديءَ ۾ ڪليل آهن.

ساڳيو حال سنڌي ادب جو آهي. رڳو سڪٽا نعرا تہ اسان عظيم ادب خلقيو آهي. پر اهو آهي ڪٿي؟ اسان وٽ تہ اديبن جو ڪال آهي. هڪ ٻہ اديب جيڪو ڪجهہ لکي رهيا آهن سو بہ شوق منجهان. پنهنجي هڙان وڙان پيسو خرچ ڪري پيا پنهنجا ڪتاب ڇپرائين ۽ دوستن يارن ۾ ورهائين.

سنڌي ادب جو ڇا حشر آهي. هتي نہ پيا ناول لکيا وڃن، نہ وري ڪو جاسوسي ادب. نہ اسان وٽ ڀوائتو ادب (Horror Literature) آهي ۽ نہ وري سائنس فڪشن ڪهاڻيون. نہ اسان ساموندي ڪهاڻين (Sea Stories) بابت ٻڌو آهي نہ وري فرار ڪهاڻين (Escape Stories) بابت لکيو آهي. ماڻهن جون جانورن سان لاڳاپيل ڪهاڻيون (Animal Stories)، ٻارن ۽ عورتن سان لاڳاپيل ادب ڪجهہ بہ اسان وٽ نہ آهي. ههڙو حشر ڏسي دل سڙي ٿي.

اسان هن ڊائجسٽ ذريعي ڪوشش ڪنداسين تہ سنڌي ادب ۾ ڪجهہ مثبت واڌارو ڪري سگهون. اسان کي سيني سنڌين جي سهڪار جي ضرورت آهي. توهان جو ساٿ هوندو تہ چڙهي پونداسين نہ تہ........

# چنگيز خان

## خالد حسين

دنيا جي ان خونخوار حاڪم جي زندگيءَ جو داستان جنهن جي نالي ٻڌڻ سان سلطنتون ڪري پونديون هيون. هزارن لکن انسان ڪي ماريندڙ، وڏيون وڏيون حڪومتون ڊاهيندڙ جي عجيب زندگيءَ جو احوال جيڪو سنڌي زبان ۾ پهريون دفعو پيش ڪيو پيو وڃي.



گوبي ريگستان جي اترين حصي ۾ هر وقت طوفان ۽ تيز واچوڙا هلندا رهندا هئا. گرمين جو موسم هو ۽ هڪ تيرنهن سالن جو نوجوان پنهنجي خيمي ۾ ويٺي باهه تي چڙهيل ديگ کي ڏسي رهيو هو، جنهن ۾ هرڻ جو گوشت پچي رهيو هو. جيتوڻيڪ هن جي عمر صرف تيرنهن سال هئي پر خانہ بدوشين جي زندگي جي جفاڪشين ۽ موسمن جي سختين سندس جسم ڪي ايڏو تہ

مضبوط ٻڌائي چڙهيو هو جو هو تيرنهن سالن جي عمر هوندي بہ ڀرپور جوان نظر اچي رهيو هو. هن جا ڪلها سڌا ۽ هو ڪٽڪ رنگو هو. جيتوڻيڪ هن جي اکين جي وچ ۾ ڪافي ويجهوتي هئي، پر پوءِ بہ اهي بدنما نہ لڳي رهيون هيون. سندس اکيون ڀوريون هيون جيڪي هن جي خاندان جي سڃاڻپ هيون. هن جي خاندان وارن کي انهن اکين جي رنگ جي ڪري "ڀورين اکين وارا منگول" ڪوٺيو ويندو هو. هن جو نالو تموجن هو، جنهن کي تاريخ ۾ چنگيز خان جي مشهور نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

هن جي پيءُ جو نالو يسوڪائي بهادر هو جيڪو "ياڪا" نالي منگول قبيلي جي چاليهہ هزار يورتن (خيمن) جو سردار هو. هنن جي ٻوليءَ ۾ خيمي کي يورت چيو ويندو هو. تموجن سندس پيءُ جي هڪ وڏي دشمن جو نالو هو جنهن مٿان ان ڏينهن سوڀ پاتي هئائين ۽ کيس زنده گرفتار ڪيو هئائين. جنهن ڏينهن چنگيز خان جي ولادت ٿي هئي، ان ڪري هن پنهنجي نومولود ٻار جو نالو "تموجن" رکيو هو.

هڪ ڏينهن يسوڪائي بهادر کيس هڪ دوست قبيلي جي سردار جي خيمي منجهہ وٺي ويو جيڪو سندس پيءُ جو گهاٽو يار هو. ان سردار سندس ڇانورن منجهان ٿڌيل شراب سان خاطر تواضع ڪئي. چنگيز خان ڪافي دير کان هڪ ڇوڪريءَ کي خيمي منجهہ ايندو ويندو ڏسي رهيو هو جيڪا کيس ڏاڍو وڻي رهي هئي. هن ڀهرين سوچيو تہ هو ان ڇوڪريءَ کي زوري پنهنجي گهوڙي تي کڻي هليو وڃي پر کيس پنهنجي پيءُ کان ڊپ پئي ٿيو تہ متان هو سندس ان حرڪت تي ناراض ٿئي.

"هيءَ ڇوڪري ڪير آهي؟" هن پنهنجي پيءُ کان پڇا ڪئي.

"هيءَ سردار جي نياڻي آهي. ڇو؟ ڇا ڳالهہ آهي؟" سندس پيءُ ڇيو.

"هيءَ مون کي بيحد وڻي ٿي. ڇا مان هن سان شادي ڪري سگهان ٿو؟" هن آهستگيءَ سان پنهنجي پيءُ سان سرٻاٽ ڪيو.

"ڇريو آهين ڇا؟ هيءَ تہ نهايت گهٽ عمر جي آهي."

"آئون هينئر توروئي شاديءَ لاءِ تو ڇوان. هيءَ جڏهن وڏي ٿيندي تڏهن لاءِ تو جوان. آئون انتظار ڪندس. هيءَ جيڪڏهن اسان جي قبيلي منجهہ ايندي تہ ان جي شان ۾ چار چنڊ لڳي ويندا."

سيوڪائي بهادر نهايت جهانديده ماڻهو هو. هو سمجهي ويو تہ عشق جو چنگيز خان مٿان مڪمل غلبو هو ۽ هو هاڻ ڪابہ ڳالهہ نہ ٻڌندو. جيڪڏهن هن کي روڪبو تہ هيءَ ڪنهن نہ ڪنهن وقت زوريءَ هن ڇوڪريءَ کي کڻي پنهنجي گهر واري بنائيندو. هن خود بہ ائين ڪيو هو. هو چنگيز خان جي ماءُ کي شاديءَ جي رات سندس ڪنوار واري ڪمري منجهان زوريءَ اغوا ڪري کڻي

آيو هو ۽ شادي ڪئي هئائين. ان ڏينهن ڪان وٺي هن جي "ياڪا" قبيلي ۽ سندس زال جي قبيلي منجهه دشمني هئي، جنهن ۾ پنهي پاسن ڪان سوين ماڻهو مري ويا هئا. هن نه ٿي چاهيو ته چنگيز خان به ائين ڪري ۽ ڪا ٻي دشمني گڇيءَ ۾ پوي. هن غور سان ڇوڪريءَ ڪي ڏٺو. ڇوڪري نهايت حسين هئي. هو چنگيز خان جي نظرن جو قائل ٿي ويو. اها ڇوڪري واقعي سندس ننهن ٻنجڻ جي قابل هئي.

"تنهنجي ڇوڪريءَ جو نالو ڇا آهي؟"

هن پنهنجي دوست سردار ڪان پڇيو.

"بورتائي." دوست جواب ڏنس.

"تنهنجي ڌيءَ ڏاڍي خوبصورت آهي. منهنجي پٽ ڪي ڏاڍي وڻي وئي آهي. هو ساڻس شادي ڪرڻ ٿو گهري. تون ڇا ٿو چوين؟"

"پر يسوڪائي بهادر، بورتائي ته اڃا تمام ننڍي آهي. ڪيس جوان ٿيڻ ۾ ڪجهه سال لڳندا."

"ڪا ڳالهه ناهي. منهنجو پٽ انتظار ڪري وٺندو. تون ٻڌاءِ، ڇا تون شاديءَ ۾ راضي آهين؟"

"تنهنجي خاندان سان تعلق ڳنڍڻ ته منهنجي خانداني وارن لاءِ خوش نصيبي هوندي. اسان راضي آهيون."

ٻئي ڏينهن رشتو طئي ٿي ويو ۽ بورتائي، چنگيز خان جي مڱ ٻنجي وئي. سيوڪائي بهادر، چنگيز خان کي اتي ڇڏيو ته هو ڪجهه ڏينهن اتي رهي پنهنجي سهري جي خاندان ۽ ان جي قبيلي ڪان واقف ٿئي ۽ پاڻ واپس وري ويو. بورتائي به ڏاڍي خوش هئي ته هن جو مڱٽو يسوڪائي بهادر جي وڏي پٽ چنگيز خان سان ٿيو هو، جيڪو چاليهه هزار خيمن جو سردار هو ۽ هڪ ڏينهن چنگيز خان کي اها سرداري وراثت ۾ ملڻي هئي. هونءَ به چنگيز خان ڪيس وڻيو هو. سندس چمڪدار اکيون ڪيس ڏاڍيون پسند آيون هيون، جيڪي گذريل رات هن جي مٿان هٽيون ئي نه ٿي.

ٻئي ڏينهن سندس سهرو ڪيس گهمائڻ لاءِ گهوڙي تي وٺي ويو. ٻئي ڄڻا الڳ الڳ گهوڙن تي سوار هئا. سندن پنيان قبيلي جا ٻيا گهوڙي سوار آيا پئي. موسم خوشگوار هئي. آسمان تي بادل پرجي آيا هئا. هلندي هلندي سامهون ڪين هڪ ٽڪري نظر آئي، جيڪا ڪافي سڌائي ۾ هئي ۽ جنهن مٿان چڙهڻ نهايت مشڪل ڪم هو. چنگيز خان پنهنجي ڳاڙهي گهوڙيءَ جو لغام ڍرو ڪيو. گهوڙيءَ پنهنجي مالڪ جو اشارو سمجهيو ۽ بجليءَ جي رفتار سان ٽڪريءَ مٿان چڙهڻ شروع ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي تير وانگيان اها سڌي ٽڪريءَ تي چڙهي وڃي ان جي چوٽيءَ تي بيٺي. سندس سهرو ۽ ان جي قبيلي جا ٻيا گهوڙي سوار ڪيس روڪيندا ئي رهجي ويا. اڄ ڏينهن تائين سندس سهري يا ان جي قبيلي جي ڪنهن گهوڙي سوار جي اها همت نه ٿي هئي ته

هو ڪو گهوڙي سميت ان ٽڪريءَ تي چڙهي ان جي چوٽيءَ تي پهچي جيئن چنگيز خان ڪري ڏيکاريو هو. سندن اکيون ڦاٽي ويون هيون. هنن ڪوشش ڪئي تہ هو بہ چنگيز خان وانگر ان ٽڪريءَ تي چڙهن پر سندن گهوڙن پيرن کڻڻ کان نابري واري. هو هيٺ بيهي چنگيز خان جي ٽڪريءَ تان لهڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. ٿوري دير بعد چنگيز خان پنهنجي گهوڙي جي پٺ تي سواري ڪندو واپس انهيءَ شان سان هيٺ لٿو جيئن هو مٿي ويو هو. ڪٿي لغام ڪي ڍرو ڇڏتو آهي تہ ڪٿي لغام ڪي مضبوطيءَ سان پڪڙتو آهي. اهو ڪم هڪ شهسوار جو آهي ۽ هن جي نظرن اهو ڏسي ورتو هو تہ ڪيئن هڪ تيرنهن سالن جي ٻار اهو ڪم ڪري ڏيکاريو هو. جيڪو هن ۽ هن جي قبيلي لاءِ ناممڪن هو. اهو صرف شهسواريءَ جو ڪمال نہ هو پر ان ۾ جگر ۽ بهادري تي ڪپي، "خان! توتہ ڪمال ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن توکي ڪجهہ ٿي وڃي ها تہ پوءِ مان تنهنجي پيءُ کي ڪهڙو منهن ڏيکاريان ها؟" سندس سهري ڪيس چيو.

"منگول ٿي ڊڄين ٿو؟ تون بہ اسان وانگر پورين اکين وارو منگول آهين. توکي ياد نہ آهي تہ اسان جي وڏي قبل خان چين وڃي ڪيئن "ختا" جي شهنشاهہ جي ڏاڙهي پٽي هئي. ڇا مان ان جي اولاد منجهان ٿي هيءَ ننڍڙي ٽڪري بہ ڪونہ ٿو سر ڪري سگهان؟" اهو چنگيز جو جواب هو جنهن سندس سهري جي دل کي ڪٽي ورتو.

"خان! تنهنجي ڳالهہ منهنجو جيءُ خوش ڪري ڇڏيو. هيءَ ڳالهہ بهادريءَ کان بہ وڏيڪ آهي. آئون تومان ڏاڍو خوش آهيان. تون منهنجي ڌيءَ جي حفاظت تمام سٺي نموني ڪندين."

پوري ڏينهن جي گهوڙي سواريءَ کانپوءِ جڏهن هي خيمي ۾ داخل ٿيا تہ ڪافي ٿڪل هئا. بورتائي سندس خيمي جي در وٽ آڌرڀاءُ ڪيو هو. هن جون ڊگهيون چوٽيون چانديءَ جي سڪن ۽ رنگ برنگي موتين سان پريل هيون. هن کي اڇو سمور جو لباس پاتل هو. جيڪو اوندهہ ۾ چمڪي رهيو هو. رسم مطابق هن مهمان جو هٿ پڪڙيو ۽ ڊيل وانگر هلندي ڪيس خيمي ۾ هڪ هنڌ ويهاريو.

"خبر اٿئي بورتائي، تموچن گهوڙي سواريءَ ۾ ڪهڙو ڪمال ڏيکاريو؟" سندس پيءُ ڪيس چيو.

"مون کي ڪهڙي خبر....؟ آئون تہ خيمي منجهہ هئس. ڇا هن بنا گهوڙي چڙهڻ جي شهسواري ڪئي؟" هن مذاق ۾ چيو.

"اڙي، نہ! اڄ هيءَ صنوبر وارن وڻن واري ٽڪريءَ تي گهوڙي سميت چڙهي ويو هو."

"واقعي!"

"ها، اهو سچ آهي. آئون پاڻ هن سان گڏ هئس."

تہ ڪمال جو ڪم آهي. اڄ ڏينهن ئين تہ ڪوبہ اهو ڪارنامو نہ ڪري سگهيو هو.“

”اهوئي تہ مان توکي ٻڌايان پيو. تون وڏي خوش قسمت آهين جو تنهنجو هن سان مڱڻو ٿيو آهي.“

بورنائي شرمائجي وئي.

”هاڻ وڃ ۽ پنهنجي ماءُ جو ڪاڏي ناهڻ ۾ هٿ ونڊاءِ. خان کي ٿورو آرام ڪرڻ ڏي.“

بورتائي کي نہ چاهيندي بہ ان خيمي مان اٿي وڃڻو پيو. چنگيز خان خود بہ نہ ٿي چاهيو تہ هوءَ کو ٻاهر وڃي، پر اهو سندس سهري جو حڪم هو. هو ان کي روڪي نہ ٿي سگهيو. ڪيس ان وقت بورنائي نهايت حسين پئي نظر آئي. هن چاتو پئي تہ هن خاص ان لاءِ هار سينگار ڪيو هو.

سڄي رات سندس خيمي ۾ جشن متل هو. هو ڪافي دير سان ستو هو. اڃا فجر جو وقت هو جو هن جي سهري ڪيس جنجهوڙي اڄي اٿاريو. ڪيس اهڙي بدتميزي جي توقع نہ هئي. سندس دل ٻڏي وئي. ضرور ڪجهہ ٿيو هو.

”تنهنجي قبيلي منجهان هڪ گهوڙي سوار تنهنجي لاءِ ڪو پيغام ڪٺي آيو آهي، جيڪو صرف توکي ٻڌائڻ ٿو چاهي.“ سندس سهري ڪيس چيو ۽ خيمي کان ٻاهر نڪري ويو.

لمحي کن کانپوءِ سندس قبيلي جو هڪ گهوڙي سوار خيمي منجهہ داخل ٿيو.

”يسوڪائي بهادر کي رات جو دشمن زهر پياري ڇڏيو آهي. سندس حالت نازڪ آهي. هن توکي يڪدم گهرايو آهي. جلدي تيار ٿي، اسان کي هلڻو آهي.“

چنگيز خان پنهنجي سرخ گهوڙيءَ تي جيتري قدر بہ جلد تيار ٿي سگهيو ايترو ٿيو ۽ پنهنجي قبيلي ڏانهن روانو ٿيو. اڃان هو پنهنجي پڙاءَ کان ڪجهہ پرتي هو تہ هن هڪ عجيب منظر ڏٺو. هن جي قبيلي جا ماڻهو، قبيلو ڇڏي بيل گاڏين تي سامان لڏي وڃي رهيا هئا ۽ هن جي ماءُ ياڪ جي نوَ پڇن وارو جهنڊو کڻي سندن پٺيان هلي رهي هئي ۽ کين قبيلو ڇڏي وڃڻ کان روڪي رهي هئي.

هن جو پيءُ سندس قبيلي ۾ پهچڻ کان اڳ وفات ڪري چڪو هو ۽ سندس قبيلي جا اڪثر ماڻهو هن جو قبيلو ڇڏي ٻين آقائن ۽ قبيلن جي تلاش ۾ وڃي رهيا هئا، جيڪي کين تحفظ مهيا ڪري سگهيا ٿي. هنن جو موقف اهو هو تہ هڪ عورت ۽ سندس ننڍا ٻار سندن ڪهڙي حفاظت ڪري سگهندا، جن کي خود حفاظت جي ضرورت هئي. انهن کي سيوڪائي بهادر جي دشمنن کان بہ ڊپ هو تہ هو هاڻ پنهنجا پراڻا بدلا وٺندا. هاڻ سندن وچ ۾ يسوڪائي بهادر جهڙو جنگي جوڌو نہ هو جيڪو کين بچائي، ان ڪري ڪوبہ طاقتور قبيلو مٿانهن

"توهان مون سان گڏ اوڏانهن هلو ۽ "ياڪا" قبيلي وارن کي پڇائي ڪيو. پوءِ انهن سرسبز گاهن وارن ميدانن مٿان اسان جو قبضو هوندو. جنهن مان ڇري اسان جا جانور ٿلها متارا ٿي ويندا. جتي جي موسم خوشگوار آهي ۽ اتي ڦهر جي گرمي ڪانہ ٿي پوي. جتي برف دير سان پگهرجي ٿي ۽ جتي خوبصورت اکين واريون عورتون توهان جو انتظار ڪري رهيون آهن."

"نيڪ آهي سردار، اسان تيار آهيون." ماڻهن هڪ آواز ٿي چيو.

"اتي پهچي ان ڇوڪري تموچن (چنگيز خان) کي بہ قتل ڪرڻو آهي، ڇوتہ هو يسوڪائي بهادر جو وڏو پٽ آهي. ائين نہ ٿئي تہ هو پاڻ وڏو ٿي اسان کان پنهنجي ان حملي جو بدلو وٺي. چنگيز خان اهڙو بگهڙ آهي جنهن جا ڏند اڃا ٽائين نہ نڪتا آهن. ان کي روڪڻ جو هڪڙو طريقو آهي تہ کيس قتل ڪري ڇڏجي."

هيءَ جنگ ڇا هئي، صرف ڦرلٽ جو هڪ طريقو هو. هڪدم تائجوت قبيلي وارا اتيا ۽ گهوڙن تي ڪاهيندا پل پر ۾ "ياڪا" قبيلي وارن جي سر مٿان پهچي ويا.

اهو حملو بي خبريءَ ۾ ٿيو هو. خبر هجي ها تہ بہ ڇا ٿيئي ها؟ اتي مقابلو ڪرڻ وارو ڪير بچيو هو؟ تائجوت قبيلي وارا ڦرلٽ ۾ مشغول هئا تہ ترغاتائي خود چنگيز خان جي خيمي ڏانهن رخ ڪيو، جنهن مٿان سرءاريءَ جو جهنڊو يعني نوَن پڇن وارو ياڪ جو جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو. کيس ڪنهن بہ مزاحمت کي منهن ڏيڻو نہ پيو، ڇوتہ اتي لڙڻ وارو ڪير بہ نہ بچيو هو. ياڪا قبيلي وارن دشمن جو تعداد ڏسي سمجهي وِرتو هو تہ جنگ لڙڻ فضول هو ۽ هو ڪنهن بہ ريت انهن مٿان سوبي پائي نہ ٿي سگهيا. ان ڪري انهن لڙڻ بدران ڀڄڻ کي ترجيح ڏني هئي. چنگيز خان بہ پنهنجي ڀاءُ قسار سان هڪ پاسي فرار ٿيو هو. هو بي بدل تيرانداز هو. هن جي تيراندازي جي آڙ ۾ چنگيز خان فرار ٿي ويو هو.

هاڻ شڪار شروع ٿي چڪو هو. ترغاتائي کي چنگيز خان جي ڳهرج هئي. هن کي سندس ماءُ، ڀيءُ يا ڀئي ڪنهن جي ڳهرج نہ هئي. تائجوت قبيلي وارا شڪاري ڪتن وانگر هن جي ڪِڍ هئا. چنگيز خان ۽ قسار تيز گهوڙا ڊوڙائي رهيا هئا. تائجوت وارا بہ هنن جي پويان هئا. پر هو ڪٿي تا چنگيز خان ۽ سندس ڀاءُ جو مقابلو ڪري سگهن. هو صرف ان اميد تي سندن پٺيان هئا تہ نيٺ سندن گهوڙا ٿڪبا ۽ اهي کين قابو ڪري وٺندا.

چنگيز خان ۽ سندس ڀاءُ کي بہ ان ڳالهہ جو پتو هو، ان ڪري هو اهڙن رستن تي پئي ڪاهي ويا جن منجهہ وڻن جا جهڳٽا هئا يا وري اونهيون کاهيون هيون، جن جي آڙ ۾ هو گهوڙن کي

پهريدار کي هوش اچي ويو هو ۽ هن پين قبيلي وارن کي چنگيز خان جي فرار بابت ٻڌايو هو. سيئي تائجوت قبيلي وارا هن جي کڏ لڳا. هن نديءَ منجهه ٽپو ڏنو هو ۽ ڪناري تي موجود گاهه منجهه ائين لڪي ويو جو سندس سڄو بدن پاڻي ۾ ۽ صرف منهن پاڻيءَ کان ٻاهر هو. هو پنهنجي چوڌاري دشمن قبيلي وارن جا آواز ٻڌي رهيو هو:

”چنگيز خان تري ندي ته پار ڪري نه ويو هوندو؟“ ڪنهن چيو.

”اڃان ڪيس فرار ٿيندي ڪجهه وقت ٿيو آهي. اڃان هو جهنگ ۾ ئي هوندو ۽ هتي نه پهتو هوندو.“ ڪنهن ٻئي آواز چيو.

”اسان جهنگ جي طرف کان ئي اچون پيا. اسان کي ته اتي چنگيز خان نظر نه آيو.“

”مون پاڻ هن کي نديءَ طرف ڀڄندي ڏٺو آهي. هو هتي ڪٿي لڪل هوندو.“ ڪنهن جو آواز اڀريو.

”جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته پوءِ اچو ڪيس هيڏانهن هوڏانهن ڏسون ۽ ڳولي لهون.“

اهي سڀ سندس تلاش ۾ چوطرف ڦرڻ لڳا. انهن جي هٿن ۾ ٻرندڙ مشعلون هيون. هن کي هاڻ پڪ ٿي وئي ته سندس پڪڙجڻ لازمي هو. هو پنهنجو ساهه روڪي اتي چپ چاپ ويٺو رهيو. ايتري ۾ هڪ تائجوت قبيلي وارن جي هڪ جنگجو هن کي ڏسي ورتو. ٻنهي جون نگاهون مليون. چنگيز خان جي اکين ۾ ڪا ڪشش يا بي وسي هئي، جنهن ان قبيلي واري جي من ۾ هن لاءِ رحم پيدا ڪري ڇڏيو ۽ هو ڪيس نظرانداز ڪندي اڳتي وڌي ويو ۽ زور سان رڙ ڪري چيائين، ”چنگيز خان هتي ڪونهي، شايد ندي پار ڪري هليو ويو آهي.“

اهو ٻڌي سيئي دشمن مايوسيءَ جي حالت ۾ واپس موٽيا.

چنگيز خان جو اهڙي نموني بچڻ هڪ معجزو هو. هن جي ذهن اهو سوچڻ شروع ڪيو ته آخر اِن جنگجو مون کي پڪڙايو ڇو نه؟ هن جي خانداني بهادري ڪيس ان ڳالهه تي مجبور ڪيو ته هو دشمن قبيلي جي صفن منجهه واپس وڃي ان همدرد سان ملي ۽ ڪانئس ان ڳالهه بابت پڇي. هن ڪيو به ائين. اها سندس بهادريءَ جي انتها هئي جو هو پنهنجي جان بچائڻ بدران، واپس دشمن منجهه موٽي آيو ۽ لڪندو ان همدرد جي خيمي منجهه گهڙي ويو.

ان جنگجو اڃا پنهنجا هٿيار لاٿا ئي پيئي ته ڪيس سامهون چنگيز خان بيٺل نظر آيو. جيڪو سڄو پاڻي ۾ پسيو پيو هو. ڪيس ان ڳالهه ڄاڻڻ ۾ دير نه لڳي ته اهو چنگيز خان هو. جنهن جي ڪلهن ۽ ٻانهن ۾ اها ڳري هٿڪڙي اڃان لڳل هئي.

”بيوقوف ڇوڪرا، تون هتي ڇو آيو آهين؟ توکي ته جان بچائڻ لاءِ ندي پار ڪري وڃڻ گهرجي ها.“

”آئون صرف اهو ڄاڻڻ آيو آهيان ته تو مون کي ڏسڻ بعد گرفتار ڇو نه ڪرايو ۽ ان نموني منهنجي جان ڇو بچائي؟“

" تنهنجي گهوڙي ٿڪل آهي.
اها تنهنجي دشمنن وٽ ڪونه پهچي
سگهندي."

"پوءِ؟"

" مون وٽ تازا گهوڙا بيٺل آهن
جيڪي آئون توکي ڏئي سگهان ٿو پر
شرط صرف اهو آهي ته آئون به توسان ان
جنگ ۾ گڏ لڙندس ۽ تون مون کي
پنهنجو دوست سمجهندين." ان ڇوڪري
کيس مشڪندي چيو.

چنگيز خا کيس غور سان ڏٺو.
هي ڇوڪرو ۽ سندس خلوص کيس وڻيو
هو.

" ڏس دوست ! هي منهنجي ذاتي لڙائي
آهي، تو کي خوامخواه کو نقصان نه
رسي."

" دوست به ڇيئين ٿو ۽ غيرن
واريون ڳالهيون به ڪرين ٿو. منهنجو نالو
بغورچي آهي. اڄ کان پوءِ مون کي پنهنجي
دوست سمجهه."

چنگيز خان پنهنجي ڳاڙهي
گهوڙي دوست جي وٿاڻ ۾ ڇڏي ۽ ٻئي ڄڻا
بغورچي جي تازن گهوڙن تي سوار ٿي
گهوڙچورن جي ڪڍ لڳا. ٿوري دير کان
پوءِ کين گهوڙ چور نظر آيا. هنن جا چوري
ٿيل اٺ ئي گهوڙا پر پاسي واري ميدان ۾
چري رهيا هئا. ٻنهي ڄڻن گهوڙن مٿان
رسا اڇلائي کين قابو ڪيو ۽ انهن کي
وٺي هليا. اهو ڪم ٻنهي ڄڻن ايتري نه
جرئت سان ڪيو جو ڪنهن کي به ان جو
ڪو پتو ئي پئجي نه سگهيو.

ڪجهه دير هلڻ کان پوءِ انهن
کي پنهنجي پويان گهوڙن جي اچڻ جو آواز
ٻڌڻ ۾ آيو. انهن کان جيترو تيز ڀڄڻ
ٿيو، اهو انهن ڪيو. جڏهن سندن پيڇو
ڪندڙ هنن جي بلڪل قريب اچي ويا ته
بغورچي اتي بيهي انهن مٿان تير وسائڻ
شروع ڪيا ۽ ٻئي طرف چنگيز خان به
گهوڙا تيز ڊوڙائيندو اڳيان نڪري ويو.
انهن تيرن گهڻن تي تائجوت واري قبيلي
جي ماڻهن کي ڪيرائي وڌو ۽ آخر ڪار
کين ناڪام ٿي واپس موٽڻو پيو. هي ٻئي
ڄڻا بحفاظت بغور چيءَ جي پيءُ جي
چراهگاه ۾ پهچي ويا.

چنگيز خان جي ان ڪارنامي
سندس پڪڙيل قبيلي جي ماڻهن جون اکيون
کولي ڇڏيون. تائيجوت قبيلي جي
چراگاهن مان ائين اٺ گهوڙن جي واپسي
ڪو معمولي واقعو نه هو. اهو ڪم نهايت
بهادريءَ جو ڪارنامو هو جيڪو چنگيز
خان ڪري ڏيکاريو هو. هاڻ سندس ذڪر
گوبي ريگستان جي اترئين علائقن جي هر
خيمي منجهه ٿيڻ لڳو. جيڪي هن جي
قبيلي جا ماڻهو ٻين پاسن ڏانهن هليا ويا
هئا سي به هاڻي واپس موٽي اچڻ لڳا هئا.
ڇاڪاڻ جو انهن کي هاڻ يقين ٿي ويو ته
جيڪو ماڻهو ههڙي بهادريءَ سان پنهنجا
گهوڙا دشمنن جي منهن مان واپس آڻائي
سگهي ٿو سو سندن حفاظت به ڪري
سگهي ٿو. گوبيءَ جي ريگستان ۾ مختلف
قبيلا آباد هئا جيڪي هروقت پنهنجي
طاقت کي وڌائڻ ۾ لڳل هوندا هئا. قدم

" مون ڏسڻ گهريو پئي تہ منهنجو ناتي ڪيترو وقت اڪيلو دشمن سان لڙي سگهي ٿو ۽ ڇا هو منهنجي مدد ڪان سواءِ دشمنن مٿان سوڀ پائي سگهي ٿو."

"پوءِ اوهان ڇا ڏٺو؟" چنگيز خان مرڪي ڏنو.

"تون بي مثال آهين جيڪڏهن تون مون وٽ مدد لاءِ اچين ها تہ آئون تنهنجي مدد ضرور ڪريان هان پر توکي اها عزت نہ ملي ها جيڪا اڄ توکي ڏني وئي آهي. هي تنهنجي پنهنجي ڪمائي آهي. مون کي اهو فخر آهي تہ چنگيز خان منهنجو ناتي آهي." بورتائيءَ جي پيءُ کلي چيو.

ڪجهہ ڏينهن بعد بورتائيءَ کي ڪنوار بڻائي سردار جي يورت (خيمي) منجهہ آندو ويو. ڪيس سمور جو سادو لباس پاتل هو. وارن ۾ سڪا ۽ موتي ڳنڊيل هوس. مٿي تي صنوبر جي ڇوڏن جو تاج پاتل هئس جنهن مٿان قيمتي ريشمي ڪپڙو ويڙهيل هو.

ڪجهہ قبائلي رسمن ڪان پوءِ ان رسم جو وارو آيو جنهن ۾ بورتائيءَ کي خيمي اندر لڪڻو هو ۽ چنگيز خان کي ڪيس ڳولي لهڻو هو. بورتائي هڪ خيمي منجهہ هلي وئي. ان ڪان پوءِ هوءَ هڪ خيمي ڪان ٻئي خيمي ۾ لڪندي رهي ۽ چنگيز خان ڪيس ڳوليندو رهيو ۽ نيٺ وڃي هڪ خيمي ۾ ڳولي ورتس. زبردستي کڻي گهوڙي تي چاڙهيائينس ۽ گهوڙي کي پنهنجي قبيلي ڏانهن ڊوڙايائين. ائين بورتائي هن جي زال بڻجي هن جي قبيلي منجهہ اچي وئي. هنن جي پويان بورتائيءَ جا نوڪر چاڪر تحفا کڻي آيا جيڪي رسم مطابق چنگيز خان جي ماءُ کي پيش ڪرڻا هئن.

هاڻ بورتائيءَ هن جي گهرواري هئي. يورت (خيمي) جي نگراني هن جي ذمي هئي. هن جو اهو ڪم هو تہ ضرورت پوڻ تي جانورن جو کير ڏهي ۽ جڏهن مرد وڙهڻ لاءِ وڃن تہ پويان مال مويشيءَ جي نگراني ڪري. مردن لاءِ ڪپڙا سبي ۽ انهن لاءِ گرم ڪپڙا اُڻي.

هيستائين هو پنهجي مرد جي دوست ۽ طاقتور قبييلي ڪرائت جي سردار طغرل خان وٽ نہ ويو هو. هينئر وقت اچي ويو هو تہ، چنگيز خان ان سان ملي. ڪرائت قبيلو نهايت جنگجو ۽ طاقتور هو. پيءُ جي دوستي جي ناتي چنگيز خان سندس وات چيو پٽ هو.

هي طغرل خان سان مليو ۽ ڪيس سمور جو لباس تحفي ۾ پيش ڪيائين. طغرل خان بہ هن جو والهانہ استقبال ڪيو ۽ ڪيترا ئي ڏينهن هن کي مهمان طور رکيو ۽ هن جي خاطرداري ڪئي. طغرل خان کي اميد هئي تہ چنگيز خان هن کي سندس مدد لاءِ چوندو پر چنگيز خان ان سلسلي ۾ ڪجهہ نہ ڳالهايو.

هن جي خوداري ڪيس ان ڪرڻ ڪان روڪيو ٿي جيتوڻيڪ ڪيس ڪيترن

ٿي دشمنن سان سامهون هو. ڪرائٽ قبيلو ڪيس مضبوط ڪمڪ فراهم ڪري سگهيو پئي، پر هي چپ رهيو. تان جو هن جي وڃڻ جو ڏينهن اچي ويو. مجبور ٿي آخر طغرل خان کي خود چوڻو پيو. جيڪڏهن توکي ياد نہ آهي تہ مان توکي ٻڌايان ٿو آئون تنهنجي پيءُ سان مدد ڪرڻ جي عهد نامي ۾ ٻڌل آهيان. تون منهنجي پٽ وانگر آهين. آئون تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهيان. توکي صرف مون کي چوڻ جي ضرورت آهي. منهنجو سڄو قبيلو تنهنجي هڪ سڏ تي توسان گڏ اچي بيهندو.“

”ڪڏهن ضرورت پئي تہ اوهان کي ضرور تڪليف ڏيندس.“ اهو چنگيز خان جو جواب هو ۽ هيءُ واپس پنهنجي قبيلن ڏانهن اسهيو.

هي اڃا پنهنجي خيمن جي وستي وٽ پوري طرح پهتو ئي ڪونہ هو تہ سندن مٿان اترين ميدان جي مڪريت قبيلي جا وحشي اچي ڪڙڪيا. اهي سخت وحشي ۽ جنگجو هئا. انهن ڪان جيتڻ چڻ هڪ اڻ ٽيٽي ڳالهہ هئي. چنگيز خان جي ماءُ جو تعلق بہ مڪريت قبيلي سان هو. ان قبيلي وارا ڪڏهن اها ڳالهہ نہ ڀليا هئا تہ چنگيز خان جو پيءُ يسوڪائي بهادر سندس قبيلي جي ڇوڪري اولون (چنگيز خان جي ماءُ) کي شاديءَ رات اغوا ڪري کڻي آيو هو. انهن کي جڏهن اهو پتو پيو تہ چنگيز خان بہ شادي ڪري نئين ڪنوار کي وٺي پنهنجي قبيلي ۾ آيو آهي تہ سندن پراڻا ڦٽ چڙي پيا. چنگيز خان ان وقت پنهنجي خيمي ۾ ستل هو جنهن وقت مڪريت قبيلي جي وحشي جنگجوئن مٿانهس حملو ڪيو. هيءُ ٻاهر نڪتو تہ چوطرف ٻاهہ لڳل هئي. مڪريت وارن اڄڻ سان هن جي خيمن مٿان مشعلون اڇلائي ٻاهہ ڀڙڪائي هئي ۽ هر طرف خيمن ۾ آڳ لڳي وئي هئي. هيءُ وقت مقابلي جو نہ پر جان بچائڻ جو هو. هي جلدي سان خيمي اندر گهڙيو تہ بورتائي کي گڏ وٺي نڪري، پر اتي بورتاٺي ڪانہ هئي. هن سوچيو شايد هو ڪنهن ٻئي خيمي منجهہ لڪي وئي هوندي. حملي ڪندڙن کي منهنجي تلاش هوندي، مون کي فرار ٿيڻ کپي ۽ هو بورتائيءَ کي ڇا ڪندا. اهو سوچي هي گهوڙي تي سوار ٿي تير وسائيندو دشمن جي نرغي منجهان نڪري ويو.

بورتائي هڪ خيمي ۾ لڪل هئي. هن چنگيز خان کي ائين فرار ٿيندو ڏٺو تہ هو بہ پنهنجي لڪل جڳهہ ڪان ٻاهر نڪري آئي ۽ پڪڙجي وئي. ڇاڪاڻ جو مڪريت وارا آيا ئي هن جي ڪيڏ هئا. بدلو پورو ٿيو. جنهن گهر جي فرد ماضيءَ ۾ سندن ڇوڪريءَ کي اغوا ڪيو هو تنهن جي ڇوڪري هاڻ هنن جي قبضي ۾ هئي. انهن بورتائيءَ کي گهوڙي تي وڌو ۽ کيس کڻي پنهنجي قبيلي منجهہ آيا. بورتائيءَ کي ان ماڻهو جي حوالي ڪيو ويو جيڪو ڪنهن وقت اولون جو گهوٽ ٿيڻو هو ۽ يسوڪائي بهادر ان جي ڪنوار کي زوري کڻي ويو هو.

چنگيز خان وٽ ايترا ماڻهو نـہ هئا جو هو دشمنن جو مقابلو ڪري انهن کي شڪست ڏئي سگهي. هي ڪجهہ ڏينهن جبلن ۽ گهاٽين ۾ لڪي پنهنجي جان بچائيندو رهيو. ان وقت ڪيس طغرل خان جو عهد نامو ياد آيو. ڪرائت قبيلي وارا مڪريت قبيلي جي ٽڪر جا هئا ۽ اهي ئـي صرف گوبيءَ جي ريگستان ۾ چنگيز خان جي مدد ڪري سگهيا ٿي.

هي اڪيلو طغرل خان جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. هن کي هن حال ۾ ڏسي طغرل خان سمجهي ويو تـہ چنگيز سان خيريت ڪانہ هئي. "ڇا ڳالهہ آهي چنگيز خان، تون منجهيل ۽ اهڙي پريشانيءَ ۾ ڇو آهين!؟"

"مڪريت جا وحشي اسان مٿان حملہ آور ٿيا آهن ۽ اهي منهنجي گهر واري بورتائي کي کڻي ويا آهن. بورتائي ان شخص جي نُنهن آهي جنهن کي تو عهد نامي ۾ پنهنجو پاءُ ڪوٺيو آهي. ان لحاظ کان هو تنهنجي بہ نُنهن آهي. "

"مون توکي ئي پهرين چيو تـہ منهنجي تنهنجي وچ ۾ مدد جو عهد آهي. توکي ڪهڙي مدد گهرجي."

"منهنجو عرض اهو آهي تـہ تنهنجا جوڌا مڪريت جي خلاف جنگ ۾ منهنجو ساٿ ڏين. منگول ۽ ڪرائت گڏجي مڪريت وارن کي شڪست ڏئي سگهن ٿا." چنگيز خان وراڻيو.

هي درخواست فورن منظور ڪئي وئي. ڪجهہ دير بعد ڪرائت قبيلي جا جنگي جوڌا چنگيز خان سان گڏ هئا. پنهنجي علائقي ۾ پهچي هن پنهنجو منگول لشڪر بہ انهن سان گڏ ملائي ڇڏيو. هي گڏيل لشڪر طوفان بنجي مڪريت وارن مٿان وڃي ڪڙڪيو. چوطرف رت ئي رت ڦهلجي ويو. خيمن کي باهيون لڳايون ويون هر طرف رڙيون ۽ گوڙ گهمسان جو عالم هو.

چنگيز خان خيمن ۾ هر طرف ڊوڙندو پئي وتيو ۽ هن جي واتان صرف "بورتائي بورتائي....." جا لفظ نڪري رهيا هئا.

"خان مان هتي آهيان."

بورتائي جو آواز ڪنن ۾ پيس. هن ڪنڌ ورائي ڪيس ڏٺو ۽ ٻئي لمحي بورتائي ساڻس گڏ گهوڙي تي ويٺل هئي.

"مون کي جنهن جي تلاش هئي ها ملي وئي." هن جي رڙين جا پڙاڏا چوطرف گونجيا پئي. هن جي ساٿين جڏهن ڏٺو تـہ چنگيز خان جو مقصد پورو ٿي چڪو آهي ۽ مڪريت قبيلي وارن کي سخت سڪيت ملي چڪي اهي تـہ اهي بہ دشمن جا جانور لوڏيندا واپس وريا.

خيمي ۾ پهچڻ سان بورتائي چنگيز خان جي قدمن ۾ جهڪي وئي. ڳوڙها لارون ڪري ڳلن تان وهي رهيا هئن. سندس نازڪ بدن سڏڪن ڪري ڪنبي رهيو هوس.

"ان ۾ بورتائي تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪمزوري تـہ منهنجي هئي جو هو توکي منهنجي خيمي منجهان کڻي ويا ۽

• آئون تنهنجي لاءِ ڪجهه ڪري نه سگهيس. پر منهنجي محبت به تنهنجي ڏس مون توکي ڪيئن مڪريت وارن جي چنبن مان ڇڏايو آهي، جڏهن ته اهو هڪ ناممڪن ڪم هو.“

”مون کي ته اهو ڏک آهي ته اهو وقت آيو ئي ڇو. ان کان پهرين جيڪر آئون مري وڃان ها.“ بورتائي روئيندي چيو.

”مون توکي چيو ته ان جو سبب صرف منهنجي ڪمزوري هئي.“ چنگيز خان جو آواز بلند ٿي ويو. ”آئون نيري آسمان جو قسم ٿو کڻي چوان ٿو ته اڄ کان پوءِ ڪوبه مون کي ڪمزور نه ڏسندو. آئون ديوتائين جو قهر بڻجي دشمنن مٿان ڪنوڻ وانگر ڪڙڪندس. دشمن منهنجي نالي کان ڪنبندا.“ هن بورتائيءَ کي پنهنجي هٿن سان اٿاريو ڪيس رات پر دلدريون ڏيندو رهيو. هن جاڳوڙها پنهنجي هٿن سان اگهندو ريو جيستائين بورتائيءَ جي چپن تي مرڪ نه لڙي.

هن جي زندگي ۾ ڪڏهن ڪيس جنگ کان آرام نصيب نه ٿيو. ديوار چين جي هن طرف جيڪي قبيلا آباد هئا، منگول انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪمزور هئا پر سڀ کان بهترين مال متاع ۽ چراگاهون هنن وٽ ئي هيون. اهوئي سبب هو جو هو هميشه دشمنن ۾ گهيريل هوندا هئا. چنگيز خان کي جڏهن طغرل خان جي سرپرستي ملي هئي تڏهن کان هو اولهه وارن قبيلن کان ته محفوظ ٿي ويو هو پر اوڀر وارا قبيلا مسلسل هن لاءِ مٿي جو سور بڻيل هئا خاص ڪري تائجوت قبيلي وارا ته هن جا جاني دشمن هئا.

هن کي خداداد صلاحيتون هيون. هي جانورن وانگر پري کان سونگهڻ جي زبردست حس رکندو هو جنهن صلاحيت هن ۽ هن جي قبيلي جي ڪيترائي دفعا جان بچائي. هن جي بي پناهه جسماني قوت ۽ خطرن کان پهرين جو ادراڪ، اهي صلاحيتون هيون جيڪي هن جي سلامتي جون ضامن هيون.

هڪ دفعو هي هڪ سردار جي گهر دعوت کائڻ لاءِ ويو. هي سردار هن جو گهاٽو دوست پڻ هو. هن جي خطري وري حس ڪيس ٻڌايو ته اتي ڪا گڙٻڙ هئي. پوءِ خبر پئي ته جنهن کي غاليچي مٿان ڪيس ويهڻو هو، ان جي هيٺيان کڏ کوٽيل هئي جنهن تي ويهڻ سان هي پنهنجن ساٿين سميت موت جو شڪار بنجي وڃي ها. هن غاليچي تي بروقت نه ويهڻ جو فيصلو ڪيو جنهن ڳالهه سندس ۽ قبيلي وارن جي جان بچائي. اهڙي طرح جي ٻين ڪافي واقعن ڪري ماڻهو هن کي ديوتا سمجهڻ لڳا هئا. جنهن کي آسمان تان سندن مدد ڪرڻ لاءِ لاٿو ويو هو.

بورتائي هن جي پهرين ٻار جي ماءُ بڻي، جنهن جو نالو ”جوجي“ يعني مهمان رکيو ويو. چنگيز خان جي هن پٽ لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو چنگيز خان جي اولاد نه هو پر بورتائيءَ جي پيٽ ۾ ان وقت سرجيو هو جنهن وقت مڪريت قبيلي وارا

ڪيس ڪٽي ويا هئا. هن ڪڏهن بہ جوجيءَ کي پرايو نہ سمجهيو ۽ هي ان کي بہ انتها چاهيندو هو ڇو تہ اهو بورتائي جي پيٽ منجهان ڄائو هو.

جيتوڻيڪ هن جوجي خان جي ڄمڻ جي خوشي ۾ زبردست جشن پڻ ملهايو هو پر اها ڳالهہ ڪيس هميشہ ڪنڊي وانگر اندر چڀيل رهيس. هن قسم کاڌو تہ هاڻ هو ڪڏهن بہ ڪنهن مٿان رحم نہ ڪائيندو ۽ ائين هن جي بهادريءَ ۾ انتقام ۽ بي رحمي بہ شامل ٿي ويا. هاڻ صرف جنگ کٽڻ ئي ڪافي نہ هو پر لاشن مٿان وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ بہ هن جي مقصد ۾ شامل هو. گوبيءَ جي ريگستان جي وحشي ماحول ۾ ان کي پڻ بهادري جو ڳڻ سمجهيو ويو ۽ هن جي مقبوليت ۾ زبردست اضافو ٿيندو ويو. تان جو هڪ وقت اهڙو بہ آيو تہ تيرنهن هزار جنگجو منگول هن جي مٿان جانيون نثار ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندا هئا.

هنن ريگستاني ماڻهن جي زندگي بہ عجيب هئي. جڏهن هنن جا مال متاع سرسبز چراهگاهن کي کائي چٽ ڪري ڇڏيندا هئا تہ هي ٻين چراهگاهن طرف رخ ڪندا هئا ۽ ان وقت خيمن جو شهر بيل گاڏين تي لڏجي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ لڏپلاڻ ڪندو هو.

هڪ سفر دوران هي هڪ تنگ وارن مان گذري رهيو هو. اچانڪ هن پنهنجي قبيلي واري کي هٿ جي اشاري سان بيهاريو. هن جي ڇهين حس ڪيس خبردار پئي ڪيو تہ ڪو هن جي تعاقب ۾ هو. هن پٺ تي مڙي ڏٺو تہ ڪيس پويان مٽيءَ جو طوفان اٿندي نظر آيو. ٿوري دير ڪانپوءِ دشمنن جا نيزا ۽ گهوڙا نظر اچڻ لڳا. اهو ڪو وڏو لشڪر هو جيڪو تيزي سان واديءَ کي عبور ڪندو ڏانهس وڌي رهيو هو.

ان موقعي تي ڀڄڻ جو مطلب اهو هو تہ عورتن ۽ مال متاع کان هٿ ڌوئي ويهجي ۽ جنگ جو مقصد ماڻهن کي مارائڻ هو. هڪ طرف باهہ هئي ۽ ٻئي طرف کاهي. ڪيس لمحي ۾ فيصلو ڪرڻو هو تہ ڇا ڪري. حملي ڪندڙ لشڪر جو تعداد ڪنهن بہ صورت ۾ ٽيهن هزارن کان گهٽ نہ هو. هن لمحن ۾ مقابلي جو فيصلو ڪيو پر جنگي حڪمت عمليءَ سان.

هن پنهنجي ماڻهن کي مختلف حصن ۾ ورهايو. هڪ حصي کي ان جاءِ تي بيهاريائين جنهن جاءِ جي پٺ تي جهنگ هو. ائين ان دستي جي پٺ محفوظ بنجي وئي. ٻئي دستي کي هڪ چوڪور جي شڪل ۾ بيهاري وچواري جاءِ کي خالي ڪري ان ۾ مال ۽ عورتن کي ويهاريائين.چوطرف ننڍي عمر جي ڇوڪرن کي تير ڏئي مقابلي لاءِ ڪڙو ڪري ڇڏيائين. باقي لشڪر صفون ٻڌي بيهي رهيو. ائين سڪيند ن ۾ هن جي خداداد جنگي صلاحيت ريگستان اندر هڪ محفوظ قلعو تيار ڪري ورتو جنهن ۾

سمجهندا هئا. منگولن جو عقيدو هو تہ تنگري اهو ديوتا آهي جيڪو طوفان، ڪنوڻ ۽ گجگوڙ پيدا ڪندو آهي ۽ اهي ٽئي شيون ريگستاني زندگي جو روزمره جو معمول هوندو . ٽڪريءَ مٿي چڙهي هي روز وجي دعا گهرندو هو،"اي لامتناهي آسمان! مون تي ڪرم ڪر. آفاقي روحن کي منهنجو دوست بڻائي موڪل. زمين تي مون کي ماڻهو گهرجن، جيڪي منهنجي مدد ڪري سگهن." اهو سندس روز مره جو معمول تہ هو ان جبل جي ٽڪري تي چڙهي دعا گهري. سندس دعائون قبول ٿيڻ لڳيون ۽ قبيلائي خاندان جٿن جي صورت ۾ هن جي جهنڊي جي هيٺان گڏ ٿيڻ لڳا. گڏ رهڻ جو اهو مطلب هو تہ لوٽ مار جي مال ۾ سيئي شريڪ هجن پر چنگيز خان جو اهو اصول هو تہ جيڪو ماڻهو مال لٽيندو اهو مال غنيمت ان جو هوندو ۽ هو ان ۾ ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪندوءِ نہ ڪو ڪنهن کي ڪو حصو ڏيندو.

آهستي آهستي هن جي چو گرد بهترين جنگجو ۽ عقل مند ماڻهو گڏ ٿي ويا. بغورچي بہ پنهنجي خاندان سميت هن وٽ هلي آيو هو. ٻئي طرف جبي نويان ۽ مقولي جهڙا ناميارا سپہ سالار هن جي جهنڊي هيٺ بينل هئا. اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ ڪيس سنگ دل ۽ قهار بڻجڻو پيو. سزا ڏيڻ وقت هي ڪمزورن تي ڪو بہ رحم نہ ڪائيندو هو. جيڪڏهن ائين نہ ڪري ها تہ خود هن جو اقتدار بہ خطري ۾ پئجي وڃي ها. هن جا خونخوار ويڙهو يا تہ هن کي ماري ڇڏين ها يا وري خود پاڻ ۾ وڙهي هن کي ڪمزور ڪري ڇڏين ها.

هاڻ هڪ لک ويڙهو هن جي سرداري مڃي هن جي اطاعت ۾ هئا. هڪ پوري وحشي قوت جي حفاظت جو بار هن جي ڪلهن تي هو . قبائلي لڙايون اجان هلي رهيون هيون، وڏا وڏا قبيلا سڄو وقت خوني جنگين ۾ رڌل هئا. چنگيز خان بہ پنهنجي فوج سان اهو ساڳيو ڪم ڪري رهيو هو. هن جي عمر هاڻ ٽيهہ سال کن هئي ۽ هن جا پٽ جوان ٿي ويا هئا.

انهن قبائلي جنگين ۾ اصل نشانو ٻين جا مال متاع ، سرسبز چراهگاهون ۽ پاڻي جا چشما يا نديون هونديون هيون. هاڻ چنگيز خان جي لشڪر وٽ اڻ ڳڻيا جانور جمع ٿي ويا هئا ۽ هن جا ماتحت ايترو تہ دولت مند ٿي چڪا هئا جو ڪين وڌيڪ ڪنهن شي جي آرزو نہ رهي هئي. چنگيز خان اهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو هو. هن جي من ۾ پنهنجي اقتدار کي وسعت ڏيڻ جو خيال آيو هو. هن سيئي قبيلن کي دعوت ڏئي سڏايو ۽ هڪ اهڙو خيال سندن آڏو پيش ڪيو جيڪو ان کان اڳ ڪنهن پيش ڪرڻ تہ ٺهيو پر سو چيو بہ نہ هو.

هن ڪين ماني ڪارائي چيو، "آئون چاهيان ٿو تہ سڀ قبيلا هڪ ٻئي سان دشمنيون ختم ڪري هڪ تي وڃئون. سيني جو سردار هڪ هجي، جيڪو سيني

صفن کي درهم برهم ڪري ڇڏيو. ڪرايت شڪست جي وڃهو هئا، جو طغرل خان پنهنجا تازه توانا فوجي دستا وٺي انهن جي مدد ڪاڻ پهچي ويو. اهو پهريون دفعو هو جو چنگيز خان اهڙي فوجي صورتحال ۾ ڦاٿو هو جو ته ان وقت وٽس صرف ٽي هزار جنگجو هئا. اهو تعداد ايترو ته گهٽ هو جو انهن کي بچائڻ به محال هو. جنگ شدت سان جاري هئي. قسمت چنگيز خان جوساٿ ڏنو. طغرل خان جو پٽ ان جنگ ۾ شديد زخمي ٿي پيو. ان ڪري ڪرايت قبيلي وارن جي پيش قدمي ڪجهه دير لاءِ رڪجي وئي ۽ چنگيز خان کي موقعو ملي ويو ته هو فرار ٿي سگهي. هن پنهنجي فوجين سان اوير ڏانهن رخ ڪيو. جيتوڻيڪ ان جنگ ۾ کيس شڪست فاش ٿي هئي پر ايتري گهٽ تعداد واري فوج هوندي انهن کي زنده بچائڻ ۽ پاڻ کي سلامتي سان پاهرڪڍڻ خود هن جي وڏي ڪاميابي هئي.

هن شڪست چنگيز خان کي چڙ پاگل ڪري ڇڏيو. هن پنهنجي حليف قبيلن کان مدد گهري. اوڙي پاڙي جي ٻين قبيلن ڏانهن به قاصد موڪليا. جلد ئي سڀئي قبيلا گڏ ٿيا. هر ڪنهن کي ڪرايت وارن جي وڌندڙ طاقت ڪري پنهنجي سلامتي جو خدشو هو. جيڪا ڳالهه چنگيز خان سان ٿي آهي اها سياڻي هنن سان به ٿي سگهي پئي. ان سان گڏو گڏ هن ڄاتو ٿي ته جيڪڏهن ڪو ڪرايت وارن مقابلو ڪري سگهي ٿو ته اهوصرف چنگيز خان ئي هو.

چنگيز خان اتي موجود هر سردار کان سندس راءِ پڇي ته هو ڇا ڪن. ڪن چيو ته ڪرائت قبيلي وارن جي اطاعت مڃي وڃي ڇو ته اهي طاقتور هيا جڏهن ته گهڻائي ان راءِ جا هئا ته انهن سان جنگ ڪئي وڃي ۽ ان جنگ جي سپه سالاري چنگيز خان ڪري.

ان پوئين راءِ تي سڀني جو اتفاق راءِ ٿي ويو ۽ سرداري جي لٺ چنگيز خان کي ڏني وئي. هن پنهنجي تقرير ۾ چيو ته.

" آئون توهان کي شروعات کان چوندو ٿو اڃان ته هتي وهندڙ ٿنهي، دريائن جي وچ واري زمين جو هڪ آقا هئڻ ڪپي پر اها ڳالهه توهان کي ڪڏهن به سمجهه ۾ نه آئي هئي. هاڻ توهان کي اهو خطرو آهي ته طغرل خان سڀني سان اهو نه حشر ڪري جيڪو هن مون سان ڪيو آهي. ان ڊپ جي ڪري توهان مون کي پنهنجو سردار مڃيو آهي. مون ماضيءَ ۾ توهان کي قيدي، عورتون ، خيما ۽ مال متاع حاصل ڪري ڏنا آهن. هاڻ مان توهان جي زمين، مال متاع ۽ اسان جي وڏن جي ٺهيل قائدن قانونن جي حفاظت ڪندس. آئون ان ڳالهه جو عهد ٿو ڪيان ."

جنگي تياريون شروع ٿي ويون. اڃا اتي وادين ۾ برف به نه پگهري هئي ته چنگيز خان پنهنجي نون حليفن ساٿين سان سان طغرل خان سان جنگ لڙڻ لاءِ پيش

قدمي ڪئي. هو ڪرائت قبيلي جي ڦڙاءَ ڪان ڪجهہ ڏور بيهي رهيو ۽ طغرل خان کي ڏوکو ڏيڻ لاءِ ڪجهہ منگولن کي ڏانهنس موڪليائين. انهن ماڻهن جو ڪم هو تہ هو طغرل خان کي اهو ٻڌائين تہ چنگيز خان ڏانهس اچڻ لاءِ جنگي تياريون ڪري رهيو آهي. اهو ٻڌي طغرل خان وارا اطمينان سان ويهي رهندا. ان وچ ۾ چنگيز خان سندن بيخبريءَ جو فائدو وٺي مٿانهن ڪڙڪندو.

اهي منگول واقعي طغرل خان وٽ پهتا ۽ ڪيس چنگيز خان جي مبينہ ظلمن جا داستان ٻڌائي ڪين چنگيز خان جي حملي بابت ٻڌايو.

”هاڻ چنگيز خان ڪٿي آهي؟“

طغرل خان ڪائنئن پڇيو.

” چنگيز خان هن وقت پنهنجي ڦڙاءَ آهي. جيڪو هتان سڏ پنڌ تي آهي. هو حملي لاءِ مڪمل تياريون ڪري رهيو آهي.“

”اسان توهان جي ڳالهہ منجهہ ڪيئن يقين ڪريون.“

”اسان توهان کي ان حملي بابت ٻڌائڻ لاءِ آيا آهيون ورنہ اسانجو پيو ڪهڙو ارادو هوندو جو اوهان وٽ ڪهي آيا آهيون.“

ڪرائت قبيلي وارن مٿانهن يقين نہ ڪيو ۽ ڪجهہ سوارن کي انهن منگولن سان اوڙي پاسي جي جانچ ڪرڻ لاءِ موڪليو تہ ڏسن انهن منگولن جي ان اطلاع ۾ ڪيتري صداقت هئي. انهن کي اهو شڪ ٿيو تہ مٿان چنگيز خان آسپاس چپ هنيو لڪيو نہ پيو هجي.

هي منگول ۽ ڪرائت گڏجي چنگيز خان کي ڳولڻ لاءِ نڪتا. انهن منگولن ڄاڻي واڻي ڪين چنگيز خان جي طرف وٺي آيا جتي انهن سيني ڪرائت وارن کي گرفتار ڪيو ويو. ڪرائت وارا پنهنجن سوارن جي اچان واپسي جو انتظار ڪري رهيا هئا تہ منگول لشڪر مٿانهن اچي ٽٽو. ڪرايت واري ڪافي مقابلو ڪيو پر حملو بي خبريءَ ۾ ٿيو هو ۽ اهي ڪنهن تياريءَ منجهہ نہ هئا. ان ڪري ڪين بد ترين شڪست کائڻي پئي. طغرل خان ۽ سندس ٻئي پٽ زخمي ٿي فرار ٿي ويا. چنگيز خان ڪرائت لشڪر جي قلب کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو. سيني کي گرفتار ڪيو ويو. ڪرائت وارا هن جي بيرحميءَ ۽ ظلم جاداستان اڳ ۾ ٻڌي چڪا هئا. ڪين پڪ هئي تہ سندن موت ويجهو هو. انهن کي يقين هو تہ انهن کي جيئري ٿهڪندڙ پاڻي ۾ وجهي ماريو ويندو يا وري آهستي آهستي ڪري سندن عضوا ڪٽيا ويندا. اذيت ۽ عذاب جي انهن خيالن ڪري سندن بدنن ڪنبيا پئي. جڏهن چنگيز خان آيو تہ اهي پنهنجي موت جو اعلان ٻڌڻ جا منتظر هئا.

”توهان ڇا ٿا سمجهو.... ڪهڙو حشر ٿيڻو آهي اوهان سيني جو؟“ چنگيز خان ڪائن پڇيو.

ڪنهن جي بہ همت نہ ٿي تہ ڪو جواب ڏيس. سيني جون اکيون هيٺ زمين

جيتوڻيڪ سيني قبيلن ڪيس پنهجو آقا قبولي ورتو هو، پر هر قبيلو مختلف رسمن جو پابند هو. جيڪڏهن قبيلن کي سندن حال تي ڇڏيو وڃي ها ته جلد ئي انهن جي پاڻ خانه جنگي شروع ٿي وڃي ها. انهن کي پرامن ۽ گڏ رکڻ لاءِ اهو لازم هو ته انهن کي هڪ قانون جو پابند بڻايو وڃي. اهو چنگيز خان جو ڪم هو ته هو اهي قانون ٺاهي، انهن جي پوئواري ڪرائي. ڪافي سوچ ويچار ڪانپوءِ هن اعلان ڪيو ته مختلف قبيلن تي حڪومت ڪرڻ لاءِ هن "ياسا" (قانونن جو مجموعو) وضع ڪيو هو. جيڪي ماڻهو سندس جهنڊي هيٺ گڏ هئا، تن مٿان لازم هو ته هو انهن قانونن جي پوئواري ڪن."

"ياسا" انهن اکرن سان شروع ٿيو ٿي، "حڪم ٿو ڏنو وڃي ته سڀ انسان نيري آسمان تي يقين رکن، جنهن هر شيءِ کي پيدا ڪيو آهي ۽ اهو ئي اڪيلو اميري، غريبي، زندگي يا موت ڏيڻ تي قادر آهي."

ان بعد ڪجهه اخلاقي قانون هئا. چوري ۽ زنا جي سزا موت هئي. "ياسا" اهو به چيو ته پٽ پنهنجي والدين جي، ننڍا پائر پنهنجن وڏن پائرن جي نافرماني نه ڪن. امير، غريب جي مدد ڪن ۽ ڪمتر ماڻهو سردارن جي عزت ڪن.

نشو ڪرڻ مغلن جي پراڻي عادت هئي. هن مهيني ۾ صرف ٽي دفعا نشو ۾ مدهوش ٿيڻ جي اجازت ڏني.

"ياسا" منگولن جو پاڻ ۾ وڙهڻ يا جنگ ڪرڻ حرام قرار ڏنو. ڪنهن ماڻهوءَ کي ان وقت تائين خطاوار نه سمجهيو ويندو، جيستائين هو پنهنجي ڏوهه ڪي نه ٿو مڃي. جنگجوئن تي اهو حرام هو ته هو پنهنجن زخمي ساٿين کي ڇڏي ڏين. جيستائين جنگ ۾ جهنڊي کي ميدان مان هٽايو نه ٿو وڃي، اوستائين لڙائي ڇڏي ڦرلٽ ڪرڻ جي منع ڪئي وئي.

هن "ياسا" جي قانونن کي نافذ ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي لشڪر کي به منظم ڪيو. هن فوج کي يارنهن حصن ۾ ورهايو. جنهن مٿان هڪ "خان" مقرر ٿيل هو. جيڪو خاقان اعظم (چنگيز خان) جو سپهه سالار هو. انهن خانن جي هيٺان ننڍا فوجي سردار هئا، جن کي "تومان" ڪوٺيو ويندو هو.

هاڻي چنگيز خان جي قوت ايتري ته وڏي وئي هئي جو هڪ دفعي چين جي شهنشاهه کي پنهنجي هڪ دشمن جي خلاف هن کان فوجي مدد جي گهر ڪرڻي پئي. ڪو وقت هو جو چيني شهنشاهه منگولن ۽ ٻين قبيلن کان خراج وٺندا هئا ۽ هاڻ انهن کي مدد لاءِ سڏيو ويو هو. جيتوڻيڪ ان مدد گهرڻ لاءِ چيني شهنشاهه کين عرض نه پر حڪم ڏنو هو، پر اها ڳالهه خود چنگيز خان جي فوجي طاقت جي حق ۾ وئي ٿي.

چنگيز خان پنهنجي فوجي دستن کي چيني شهنشاهه جي مدد لاءِ موڪلڻ مهل کين هدايت ڪئي ته اتي هو ڪليل

اکين سان هر ڳالهہ جو هوشياريءَ سان جائزو وٺي ڪيس ان جي خبرچار ڏين. چنگيز خان کي هميشہ اهو تجسس رهندو هو تہ ان عظيم ديوار چين جي پنيان ڇا هوندو؟ هن ان عظيم ڀت کي ڪئين ڀيرا غور سان ويجهو وڃي ڏٺو هو. ان جي مٽيءَ ۽ سرن جو معائنو ڪيو هو. ان مٿان نهيل برجن جو معائنو ڪيو هو. هن ان عظيم ڀت جي ويڪر جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳايو تہ هڪ ئي وقت ان مٿان ڇهہ گهوڙا گڏوگڏ ڊوڙي سگهن ٿا.

جڏهن سندس سپاهي فوجي خدمت سرانجام ڏئي موٽيا تہ انهن جي چين بابت ٻڌايل ڳالهين سندس اکيون کولي ڇڏيون. ڪيس ائين لڳو ڄڻ اهي ڪنهن جادوئي شهر بابت ٻڌائي رهيا هجن. ڪيس يقين نہ پئي آيو تہ ڪو ماڻهو اهڙيءَ ريت بہ زندگي گذاري سگهن ٿا. ڪيس گهرن بابت ٻڌايو ويو. جيڪي پٿرن ۽ سرن منجهان نهيل هئا. جن جي آڏو باغ نهيل هئا. شهرن ۾ نديون وهيون ٿي، جن انهن جي کيتن کي سيراب پئي ڪيو. انهن ندين ۾ ٻيڙيون هليون ٿي، جن ۾ ماڻهو سير ڪندا هئا. شهرن جي چوڌاري وڏيون وڏيون ڀتيون هيون. جيڪي ايڏيون تہ اوچيون هيون جو انهن کي گهوڙن ذريعي پار ڪرڻ ممڪن نہ هو.

اتي جا ماڻهو رنگ برنگي ريشمي ڪپڙا پائيندا هئا. اهي شاعري ۽ ادب لکندا هئا. ڪين لکڻ جو فن بہ آيو ٿي. انهن جي شعرن ۾ بجاءِ جنگ جي ڳالهين جي، خوبصورت عورتن جي حسن جو ذڪر هوندو هو. اتي جي هر شيءِ عجيب ۽ حيرتناڪ هئي.

سندس هڪ فوجيءَ ڪيس ٻڌايو تہ اتي جو شهنشاهہ شاهي محل ۾ رهندو هو ۽ فوجن جي اڳواٽي سندس سپهہ سالار ڪندا هئا.

"هيءَ ڪي ڪم جي ڳالهہ آهي. آئون چيني شهنشاه جي ان ڪمزوريءَ مان فائدو وٺندس." چنگيز خان جوش ۾ اٿي بيهي رهيو.

سندس سردار چين جي باري ۾ اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ان مٿان حملي ڪرڻ لاءِ بيچين ٿي ويا. پر چنگيز خان انهيءَ حملي جي حق ۾ نہ هو. ان وقت لشڪر وٺي چين تي چڙهائي ڪرڻ نقصانڪار ثابت ٿئي ها، ڇو تہ جيڪڏهن ڪيس ان جنگ ۾ شڪست ملي ها تہ هن جا بچيل دشمن وري ڪنڌ ڪڍن ها ۽ منگولن کي ڏکيو وقت ڏسڻو پئجي وڃي ها. هن سڀ کان پهرين پاڻ کي مضبوط ڪرڻ جو سوچيو. هن جا اجان ڪيترائي اهڙا خطرناڪ پاڙيسري قبيلا هئا، جيڪي هن جي پهچ کان ٻاهر هئا. هن پنهنجن ٽن سيني کان وڏيڪ خطرناڪ دشمن قبيلن مان شاديون ڪري پنهنجو حليف بڻايو. ڪجهہ ٻين قبيلن سان دوستيءَ جا ناتا قائم ڪيا.

ان دوران چين جي پوڙهي شهنشاهہ جو لاڏاڻو ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ تي سندس پٽ تخت تي ويٺو. ان پنهنجو

لقب "دائي ونگ" رکيو. چنگيز خان اهو سڀ غور سان ڏسي رهيو هو. هن اجا چين تي حملو ڪرڻ جو ارادو نہ ڪيو هو جو چين جي نئين شهنشاه "دائي ونگ" جو قاصد هن وٽ خراج وٺڻ لاءِ اچي پهتو. گڏوگڏ هو چنگيز خان لاءِ نئين چيني شهنشاهہ جو فرمان بہ کڻي آيو هو.

چيني قاصد کي هن جي آڏو پيش ڪيو ويو. جنهن شاهي فرمان ڏانهنس وڌايو. اهو فرمان قائدي موجب چنگيز خان کي اٺي ڪري گوڏن پر ويهي بنهي هٿن سان وٺڻو هو. پر هن پنهنجي تخت تي ويني ئي ويني ان فرمان کي کابي هٿ سان ورتو. جنهن مان هن جو مقصد فرمان جي تضحيڪ ڪرڻ هو. جيتوڻيڪ هو پاڻ پڙهيل ڳڙهيل ڪونہ هو. پر پوءِ بہ سندس دربار ۾ اهڙا عالم هئا. جيڪي اهڙي قسمت جي پيغامن کي پڙهندا هئا ۽ ان جو جواب ڏيندا هئا. پر هن وقت چنگيز خان ڪنهن بہ عالم کي ان فرمان جي پڙهڻ لاءِ نہ سڏيو. هن سڌو ان چيني قاصد کان پڇيو تہ "نئون شهنشاهہ ڪير ٿيو آهي؟"

"دائي ونگ" قاصد وراڻيو.

شاهي آدابن مطابق ان جواب ڏيڻ ڪانپوءِ ڪيس ڏکڻ طرف منهن ڪري سر کي جهڪائڻو هو پر ان جي ابتڙ هن اٺي چيو تہ "مون سمجهيو ٿي تہ پراڻي چيني شهنشاهہ جي مرڻ ڪانپوءِ چيني تخت ۽ تاج جو وارث ڪو غيرمعمولي انسان ٿيندو. پر هتي تہ دائي ونگ جهڙو بيوقوف چيني شهنشاهہ ٿيو آهي، جيڪو ڪنهن بہ طريقي سان ان تخت جو لائق نہ آهي. آئون ايترو ڪريل نہ آهيان جو خراج ڏئي ان گڏهہ جي آڏو پنهنجو پاڻ کي ذليل ڪريان." پوءِ سڄي رات هو پنهنجن سردارن سان صلاح مشورا ڪندو رهيو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي. سڀني سردارن کيس جنگ ڪرڻ جي صلاح ڏني.

"مان بہ سمجهان ٿو تہ چين متان هلان ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي."

چنگيز خان بہ انهن سان سهمت ٿيندي چيو.

ٻئي ڏينهن چيني قاصد کي دربار ۾ گهرايائين. شاهي فرمان جو جواب رات جو ئي تيار ڪيو ويو هو. جنهن کي چيني قاصد جي حوالي ڪيو ويو. ان پيغام ۾ هن نئين چيني شهنشاهہ کي مخاطب ٿيندي چيو تہ "اسان جو علائقو ايترو تہ مضبوط ۽ مستحڪم ٿي چڪو آهي جو اسان چين تائين آسانيءَ سان پهچي سگهون ٿا. ڇا چيني شهنشاهہ جي سلطنت ايتري مستحڪم آهي جو اسان کي روڪي سگهي؟ اسان هڪ اهڙي لشڪر سان ايندا سين جيڪو سامونڊي طوفان وانگر هوندو. جنهن کي روڪڻ ناممڪن آهي. جيڪڏهن دائي ونگ منهنجي زير سايہ چين تي حڪومت ڪرڻ چاهي تہ پوءِ ٺيڪ آهي ۽ ان جي اجازت ڏئي سگهجي ٿي. پر جيڪڏهن هن جي دماغ ۾ خناس پريل آهي ۽ هو اسان سان جنگ ڪرڻ چاهي ٿو تہ پوءِ اها جنگ ايترو وقت هلندي، جيستائين اسان ٻنهي مان

هڪ کي فتح ۽ ٻئي کي شڪست نصيب نہ ٿي وجي.“ ان ڪان وڌيڪ حقارت وارو پيغام ڪوئي ٻيو ٿي سگهيو ٿي. ان پيغام جي جواب جي ڪا اميد نہ هئي. منگولن پيغام موڪلڻ شرط جنگ جي تياري شروع ڪري ڇڏي. لشڪر جي هراول دستي کي چين طرف موڪليو ويو. ڀهريون گروهہ جاسوسن ۽ سپاهين تي مشتمل هو، جنهن جو ڪم هو تہ اهي مخبرن کي پڪڙي اچن، جن کان چين بابت پڪي معلومات حاصل ڪري سگهجي. بنا ڪا گهڻي زيان ڪرڻ جي اهو هر اول دستو ديوار چين وٽ پهچي ويو. پويان چنگيز خان جو عظيم لشڪر مينهن واءُ ڪندو پئي آيو.

چنگيز خان انهيءَ جنگي تياريءَ واري دور ۾ ديوار چين جي متان نگرانيءَ لاءِ متعين قبيلن سان دوستيون قائم ڪيون هيون، ان ڪري هن جي همدردن چنگيز خان جي پهچڻ تي ديوار چين جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ اهڙي نموني چنگيز خان بنا ڪو ماٿهو مارائڻ جي ان عظيم حفاظتي بند کي پار ڪري ويو. جلد ئي سندس پورو لشڪر چين جي اندر داخل ٿي ويو.

اتي موجود چين جي ايڪڙ ٻيڪڙ فوجي دستن ڪجهہ مزاحمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر چنگيز خان جي عظيم لشڪر آڏو اهو سيڪجهہ فضول هو. ڪجهہ لمحن ۾ انهن کي ڳترا ڳترا ڪيو ويو. منگول فوجين ڀڄندڙ چيني سپاهين مٿان پنهنجا گهوڙا چاڙهي انهن کي لتاڙي ماري ڇڏيو.

چين جي نئين شهنشاهہ کي جڏهن چنگيز خان جي اچڻ جي خبر پئي تہ هن هڪ لشڪر سندس مقابلي لاءِ موڪليو. ان لشڪر وارن کي رستن جي پوري خبر نہ هئي. هو اجا ماٿهن کان رستو پڇي اڳيان وڌي رهيا هئا جو چنگيز خان جو دلير سپهہ سالار جبي نويان وڏو چڪر ڪاٽي انهن جي پويان پهچي ويو. جبي نويان انهن سپهہ سالاران مان هو، جيڪي چنگيز خان جي حڪم تي اڳوٽي چيني شهنشاهہ لاءِ فوجي خدمت سرانجام ڏيڻ آيا هئا ۽ ان دوران هن ڪافي علائقن کي چڱيءَ طرح ڏسو ورتو هو. انڪري ڪيس ڪا تڪليف نہ ٿي تہ هو وڏو چڪر ڪاٽي مقابلي لاءِ ايندڙ چيني فوجن جي پٺ تي پهچي متائن ڪاري وار ڪري وجهي. جبي نويان جي سپاهہ ان چيني لشڪر کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. جيڪي جان بچائي ڀڃي سگهيا، تن وڃي مرڪزي چين جي فوج ۾ چنگيز خان بابت دهشتناڪ خبرون ڦهلايون، جنهن ويتر چين جي فوج جا حوصلا وقت کان اڳ پست ڪري ڇڏيا.

چنگيزخان نهايت تيزيءَ سان چين جي گاديءَ واري هنڌ ين ڪنگ ڏانهن وڌي رهيو هو. شهنشاهہ دائي ونگ هن جي دهشت کان ڊڄي ويو هو. ڪيس يقين ٿي ويو هو تہ چنگيز خان ڪو انسان نہ پر ڪا آسماني بلا آهي، جيڪا متائنس نازل ٿي آهي. هن تخت ڇڏي ڀڄڻ جو ارادو

ڪيو پر سندس صلاحڪارن ڪيس سمجهايو تہ هو فڪر نہ ڪري، چاڪاڻ جو چين وٽ لکن جي تعداد ۾ فوج هئي ۽ اها سموري فوج ويڙهہ لاءِ تيار بيٺي هئي. ان ڳالهہ مان ڪيس پرجهلو مليو ۽ پنهنجي پوري فوج کي چنگيز خان جي تباهہ ڪن لشڪر سان جنگ لاءِ حڪم ڏئي ڇڏيائين.

چنگيز خان پاڻ بہ جنگ ڪندي تڪجي پيو هو. ڪيس هر درياءَ جي پار ڪرڻ مهل هڪ نئين تازي تواني فوج سان مهاڏو اٽڪائڻو ٿي پيو. هر شهر وٽ هن نئين چيني فوج بيٺل هئي. هر قلعي جو پنهنجو حفاظتي فوجي دستو هو. ان جنگي مهم دوران هو گاديءَ جي شهر ين ڪنگ پهچي ويو. هن پهريون دفعو ان عظيم الشان شهر جي چوڏاري پٿر جي نهيل ڀت کي ڏٺو. شهر جو قلعو نهايت مضبوط بنيل هو، جنهن کي سر ڪرڻ نهايت ئي ڏکيو ڪم هو. ڪيس اندازو ٿي ويو تہ هن جي کليل ميدانن ۾ دوبدو جنگ ۾ مهارت رکندڙ فوج ڪنهن بہ نموني هن منظم ۽ قلعي بند فوج سان في الحال مقابلو نہ ٿي ڪري سگهي. ان ڪري هو واپس گوبيءَ جي ريگستان ڏانهن موٽي ويو.

ايندڙ سرءُ ۽ بهارجون مندون هن جنگي تياري ڪندي گذاريون. جڏهن هن جي لشڪر جي جنگي تياري مڪمل ٿي وئي تہ هڪ ڀيرو وري هو چين مٿان ڪاهي آيو. هڪ ڀيرو وري هو ديوار چين ٽپي ويو. هن جيڪي اڳين مهم دوران چين جا شهر فتح ڪيا هئا، اتي جا رهاڪو هينئر وري قلعي بند ٿي مقابلي لاءِ تيار بيٺا هئا. ڪيس هڪ ڀيرو وري انهن سان جنگ ڪرڻي پئي. هر شهر جو محاصرو ڪيو پئي ويو.

انهن محاصرن دوران ڪيس پنهنجي ان ڪمزوريءَ جو شدت سان احساس ٿيو تہ هو ميداني جنگ جو ماهر هو ۽ ائين هر شهر جو محاصرو ڪري ان کي فتح ڪرڻ نهايت ڏکيو ڪم هو. جيستائين قلعي بند ماڻهن جو اناج ۽ راشن نہ ٿي کٽو انهن پاڻ کي چنگيز خان جي حوالي نہ پئي ڪيو. انهن چيني شهرن جي قلعن ۾ سالن جي خوراڪ جمع ٿيل هئي ۽ انهن قلعن ۾ بند ماڻهو اطمينان سان مٿان ڪان چنگيز خان ۽ سندس فوج جي محاصري کي ڏسي رهيا هئا. چنگيز خان کي انهن گهيرن وارين جنگين جو ڪو تجربو نہ هو. سندس فوج ان لائق نہ هئي تہ ڪو اها چين جي انهن مضبوط شهرن مان ڪنهن کي فتح ڪري سگهي پر سندس مشهور سالار جبي نويان اهو ڪارنامو بہ ڪري ڏيکاريو. هن کي لياؤينگ شهر جي محاصري ڪرڻ جو حڪم ڏنل هو، ان گهيري کي قائم ٿيندي ڪافي ڏينهن گذري ويا هئا، پر ڪاميابيءَ جي ڪا واٽ نظر نہ پئي آهي. آخرڪار جبي نويان منگولن جي پراڻي جنگي چال آزمائي. هو ظاهري طرح پنهنجو سڄو غيرضروري سامان ۽ بار ڪٺڙ وارا گاڏا جنگ جي ميدان ۾ ڇڏي ائين هٽي ويو،

جڏهن هو محاصري منجهان بيزار ٿي پسپا ٿيو هجي.

چينين کي يقين ٿي ويو ته منگول پسپا ٿياهئا. انهن قلعي جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ منگولن جي ڇڏيل مال کي لٽڻ ۾ مصروف ٿي ويا. ايتري ۾ جبي نويان تيزيءَ سان واپس موٽي آيو ۽ لمحن ۾ سندن مٿان اچي ڪڙڪيو. چينين کي پهرين ته اعتبار نه پئي آيو ته ڪو اها ڳالهه ممڪن هو. جيستائين کين يقين اچي، تيستائين هزارين چينين جا لاشا زمين تي ڪري چڪا هئا ۽ اهڙيءَ طرح لياؤينگ تي منگولن جو قبضو ٿي ويو.

اهڙيءَ طرح چين جا ٻيا به شهر منگولن جي قبضي ۾ اچي وڃن ها، پر ان وچ ۾ چنگيز خان هڪ جهڙپ ۾ زخمي ٿي پيو ۽ سرءَ جي موسم به شروع ٿي وئي هئي. انڪري منگول واپس پنهنجن علائقن ڏي موٽي ويا.

ايندڙ بهار ۾ وري چنگيز خان چين تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ موٽي آيو ۽ ڦرلٽ ڪري واپس موٽي ويو. هو سمجهي ويو هو ته ان مضبوط ملڪ جي شهرن ۽ قلعن کي هڪ ڀيري ۾ فتح نٿو ڪري سگهجي. انڪري هن دشمن کي آهستي آهستي ڪمزور ڪري مارڻ جي رٿ رٿي هئي. ٿيو به ائين جو چيني، چنگيز خان جي بار بار جي حملن کان سخت پريشان ٿي ويا هئا. انهن کي ڪا خبر نه هئي ته ڪهڙي وقت چنگيز خان جون فوجون الاهي عذاب بڻجي مٿانئن اچي ڪڙڪنديون. چنگيز خان ۾ انتهائي سهپ جي طاقت هئي. هو مسلسل ٽي سال اهڙا حملا ڪري چينين کي پريشان ڪندو رهيو ۽ کين لٽيندو ڦريندو ۽ ماريندو رهيو. تان جو کيس چينين جي جنگ لڙڻ جا طريقا سمجهه ۾ اچي ويا.

آخرڪار سن 1214ع جي بهار ۾ چنگيز خان چين مٿان آخري حملو ڪرڻ لاءِ اسهيو. سندس تياري مڪمل هئي. منگولن جون ٽئين فوجون چين مٿان ٽن پاسن کان ڪڙڪيون. چين جي هر وڏي شهر جو محاصرو ڪيو ويو. هنن حملن ۾ اها جنگي حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي جو چين جي ٻهراڙين جي ماڻهن کي پڪڙي کين جنگ ۾ اڳتي رکيو ويو ۽ انهن جي آڙ ۾ شهرن ۽ قلعن مٿان حملا ڪيا ويا. اهي حملا اٽل هئا. چوطرف دهشت جو عالم هو. ڪيترائي شهر بنا جنگ لڙڻ جي چنگيز خان جي سپرد ڪيا ويا. جتي لڙائي ٿي، اتي بيدرديءَ کان ڪم ورتو ويو ۽ هزارن چينين کي قتل ڪيو ويو. ڪنهن کي به نه بخشيو ويو. ايتري قدر جو چين ۾ هر طرف منگول فوج جا جنگجو نظر اچي رهيا هئا.

آخرڪار چنگيز خان ڳاديءَ جي هنڊ ين ڪنگ پهچي ويو. هن ان شهر جو محاصرو ڪيو ۽ پاڻ جنگ جي نظرداري ڪرڻ لڳو. هن جا سپهه سالار جنگ لاءِ بيتاب هئا پر چنگيز خان مسلسل انڪار ڪري رهيو هو. هن چين جي شهنشاهه کي خط لکيو ته "تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ جنگ جي باري ۾ هاڻي تنهنجي ڪهڙي

راءِ آهي؟ ڇا تون سمجهين ٿو تہ آئون توکان ڪمزور آهيان ۽ انڪري توکي خراج ڏيندس. هينئر هوانگ درياءَ جي اتر وارا چيني سلطنت جا سيئي صوبا منهنجي قبضي ۾ آهن. آئون پنهنجي گهر واپس وڃڻ گهران ٿو. منهنجي سپهہ سالارن کي خوش ڪرڻ لاءِ تحفا گهرجن. جيڪي تون جلدي مون ڏانهن موڪلي ڏي.“

اصل ۾ چنگيز خان اهو پيغام موڪلي چيني شهنشاهہ جي دم خم جو اندازو لڳائڻ ٿي گهريو. جيڪڏهن شهنشاهہ کيس تحفا موڪلي ڏيندو تہ ان جو مطلب اهو هوندو تہ منهنجي آڏو ڪمزور ٿي ويو آهي ۽ انهن تحفن ڏيڻ ڪري سندس آن بان ۾ گهٽتائي اچي ويندي ۽ منهنجي فوج کي چيني ماڻهن ۽ فوجن مٿان نفسياتي برتري حاصل ٿي ويندي. چيني شهنشاهہ دائي ونگ ايترو تہ چنگيز خان کان ڊڄي ويو هو جو ان پيشڪش کي غنيمت ڄاڻي ان وقت ئي ڏانهنس پنج سؤ غلام، پنج سؤ ڪنيزيون، اعليٰ نسل جي گهوڙن جو پورو ولر ۽ جهجهي انداز ۾ سون ۽ ريشم تحفي طور موڪليو. اها چنگيز خان جي عظمت هئي جو چين جو شهنشاهہ کيس خراج ڏئي رهيو هو.

چنگيز خان انهن تحفن کان مطمئن نہ ٿيو. هن وري پيغام موڪليو تہ صلح ان کانسواءِ ممڪن نہ آهي، جيستائين شاهي خاندان جي ڪا عورت سندس حرم ۾ نہ ٿي موڪلي وڃي. هن جو اهو شرط بہ پورو ڪيو ويو ۽ شاهي خاندان جي هڪ عورت سندس حرم ۾ داخل ڪرڻ لاءِ موڪلي وئي.

اهو خراج وٺي هو واپس وريو. اڃا رستي ۾ هو تہ کيس چين ۾ بغاوت جون خبرون مليون. هو جتي هو اتي ئي ويهي رهيو ۽ پنهنجن مخبرن کي پوئتي جون خبرون وٺڻ لاءِ موڪليائين. کيس خبر پئي تہ چين ۾ بغاوت ڦهلجي وئي هئي ۽ شهنشاهہ پنهنجي پٽ کي ين ڪنگ ۾ ڇڏي پاڻ ڏکڻ طرف ڀڄي ويو هو. فوج ۾ سخت انتشار ڦهليل آهي. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ کيس خبر ملي تہ شهنشاهہ پنهنجي پٽ کي بہ ڏکڻ طرف گهرائي ورتو هو. هاڻي گاديءَ واري شهر جي شاهي محلات ۾ رڳو شاهي گهراڻي جون ڪجهہ زائفائون ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ سپاهي وڃي بچيا هئا. چين جي انهن ابتر حالتن کان واقف ٿيندي ئي هن پنهنجي لشڪر کي چين ڏانهن واپس موڪليو ۽ پاڻ ديوار چين وٽ پڙاءُ ڪري حڪم صادر ڪرڻ لڳو. هن جي ”مقوليِ“ نالي واري هڪ سردار چين جي گاديءَ واري هنڌ ين ڪنگ کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. جيتوڻيڪ اتي جي ماڻهن وٽ هٿيار ۽ جنگي سامان ۽ افرادي وقت تمام گهڻي هئي. پر ڪا تنظيم نہ هئن، جيڪا انهن ۾ نظم و ضبط پيدا ڪري. اهي گهڻو وقت منگولن جو مقابلو ڪري نہ سگهيا ۽ انهن مان گهڻا وڃي منگولن سان مليا. چيني فوجن بہ پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ منگولن جي اطاعت مڃيائون.

مقولي سچو شاهو خزانو ۽ سازوسامان لٽيو ۽ ان کي چنگيزخان ڏانهن موڪليو. جيڪو اڃا بہ ديوار چين وٽ پنهنجي لشڪر سميت لٿل هو. هن مقولي کي اتي جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ پاڻ واپس قراقرم پهچي ويو. جيڪو ڪيس ڏاڍو پسند هو.

هتي هن اها شيءِ حاصل ڪئي، جنهن جي هر خانہ بدوش کي آرزو هوندي آهي. هن جي خيمن جي بستيءَ ۾ هر وقت طوفان ۽ واچوڙا گردش ڪندا رهندا هئا ۽ چوطرف ڪاري واري اڏامندي رهندي هئي. اتي ڳاهہ ۽ ڳاري منجهان ٺهيل عارضي جهوپڙيون اهڙي نموني ٺهيل هيون جو ڪنهن روڊ يا رستي جو ڪو تصور ئي نہ ٿي اڀريو. چوطرف مال لاءِ وٿاڻ ٺهيل هوندا هئا . هتي پٿر جون مسجدون بہ هيون تہ ٻڌمت جا مندر بہ. عيسائين جا ننڍا ننڍا گرجا گهر بہ موجود ها . هن جي حڪومت ۾ هر ڪنهن کي مذهبي آزادي هئي تہ هو پنهنجي طريقي جي عبادت ڪري. صرف هڪ شرط هو تہ هو "ياسا" جي قانونن جي پاسداري ڪندا. سياحن ۽ مسافرن کي سرحد تي ئي روڪيو ويندو هو ۽ انهن کي منگول جنگجوئن جي رهبريءَ ۾ قراقرم موڪليو ويندو هو. انهن مسافرن کي سڀ کان پهرين ٻريل مچن جي پرسان گذاريو ويندوهو. منگولن جو عقيدو هو تہ ائين ڪرڻ سان هر قسم جي جادوءَ جو خاتمو ٿي ويندو. تنهن کانپوءِ انهن کي سراءِ يا مسافرخاني ۾ رهايو ويندو هو. جڏهن چنگيز خان جي اجازت ملندي هئي، تنهن بعد کين خاقان اعظم آڏو پيش ڪيو ويندو هو. سامان کي چنگيز خان جي آڏو تحفي طور رکيو ويندو هو. هن کي جيڪي وڻندو هو، اهو کڻي وٺندو هو. ان سامان جي ڪا قيمت نہ ڏني ويندي هئي، ڇو تہ اتي جي قانون موجب خاقان اعظم سان ڪوبہ ڏيتي ليتي نہ ٿي ڪري سگهيو. هر ماڻهوءَ جي هر شيءَ جو مالڪ چنگيز خان هو. خاقان اعظم ان چونڊيل سامان جي بدلي ۾ واپاريءَ کي ان جي برابر قيمت بخشش طور ڏيندو هو. مطلب تہ اتي هڪ عجيب دنيا آباد هئي، جتي رڳو چنگيز خان ۽ ان جي "ياسا" جي قانونن جي حڪمراني هئي.

• • • •

هاڻي چنگيز خان جي بادشاهيءَ ۾ هر طرف امن ۽ سڪون هو. جنهن چنگيز خان کي بيچين ڪري ڇڏيو. هاڻي فتح ڪرڻ لاءِ هن وٽ ڪوبہ علائقو نہ بچيو هو. هن جي علائقي جي سرحدن تي جبل هئا، جن جي پٺيان ڇا هو، تنهن جو ڪو پتو منگولن کي نہ هو. سندس سرحدون اوڀر ۾ ڦهليل هيون، جڏهن تہ اولهہ جي ڪيس ڪا خبر نہ هئي، پر سندس ۽ قراقرم جي شهرت انهن جبلن کي پار ڪري چڪي هئي ۽ اتان جا واپاري مال کڻي قراقرم پهچڻ لڳا هئا. جتي هو مال وڪڻي پنهنجي من گهري قيمت وصول ڪندا هئا.

جيئن تہ منگولن جو پورو سماجي ڍانچو فوج تي مشتمل هو. انکري مسلمان واپاري گهڻو ڪري آبدار تلوارون بهترين زرهون، اڇو ڪپڙو، ڳاڙهو چمڙو، عاج، فيروز ۽ لعل وغيره کڻي ايندا هئا. انهن واپارين جي زباني چنگيز خان کي معلوم ٿيو تہ انهن جبلن جي پويان بہ اهڙا علائقا آهن، جتي ڪڏهن برف باري نہ ٿيندي هئي ۽ نہ وري ڪو سخت سردين ۾ اتي جا درياءَ ڄمي ويندا هئا . هزارين ماڻهو اهڙن شهرن ۾ رهن ٿا. جيڪي قراقرم ۽ ين ڪنگ کان پراڻا هئا. انهن شهرن ۽ دريائن تہ کين کو گهڻو متاثر نہ ڪيو. پر مسلمان واپارين جي سامان، خاص طور تي سندن اعليٰ معيار جي هٿيارن کيس پاڻ ڏانهن ضرور متوجهہ ڪيو. سندس خانہ بدوش واپار کان پري رهندا هئا. جڏهن تہ سندس دلچسپي واپار طرف ڏينهان ڏينهن وڌندي پئي وئي. هن مسلمانن سان سندس اعليٰ معيار جي شين، خاص طور تي سندن هٿيارن جي لاءِ تعلق رکڻ پئي گهريو.

ڪيس چاڻ ڏني وئي تہ جبلن جي هن پار سندس ويجهي ۾ ويجهو پاڙيسري حاڪم خوارزم شاهہ هو، جنهن پاڻ بہ هڪ وڏي سلطنت کي فتح ڪيو هو. چنگيز خان کيس خط لکيو، جنهن جو هينيون متن هو.

”آئون توکي مبارڪباد ٿو موڪليان. آئون تنهنجي طاقت ۽ تنهنجي سلطنت جي عظمت کان آگاهہ آهيان. آئون توکي پنهنجو عزيز فرزند سمجهان ٿو. توکي اهو معلوم ٿيڻ گهرجي تہ مون چينين ۽ ٻين ترڪ قومن مٿان سوڀ ماڻي آهي. منهنجو ملڪ سپاهين جو خيمو آهي ۽ چانديءَ جي کاڻ آهي. مون کي نون علائقن جي ڪا ضرورت نہ آهي. مون کي لڳي ٿو تہ اسان ٻنهي جي ملڪن جو فائدو انهيءَ ۾ آهي تہ انهن جي وچ ۾ واپاري ناتا وڌن ويجهن.“

اهو نياپو ٻن مسلمان قاصدن هٿان خوارزم شاهہ کي موڪليو ويو. خوارزم شاهہ اڃا تائين چنگيز خان جي نالي کان واقف ڪونہ هو. هن انهن قاصدن کان چين جي فتح بابت تصديق گهري، جن هائوڪار ۾ جواب ڏنو. خوارزم شاهہ مطمئن ٿي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار وڌائڻ جي منظور ڏني ۽ انهن قاصدن ذريعي نهايت قيمتي تحفا وغيره چنگيز خان ڏانهن موڪليا.

هاڻي چنگيز خان جا واپاري قافلا قراقرم کان هلي سرحدي جابلو علائقن کي پار ڪري مسلمان علائقن ۾ پهچي ويندا هئا. آهستي آهستي انهن واپارين جو دائرو سمرقند، بخارا ۽ بغداد تائين وڌي ويو ۽ ان سان گڏ چنگيز خان جي شهرت بہ مسلمان ملڪن ۾ پهچڻ لڳي. ان واپار جي سلسلي کي سال کن گذري چڪو هو جو ايتري ۾ بغدادجي خليفي چنگيز خان وٽ پنهنجا ماڻهو موڪليا تہ جيئن کانئس خوارزم شاهہ جي خلاف فوج ڪشيءَ ۾ مدد حاصل ڪري سگهجي. چنگيز خان کين ڪتو جواب ڏنو

سان گڏ سندس بادشاهت کي بہ فتح ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو.

خوارزم شاهہ بہ ڪو معمولي حاڪم نہ هو. سندس سلطنت جون حدون هندستان کان وٺي بغداد تائين، خوارزم سمنڊ کان وٺي ايراني نار تائين ڦهليل هيون. سواءِ سلجوقي ترڪن جي، پيا سڀ سندس ڏن ڀرو هئا. هو شهنشاهہ بڻيل هو ۽ جڏهن تہ هن جا ماتحت حاڪم هن جي حڪومت ۾ هر جاءِ تي انتظامي نگران مقرر ٿيل هئا. هن وٽ مضبوط فوج هئي، جنهن جو قلب بيجگر خوارزمي ترڪن تي مشتمل هو. هن جي هڪ اشاري تي ايران مان بہ زبردست فوج اچي پئي سگهي. هو جيڏانهن بہ ويندو هو، اتي ۾ غلامن جون اٺڪٽ قطارون ساڻس همرڪاب هونديون هيون. هن جي سلطنت جو شان وڏا وڏا شهر هئا. انهن مان بخارا بہ هڪ هو، جيڪو مسجدن ۽ مدرسن ڪري سڄي اسلامي دنيا جو مرڪز بنيل هو. سمرقند جو شهر پنهنجين بلند ۽ بالا ديوارن ۽ باغن جي ڪري مشهور هو. بلخ، هرات، خراسان هر ڪو شهر پنهنجي جاءِ تي پنهنجو مثال پاڻ هو.

هيڏانهن چنگيز خان کي بہ سندس مخبرن خوارزم شاهہ جي طاقت جي باري ۾ ٻڌائي ڇڏيو هو. اها ڪا معمولي جنگ نہ هئي. هن جنگ ۾ منگولن کي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اولهہ جي ڪوهستاني سلسلن کي پار ڪري پنهنجن دشمنن سان وڙهڻو هو. سخت جنگي تياري ٿي رهي هئي.هر جاءِ تي فوج ڀريتيءَ لاءِ اعلان ٿي رهيا هئا. تير ۽ زرهون ٺهي رهيون هيون. گهوڙن کي ميلن جا ميل ڊوڙائي جبگ لاءِ تيار ڪيو پئي ويو.

سندس سامهون بہ وڏا مسئلا هئا. هڪ اهو تہ ڪيس هڪ وڏي عرصي لاءِ قراقرم کان ٻاهر وڃڻو هو. جنهن ۾ ڪافي سال لڳي وڃن ها. هن جي ان غير موجودگيءَ ۾ طالع آزما متان قراقرم ۾ بغاوت ڪري وجهن. ٻي ڳالهہ اهاهئي تہ ڪيس اٽڪل بہ هزار ميل سفرڪري بيڪال ڍنڊ کان نڪري اولهہ جي ڪوهستاني سلسلن کي پار ڪرڻو هو. انڪري ايتري رسد بہ لازمي هئي. هو ڪافي ڏينهن تائين هڪ جبل تي وڃي انهن پنهنجي مسئلن تي سوچ ويچار ڪندو رهيو ۽ نيٺ هڪ نتيجي تي پهچي ويو.

هن سڀ کان پهرين اهڙن سردارن ۽ طالع آزمائن جي فهرست ٺاهي، جن مان ڪيس خطرو هو تہ اهي سندس غير موجودگيءَ ۾ قراقرم منجهہ ڪو وڳوڙ برپا ڪري سگهن ٿا. هن انهن سڀني کي حڪم ڏنو تہ هو هن سان گڏ ان جنگي مهم ۾ هلن. ٻئي مسئلي جي حل لاءِ هن رسد کي گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جانورن کي ذبح ڪري گوشت کي سڪايو ويو. گهوڙين جي کير کي بہ ان نموني خشڪ ڪري پکالن ۾ ڀريو ويو. ڪيس يقين هو تہ هن جي خونخوار فوج دنياجو ڪوبہ سفر خوش اسلوبيءَ سان ڪري سگهي ٿي. ان اعتمادسان هن 1219ع ۾ پنهنجي لشڪر

گذري انهن کي پار ڪيو ويو. چوطرف طوفاني هوائون لڳي رهيون هيون. انتهائي سخت سردي هئي. جيڪڏهن ڪو جانور ڪنهن هنڌ ڦاسي ٿي ويو ته هڪدم اهو ڄمي ٿي ويو. جيترو مال آندو هئائون، اهو يا ته مري ويو يا وري غذا بڻجي ويو. انهن جو چارو به ختم ٿي چڪو هو. پر فوج جا حوصلا بلند هئا. اهي جهنگن مان وڻ ڪٽي ندين تي انهن جي پل ٺاهي اڪرندا هئا. گهٽي بک لڳندي هئن ته گهوڙي جي سنڌ ۾ چهڪ ڏئي ان جو رت پي وري ان کي بند ڪري ڇڏيندا هئا.

انهن سوين ميل برف مٿان سفر طئه ڪيو. جنهن وقت برف جي پگهرجڻ جو وقت آيو ته هي لشڪر اولهه جي ميدانن ۾ پهچي چڪو هو. انهن ٻارنهن سؤ ميلن جو سفر طئه ڪري ورتو هو. جهنگ جي ٻئي پاسي کان اسلامي سلطنت جي سرحدشروع ٿي ٿي.

هوڏانهن خوارزم شاهه به پوريءَ تياريءَ سان هو. هن ترڪ فوج سان گڏ ايراني ۽ عرب دستا به جنگ لاءِ گهرائي ورتا هئا ۽ هو منگولن کان پهرين جنگ جي ميدان ۾ پهچي چڪو هو. ڪيس سندس خابرن اطلاع ڏنو ته هڪ دستو چنگيز خان جي وڏي پٽ جوجيءَ جي سربراهيءَ ۾ اڳتي وڌي رهيو اهي. جڏهن ته چنگيز خان سموريءَ فو ج سان ان جي پويان اچي رهيو هو. جوارزم شاهه تيزيءَ سان منزلون سرڪندو جوجيءَ جي آڏو اچي پهتو. جنهن وٽ رڳو ڪجهه سؤ سپاهي هئا. ڪو جنگي سامان به نه هئس. هنن جو رڳو ايترو ڪم هو ته اهي اوسي پاسي مان منگولن لاءِ خوراڪ جو بندوبست ڪن. ٻئي طرف خوارزم شاهه جي فوج لوهه سان ڍڪيل هئي.

ٻئي فوجون هڪٻئي جي آمهون سامهون بيٺيون. اهو جنگ جو ميدان هڪ سوڙهي جابلو گهاٽيءَ منجهه هو. جنگ جا نغارا وڳا. منگول ڊيڄارينڊڙي هڪلون ڪندا دشمنن ڏانهن وڌيا. ترڪن به پنهنجا هٿيار سنڀالي ورتا.

پنهنجي ڪمزور حالت ڪي ڏسندي هڪ سردار، جوجيءَ کي صلاح ڏني ته "اسان کي پٺيان مرڪزي لشڪر ڏانهن هلڻ گهرجي، نه ته هي طاقتور لشڪر اسان کي جيئاتي ڇڏيندو."

"جيڪڏهن ائون هن جنگ مان ڀڄي ويندس ته پوءِ خاقان کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس!" اهو جوجيءَ جو جواب هو.

"پر ترڪ فوج جو تعداد تمام گهڻو آهي. پيو ته هن سوڙهي گهاٽيءَ ۾ اسان کي تيراندازيءَ جو ڪو موقعو ڪونه ملندو، جيڪو اسان جو پهريون ۽ مؤثر داءُ هوندو آهي."

ضدي ۽ بهادر جوجيءَ پنهنجي سردارن جو مشورو ٻڌڻ کان انڪار ڪيو ۽ جنگ شروع ڪري ڏني. هڪ طرف صرف ڪجهه سؤ منگول هئا. جڏهن ته ٻئي طرف لکين ترڪ جنگجو. تيراندازيءَ جو به ڪو موقعو نه هو پر منگول دوبدو جنگ جا به ماهر هئا. وحشي منگول پنهنجن حريفن

مٿان ڇانيل هئا. ايتري قدر جو هو انهن جي فوج جي قلب (وچ) تائين پهچي ويا.

ان وقت خوارزم شاهه جو ولي عهد جلال الدين خوارزمي منگولن جي سامهون ٿيو. هن ننڍي قد، سانوري رنگ ۽ مضبوط بدن واري شهزادي تلوار جا اهڙا ته جوهر ڏيکاريا جو لڳو ٿي ته منگولن کي شڪست ٿيڻ واري آهي، پر ايتري ۾ رات ٿي وئي ۽ ٻئي فوجون جنگ بند ڪري پنهنجن پنهنجن پڙائن ۾ پهچي ويون.

صبح جو خوارزم شاهه ڏٺو ته منگول رات جي اونده ۾ ئي غائب ٿي چڪا هئا. سندن خيما جيئن جو تيئن لڳا پيا هئا ۽ ٻتيون ائين ئي ٻري رهيون هيون، جن مان سندن مقصد خوارزم شاهه جي فوج کي ڏوڪو ڏيڻ هو. جوجي رات جو ئي سپاهه سميت موٽي پنهنجي قلب ۾ هليو ويو. ترڪ فوجن جڏهن صبح جو مئلن جي جانچ ڪئي ته خبر پين ته اڪثر لاشا سندن ترڪ سپاهين جا هئا، جنهن منجهان منگولن جي فوجي برتري صاف ظاهر پئي ٿي. ا نهن ميدانن ۾ منگولن سان اٽڪڻ جو خيال لاهي ڇڏيو ۽ قلعي وارن شهرن جي دروازن کي بند ڪري منگولن جو انتظار ڪرڻ لڳا. چنگيز خان هيستائين ڪنهن به جڳهه تي ظاهر نه ٿيو هو. هن پنهنجي فوج کي مختلف دستن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. جيڪي ڪڏهن بخارا ۾ پيا نمودار ٿيا ته ڪڏهن سمرقند ۾. ڪڏهن هڪ درياءَ جي ڪپ تي ته ڪڏهن وري ٻئي درياءَ جي مٿان. خوارزم شاهه سيحون نديءَ جي ڪناري پڙاءُ ڪريو ويٺو هو. ڪيس اها خبر نه هئي ته منگول ڪهڙي پاسي کان ڏانهنس ايندا.

خوارزم شاهه کي انتظار هو ته ڪيس ڏکڻ کان فوجي مدد اچڻ واري هئي پر بجاءِ مدد پهچڻ جي، ڪيس انتهائي وحشتناڪ خبرون پهچڻ لڳيون. منگولن جو هڪ دستو ترڪ فوج جي تمام ويجهو اچي ويو. اهو دستو چڪر ڪاٽي آمو درياءَ جي منڍ وٽ پهچي ويو. هاڻي سمرقند جو تاريخي شهر رڳو وڃي ٻن سون ميلن جي مفاصلي تي رهيو هو. هن گهٻرائجي پنهنجي فوج جو اڌ حصو سمرقند ۽ بخارا جا حفاظت لاءِ ڇڏيو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ هن ٽيهه هزار پيا سپاهي به بخارا جي حفاظت لاءِ موڪليا ۽ پاڻ سمرقند ڏانهن روانو ٿيو، جيڪو ان وقت انتهائي خطري سان دوچار هو.

اڃا هو سمرقند پهتو ئي نه هو ته چنگيز خان جا به پٽ اترين علائقن منجهه سيحون نديءَ جي ڪناري اڏيل شهر "اترار" جي سامهون ظاهر ٿيا. ان شهر جي حاڪم جو نالو "انيل جن" هو. هي ئي اهو حاڪم هو جنهن چنگيز خان جي قراقرم وارن تاجرن کي قتل ڪيو هو. هو قلعي ۾ بند ٿي ويو، ڇو ته ڪيس خبر هئي ته منگول هن مٿان ڪو رحم هرگز نه ڪندا. قلعي جو اهو محاصرو پنج مهينا مسلسل هليو. هو آخري سپاهيءَ جي جنگ ۾ مرڻ تائين لڙندو رهيو پوءِ هن هڪ برج ۾ وڃي پناهه ورتي. جڏهن سندس تير ختم ٿي ويا

تہ هن دشمنن مٿان پٺر وسائڻ شروع ڪيا. نيٺ ڪيس زنده گرفتار ڪيو ويو ۽ چنگيز خان ڏانهن موڪليو ويو. چنگيز خان هن جي اکين ۽ ڪنن ۾ پگهريل چاندي وجهائي ڪيس چيچلائي چيچلائي قتل ڪري ڇڏيو ۽ سندس شهر جي سڄي آباديءَ کي بہ ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنائين، جنهن جي هڪدم تعميل ڪئي وئي.

هڪ فوجي دستو تاشقند پهتو ۽ اتي قبضو ڪري ورتائين. ٻيو دستو ننڍن ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن مٿان قبضو ڪندو اڳيان ڪاهيندو ويو. "جند" نالي شهر ۾ سواءِ ڪجھ صحتمند مردن جي ٻين سڀني مردن، عورتن ۽ ٻارن کي ذبح ڪيو ويو. ان وقت اسلامي دنيا منگولن جي حلمن جي دٻ کان ڪنبي رهي هئي. منگول جنهن پاسي ويا ٿي، تنهن جو ڇڻ نالو نشان ئي مٽجي ٿي ويو. ڳوٺن جا ڳوٺ، شهرن جا شهر بنيادن کان مٽجي ويا. غلامن جو تعداد وڌندو پئي ويو. هزارين مسلمان نوجوان غلام بڻجي چڪا هئا. جن شهرن جو گهيرو ڪيو ويندو هو، انهن غلامن کي منگول پنهنجي آڏو آڙ بڻائي رکندا هئا. يا وري لشڪر ان کان خدمت گذاري ڪرائيندو هو. جڏهن اهو تعداد تمام گهڻو وڌي ويندو هو تہ انهن مان ڪن کي قتل ڪيو ويندو هو تہ جيئن انهن جو بار گهٽجي خوارزم شاھ هر طرف کان گهيرجي ويو هو. جبي نويان اوپر کان طوفان وانگر ڏانهنس وڌي رهيو هو تہ اولھ کان چنگيز خان ڪنهن عذاب الاهي وانگر اچي رهيو هو. ان حالت ۾ خوارزم شاھ پنهنجي فوج کي ورهائي انهن مان ڪن کي بخارا موڪليو تہ ڪن کي بلخ ۽ قندز ۾ تعينات ڪيائين. ڪن کي ٻين علائقن ڏانهن موڪليائين. پاڻ درباري اميرن، هاٿين، اٺن ۽ محافظ سپاهين سان بخارا طرف نڪري ويو. سندس خزانو ۽ حرم بہ ساڻس گڏ هو.

ظاهري طرح منگول سڄي سلطنت ۾ رت جي راند ڪيڏي رهيا هئا. پرانهن جي آڙ ۾ چنگيز خان ڪنهن خدائي قهر وانگر بخارا جي شهر آڏو پنهنجي پوري لشڪر سان ظاهر ٿيو. بخارا جي شهر مٿان هن جي اچڻ جي خبر ڇڻ ڪنوڻ وانگر ڪري. بخارا جو شهر اسلامي قوت جو مرڪز ۽ مدرسن جو شهر هو. ان جي وچان هڪ دل موهيندڙ ندي وهندي هئي، جنهن جي ڪنارن تي حسين باغ ۽ سهڻا محل اڏيل هئا. بخارا جا ماڻهو هراسجي ويا. انهن ٻڌو هو تہ چنگيز خان جي زندگيءَ ۾ رحم نالي جي ڪاشيءَ نہ هئي. ظلم اهو ٿيو جو خوارزم شاھ بہ چنگيز خان جي اچڻ جو ٻڌي بخارا ڇڏي هليو ويو هو ۽ بخارا جي حفاظت لاءِ مقرر ڪيل فوجي دستا بہ منگولن کي ڏسي راتو رات شهر جا پويان دروازا کولي فرار ٿي ويا ۽ ائين بخارا جو سڄو شهر هن خوني درندي جي ور چڙهي ويو. منگولن انهن فرار ٿيندڙ ترڪ سپاهين کي بہ نہ بخشيو ۽ سندن پيڇو ڪري انهن کي ماريو ويو.

بخارا جي ماڻهن بچاءَ جي ٻي
ڪا واهه نه ڏسي چنگيز خان سان ڳالهيون
ڪري شهر ان جي حوالي ڪيو. بدلي ۾
ڪين جان بخشيءَ جو واعدو ڪيو ويو هو.
منگول سيلاب وانگر شهر ۾ ڪاهي پيا.
انهن اناج جي گودامن کي لٽڻ شروع
ڪيو. ڪتبخانن کي گهوڙن جي تبيلن ۾
بدلايو ويو. شهري بيوسيءَ وچان انمول
ڪتابن کي گهوڙن جي سنبن هيٺ
لتاڙجندي ڏسي رهيا هئا.

چنگيز خان پنهنجي اڇي گهوڙي
تي چڙهي بخارا جي جامع مسجد ۾ پهتو.
”شهنشاهه خوارزم شاهه جو گهر
هي آهي؟“ هن اتي موجود ماڻهن کان
پڇيو.

”هي الله جو گهر آهي، جيڪو
اسان سڀني جو خالق آهي.“ ماڻهن کيس
ٻڌايو.

هن نهايت تڪبر سان ماڻهن
ڏانهن ڏٺو ۽ مسجدجي ڏاڪن تي گهوڙو
ڊوڙائيندو اندر گهڙي ويو ۽ اتي موجود
عالمن ۽ فاضلن جي سخت بيعزتي
ڪيائين. ڪنهن جو دم هو جو هن وحشي
منگول کي جواب ڏئي ۽ پنهنجي جان
وڃائي. تنهن ڪانپوءِ هي شهر جي وڏي
چوڪ تي پهتو ۽ پنهنجي فوج کي قتل
عام جو حڪم ڏنائين. حڪم ملڻ جي دير
هئي. گهڙي پل ۾ سندس فوجي گهرن ۾
گهڙي ويا. مردن، عورتن ۽ ٻارن کي
گهيلندي ٻاهر آندو ويو ۽ انهن جو قتلام
ڪيو ويو. بخارا جي زمين منجهان لڪل
دولت ڪوٺي ڪڍي وئي. تنهن ڪانپوءِ ان
بدنصيب شهر کي باهه ڏئي ساڙيو ويو.

خوارزم شاهه بخارا کان ڀڄي
سمرقند پهتو، جتي شهر جي چوڌاري هڪ
مضبوط فصيل موجود هئي. هن ان
ڪانسواءِ هڪ نئين فصيل به تعمير ڪرائڻ
شروع ڪئي پر منگول اهڙي تيزيءَ سان
سمرقدن جي ٻاهران پهچي ويا جو ان نئين
ڀت جي تعمير جو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو.
سمرقند شهر جي قلعي جي پراڻي ڀت به
نهايت مضبوط هئي. ان ۾ ٻارنهن لوهي
در هئا نهن جي پاسن ۾ مضبوط برج ٺهيل
هئا. هڪ لک ايراني ۽ ترڪ گڏيل فوج
هن شهر جي حفاظت لاءِ قلعي ۾ موجود
هئي. چنگيز خان کي خبر هئي ته اهو
خوارزمين جو آخري وڏو شهر آهي، جنهن
کي فتح ڪرڻ سان خوارزمي حڪومت جو
انت اچي ويندو. سمرقند شهر جو گهيراءُ
ڪيو ويو. وقت گذرندو ويو. منگول نهايت
صبر سان قلعي جي چوڌاري وينا ناچ گانن
۾ لڳا پيا هوندا هئا. جڏهن ته سندن غلام
سڄو ڏينهن پٿر چوڊيندا هئا يا قلعي جي
ڀت جي ڀتين مٿان کهاڙيون پيا هڻندا
هئا.

هڪ ڀيري ترڪ فوجي قلعي
مان نڪري سندن مقابلي لاءِ آيا. پر منگول
انهيءَ لاءِ پهرين ئي تيار هئا ۽ پاسي وارن
باغن جي وڻن جي پويان لڪل هئا. ترڪن
جي صرف اچڻ جي دير هئي، انهن مٿان
وارو وار شروع ٿي وئي. ان جنگ ۾ ترڪن
کي ڪافي جاني نقصان ڪٺو پيو ۽ انهن

کي موٽي قلعي بند ٿيٺو پيو. ان جهڙپ منگولن جي اڃا وڌيڪ دهشت پکيڙي ڇڏي. اڃا تائين ترڪن کي منگولن جي صحيح لشڪر جو تعداد بہ معلوم نہ ٿي سگهيو هو. هو انهن مسلمان غلام قيدين کي بہ منگولن جي فوج جو حصو سمجهي رهيا هئا.

چنگيز خان سوچيو تہ ڪيس هن شهر کي فتح ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳندو ۽ اهي ننڍيون ننڍيون جهڙپون ۽ شهر جو گهيرو گڏوگڏ هلندو رهندو. پر ترڪن سندس اندازن کي غلط ثابت ڪري ڇڏيو. هڪ ڏينهن شهر جو قاضي ۽ امام منگولن وٽ آيا ۽ شهر انهن جي حوالي ڪري ڇڏيائون. ڪين اميد هئي تہ چنگيز خان سندن ان تعاون جي صلي ۾ شهر وارن جي جان بخشي ڇڏيندو. ان سان گڏ ٽيهہ هزار ترڪ فوجي خوارزم شاهہ کي ڇڏي اچي منگولن سان مليا هئا. چنگيز خان انهن جو نهايت گرمجوشيءَ سان استعبال ڪيو ۽ کين پنهنجي فوج ۾ شامل ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

ان بعد سمرقند شهر جو بہ اهڙو حشر ٿيو. جيڪو بخارا جو ٿيو هو. هر طرف قتلام ڪيو ويو. شهر ۾ رت جون نديون وهڻ لڳيون. ان ڳالهہ جي ٻن ڏينهن کانپوءِ چنگيز خان انهن ٽيهہ هزار خوارزمي ترڪن کي طلب ڪيو. جيڪي خوارزم شاهہ سان غداري ڪري هن سان اچي مليا هئا. اهي خوشيءَ خوشيءَ خاقان وٽ پهتا جنهن کين نهايت حقارت سان ڏٺو ۽ چيو.

"توهان پنهنجي پهرئين مالڪ سان غداري ڪئي آهي تہ آئون توهان تي ڪيئن ڀروسو ڪري ٿو سگهانءِ ؟ جيڪڏهن توهان مون سان جنگ ۾ لڙندي مري وڃو ها تڏهن بہ توهان جي عزت منهنجي دل ۾ هجي ها. هاڻي مان توهان کي اها عزت ڏئي سگهان ٿو جو توهان کي ان غداريءَ جي عيوض قتل ڪرائي ڇڏيان."

انهن لفظن اهي لفظ چوڻ جي دير هئي ۽ منگولن انهن ٽيهہ هزار ترڪن کي قتل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. ٽيهن منٽن کان بہ گهٽ وقت لڳو هوندو جو اهي ٽيهہ هزار غدار ترڪ زمين تي مئل حالت ۾ پيا هئا. چنگيز خان جي سمرقند جي فتح جي خوشي ان وقت ختم ٿي وئي، جڏهن ڪيس ٻڌايو ويو تہ خوارزم شاهہ هن پيري بہ سندس گرفت مان نڪري ويو هو. خبر پئي تہ هو سمرقند ڇڏي ڏکڻ پاسي هليو ويو آهي. چنگيز خان کي خوارزم شاهہ جي علائقن کي تباهہ برباد ڪندي سال کان مٿي عرصو گذري چڪو هو ۽ لکين بيگناهہ ماڻهو تلوار جو کاڄ بڻجي چڪا هئا. پر اڃا تائين هن جو ان شهنشاهہ سان ٽڪراءُ نہ ٿي سگهيو هو. جنهن جي ڪارڻ هوايڏو وڏو سفر ڪري اتي پهتو هو. هي ڪاوڙ ۾ ڇتو ٿي پيو. هن ڪاوڙ ۾ پنهنجن سردارن کي چيو "سڄي دنيا ۾ ڦهلجي وڃو ۽ خوارزم شاهہ جو پيڇو ڪري ڪيس جيئرو يا مئل منهنجي اڳيان پيش ڪريو. جيڪي شهر يا قلعا پنهنجو پاڻ کي توهانجي سپرد

کن. انهن کي تباهه برباد نه ڪجؤ ۽ جيڪو قلعو يا شهر مقابلو ڪري ان کي تهس نهس ڪري ڇڏجؤ.“

هن پنهنجي ٻن مشهور سپهه سالارن جبي نويان ۽ سويدائي بهادر کي طلب ڪيو ۽ خوارزم شاهه جي تعاقب جو ڪم انهن جي سپرد ڪيو. اهو هڪ عجيب حڪم هو. ڇو ته ٻنهي بهادر سپهه سالارن کي درجن کن سلطنتن منجهان گذري ان هڪ ماڻهوءَ کي گرفتار ڪرڻو هو. جنهن جي باري ۾ ڪجهه به معلوم نه هو ته هو ڪٿي هو. هي ٻئي ڇٽا رڳو ويهه ويهه هزار فوجي وٺي خوارزم شاهه جي ڪڍ لڳا. سندن منزل ڏکڻ طرف هئي ڇو ته ان طرف خوارزم شاهه جو پٽ حڪومت ڪندو هو. ڪين شڪ هو ته خوارزم شاهه اهڙيءَ حالت ۾ ڏانهنس ئي ويو هوندو.

• • • •

خوارزم شاهه جي لاءِ هر قدم تي خطرا هئا. هو پنهنجي حرم ۽ خزاني سميت سمرقند شهر کان نڪتو ۽ ويرانن جي راهه ورتائين. قلعي بند شهرن تي گهڻو ڪري منگولن جو قبضو ٿي چڪو هو. هن جي پنهنجن شهرن جا دروازا مٿس بندٿي چڪا هئا. هو ڪوشش ڪري آبادين کان پري جو رستو وٺندو هو ته جيئن ماڻهن کي سندس خبر نه پئي. ڪيس خبر پئي ته هن جو ولي عهد جلال الدين اتر طرف جنگجو قبيلن منجهان فوج ڀرتي ڪري رهيو هو ته جيئن منگولن کي روڪي سگهجي، پر ان تائين پهچڻ محال هو. ڇو ته وچ ۾ بخارا جو شهر هو ۽ اتي منگولن جو راڄ هو. خوارزم شاهه بلخ هليو ويو، اتي ڪيس خبر پئي ته منگول هن تائين پهچڻ وارا آهن. هو تڙتڪڙ ۾ بلخ به ڇڏي ڀڳو. هن افغانستان وڃڻ جو سوچيو پر سندس ساٿين ان جي مخالفت ڪئي. مصيبتن ڪيس ايترو ته ٿوڙي ڇڏيو هو جو ڪنهن فيصلي جي قوت منجهس نه بچي هئي. هن ارادو تبديل ڪري ڇڏيو ۽ اهڙن ميدانن ڏانهن مڙي ويو، جتي ڪنهن گاهه ۽ پاڻي وغيره جو نالو نشان به نه هو.

منگول سپهه سالار جبي نويان ۽ سويدائي بهادر لاڳيتو سندس ڪڍ لڳل هئا. هر قدم تي سندن ۽ خوارزم شاهه جي وچ ۾ فاصلو گهٽجي رهيو هو. تاريخ اهڙو تعاقب شايد ئي ڪو ڏٺو هوندو. جيڪو لڳو ٿي ته موت جي ڪا شڪل هو. منگول سڄو ڏينهن سفر ڪندا هئا. هر سپاهيءَ وٽ ڪئين گهوڙا هئا، جن کي ڏينهن ۾ ڪيترا ئي ڀيرا بدلائيندا هئا ۽ ائين سڄو ڏينهن تازن توانن گهوڙن تي سفر جاري رهندو هو. هو رڳو شام جو ماني کائڻ لاءِ گهوڙن تان هيٺ لهندا هئا.

اهي خونخوار منگول بلخ به پهچي ويا. خوارزم شاهه تڙتڪڙ ۾ هن پناهه گاهه کي به ڇڏي ڀڳو. منگول ”مرو“ کي پارڪندي هن جي ڪڍ لڳا رهيا. خوارزم شاهه نيشاپور پهتو. اتي ٿڪ ڀڃندي ڪيس ٻه هفتا مس گذريا هوندا جو اتي ڪيس منگولن جي اچڻ جي وحشتناڪ خبر مليس. هو ايترو ته ڊنل هو جو شڪار

ڪرڻ جي بهاني هتان بہ فرار ٿي ويو. هن وٽ ڪي تورائي محافظ دستا وڃي بچيا هئا. هن جي ڪوشش هئي تہ ڪنهن جاءِ تي ٽڪي هو نيون فوجون ڀرتي ڪري پنهنجي علائقي جو دفاع ڪري، پر منگولن کيس اهو موقعو نہ پئي ڏنو.

هو نيشاپور کان اڃان مس ٻاهر نڪتو هوندو تہ منگول اتي پهچي ويا. قلعي جي دروازن کي بند ڪيو ويو. ڪو بيو موقعو هجي ها تہ منگول ان کي گهيري ۾ وٺي ان کي فتح ڪن ها پر هن وقت سندن منزل خوارزم شاهہ هئي، انڪري هو نيشاپور کي نظرانداز ڪري اڳيان وڌي ويا.

هاٽي جي نويان ۽سويدائي بهادر، خوارزم شاهہ کي پڪڙڻ لاءِ الڳ الڳ ٿي ويا. سويدائي بهادر اتر طرف روانو ٿي ويو، جڏهن تہ جيبي نويان ڏکڻ طرف رخ ڪيو. هينئر ٻئي ڄڻا خوارزم شاهہ جي سلطنت کان ٻاهر هئا.

خوارزم شاهہ هن پيري بغدادوڃڻ جو سوچيو. پنهنجي حرم ۽خزاني کي ڪنهن محفوظ جاءِ تي لڪائي هو پنهنجن ڪن ساٿين سان بغداد ڏانهن اسهيو. اڃا هو همدان جي ويجهو ئي نہ پهتو هو جو منگول متانئس اچي ڪڙڪيا. منگولن کي اها خبر ڪانہ هئي تہ ڪو اهو خوارزم شاهہ جو دستو هو. هنن، ڪين ڪنهن معمولي سردار جو دستو سمجهيو ڪٿي خوارزم شاهہ. ڪٿي هي ڪجهہ سؤ سوارن جو جٿو. انهن سپاهين مان ڪي

ماريا ويا ۽ ڪي ڀڄي ويا. ڀڄندڙ خوارزم شاهہ متان بہ تير هلايا ويا پر قسمت سندس ساٿ ڏنو ۽ هي بچي ويو.

ڀڄندي ڀڄندي ڪيس اهو احساس ٿيو تہ سندس سپاهي بہ هن کان بيزار ٿي ويا آهن. اهي آخر ڪسيتائين هن جي لاءِ موت سان مقابلو ڪري ٿي سگهيا! رات جو جڏهن خيما کوڙيا ويا تہ هو بجاءِ پنهنجي خيمي ۾ سمهڻ جي، پاسي ۾ ڪنهن ننڍي خيمي منجهہ ستو. صبح جو اٿي ڏٺائين تہ سندس اصل خيمو تيرن سان پروڻ ٿي ويو هو .

"ڇا اهڙي ڪا جاءِ آهي، جتي مان منگولن جي عذاب کان محفوظ رهي سگهان." هن نهايت مايوسيءَ ۾ چيو.

"هاٽي رڳو هڪ واٽ وڃي بچي آهي." سندس فوجي سردار وراڻيو. "توهان ڪنهن ٻيڙيءَ تي سوار ٿي ڪنهن ننڍي ٻيٽ ۾ وڃي لڪو، جيستائين شهزادو فوج تيار ڪري توهان وٽ نہ پهچي وڃي."

ڪيس خبر هئي تہ اها اميد ساب پوٽي نہ هئي، پر پوءِ بہ جان بچائڻ لاءِ اهو مشورو قبول ڪيائين ۽ هڪ ننڍڙي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪنهن ننڍي ٻيٽ تي پهچي ويو. ان ٻيٽ ۾ ڳوٺ ۾ ڪيس ڪنهن نہ سڃاتو. سيني سمجهيو تہ هي ڪو بيمار پوڙهو هو. سندس تخت ۽ تاج ڦرجي چڪا هئا. جسم تي سادو لباس پيل هوس. نہ ڪو دربار هئس ۽ نہ ڪا فوج. نہ ڪو ساقي ۽ نہ ڪو خادم، پرسندس سالن جي شاهي

عادتن ڪري جلد ئي ماڻهن ڪيس سڃاڻي ورتو پر سندس مسلمان هئڻ ڪري ۽ منگولن جي دشمنيءَ ڪري اهي چپ ٿي ويا ۽ ڪيس نظرانداز ڪري ڇڏيائون.

پر انهن مان هڪ ڄڻي منگولن کان انعام ملڻ جي لالچ ۾ مخبري ڪري وڌي. منگول جبلن کي خير آباد چئي هن بيٽ تي پهتا. هن ڀيري به قسمت خوارزم شاهه جو ساٿ ڏنو. هن کي هڪ مهاڻي ڳوٺ ۾ منگولن جي اچڻ جي خبر ڏئي ڇڏي ۽ هي وري پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڀڄي نڪتو.

منگولن هن جو پيڇو نه ڇڏيو. خوارزم شاهه ڪنهن گمنام بيٽ ۾ پهچي ويو هو، پر ان ساموندي سفر دوران ايترو ته بيمار ٿي پيو جو اٿي به نه ٿي سگهيو. ڪيس ڪن ماڻهن ان بدحاليءَ ۾ ڏسي ڪناري تي ٿنگو ٽالي ڪري لاٿو. مصيبتن هن جي بدن کي چور چور ڪري ڇڏيو هو. جن آرام ۽ آسائشن جو هي عادي هو، سي هڪ هڪ ڪري ڪانئس ڇڏي ويون هيون. ڪيس بيمار پوڻ جي به عادت نه هئي. هاڻي بيمار ٿيو ته هڪ ڏينهن ۾ اڌ مئو ٿي پيو ۽ ٻئي ڏينهن هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. آخري حالت اها هئس جو ڪفن لاءِ به هڪ مهاڻي ڪيس پنهنجو چولو پهرايو ۽ سندس لاش کي اتي واريءَ ۾ ئي پوري ڇڏيو.

چنگيز خان جا سپهه سالار اجان تائين خوارزم شاهه جي ڪڍ هئا. ڪين خبر نه هئي ته سندن شڪار هاڻي هن دنيا مان وڃي چڪو هو. هو سندس تلاش ۾ اجان تائين سرگردان هئا. هلندي هلندي هو اترئين سرحد وٽ پهچي ويا، جتي جون جابلو قومون سندن مقابلي لاءِ لهي آيون. منگول عجيب ڪشمڪش ۾ پئجي ويا. اهي نه ڪو پنتي موٽي پئي سگهيا ۽ نه وري اهي جابلو ماڻهو ڪين جنگ بنا ڪو رستو ڏيڻ لاءِ تيار هئا. اهي جابلو ماڻهو تمام گهڻي تعداد ۾ هئا، پر هيڏانهن به سوبدائي بهادر جهڙو سپهه سالار هو. جتي جنگ ٿي جنهن ۾ جابلو قومن کي ماري ڀڄايو ويو. ٻئي ڄڻا روس جي سرحد وٽ پهچي چڪا هئا، جو ڪين چنگيز خان طرفان واپسيءَ جو حڪم پهتو. ٻنهي سردارن پنهنجا لشڪر واپس وڃڻ لاءِ موڙيا. هو خوارزم شاهه جي پنيان هلندي چنگيز خان کان به هزار ميل اڳتي اچي چڪا هئا ۽ هنن اهو پيڇو به سال سانده ڪيو هو.

چنگيز خان کي به اجا خوارزم شاهه جي گهرج هئي. هو ڪيس ڳوليندي هر وڏي شهر ۾ ويا جتي به ويا اتي جي آباديءَ کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيائون. چنگيز خان جي ٻن پٽن، جوجي ۽ تولي خوارزم شاهه جي گاديءَ واري هنڌ "اورگنج" کي نشانو بڻايو. اهو هڪ مضبوط شهر هو. هن قلعي ۾ خوارزم شاهه جو ولي عهد جلال الدين به موجود هو. هن شهر لاءِ ڇتي جنگ لڳي، جنهن ۾ ٻنهي پاسن کان هزارين ماڻهو مري ويا. آخر قلعي جي ڀتين ۾ ڪاٽ هڻي منگول

شهر جي اندر داخل ٿيا. ڪين شهر تي قبضي ڪرڻ لاءِ پورو هڪ هفتو لڳو. نہ تہ ٻين شهرن کي تہ رڳو هڪ ڏينهن ۾ تباهہ برباد ڪيو ويئي ويو. جلال الدين پنهنجو ويس بدلائي ٻاهر نڪري ويو. شهر جي ماڻهن جو قتلام ڪيو ويو. ٻارن کي غلام بنايوويو ۽ عورتن کي منگولن ورهائي ڪنيو. اهڙي نموني ٻين شهرن کي فتح ڪيو ويو ۽ انهن کي تباهہ برباد ڪيو ويو.

اجان جلال الدين خوارزمي زنده هو. منگول هن جي ڪڍ هئا. خوارزم شاهہ جي پوري دولت قراقرم پهچي چڪي هئي ۽ سندس ملڪ منگولن جي قبضي ۾ هو. جلال الدين اوڀر طرف نيون فوجون ڀرتي ڪري رهيو هو. گڏوگڏ هرات ۾ بغاوت جي بہ خبر ملي. چنگيز خان پنهنجي پٽ توليءَ کي هرات جي بغاوت چيڀاڙڻ لاءِ موڪليو ۽ خود سٺ هزار سپاهي وٺي جلال الدين کي سيڪت ڏيڻ لاءِ روانو ٿيو. رستي تي "باميان" نالي هٿياربند شهر آيو. جنهن کي فتح ڪرڻ بنا اڳيان وڌڻ ناممڪن هو. چنگيز خان خود ان شهر جو محاصرو ڪري ويهي رهيو ۽ پنهنجي خونخوار سپهہ سالارن کي جلال الدين ڏانهن موڪليائين. اجا محاصرو جاري هو جو ڪيس اطلاع مليو تہ جلال الدين سندس لشڪر کي شڪست ڏئي جبلن طرف ڌڪي ڇڏيو هو. هن خبر ڪيس غضبناڪ ڪري ڇڏيو. "پورين اکين وارن منگولن کي شڪست!" هن رڙ ڪري چيو. "باميان مٿان آخري حملو ڪيو وڃي."

ڪاوڙ ۾ ٻاهہ ٿيل منگولن پنهنجي شڪست جو بدلو باميان جي فتح جي صورت ۾ ورتو. هو اڳي رڳو قتل عام جو حڪم ڏيندو هو ۽ سندس فوجي ان جي تعميل ڪندا هئا. پر باميان ۾ هن پاڻ تلوار جهلي ماڻهن کي قتل پئي ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي لشڪر جي شڪست جي ڪاوڙ کي ٺڏو ڪيائين.

باميان کي تباهہ ڪرڻ ڪانپوءِ هو لشڪر وٺي جلال الدين سان وڙهڻ لاءِ نڪري آيو. "جلال الدين کي منهنجو پيغام ڏيو تہ هاڻي ڪيس ڪوبہ چنگيز خان جي تلوار کان نہ بچائي سگهندو."

ان وچ ۾ جلال الدين جا نوان افغان حليف هن جي ترڪ سپاهين سان وڙهي ڪانئن الڳ ٿي موٽي ويا هئا. هاڻي جلال الدين وٽ رڳو ڇهہ هزار کن سپاهي بچيا هئا پرهو نااميد نہ هو. سندس ڪوشش هئي تہ هوجلد کا وڏي فوج ڀرتي ڪري وٺي. پر ان کان اڳ چنگيز خان وٽس پهچي ويو.

ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي جلال الدين پنهنجي فوج وٺي هندستان طرف رخ ڪيو. چنگيز خان وٽ جنگي بصيرت هئي. "هو جيڪڏهن سنڌو دريا پار ڪري ويو تہ ڪيس دهليءَ جي حڪمرانن جي مدد حاصل ٿي ويندي ۽ اسان لاءِ هڪ نئون محاذ کلي ويندو جنهن لاءِ اسان هن وقت تيار نہ آهيون. جلال الدين کي ڪنهن نموني روڪيو وڃي."

"اسان ڪيس ڪيئن ٿا پڪڙي سگهون؟ هو تہ اسان ڪان پنجن ڏينهن جي مفاصلي تي آهي." سندس سردارن ڪانئس پڇيو.

"مون لاءِ ڪو ڪم ناممڪن نہ آهي. پنڌ گهٽ ڪري ڇڏيو. زمين کي سوڙهو ڪري ڇڏيو. گهوڙن تي رات ڏينهن گذارڻ شروع ڪريو. وقت کي بيهاري ڇڏيو. مون کي جلال الدين خوارزمي ڪنهن بہ حالت ۾ کپي."

چؤطرف فضا منگولن جي گهوڙن جي ٽاپن سان گونجڻ لڳي. اهي رات ڏينهن گهوڙن تي چڙهي پنهنجي دشمن جي ڪڍ هئا. ڏينهن ۾ رڳو هڪ پيرو هيٺ لهي ڪين رڌ پچاءُ ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، واقعي جنهن ڳالهہ جو حڪم ڪين چنگيز خان ڏنو هو اهو هنن ڪري ڏيکاريو. پنجن ڏينهن جو پنڌ هڪ ڏينهن ۾ بدلجي ويو ۽ چنگيز خان جلال الدين جي سامهون پهچي ويو.

سامهون درياءُ وهي رهيو هو جنهن جو وهڪرو ايڏو تہ گهرو هو جو ان کي تري پار ڪرڻ ناممڪن هو. اهو درياءُ جلال الدين جي پٺ تي هو، جنهن جي ڪري هو محفوظ هو. هن پيڙين کي ساڙڻ جو حڪم ڏنو تہ جيئن سندس لشڪر جي سپاهين کي پٺڀرڻ جو ڪو آسرو نہ رهي. هن پنهنجي فوج جي صف بندي ڪئي. ٻئي طرف منگولن بہ پنهنجا دستا منظم ڪري سندس سامهون آڻي بيهاريا.

جنگ شروع ٿي. هيءَ منگولن جي تاريخ جي خوني جنگ هئي جنهن ۾ ٻئي پاسا زندگيءَ کان بي نياز ٿي وڙهي رهيا هئا. جلال الدين جي بيجگريءَ جو اهو عالم هو جو هو منگولن جي قلب کي چيريندو، چنگيز خان کي ڳوليندو رهيو، پر اتي چنگيز خان هو ڪٿي. هن جو گهوڙو مارجي چڪو هو ۽ هو ڪنهن ٻئي گهوڙي تي سوار ٿي ڪنهن ٻئي پاسي نڪري ويو هو.

شهزادي جي بيخوفي ۽ بي جگري ڏسي سندس لشڪر بہ جوش ۾ اچي ويو. منگولن جو صفايو ٿيڻ لڳو. ائين پئي لڳو ڄڻ منگولن کي شڪست اچڻ واري هئي. چنگيز خان اهو سڀڪجهہ ڏسي رهيو هو. هن اهو ڏسي ورتو هو تہ جوش جي عالم ۾ جلال الدين جو لشڪر درياءَ کان ڪافي اڳتي وڌي آيو هو ۽ سندس پٺ خالي ٿي وئي هئي. هن پنهنجي هڪ فوجي دستي کي شهزادي جي فوجن جي پٺ واري حصي ڏانهن موڪليو تہ جيئن ڪين ان بيخبريءَ ۾ ماري سگهجي. اهو منگولن جو پراڻو جنگي حربو هو. ان دستي وڃي جلال الدين جي پٺيان حملو ڪيو. ائين شهزادو ٻن طرفن کان گهيري ۾ اچي ويو. چنگيز خان پنهنجا ڏهہ هزار خاص سپاهي وٺي شهزادي جي آڏو پهچي ويو. جلال الدين جي لشڪر جو خاتمو ٿيڻ لڳو ۽ آخر وڃي سندس ست سؤ سپاهي بچيا، جيڪي ديوانن وانگر وڙهي رهيا هئا.

جلال الدين هاڻي بلڪل نااميد ٿي ويو. وٽس ٻي ڪا واهہ نہ بچي هئي. نہ

تمام گهٽي تعداد ۾ هئا. پر هن جا منگول بہ بهادريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. اهي نعرا هڻندا دشمنن جي صفن اندر ڪاهي پيا ۽ قتلام شروع ڪري ڏنائون. دشمن ايڏا گهڻا هئا جو سندن هٿ کين قتل ڪندي ٿڪجي پيا. چنگيز خان کي شايد اها خبر هئي تہ اها سندس آخري جنگ هئي. هنن دشمنن کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ سندس اولاد جي حڪومت هميشہ لاءِ محفوظ ٿي ويندي. چنگيز خان هن جنگ کي پنهنجي آخري جنگ سمجهي وڙهيو. قتل ۽ غارتگيريءَ جو اهو طوفان برپا ڪيائين جو دريائن جي سفيد برف ڳاڙهي ٿي وئي. دشمنن جا قدم اکڙي ويا ۽ انهن ڀاڄ ڪاڌي. "هيا" جي بادشاهہ پنهنجي جان بچائي ۽ ڪانئس صلح جي درخواست ڪئي. چنگيز خان ڪنهن کي بخشڻ جو قائل نہ هو. پر هو هاڻي عمر جي ان حصي ۾ پهچي چڪو هو جتي هو گهڻو ٿڪجي پيو هو. هن کيس معاف ڪري ڇڏيو. هن "هيا" کي شڪست ڏيڻ بعد يورت طرف رخ ڪيو. جتي سويدائي بهادر اتان جي قبيلن سان جنگ ۾ جنيل هو. هو اڃا رستي ۾ هو جو کيس پنهنجي وڏي پٽ "جوجي“ جي موت جي خبر ملي. ان خبر کيس اڌ مئو ڪري ڇڏيو ۽ هو هڪ اڪيلي خيمي ۾ هليو ويو ۽ حڪم ڪيائين تہ ڪوبہ هن وٽ نہ اچي. ان خيمي ۾ هزارين بيگناهن کي قتل ڪرڻ وارو پنهنجي پٽ جي موت تي سڏڪي روئي رهيو هو.

ڪجهہ ڏينهن بعد کيس سندس هڪ پوٽي جي بہ موت جو اطلاع مليو. انهن ڳالهين کيس ويتر چپ ڪري ڇڏيو. هن گهڻو ڪري ماڻهن سان ڳالهائڻ ئي ڇڏي ڏنو. رستي ۾ کيس صنوبر جي وڻن جو جهنگ نظر آيو. هن لشڪر کي اتي ترسڻ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. سڀئي حيران هئا تہ آخر ڳالهہ ڇا آهي نہ تہ عام حالتن ۾ تہ هو دشمنن طرف وڌڻ لاءِ بيچين هوندو هو.

هو پنهنجي آواز ۾ سينگاريل خيمي منجهہ وينل هو ۽ آهستي ڳالهيون ڪري رهيو هو. ماڻهن کي اهي ڳاليهون ٻڌڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڏانهنس جهڪڻو ٿي پيو. هن حڪم ڪيو تہ سندس پٽ توليءَ کي گهرايو وڃي، ڇو تہ اهو ئي ويجهي علائقي ۾ موجود هو. توليءَ جي اچڻ ۾ ڪجهہ ڏينهن لڳي ويا. جڏهن هو پيءُ جي خيمي ۾ داخل ٿيو تہ ڏٺائين چنگيز خان زمين تي ليٽيل هو.

"ڇا ٿيو آهي بابا! توهان جي طبيعت تہ ٺيڪ آهي؟ لشڪر ۾ ايترا ويد ۽حڪيم آهن، توهان ڪنهن کي ڏيکاريو آهي؟“ توليءَ اندر داخل ٿيندي ئي پنهنجي پيءُ کان پڇيو.

"ان جي هاڻ ڪا ضرورت ناهي. مون کي خبر آهي تہ وڃڻ جو وقت اچي ويو آهي.“ چنگيز خان جهيڻي آواز ۾ وراڻيو.

"مان ڪنهن حڪيم يا ويد کي گهرايان ٿو تہ اهو اچي توهان کي ڏسي ۽ دوا تجويز ڪري." تولي ٻاهر وڃڻ لاءِ خيمي جي در طرف وڌيو.

"ترس، ڪنهن حڪيم کي گهرائڻ جي ضرورت ڪانهي. مونکي خبر آهي تہ موت جو علاج ڪنهن وٽ بہ

ڪونهي. گهرائڻو آهي تہ لشڪر جي سپهہ سالارن کي گهراءِ مان اوهان سيني سان ڪجهہ ڳالهيون ڪرڻ ٿو گهران.” چنگيز خان ڪيس چيو.

تولي ٻاهر ويو ۽ سيني جنگي سردارن کي وٺي آيو. توليءَ پيءُ جو ڪنڌ پنهنجي ڪڇ ۾ رکيو ۽ چنگيز خان کين نصيحتون ڪرڻ شروع ڪيون. ”تولي، مون ڪانپوءِ اوپر جون زمينون تنهنجون ۽ اولهہ جي زمين جو مالڪ تنهنجو ڀاءُ چغتائي آهي. اوغدائي توهان ٻنهي جو آقا آهي. هو قراقرم ۾ خاقان بڻجي تخت نشين ٿئي. جيڪڏهن توهان منهنجي ان ورهاڱي کي مڃيو ۽ ڀاڻ ۾ نہ وڙهيؤ تہ پوري دنيا تي حڪومت ڪندؤ.“

ان بعد هن سالارن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ ”سوبدائي بهادر کي مون ”سنگ“ جي سلطنت خلاف وڙهڻ لاءِ موڪليو آهي. توهان مون ڪانپوءِ ان جنگ جي تڪميل ڪندو ۽ فتح ماڻجو. ”هيا“ جو بادشاهہ دوستيءَ جو دعويدارضرورآهي پر دل ۾ دغا اٿس، ان کان هوشيار رهجو. منهنجي موت ڪانپوءِ هو پنهنجي قول تان ڦري ويندو ۽ سرڪشي اختيار ڪندو. مون ان کي هينئر گهرايو آهي. هو پنهنجن ساٿين سميت اچڻ وارو هوندو. جيڪڏهن اچي تہ ڪيس سندس سيني ساٿين سميت ماري ڇڏجو. جيڪڏهن توهان ائين نہ ڪري سگهيو تہ پوءِ اهو ڪم ڪڏهن نہ ٿيندو. جيستائين اهو ڪم نہ ٿئي، تيستائين ٻاهر پاڦ بہ نہ نڪرڻ گهرجي.“

اها سندس آخري نصيحت هئي، جيڪا هن پنهنجن پٽن ۽ سپهہ سالارن کي ڪئي ۽ ٿوري دير بعد پنهنجن پٽن لاءِ دنيا جي سڀ کان وڏي سلطنت ۽ تباهہ ڪن فوج ڇڏي مري ويو. سندس مرڻ جو سن 1227ع هو ۽ ان وقت چنگيز خان جي عمر ستهٺ سال ڪن هئي.

هن جي مرڻ ڪانپوءِسندس خيمي آڏو نيزو کوڙيو ويو. خانہ بدوشن جي قاعدي موجب نيزو کوڙڻ جو مقصد اهو هو تہ خيمي ۾ ڪو بيمار ماڻهو پيل آهي. ان جو مقصد چنگيز خان جي موت کي لڪائڻ هو. هن جي خيمي تي هر ڪنهن جي اچڻ وڃڻ جي پابندي لڳائي وئي. ظاهري رڳو ڪجهہ جنگي سردار خيمي منجهہ اچي وڃي رهيا هئا تہ جيئن ائين لڳي تہ اهي چنگيز خان کان هدايتون وٺي رهيا هجن.

ايتري ۾ ”هيا“ جو شهنشاهہ پنهنجي سپاهين سميت منگولن جي لشڪر ۾ آيو. سندس استقبال ڪرڻ لاءِ چنگيز خان جي لشڪر جا سپهہ سالار هڪ منزل اڳتي هلي آيا ۽ کين نهايت عزت ۽ احترام سان سينگاريل خيمن ۾ ويهاريائون. اهو شهنشاهہ پنهنجي اهڙي عزت افزائيءَ تي خوش ٿي رهيو هو. ڪيس ٻڌايو ويو تہ چنگيز خان سخت بيمار هو. انڪري ان جي حڪم تي اڄ ڪنهن کي بہ سندس خيمي ڏانهن وڃڻ جي منع ٿيل هئي. ٻئي ڏينهن ڪيس چنگيز خان سان ملاقات ڪرائي ويندي.

رات جو منگولن ”هيا“ جي شهنشاهہ جي پرتڪلف دعوت ڪئي ۽ ڪيس اعزازي خلعتون پارايون. ان تقريب ۾ هر اعليٰ منگول سردار شرڪت ڪئي. اجا اهو بدقسمت شهنشاهہ پنهنجي قسمت تي

# سنڌي ڪهاڻيون

اپ تي فائرنگ

ريڪارڊ سيڪشن ۾ هڪ رات

پتني ۽ فرض

هڪڙو ووٽ

چتيون

امر جليل

موهن ڪلپنا

لعل پشپ

خالد حسين

حسن منصور



پڇيائين، ”تون منجهي چو پيو آهين؟“ .هٻڪندي چيم. ”ڊاڪٽر. الله جو گهر پيو نهي.“

هڪدم چيائين. ”مان الله جو بندو ناهيان؟“

مونکي وري منجهائي وڌائين. پيو ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو ته چيم. ”مندر جي ٺهڻ ۾ ڪنهن مسلمان ڪي هٿ ونڊائڻ ڏيندا؟“

ڊاڪٽر وراڻيو. ”ٻيا ڏين يا نه ڏين، پر مان ڏيندس.“

چيم. ”تون فرد آهين. هڪ اڪيلو ڇڙو آهين. جيئن مان آهيان. تون سمجهين ٿو ته ماڻهو تنهنجي ۽ منهنجي ڳالهه کي مڃيندا؟ هو اسان کي ابتو لٽڪائي ڇڏيندا.“

”ان ڳالهه جو مونکي احساس آهي.“ ڊاڪٽر ڀڳوانداس چيو. ”تنهنڪري ته بريف ڪيس توکي ڏنو اٿم. تون پنهنجي طرفان هيءَ رقم مسجد ڪاميٽيءَ کي ڏيئي ڇڏجانءِ.“

ڊاڪٽر بريف ڪيس مونکي ڏنو. گهڙي ڪن لاءِ منهنجا هٿ ڪنبي ويا. ”جيڪڏهن ڳالهه کلي پيئي، مان ته ٻڃي ويندس.“ چيم ”پر ماڻهو تنهنجو حشر نشر ڪري ڇڏيندا.“

”ڳالهه کلي پوڻ جو امڪان ناهي، ۽ جي کلي پيئي ته پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان.“ ڊاڪٽر کلندي چيو. ”باقي تون پيسا کڻي عياشي لاءِ هانگ ڪانگ نه هليو وڃجانءِ.“

ٻئي ڏينهن نوٽن سان ڀريل بريف ڪيس مان مسجد ڪاميٽيءَ کي ڏيڻ ويس. مسجد ڪاميٽيءَ جا ميمبر ايڏي وڏي رقم ڏسي وائڙا ٿي ويا. ذري گهٽ سيئي مونکي سجاڻيندا هئا. سيني کي خبر هئي ته مونکي مستقل آمدنيءَ جو ڪو ذريعو نه هو. هڪڙي ميمبر مون کان پڇيو. ”دل ۾ نه ڪجانءِ. هيءَ دنيا ڏاڍي گندي ٿي ويئي آهي. هيءَ پيسا جوئا يا سٽي جا ته ناهن؟“

مون ٽڏو ساهه کڻي آسمان ڏانهن ڏٺو. زهر جو ڍڪ ڀري ڇڏيم ڪجهه نه چيم.

”هيءَ الله جي گهر جو معاملو آهي.“ ميمبر چيو. ”۽ الله جو گهر حق حلال جي رقم مان ٺهندو آهي.“

وري آسمان ڏانهن ڏٺم. چيم. ”هيءَ حق حلال جي رقم آهي.“

”تون ته ڪنڊرن مان پٿرن ٺڪرن جا ٽڪر ميڙيندو آهين. ۽ قاتل پراڻا پنا ڳوليندو آهين.“ مسجد ڪاميٽيءَ جي ٻئي ميمبر پڇيو. ”تو وٽ ايڏي رقم ڪٿان آئي؟“

مان اهڙي آڏي پڇا لاءِ تيار نه هوس. منجهي پيس. دل ۾ خيال آيو ته نوٽن سان ڀريل بريف ڪيس کڻي وڃي ڊاڪٽر ڀڳوانداس کي موٽائي ڏيان. پر. پيو خيال آيو ته جيڪڏهن ائين ڪيم ته ڊاڪٽر پنهنجي ڪمپائونڊر صالح معرفت مسجد ڪاميٽيءَ کي رقم موڪليندو. ۽ پوءِ سندس راز کلي پوڻ

جو پڪو امڪان پيدا ٿي پوندو. اهڙي راز ڪلي پوڻ ڪان پوءِ ڊاڪٽر جو جيئرو رهڻ ممڪن نہ هو.

مونکي منجهيل ڏسي هڪ ميمبر چيو. ”رقم جيڪڏهن چور بازاريءَ ۽ هيرا ڦيريءَ جي آهي تہ پوءِ مهرباني ڪري کڻي وڃ. اسين مسجد لاءِ فقط حق حلال جي ڪمائي مان چندو قبول ڪندا آهيون.“

آخر ڪيستائين منهنجي زندگي جهيڙا ڪندي گذرندي! مون اول آسمان ڏانهن ڏٺو. پوءِ مسجد ڪاميٽيءَ ڏانهن ڏسندي چيم ”اوهان ڏوبي گهاٽ پرسان فرشتہ مسجد ڏٺي آهي؟“

بہ چئن ميمبرن هڪدم وراڻيو. ”نہ رڳو ڏٺي آهي، اسان اتي نماز بہ پڙهي آهي. ڏاڍي شاندار مسجد آهي.“

چيم. ”اها مسجد سيٺ صديق صندوق والا ٺاهرائي آهي.“

هڪ ميمبر چيو ”اسان کي خبر آهي. ڏاڍو نيڪ ماڻهو آهي.“

”وڏو جوئاري آهي. ڊربيءَ ۾ گهوڙا ڊوڙائيندو آهي.“ ڪروڙ کي قابو ڪندي چيم. ”بيشمار ڪارخانا اٿس. پر ٽيڪسن ۾ گهڻو بيون هٽندو آهي. ڪنٽينرن ۾ واپاري سامان سان گڏ هيروئن ٻاهر موڪلي ڇڏيندو آهي. دولت ايڏي اٿس جو ميامي، نيويارڪ، لنڊن ۽ دبئي ۾ املاڪ جا انبار گڏ ڪري ڇڏيا اٿائين.“

ميمبرن جي نرڙ تي گهنج پئجي ويو. نوٽن سان پريل بريف ڪيس تي هٿ رکندي چيم. پر هن رقم جي پائي پائي حق حلال جي آهي. پگهر جي پورهيي جي آهي.“

هڪ ميمبر پڇيو. ”ڪهڙو ڪم شروع ڪيو اٿئي؟“

”هيءُ منهنجا پيسا ناهن.“ چيم ”هڪ نيڪ بندي جا آهن.“

”تہ پوءِ پاڻ ڏيڻ ڇو نہ آيو آهي؟“

پڇيائون. ”تنهنجي معرفت رقم ڇو موڪلي اٿائين؟“

”هو مخفي رهڻ چاهي ٿو.“

مون چيو. ”هن ڪان وڌيڪ نيڪ، سڀاجهو ۽ رحمدل انسان اوهان ورلي ڏٺو هوندو.“

پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪرڻ ڪان پوءِ خزانچيءَ پڇيو. ”رسيد ڪنهنجي نالي ڪٽبي؟“

چيم. ”مخفيءَ جي نالي.“

چيائين. ”پر معرفت تنهنجي هوندي.“

وراڻيم. ”پل هجي.“

سلسلو هلي پيو. هر مهيني ڊاڪٽر ڀڳوانداس نوٽن سان پريل بريف ڪيس مونکي ڏيندو هو. ۽ مان بريف ڪيس مسجد ڪاميٽيءَ کي پهچائي ايندو هوس. رسيد آڻي ڊاڪٽر ڀڳوانداس کي ڏيندو هوس. ڊاڪٽر بنا ڏسڻ جي رسيد ڦاڙي ڦٽي ڪري ڇڏيندو

هو. ائين ڪندي نيٽ مسجد مڪمل ٿي ويئي. مسجد جي افتتاح لاءِ هڪ سياسي پارٽيءَ جي ايم اين اي کي گهرايو ويو. مولوين کي آندو ويو. حمد ۽ نعت پڙهيا ويا. شڪراني جا نفل ادا ڪيا ويا. مان مخفيءَ طرفان يعني ڊاڪٽر ڀڳوانداس طرفان ڪاميٽيءَ کي منائي سان پريل پارهن ٽوڪرا پهچائي آيس. خير خوبيءَ سان مسجد جو افتتاح ٿي ويو. مسجد مان صبح کان رات تائين بانگ اچڻ لڳي. نمازين جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو. جن جا نرڙ صاف هئا، انهن پنهنجي پيشاني تي سجدن سان محراب ٺاهي ورتا.

۽ پوءِ انهن ئي ڏينهن ۾ مسجد ڪاميٽيءَ جو چيئرمين بيمار ٿي پيو. بد هاضمو ٿي پيو هوس. پيٽ پترو ٿي پيو هوس. چار اوڳرايون پي آيس. ڊاڪٽر ڀڳوانداس کي گهر گهرائي ڏيکاريائونس. ڊاڪٽر دوا ڏنس. ٻه چار دفعا وزٽ تي گهر ويس. چيئرمين ٺيڪ ٿي ويو.

ٺيڪ ٿيڻ کان پوءِ چيئرمين جيئن ئي گهرمان نڪرڻ جهڙو ٿيو، تيئن سڌو مون وٽ هليو آيو. ڏاڍو ڪاوڙيل هو. چيائين، "تو چندي جي رقم بابت ڪوڙ ڳالهائي گناهه ڪبيرا ڪيو آهي."

مان وائڙو ٿي ويس. مونکي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هن کي ڪيئن خبر پيئي ته مون ساڻس ڪوڙ ڳالهايو هو!

چيئرمين چيو، "ڊاڪٽر ڀڳوانداس ٿي چار دفعا مونکي گهر ڏسڻ آيو هو."

مونکي لڳو ڄڻ ڌرتي منهنجي پيرن هيٺان ڪسڪي ويئي.

چيئرمين چيو، "آخري ڀيري هو ڇڪاس جا اوزار ان بريف ڪيس ۾ کڻي آيو هو جنهن بريف ڪيس ۾ تون چندي جي رقم کڻي ايندو هئين."

"توکي اجايو شڪ پيو آهي."

پڪڙجي ته پيو هوس، پر تڏهن به ڳالهه ٽاهڻ خاطر چيم، "اهڙا سوين بريف ڪيس بازار ۾ ملن پيا."

"سوين بريف ڪيس جا هينڊل ڇڳل ۽ سوتلين سان ٻڌل نه هوندا آهن." چيئرمين چيو، "تو اسان سان ڪوڙ ڳالهائي دنيا جي نظرن ۾ ڏوهه ۽ دين جي دنيا ۾ گناهه ڪيو آهي."

"مون ڪو ڪوڙ نه ڳالهايو آهي." چيم، "توهان پڇيو هو ته رقم چوري، جوئا ۽ حرام جي ته ناهي. مون وراڻيو هو ته رقم حق حلال ۽ محنت ۽ ايمانداريءَ جي آهي. مان هينئر به چوان ٿو ته سموري رقم حق حلال ۽ ايمانداريءَ جي هئي."

چيئرمين چيو، "پر هئي ته هڪ هندوءَ جي نه."

"اول ته اوهان مون کان اهو نه پڇيو هو ته رقم ڪنهن پارسي، ڪرسچين، يهودي يا ٻڌمت جي پيروڪار جي ته ناهي." وراڻيم، "پيو ته

نيڪ، رحمدل ۽ سخي هو تنهن ڪري ضرور جنت ۾ ويو هوندو. ڪجهه ماڻهن جو خيال هو تہ ڊاڪٽر جيئن تہ هندو هو تنهنڪري نيڪ هئڻ جي باوجود ضرور دوزخ ۾ ويو هوندو. پر پوءِ ماڻهن کي جڏهن خبر پئي تہ جيئن ڌرتيءَ تي انسان الڳ الڳ عبادتگاهون ٺاهي ڇڏيون آهن. تيئن آسمان تي بہ سندن سزائن ۽ جزائن لاءِ الڳ الڳ بندوبست ٿيل آهي. نيڪ مسلمان جنت ۾، بدڪار مسلمان دوزخ ۾ ويندا آهن. نيڪ هندو سورڳ، ۽ بدڪار هندو نرڳ ۾ ويندا آهن. نيڪ ڪرستان هيون ۾، ۽ بدڪار ڪرستان هيل ۾ ويندا آهن. جيئن ڌرتيءَ تي ماڻهو هڪبئي جي عبادتگاهہ ۾ وڃي نہ سگهندا آهن، تيئن آسمان تي بہ ماڻهو هڪبئي جي جنت دوزخ ۾ داخل ٿي نہ سگهندا آهن. سيني وٽ پنهنجا پنهنجا پاسپورٽ آهن. ڊاڪٽر ڀڳوانداس جي مرتئي تي هلندڙ ڳالهيون، بحث ۽ مباحثا بند ٿي ويا.

ڊاڪٽر ڪندن پنهنجي پيءُ ڊاڪٽر ڀڳوانداس جي ڪلينڪ کولي ويهي رهيو. شڪل شبيهہ ۽ قد بت ۾ ڊاڪٽر ڀڳوانداس جهڙو نڪري پيو. عادتون ۽ سڀاءِ بہ پيءُ جهڙو. جڏهن ڏسوس منهن تي مرڪ. سرندي وارن کان في وٺي پر غريب غربي کان ٽڪو بہ نہ وٺي. دوائون بہ پنهنجي هڙون وڙون ڏيئن. هٿ جو سخي، چڱو، سنين کي ڏئي، تہ شيعن کي بہ ڏئي. اسڪولن ۾ مسڪين ٻارن جي في ڀري. ڪين ڪتاب، يونيفارم، لٽا ڪپڙا ۽ بوٽ وٺي ڏئي. انهن ٻارن ۾ هندن جا ٻار هوندا هئا، تہ مسلمانن جا ٻار بہ هوندا هئا.

ڪندن مونکي سڏيندو هو دادا گياني. ڪندن ۽ مرليءَ مونکي ان نالي سان ايترو سڏيو، جو ماڻهن ڪان منهنجو اصلي نالو وسري ويو. ڪنهن ڪنهن وقت مان پاڻ منجهي پوندو هوس تہ منهنجو اصلي نالو ڇاهي! اهو ئي سبب آهي جو مون وٽ نہ آهي پاسپورٽ، ۽ نہ ئي آهي قومي شناختي ڪارڊ. پاسپورٽ ۽ شناختي ڪارڊ ۾ لکرائڻ لاءِ مون وٽ ڪو بہ نالو ڪونهي. ۽ نالي ڪان سواءِ پاسپورٽ ۽ سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهي نہ ڏيندا آهن.

هيءَ جنهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي ان ڏينهن مون تاريخ مان ڦاڙي ڦٽا ڪيل صفحن کي ويٺي ترتيب ڏني. وڏي جاکوڙ کان پوءِ سرد خانن ۽ تهخانن مان تاريخ جا ڦاٽل پنا ڳولي ڪٺي آيو هوس. ڏاڍي اونده هئي سرد خانن ۽ تهخانن ۾. بوءِ هئي. ڇمڙا هئا، وڇون هئا. نانگ هئا. ڪجهہ ڦاٽل صفحا هٿ آيا. ڪجهہ صفحا هٿ نہ آيا. هٿ آيل ڦاٽل صفحن کي ويٺي ترتيب ڏنم جو ڪندن جو ننڍو ڀاءُ مرلي منوهر ڊوڙندي آيو. سهڪندي چيائين، ڊادا، ڪندن ڏبڻ ۾ ڦاسي پيو آهي.“

مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو. مون ورلي ڪنهن شخص کي ڏبڻ مان بچي نڪرندي ڏٺو آهي، خاص ڪري اهڙي ڏبڻ مان جيڪا نظر نہ ايندي هجي. نصيب وارا نظر ايندڙ ڏبڻ مان

# رڪارڊ سيڪشن ۾ هڪ رات

## موهن ڪلپنا

موهن ڪلپنا سنڌ جي عظيم ڪهاڻيڪارن ۽ ناول نگارن ۾ شمار ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ سنڌ جو هي عظيم فرزند اسان وٽ جسماني طور موجود نه آهي پر هن جا ويچار ڪهاڻين ۽ ناولن جي صورت ۾ هميشه اسان سان گڏ رهندا. هڪ دلچسپ ڪهاڻي جنهن جو پڙهڪائيندڙ انت، توهان کي ضرور پسند ايندو.



مون اجا وسڪيءَ جو پهريون پيگ پورو ڪيو ته ڊئم اسسٽنٽ ائڊمنسٽريٽر تحصيلدار ڪامبلي پيو اچي. مون کي خوشي ٿي ته هفتن بعد هفتو ملندو.

ڪامبلي اڪثر چوي ته اسان هندن ۾ ٻيا ته سڀ ديوتائون آهن. پر رشوت جو ڪو ديوتا ڪونهي، جو تون ٿي سگهين ٿو.

# پتني ۽ فرض

## لعل پشپ

لعل پشپ جو شمار سنڌ جي بهترين ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. سندس هيءَ ڪهاڻي سنڌيءَ جي بهترين ڪهاڻين ۾ شمار ٿئي ٿي جنهن ۾ ڏيکاريل آهي تہ انسان دولت کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترو نہ هيٺ ڪري سگهي ٿو.



هوم. رومانس نوجوانن جو ورثو آهي ۽ هن
ڪلب جا ميمبر سڀ رومانٽڪ آهن. هو ٻئي
تمام خوش نظر اچي رهيا هئا. ڪپڙا هنن جا
بيحد قيمتي هئا ۽ شاهوڪاريءَ جا سڀ
نشان هنن جي رنگ ڍنگ مان صاف ظاهر
هئا. ٻيو ڪجهه اهڙيءَ طرح آهستي آهستي
هن کي ٻڌائي رهيو هو ۽ هوءَ ڪجهه اهڙيءَ
طرح آهستي آهستي مشڪي رهي هئي جيئن
ڪوئي نوجوان پهريون پريچيو ۾ ڪنهن
استريءَ سان ڳالهائيندو آهي ۽ استريءَ جي
ڳلن ۾ گل ٽڙندا آهن. ٻڍي جي عمر
پنجونجاهه کان وڌيڪ پئي لڳي ۽ هن جون
ادائون ٽيهن سالن جي عمر کان گهٽ پئي
لڳيون.

منهنجي متر چيو. ”هنن ٻنهي
جي عمر ۾ ويهن سالن جو فرق آهي.“

مون چيو. ”ضرور هوندو.“

”پتي- پتني آهن.“

”ضرور هوندا.“

”ٻڍي جي هيءَ ٻين زال آهي.“

”هوندي. مون کي سڌ نه آهي.“

”هنن کي تون نه سڃاڻين؟“

”نه.“

”هن ڪلب ۾ ڪڏهن نه آيا آهن.“

”هوندو. مون به هنن کي ڪڏهن
نه ڏٺو آهي.“

”مان هنن کي چڱيءَ طرح
سڃاڻان.“

”تون سيني کي چڱيءَ طرح
سڃاڻين!“

”پر هنن کي خاص طرح
سڃاڻان.“

”ڪيئن؟“

”هنن جي پٺيان هڪ دلچسپ
ڪهاڻي آهي.“

”هڪ دلچسپ ڪهاڻي هرهڪ
جي پٺيان هوندي آهي.“

”پر هنن جي هڪ خاص دلچسپ
ڪهاڻي آهي.“

”جواني پوري ڪرڻ بعد هرهڪ
جي خاص دلچسپ ڪهاڻي هوندي آهي.“

”تون ٻڌڻ چاهيندين؟“

”مان؟“

”ها، چو؟“

”هن وقت؟“

”ها، چو؟“

”ڪنهن ٻئي دفعي.“

”تون اڄ ٻڌ. مزو نه اچي ته بند
ڪندس.“

مجي ويس ته هي ماٺهو نه
ڇڏيندو. ڪهاڻي ٻڌائي رهندو. چپ رهيس
۽ تيار ٿيس. هن ٻڌايو:-

”هي ٻڍو هندستان جي
شاهوڪارن مان هڪ آهي. هن کي

بمبئيءَ، ڪلڪتي، دهليءَ ۽ مدراس ۾ شاهي بنگلا آهن. هي ٻئي هڪ هنڌ نه رهندا آهن. هندستان جو گشت ڪندا رهندا آهن. سيني پهاڙي شهرن جي هوٽلن جا مئنيجر ۽ مالڪ هنن ٻنهي کي چڱيءَ طرح سڃاڻن. هن ٻڍي جو نالو مسٽر گجرال آهي ۽ هن جي زال جو نالو شريمتي نندنا آهي. هنن جو هن شهر ۾ بنگلو مرين لائينس تي آهي ۽ ان بنگلي جي اندر فون جو نمبر 609520 آهي.“

مون وچ ۾ چيو، ”ايترن تفصيلن سان تنگ نه ڪر. خاص ڳالهه تي اچ.“

منهنجي متر چيو:-

”هن مسٽر گجرال وٽ پهرين تي لک رپيا روڪڙا هئا، جي هن ڪنهن بزنس ۾ لڳائي ٽيهه لک رپيا ناهيا. پر دلچسپ ڳالهه اها آهي ته هن اهي ٽي لک ڪٿان آندا؟ هو هڪ زبردست آمريڪن ڪمپنيءَ جو مئنيجر هو ۽ پئسن جي ڏيتي ليتي هن جي معرفت ٿيندي هئي. هو پنجيتاليهن سالن جي عمر ۾ رٽائرڊ ٿيڻ وارو هو. جو ڇهه مهينا پهرين اوچتو ڪمپنيءَ کي سڌ پيئي ته هن ٽن لکن جي گهوٻي هنئي آهي. هن جي ڪمپنيءَ کي سڌ پئجي چڪي هئي. اها سڌ پوندي گجرال پنهنجي خانگي ڊاڪٽر جو سرٽيفڪيٽ پيش ڪري ڇهه مهينا اڳ ئي رٽائرڊ ٿيڻ لاءِ درخواست ڪئي. هو ڪمپنيءَ جي جواب لاءِ نه ترسيو ۽ گهر ۾ ويهي رهيو. ڪمپنيءَ هن تي ڪيس ڪيو، پر هن قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ڪيس اڃا هلي رهيو هو. تڏهن به سيني کي وشواس هو ته هن کي سزا ملندي، ڇوته مکيه سوال اهو هو ته جيڪڏهن هن پئسا نه کنيا آهن ته پئسا هن وٽ آيا ڪٿان؟ اوچتو جڏهن ڪيس جي آخرين فيصلي جو وقت آيو، تڏهن هن جي پتني، جا هينئر هن جون ڳالهيون ٻڌي مشڪي رهي آهي، ڪورٽ اندر داخل ٿي ۽ هن جج کي چيو ته هوءَ ان ڪيس جي باري ۾ ڳالهائڻ ٿي چاهي. هن کي ڳالهائڻ جي منظوري ملي. هن چيو:-

”اهي پئسا منهنجي پتيءَ جا نه آهن. منهنجا شخصي آهن.“

جج سوال ڪيو، ”اهي شخصي تو ڪٿان آندا؟“

هوءَ ٿورو هٻڪي، ٿورو هٽڪي ۽ پوءِ چيائين: ”منهنجي پتيءَ کي جڏهين ڪمپنيءَ جي ڪم سبب ٻين شهرن ۾ وڃڻو پوندو هو، تڏهين هن جي غير موجودگيءَ ۾ منهنجا پريمي اچي مون سان گڏ رهندا هئا ۽ وڃڻ وقت پئسا ڏيئي ويندا هئا!“

# هڪ ووٽ

## خالد حسين

ڇا هڪ ماڻهو گندي سماج ۾ جنگ ڪري سگهي ٿو؟ هي ڪهاڻي ان سوال جو جواب مهيا ڪري ٿي. هڪ پوڙهي ريٽائرڊ هيڊ ماسٽر جي غنڊن جي سردار سان جنگ. ان جو نتيجو ڇا نڪتو، اهو اوهان خود ڪهاڻي منجهه پڙهو.



هي سچو واقعو اسان جي شهر جو آهي. هتي ڪجهه سال اڳ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي وچ ۾ ڇتي جنگ لڳي هئي جيڪا اڄ به هر ٻار ٻچي، ننڍي وڏي، مرد ۽ عورت کي ياد آهي. هي واقعو هن شهر جي هڪ لوڪ ڪهاڻيءَ وانگر ليکيو وڃي

ٿو. ڇا توهان هن سچي واقعي کي ٻڌڻ گهرو ٿا؟ اچو تہ مان اوهان کي پنهنجي شهر جي اها سچي لوڪ ڪهاڻي ٻڌايان.

منهنجي شهر جو نالو اميد پور آهي. هن شهر مٿان اهو نالو ڪيئن پيو تنهن جي مون کي ڪا خبر ناهي ۽ نہ ڪو وري سمجهان ٿو تہ هن وقت شهر ۾ رهندڙ ڪنهن ماڻهوءَ کي اها ڄاڻ هوندي تہ هن شهر مٿان اهو نالو ڪيئن پيو.

ڪجهہ وقت اڳ اميد پور هڪ ننڍو پر مثالي ڳوٺ ليکيو ويندو هو. اسان جي ڳوٺ جو نالو وٽي پيو ڳوٺن کي اتساهہ ڏنو ويندو هو تہ اهي بہ اسان وانگر پنهنجي ڳوٺ کي بڻائين ۽ سنوارين. اسان جي شهر ۾ مردن ۽ عورتن لاءِ الڳ الڳ لائبريريون هيون. اسان جي ميونسپل ڪميٽي شهر جو انتظام بخوبي سنڀاليو بيٺي هئي. مجال آهي جو گندگيءَ جو ڪو ذرو ڪٿي روڊن ۽ رستن تي پيل نظر اچي. شهر جون سڀ ناليون ڍڪيل هيون. روڊن تي رات جو سرڪاري بتيون ٻرنديون هيون. شهر جي مارڪيٽ ۾ هر ڪا شي صاف ، تازي ۽ ڍڪيل پيل هوندي هئي. شهر جي اندر هر هنڌ پاڇيين ۽ ميوي جي گاڏن لاءِ جايون مخصوص هُ ون ۽ اتي بہ شيون صاف، تازيون ۽ ڍڪيل ملنديون هيون. اسان جي ڳوٺ وڏيڪ ترقي ان وقت ڪئي جڏهن اسان جي پرسان تيل نڪتو. بس پوءِ تہ صرف ڪجهہ سالن جي ڳالهہ ٿي جو اسان جو ڳوٺ بدلجي هڪ چڱو خاصو وڏو شهر بنجي ويو.

شهر ۾ هڪ هاءِ اسڪول هو جتي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ پڙهندا هئا ڇو تہ اسان جي شهر ۾ ڇوڪرين لاءِ ڪو الڳ اسڪول نہ هو. پهرين پهرين تہ ماڻهن پنهنجين نياڻين کي گڏ تعليم واري اسڪول ڪونہ ٿي موڪليو پر جس هجي هيڊ ماستر سائين الياس ابڙيجي کي جيڪو هر گهر ۾ خود ڪهي ويو ۽ ماڻهن کي قائل ڪيائين تہ هو پنهنجين نياڻين کي اسڪول پڙهڻ لاءِ موڪلين. انهن نياڻين جي ذميداري خود هيڊ ماستر الياس ابڙيجي کنئي. هن اهو ثابت بہ ڪري ڏيکاريو. ڇوڪرين سان مستي يا شرارت ڪرڻ تہ ڇڏيو پر اسڪول اندر ڪنهن ڇوڪري جي ايتري مجال بہ نہ هئي تہ هو ڪو ڪنهن ڇوڪريءَ کي ٽيڏي اک سان بہ ڏسي سگهي.

اسان جي هن شهر جي سڌاري جو بہ سچو جس هيڊ ماستر کي ٿو وڃي جنهن اميد پور شهر جي سيني ماڻهن کي اهو سيکاريو تہ ڳوٺ ۽ شهر بہ گهرن وانگر هوندا آهن جنهن جو بہ اهڙو خيال رکڻ گهرجي جيئن پنهنجي گهرن جو رکيو ويندو آهي. هيڊ ماستر الياس ابڙيجي پنجٽيهہ ورهين هن اسڪول کي ڏنا هئ. هي اتي ئي ماستر ٿي پرتي ٿيو هو ۽ وقت سان گڏ ترقي ماڻي هيڊ ماستر بڻيو هو ۽ آخر رٽائرمينٽ بہ انهيءَ ڪرسيءَ تان مليس. هن شهر جي هر گهر ۾ سندس ئي شاگرد هئا جيڪي هن جي پيءَ وانگر ئي عزت ڪندا هئا. ميونسپل ڪاميٽيءَ ۾

سواءِ ڪن پڪي عمر وارن کي ڇڏي اتي بہ هر ڪو هن جو ئي شاگرد هو.

اميد پور شهر منجهہ مانداڻ ان وقت شروع ٿيو جڏهن اسان جي شهر پرسان تيل نڪتو جنهن ڪري ٻاهر کان ڪيترا ماڻهو اچي اسان جي شهر ۾ وسيا. انهن ۾ دلاور خان بہ هڪ هو. هي وڏو رهزن، قاتل ۽ بدمعاش قسم جو ماڻهو هو. هيروئن جو ڪاروبار ڪندو هو. هي پاڻ سان گڏ پنهنجن ڇاڙتن جي فوج بہ وٺي آيو هو. جلدئي هن شهر مٿان زورزبردستي ۽ طاقت جو استعمال ڪري قبضو ڪري ورتو. شهر جي ماڻهن پهرين تہ ڪجهہ مزاحمت ڪئي پر پاڻ ڏاڍي جي اڳيان ڪير ٿو بيهي. ٻن ٽن مزاحمت ڪندڙن شهرين جا لاش ويران جاين تان مليا تہ سيني جي همت لهي وئي. ان کان پوءِ ڪنهن جي همت ڪانہ ٿي جو دلاور خان جي آڏو بيهي سگهي.

دلاور خان جا جهڙا ڪرتوت هئا تهڙو وري ڏسڻ جو بہ خوفناڪ هو. ساڍا ڇهہ فٽ ڪن قد، ٿلهو جسم چڻ گوشت جو جبل، ننڍيون ننڍيون نانگ وارن چمڪندڙ اکيون، وڏو منهن، تلوار ڪٽ مڇون، ننڍيرڙي ڏاڙهي، مترڪي جهڙا ڳرا هٿ. ڪيس ڏسندي ماڻهن کي ڪنبڻي وٺي ويندي هئي.

هن چوطرف جوا خانہ ۽ شراب خانہ کولائي ڇڏيا جتي هر وقت پيهہ لڳل هوندي هئي. هوٽلن ۽ سينيمائن تي اگهاڙيون فلمون هلڻ لڳيون. ڇڪلا کلي ويا هئا جتي شهر جا نوجوان وڃي تباهہ پئي ٿيا. دلاور خان جو اسان جي شهر ۾ عمل دخل وڌندو پئي ويو. جوا خانن، شراب خانن ۽ هيروئن جو اڻ ڳڻيو پئسو جڏهن اميد پور شهر آيو تہ ٻن ٽن سالن کان پوءِ هر وکڻندڙ جاءِ جو دل گهريو اگهہ ڏيڻ وارا صرف دلاور خان ۽ سندس ڇاڙتا وڃي بچيا هئا. شهر جي هر اهم جاءِ تي سندن قبضو ٿيندو هو. ڪن جڳهين کي سڌو سئنون تہ ڪن کي وري زورزبردستي خريد ڪيو ويو. جڏهن اهو غيرقانوني پئسو پوليس جي پيٽ پيو تہ اهي بہ دلاور خان جا سڳا ٿي بينا. ڪورٽن بہ پنهنجا اگهہ مقرر ڪري ڇڏيا. مجال آهي جو دلاور خان جو ڪو ڇاڙتو سزا ڪائي سگهي. آخر اهڙو ڏينهن بہ آيو جو، سواءِ هيڊماسٽر الياس ابڙيجي جي، باقي سڄي اميد پور شهر جا واسي، نہ چاهيندي بہ دلاور خان جي قدمن ۾ ڪري پيا. ڪنهن کي ڪٿي ٿي ڪنيو تہ هو دلاور خان جي آڏو سر ڪٽي سگهي. شهر ۾ هر ڪاروباري ماڻهوءَ ڪائنس پوءَ پئي ڪاڏوءِ پتو پئي پهچايو. جنهن پتو نہ ٿي پهچايو تنهنجي ڪاروبار کي نقصان ٿي پهتو. ايئن شهر جو هر ننڍو وڏو ماڻهو سندس سلامي بنجي ويو. هن جي هٿ جي اشاري تي هن علائقي مان اسيمبلين جا ميمبر چونڊبا ۽ هاربا هئا.

هن شهر ۾ صرف هڪ ماڻهو دلاور خان جو مخالف هو ۽ اهو هو هيڊماسٽر الياس ابڙيجو جيڪو هاڻ ريٽائر ٿي گهر ويٺو هو. اميد پور شهر جا ماڻهو

هن جي دل سان عزت ڪندا هئا. ظاهري عزت تہ دلاور خان کي بہ ملندي هئي پر ٻنهي کي ملندڙ عزتن ۾ فرق صرف اهو هو تہ ماڻهو دلاور خان جي ڊپ وچان سلامي ڀريندا هئا جڏهن تہ هيڊماسٽر الياس ابڙيجي جو احترام سچيءَ دل سان ڪيو ويندو هو.

دلاور خان جي جيءَ ۾ ڪافي دفعا آيو هو تہ هو هيڊماسٽر کي لڪ ڇپ ۾ مارائي ڇڏي پر هر دفعي سندس ساٿين کيس ان ڳالھ کان لاٿو هو. انهن چاتو ٿئي تہ هيڊماسٽر جو موت بم جي سيفٽي پن ڪڍڻ جي برابر هوندو جنهن جي نتيجن کان هو بچي نہ سگهندا ڇوتہ هيڊماسٽر الياس ابڙيجي جا پڙهايل شاگرد هن وقت ملڪ جي وڏن وڏن عهدن تي وينل هئا جن مقامي پوليس کي هر وقت خبردار پئي ڪيو تہ هيڊ ماسٽر جي جان کي ڪوبہ جوکو نہ رسي. جيڪڏهن هيڊماسٽر کي ڪجھ ٿي ويو تہ نہ رڳو سندن نوڪري تيل ڪئي ويندي پر کين جيل جي چڪي پڻ پيهڻي پوندي. ان ڳالھ ڪري پوليس وارن بہ دلاور خان کي سڌو سئنون چئي ڏنو هو تہ هيڊماسٽر کي ڪو نقصان نہ رسي باقي کيس اميد پور شهر ۾ ٻئي هر ڪم ڪرڻ جي ڪلي ڇوٽ هئي. دلاور خان قانون ٽوڙ ماڻهو هو. کيس خبر هئي تہ جيتوڻيڪ پوليس هن وقت سندس گهر جو پاڻي ڀريو پر ويل اچڻ تي ڪاريهر نانگ وانگر وار بہ ڪري سگهي ٿي جنهن جي ڏنگ کان بچڻ ناممڪن هو. ان سبب ڪري هو باوجود هيڊماسٽر الياس ابڙيجي کان سخت.نفرت ڪرڻ جي کيس ڪجھ بہ ڪري نہ پئي سگهيو.

دلاور خان کي ضد ٿي پيو هو تہ هو ڪنهن نموني هيڊ ماسٽر کي جهڪائي. هن هر ڪوشش ڪري ڏٺي هئي پر مجال آهي جو ڪو جبل پنهنجي جاءِ تان جنبش ڪري. هن دنيا جي هر لالچ ڏئي هيڊ ماسٽر الياس ابڙيجي کي هرڪائڻ لاءِ حيلا هلايا پر هوڏانهن بہ پٿر بيٺو هو. آخر هڪ ڏينهن پاڻ سيڙجي، غنڊن جي لوڌ سميت هيڊ ماسٽر جي گهر پهچي ويو. هيڊ ماسٽر کيس پنهنجي گهر جي آڏو ڏسي هڪو ٻڪو ٿي ويو.

”ڇو آيو آهين منهنجي گهر؟ ڪهڙو ڪم اٿئي؟ “ هيڊ ماسٽر ڇرڪ هڪل ڪري پڇيس.

”توسان ڪجھ ڳالهائڻو آهي ان ڪري تو وٽ آيو آهيان.“ دلاور خان چيو.

”مون کي توسان ڪجھ بہ ناهي ڳالهائڻو. منهنجو توسان ڪهڙو ڪم.“ هيڊ ماسٽر رڪائيءَ مان وراڻيو.

”مان توکان صرف اهو پڇڻ آيو آهيان تہ تون آخر منهنجو مخالف ڇو ٿيو آهين؟ ڇا مون تو کي ڪڏهن ڪو نقصان پهچايو آهي؟“ دلاور خان پنهنجي ڪاوڙ کي دٻائيندي پڇيس.

”تو منهنجي گهر کي ناپاڪ ڪيو آهي.“ هيڊماسٽر سڌو جواب ڏنس.

هيڊماسٽر جو اهڙو سڌو ۽ ڪتو جواب ٻڌي دلاور خان ۾ سندس ساٿي ڇرڪ سڪتي اچي ويا.

"مون تنهنجي گهر ڪي ناپاڪ ڪيو آهي؟" دلاور خان پڇيس، "مان تہ ڪڏهن تنهنجي گهر ڏانهن اک کڻي بہ ناهي ڏٺو۽ نہ ڪو مون کي تنهنجي گهر جي ڏس پتي جي ڪا خبر آهي."

"هي اميد پور جو شهر منهنجو گهر آهي. مان هتي ڄائو، نپنو ۽ وڏو ٿيو آهيان. هن شهر ڪي ننڍڙي ڳوٺ ڪان وڌندي ويجهندي وڏو ٿيندي ڏٺو آهي. تنهنجي اچڻ ڪان اڳ هي شهر پاڪ ۽ صاف هوندو هو ۽ هتي ڪنهن برائيءَ جو ڪو بہ تصور نہ هو پر جڏهن ڪان تون هتي آيو آهين تڏهن ڪان وٺي .......؟" هيڊ ماسٽر جملو اڌ ڇڏي ڏنو.

"منهنجي اچڻ ڪان پوءِ ڇا ٿيو آهي ۽ مون آخر تنهنجي شهر سان ڪهڙو ويل وهايو آهي؟ آخر مون کي بہ تہ ڪجهہ ٻڌاءِ." دلاور خان زهريلي لهجي پڇيس.

"ٻڌڻ جو ايترو شوق اٿئي تہ ٻڌ. تنهنجي اچڻ ڪان اڳ هي شهر مسجد وانگر پاڪ ۽ صاف هوندو هو ۽ هاڻ....هاڻ هن شهر ۾ جواخانہ، شراب خانہ ۽ چڪلا هلن ٿا ۽ اهي سڀ تنهنجي سرپرستيءَ ۾ هلن ٿا. هوٽلن تي اگهاڙيون فلمون هلن ٿيون. سيئي ڪاروباري ماڻهو توکان ڏڪن آهن ۽ اهي توکي ڍپ مان ڀتو ڏين ٿا. جيڪڏهن ڪو انڪار ڪري ٿو تہ کيس نقصان رسي ٿو. تو منهنجي گهر کي ايئن ناپاڪ ڪيو آهي جيئن ڪو سوئر مسجد ۾ گهڙي ان کي پليت ڪري." هيڊ ماسٽر بي ڊپائيءَ سان وراڻيو.

دلاور خان پنهنجي لاءِ سوئر جو لقب ٻڌي اصل ڇتو ٿي پيو. گجگوڙ ڪندي چيائين، "منهنجي اچڻ ڪان پهرين هي شهر مئل هو. ايئن لڳندو هو ڄڻ هيءُ ڪو قبرستان هجي ۽ هتي ڪنهن زنده ماڻهوءَ جو ڪو وجود نہ هجي. توهان بي شڪرن کي تہ منهنجو احسان مڃڻ گهرجي جو مون اچي هن شهر منجهہ رنگ ڀريا آهن. مون هتي جيڪي ڪجهہ ڪيو يا هلايو آهي تنهن جي ڳولا ۾ هن شهر جا ماڻهو اڳي ڪان هئا. اهي تنهنجي پاڪ شهر جا ماڻهو ئي آهن جيڪي منهنجن جواخانن، شراب خانن ۽ چڪلن ۾ اچن ٿا. منهنجيون هلايل اگهاڙيون فلمون ڏسڻ لاءِ ڪي فرشتا يا شيطان مٿان ڪان ڪونہ ٿا لهن پر اهي ئي تنهنجي شهر جا ماڻهو آهن جن جي معصوميت جا ڊِڪ پريندي تنهنجو ساهہ ٿو وڃي. وڃي روڪ نہ انهن کي. انهن جي مٿان وس نہ ٿو پهچئي باقي مون کي ٿو ڏوهہ ڏين."

"پنهنجي گناهن کي رنگين لفظن ۾ نہ لڪاءِ. اهو ڪڏهن بہ ممڪن نہ ٿيو آهي تہ ڪو هر ماڻهوءَ جي پنيان وڃي کيس برائيءَ ڪان روڪيو وڃي. بديءَ کي روڪڻ جو اهو طريقو هوندو آهي تہ ان بديءَ کي سختيءَ سان ختم ڪيو ويندو آهي. تون هن شهر منجهہ برائيءَ کي بچائڻ لاءِ ڊال آهين. تون ۽ تنهنجا چاڙتا

ڪڏهن بہ اهو ڪم ڪرڻ نہ ڏيندا. جيڪڏهن ڪير اهو ڪم ڪرڻ بہ چاهيندو تہ تون ڪيس اهڙيءَ بيدرديءَ سان مارائي ڇڏيندي جيئن تہ پهرين هن شهر ۾ پنهنجن ڪجهہ مخالفن کي قتل ڪرائي ڇڏيو هو. تون ٻڌاءِ ڇا تنهنجو ڪو پٽ انهن جوا خانن يا شراب خانن ۾ وڃي ٿو يا تنهنجي ڪا نياڻي اگهاڙيون فلمون ڏسڻ لاءِ هوٽلن يا سينيمائن ويندي آهي؟ جيڪڏهن اهي زندگيءَ جا رنگ آهن تہ تون پهرين انهن کي پنهنجي گهر کان شروع ڪر."

دلاور خان پنهنجي پٽ ۽ ڌيءَ جو حوالو ٻڌي ڇڻ پاڳل ٿي ويو. جيڪڏهن سندس ساٿي ڪيس قابو نہ ڪن ها تہ جيڪر هو ان وقت ئي هيڊ ماسٽر کي ڪيرائي وجهي ها. "منهنجي ٻارن جو نالو پنهنجي زبان تي نہ آڻ ورنہ ختم ڪري ڇڏيندس توکي." دلاور خان جو اکيون ڄڻ دوڏن مان ٿي ٻاهر نڪتيون.

"تون جيڪر اميد پور مان ٽري وڃين تہ سڀي برائي هن شهر مان پاڻ هي پاڻ ختم ٿي ويندي." هيڊماسٽر ڪيس ڇهڪ ڏيندي چيس.

"روڪي پنهنجن ماڻهن کي نہ ٿو سگهين ۽ ڏوهہ وري مون کي ٿو ڏين. تون آهين ڇا منهنجي سامهون؟ ٻن ٽڪن جو خسيس ماستر. جيڪڏهن چاهيان تہ هڪ ڪيوليءَ وانگيان تو کي جنهن وقت چاهيان پيرن هيٺان چيپاٽي سگهان ٿو. اجان بہ وقت اٿئي سڌري وڃ ۽ منهنجي مخالفت ڪرڻ ڇڏي ڏي. ورنہ نتيجو نهايت اڳرو نڪرندي."

"اهي گيدي توکي پيا ملندا. همت هجئي تہ ماري ڏيکار. جيڪڏهن مون کي قتل بہ ڪري ڇڏئي تہ ڇا ٿيندو. اهو تہ تنهنجو روزمره جو معمول آهي."

هيڊماسٽر ٺوڪ واري انداز چيس، "منهنجي زندگي ڪيتري بچي هوندي جو توکان ڀو ڪاوان."

"آخري پيرو چوڻ آيو آهيان. منهنجي مخالفت ڪرڻ ڇڏي ڏي ورنہ منهنجي سهپ جو توڙ ٿي ويندو. پوءِ نہ ميار ڏجان تہ بنا ٻڌائڻ جي ماري ڇڏئي."

اهو چوندي دلاور خان پنهنجن ساٿين سميت ويو هليو. ان کان پوءِ وري دلاور خان ڪڏهن هيڊ ماسٽر الياس ابڙيجي جي آڏو نہ آيو. البتہ سندس دل ۾ هيڊ ماسٽر جي خلاف شديد نفرت هميشہ ٻرندي رهي تہ هو ڪنهن نموني هيڊ ماسٽر الياس ابڙيجي کي يا تہ پنهنجي سامهون جهڪائي يا وري سندس موت ڏسي. هن واقعي کان پوءِ تہ هيڊ ماسٽر جي مخالفت ۾ ويتر تيزي اچي وئي ۽ هو هر هنڌ ۽ هر جاءِ تي دلاور خان ۽ سندس ساٿين جي خلاف کلي عام ڳالهائڻ لڳو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اميد پور شهر ۾ مڪاني چوندون ٿيون. هيڊماسٽر بہ ان اليڪشن ۾ بيٺو ۽ بنامقابلي سوپ پاتائين. سندس سامهون ڪنهن کي همت ڪانہ ٿي جو بيهي. هر ڪنهن کي خبر هئي تہ جيڪڏهن ڪنهن مقابلي لاءِ فارم

پريو بہ تہ چا ٿيندو. نتيجي جي سيني کي خبر هئي. ماڻهن کي ووٽ تہ لڪل نموني بيلٽ باڪس وجهڻا هئا ۽ سيني کي پتو هو تہ هن شهر جي ماڻهن جون دليون هيڊماسٽر سان ڳنڍيل هيون.هن کي هارائڻ ايئن هو جيئن ڪو سج کي اولهہ کان اڀاري ڏيکارڻ.

دلاور خان بہ هن اليڪشن ۾ بيٺو هو ۽ هي بہ بنامقابلي ڪامياب ٿيو هو. هيڊماسٽر ۽ دلاور خان جا تڪ الڳ الڳ هئا ورنہ هيڊماسٽر ضرور سندس سامهون بيهي ها. دلاور خان جي سڄي زندگي غيرقانوني ڪمن ڪندي گذري هئي. هن چاهيو ٿي تہ هو اميدپور شهر جي ميونسپل ڪاميٽيءَ جو ميئر چونڊجي تہ جيئن هن جي ڪا قانوني حيثيت بہ بنجي جنهن سان هو پنهنجن غيرقانوني ڪمن مٿان پردو وجهي سگهي ۽ اميد پور شهر مٿان مست هاٿيءَ وانگر حڪومت ڪري سگهي. ٻيو تہ هر غيرقانوني ڪم ڪندڙ بنيادي طرح اها خواهش رکندو آهي تہ سماج ۾ هن ۽ هن جي ٻار ٻچن لاءِ عزت ۽ ڪا سماجي حيثيت هجي جنهن مٿان سندس گهر وارا فخر ڪري سگهن .

هن کي اها پڪ هئي تہ هو اميدپور جو ميئر بنامقابلي جي چونڊجي ويندو چو تہ مڪاني اليڪشن جي ٻن سون سيٽن منجهان هي ۽ هن جا ساٿي هڪ سِو نوانوي سيٽون کٽي آيا هئا. مطلب تہ هن شهر منجهان. سواءِ هيڊماسٽر جي سيٽ جي، باقي ٻين سڀني سيٽن مٿان دلاور خان ۽ سندس حامي کٽي آيا هئا. سندس ساٿين منجهان ڪافي ماڻهو اميد پور شهر جا پراڻا رهاڪو هئا پر في الحال طاقت جي تارازيءَ ۾ دلاور خان جو پلڙو ڀاري هو انڪري ظاهري طرح دلاور خان سان گڏ هئا.

دلاور خان کي پڪ هئي تہ هيڊماسٽر ضرور هن جي سامهون ميئر جي چونڊ وڙهندو پوءِ کٽي ڪيس هڪڙو بہ ووٽ نہ ملي. پر دلاور خان جي سامهون ڪنهن جو بيهڻ ئي دلاور خان جي بيعزتي هئي. هن جو شان تہ ان وقت وڌي ها جنهن وقت هو ميئر جي چونڊ بنامقابلي جي کٽي اچي ها. ان ڪري هن پنهنجن ساٿين کي اڳ ئي چئي ڇڏيو هو تہ چونڊ واري ڏينهن هو هيڊماسٽر کي شهر مان گم ڪري ڇڏين تہ جيئن هو نہ ميئر جي چونڊواري ڏينهن ميونسپل ڪاميٽي هال داخل ٿئي ۽ نہ وري دلاور خان جي سامهون ميئر جي عهدي لاءِ چونڊ لڙي سگهي. جيڪڏهن ميئر جي چونڊ وقت هيڊماسٽر هال ۾ نہ هوندو تہ ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کي همت بہ نہ ٿيندي تہ هو ڪو دلاور خان جي سامهون ميئر جي اليڪشن وڙهي. اها همت صرف هيڊماسٽر کي هئي جيڪو موت کان ڪو نہ ٿي ڊنو.

ميئر جي چونڊ کان ڦهرين هيڊماسٽر گم ٿي ويو. هر ڪنهن ٿي

سمجهيو تہ هيڊماستر جي گمشدگيءَ ۾ ضرور دلاور خان جو هٿ هوندو پر دلاور خان پاڻ حيران هو تہ هيڊماستر ڪاڏي هليو ويو هو. هن کي پڪ هئي تہ هيڊ ماستر هن جي مقابلي ميئر جي اليڪشن ضرور وڙهندو پوءِ پلي ڪيس ڪوبہ ووٽ نہ ملي ڇاڪاڻ جو سندس بنا مقابلي نہ چونڊجڻ بہ خود دلاور خان جي بيعزتي هئي. هن پنهنجن ساٿين سان منصوبو ٺاهيو هو تہ چونڊ واري ڏينهن هيڊ ماستر کي گم ڪرائي ڇڏيندا تہ جيئن هو ميئر جي چونڊ لاءِ ڪاغذ ڀرائي نہ سگهي. پر هاڻ جو خود هيڊ ماستر پنهنجو پاڻ گم ٿي ويو هو تہ هن سک جو ساهہ کنيو ۽ سندس ساٿي مطمئن ٿي ويهي رهيا تہ چڱو ٿيو جو مصيبت مان جان ڇٽي. هنن ڀائنيو تہ شايد هيڊماستر جي همت دلاور خان جي آڏو اچڻ کان جواب ڏئي وڃي هئي ان ڪري هو پاڻ مرادو خود ڪيڏانهن جهنگ منهن ڪري هليو ويو هو. آخر بہ تہ اڪيلو ماڻهو ڪيترو وقت زور وارن سان مقابلي ڪندو.

انهيءَ ڳالهہ ويتر ماڻهن منجهہ دلاور خان جي دهشت ۾ اضافو ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ جو هنن سمجهيو پئي تہ هيڊ ماستر کي دلاور خان کان سواءِ ٻيو ڪير ٿي گم ڪرائي سگهيو. اها ٻي ڳالهہ هئي تہ دلاور خان لڪ چوريءَ خود وڃي هيڊماستر جي انهن پراڻن شاگردن کي جيڪي حڪومت اندر وڏن وڏن عهدن تي آفيسرن ٿيا ويٺا هئا تن کي قسم کڻي يقين ڏياريو تہ هيڊماستر جي گم ٿيڻ ۾ سندس ڪو هٿ ڪونہ هو ۽ هيڊماستر پاڻ ئي پاڻ ڪيڏانهن هليو ويو هو.

ان وچ ۾ ميئر جي چونڊ وارو ڏينهن بہ اچي پهتو. ميونسپل هال اندر شهر جو هر وڏو ماڻهو گڏ ٿيل هو. انهن کي پڪ هئي تہ دلاور خان ضرور ميئر چونڊبو ۽ هنن چاهيو پئي تہ سندس اليڪشن کٽڻ تي کيس مبارڪباد ڏيڻ وارن مان هو پهرين منجهہ ڳڻجن. دلاور خان جي حمايت سان شهر مان چونڊيل قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جا ميمبر بہ پنهنجيون مصروفيتون ڇڏيون ڪري اتي پهتل هئا. شهر مان چونڊيل دلاور خان جو حامي هڪ وزير بہ هن خاص موقعي تي پنهنجو غيرملڪي دورو مختصر ڪري شهر واپس پهتو هو تہ جيئن هو پنهنجي مربيءَ جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿي سگهي. ملڪ جي حڪمران جماعت پنهنجا مرڪزي ۽ صوبائي نمائندا خاص ڪري هن موقعي لاءِ موڪليا هئا تہ جيئن دلاور خان جي خوشيءَ شريڪ ٿي سگهن تہ جيئن مستقبل جي اليڪشن ۾ دلاور خان جي حمايت حاصل ڪري سگهجي.

دلاور خان حڪومت پنهنجي اثر رسوخ کي استعمال ڪندي نون کليل پرائيويٽ ٽيليويزن چينلن جي نمائندن کي

۽ وڏي ويجهي اچوکي واري هڪ وڏي شهر جي روپ ۾ نہ آيو هو. مون پنهنجي پوري زندگي هن شهر کي ڏني آهي. مان هتي ئي ماستر ٿي سرڪاري نوڪريءَ گهڙيس ۽ اتي پنهنجي جيوت جا پنجٽيهہ سال ڏئي ريٽائر ٿيس. آئون هن شهر جي ماڻهن جو ٿورائتو آهيان جن مون کي اها عزت ڏني آهي جو هو مونکي اڄ صرف الياس ابڙيجي جي رکي نالي سان ڪونہ ٿا سڃاڻين پر هن شهر جي واسين لاءِ مان هاڻ هيڊ ماستر الياس ابڙيجو آهيان.“ هيڊ ماستر ساهہ کڻڻ لاءِ رڪيو.

ساهہ کڻي هن وري شروع ڪيو. ”مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن عهدي لاءِ نہ سوچيو آهي. آئون بنا ڪنهن اجوري جي عام خلق جي ڪمن ڪرڻ جو قائل آهيان. توهان ضرور سوچيندا هوندا تہ پوءِ ڇو آخر اڄ مان ميئر جي چونڊ وڙهي رهيو آهيان؟ منهنجو هن اليڪشن ۾ بيهڻ جو صرف هڪ مقصد آهي تہ آئون هن شهر کي گندن ذهنن ۽ گندن ڪمن وارن ماڻهن جي حوالي نہ ٿو ڪرڻ چاهيان. آئون ڪهڙن ماڻهن جي باري ۾ چئي رهيو آهيان تنهن جي توهان کي چڱي نموني خبر آهي. آئون هن مهل انهن جو نالو نہ ٿو وٺڻ گهران. انهن هن شهر سان ڇا حشر ڪيو آهي سو سڀني جي اڳيان آهي. هي شهر منهنجو گهر آهي. آئون پنهنجي شهر کي بدڪار ماڻهن جي حوالي نہ ٿو ڪرڻ چاهيان. مون کي خبر آهي تہ منهنجي لاءِ هي اليڪشن کٽڻ هڪ ناممڪن ڳالهہ آهي. ان جو ڇا سبب آهي تنهنجي بہ توهان سڀني کي خبر آهي. آئون انهن ڪارڻن جو ذڪر ڪري توهان کي ڪجهہ چوڻ نہ ٿو چاهيان ڇو تہ ميئر کي چونڊيندڙ سڀئي نمائندا خُود هن شهر جااصل رهاڪو آهن. اڄ هو دلاور خان سان گڏ آهن. انهيءَ جو سبب يا تہ ڏپ آهي يا وري ڪا بي مجبوري. مون کي صرف اهو ڏسي لڄ ٿي اچي تہ هن شهر جو هر ماڻهو دلاور خان جي طاقت کان ڏڄي ٿو ۽ ڪير بہ سندس سامهون نہ ٿو اچي جيتوڻيڪ آئون ڄاڻان ٿو تہ ڪيترائي ماڻهو هن جا دل سان مخالف آهن .“

”منهنجو هتي اچڻ جو صرف هڪ مقصد آهي تہ آئون هتي هڪ ووٽ حاصل ڪريان. هڪ ووٽ جو مطلب اهو هوندو تہ هن شهر ۾ مون کان سواءِ بہ ڪو دلاور خان جو دل سان مخالف آهي پوءِ ڀلي اهو ڪنهن مصلحت تحت دلاور خان جي سامهون نہ ٿو اچي. گهٽ ۾ گهٽ مون کي مرڻ وقت اها آسيس هوندي تہ بدي جي خلاف هن جنگ ۾ سڄي شهر ۾ آئون صرف اڪيلو ڪونہ آهيان...... ان ڪري مون کي صرف هڪ ووٽ گهرجي. مان هن شهر جي سڀني چونڊيل انهن نمائندن کان صرف هڪ ووٽ جي گهر ٿو ڪريان جيڪي يا تہ منهنجا شاگرد رهي چڪا آهن يا وري انهن جا ٻچا ڪنهن وقت مون وٽ پڙهيا آهن. اڄ مان هن شهر واسين جي آڏو پنهنجي پنجٽيهن سالن جي خدمت جي قيمت صرف هڪ ووٽ لڳايان ٿو جيڪا

آيا ۽ پنهنجا پنهنجا ووٽ لڪائي بيلٽ باڪس ۾ وڌائون. تنهن کان پوءِ سرڪاري عملدارن ووٽن جي ڳڻپ شروع ڪئي. دلاور خان بيچينيءَ سان پنهنجا پاسا ڪرسيءَ تي بدلائي رهيو هو. هن جي منزل صرف وچي ڪجهه ساعتون باقي رهيون هيون. هاڻ صرف سرڪاري عملدارن کي چونڊ جي نتيجي جو اعلان ڪري، ڪيس سوڀارو قرار ڏئي مٿي ويهارڻو هو ۽ ايئن سندس سالن جو سپنو ساڀيا ٿيڻو هو. ووٽن جي ڳڻپ ختم ٿي. چونڊ ڪرائيندڙ عملدارن جي منهن تي عجيب تاثرات هئا جنهن کي دلاور خان جي تکي اک پروڙي ورتو. هن کي پڪ ٿي وئي ته هن دفعي هيڊماسٽر الياس ابڙيجي جو قصو تمام ٿيو چوته شايد هن جي چوڻ جي باوجود به ڪيس هڪ به ووٽ نه مليو هوندو. جيڪا ڳالهه هن جي چيلهه ڀڃي ڇڏيندي ۽ ان بيعزتي سهڻ بعد هو وري ڪڏهن هن جي اميد پور شهر ۾ مخالفت جي همت نه ڪندو.

سرڪاري عملدار ڳڻپ جو نتيجو ٻڌائڻ لاءِ ڊائس تي آيا. دلاور خان جو منهن ٻهڪي رهيو هو جڏهن ته هيڊماسٽر چپ ڪريو هڪ ڪرسيءَ تي ويٺل هو. هن جي چهري مان اهو صاف صاف لڳو پئي ته ڪيس هن اليڪشن کٽڻ جي ڪا اميد ڪانه هئي. ماڻهن ۾ به اهو تجسس هو ته ڏسون هيڊماسٽر کي هڪ ووٽ ملي ٿو يا نه. دلاور خان جا سڀ ساٿي اهڙي نموني تيار ٿيو ويٺا هئا جو جيئن ئي دلاور خان جي کٽڻ جو اعلان ٿئي تيئن هو ٽپو ڏئي وڃي کيس مبارڪباد ڏئي پهرين ماڻهن ۾ شامل ٿيڻ جو شرف حاصل ڪن. دلاور خان کي ان وقت پنهنجو وجود هوا وانگر هلڪو پئي لڳو جيڪو ڇاڻ اڏامڻ وارو هجي. هي عادي شرابي هو پر هن ڪڏهن به اڳ پنهنجو پاڻ کي هھڙي نموني هوا وانگر هلڪو محسوس نه ڪيو هو. شايد حڪمرانيءَ جي سوڀ جو نشو هوندو ئي اهڙو عجيب ۽ تيز آهي.

سرڪاري عملدارن چونڊ جو نتيجو ٻڌائڻ شروع ڪيو. "اڄ هن شهر جي ميئر جي چونڊ لاءِ، ڪامياب ٿيل مڪاني نمائندن پنهنجا پنهنجا ووٽ وڌا آهن. ڪل شهر جي مڪاني نمائندن جون ٻه سو سيٽون آهن جن مان ٻن اميدوارن يعني هيڊماسٽر الياس ابڙيجي ۽ دلاور خان ميئر جي عهدي لاءِ فارم ڀرايا هئا. قائدي موجب ميئر جي اميدوارن کي ووٽ جو حق نه هوندو آهي ان ڪري هنن ٻنهي پنهنجو پنهنجو ووٽ ميئر جي چونڊ لاءِ نه وڌو. باقي هڪ سو اٺانوي نمائندن پنهنجا پنهنجا ووٽ وڌا آهن. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته سڀني اميدوارن صرف هڪ اميدوار جي حق ۾ ووٽ وڌا آهن." اهو چئي اهو سرڪاري عملدار ٿوري دير لاءِ رڪيو. دلاور خان جي چهري تي بيپناهه خوشيءَ جي ڪري ڳاڙهاڻ اچي وئي. چوطرف اهڙي مانار ٿهليل هئي جو ڀت مٿان ٽنگيل گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ جو آواز به نهايت ئي

# چتيون

## حسن منصور

دڪان جي صفائي ڪندي سندس نظر جڏهن پاسي واري شيلف ۾ پيل لانگ بوٽن تي پئي تہ سندس ٽڏو ساهہ نڪري ويو! هو چنبڙي هڪ پاسي رکي انهن لانگ بوٽن کي ڏسندو رهيو. هو پٽڪيو، ”گهٽا مهينا ٿي ويا، شايد سال يا بہ سال، اهي بوٽ وڪامن ئي نٿا!“

هن لانگ بوٽن کي کنيو ۽ انهن کي غور سان ڏسندو رهيو. ساڄي بوٽ جي چنگهہ واري پاسي تي لڳل چمڙي جي اڏرنڊڙ رنگ ۽ ان ۾ پونڊڙ گاٺ کي ڏسي ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو.

”اها بہ چٽي ڳچيءَ ۾ پئي.“ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي چيائين، ”لڳي ٿو هاڻي اهي جوتا بہ گراهڪن ڪان ڇڙهي ويا ۽ ڪباڙيءَ حوالي ٿيا!“

هن چنبڙي ڪٽي بوٽن کي ڇڳيءَ ريت مهٽيو ۽ پوءِ وري ڪين ڏنو. سندس اکين ۾ اٽڻ اچا وڌي وئي. هن جوتن کي پيهر صاف ڪيو ۽ انهن کي ساڄئي شيلف ۾ رکي دڪان جي در وٽان بيهي انهن کي ڏٺو. پوءِ هو گراهڪن لاءِ رکيل صوفا تي اچي ويٺو ۽ وري اتي ڏنائين.

سندس چهري تي مايوسيءَ جا ليڪا گهرا ٿي ويا ۽ نهڪر ۾ ڪنڌ لوڏي هُن شيلف مان لانگ بوٽ پيهر ڪڍي ورتا. انهن کي هڪ پاسي رکي هن وري شيلف ۾ پيل ٻين جوتن کي ڏٺو. سيئي نوان ۽ چلڪندڙ هئا ۽ دڪان جي سونهن وڌائي رهيا هئا.

”پر.........!“ هو پٽڪيو ۽ لانگ بوٽن جي هٽڻ ڪانپوءِ اتي خالي ٿي ويل جاءِ ڏانهن ڏنائين. ”هي خال چڱو نہ ٿو لڳي!“

هن هڪ ٻئي شيلف مان جوتن جو هڪ جوڙو ڪڍي اتي رکيو ۽ پيهر گراهڪن واري صوفا تي وڃي ڏنائين. سندس اکين جي اٽڻ ساڳي رهي.

هن وري نهڪر ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ اهي جوتا اصلوڪي شيلف ۾ رکي پيهر ساڳي جاءِ کي ڏنائين. جتي وري هڪ خال پيدا ٿي چڪو هو.

هن ٽئين شيلف مان جوتا ڪٽي ساڳئي هنڌ رکيا ۽ وري انهن کي بہ هٽائي ڇڏيائين.

”مون کي لڳي ٿو اها جاءِ نهي ئي انهن لانگ بوٽن لاءِ آهي!“ هن سوچيو.

هن ڪجهہ سوچي لانگ بوٽ وري کنيا ۽ دڪان جي ڪنڊ ۾ پيل هڪ پالش جي دٻي ۽ برش کٽي لانگ بوٽن کي پالش ڪرڻ لڳو. ڪافي دير پالش ڪرڻ

”هيءَ جوتو تہ گنل آهي.“ هو ساڄي پير جي لانگ بوٽ کي ڪٽي ڏيکاري ٿو. ”اهو مال وڪري کان پري آهي.“

”نہ، مون سوچيو آهي تہ اهي جوتا نہ وڪڻندس. اهي شيلف ۾ سونهن تا.“

سيلز مئن جي چهري تي اچرج اُوتجي ٿو وڃي. چيائين، ”توهان پاڻ چوندا آهيو تہ هڪ هنڌ پيل جوتا، پنڌ ڪندڙ جوتن کان اڳ گسجي ويندا آهن، ختم ٿي ويندا آهن.“

”ها، آءُ چوندو آهيان، پر باقاعدگيءَ سان سار سنڀال انهن جي حياتي وڌائي سگهي ٿي.“

”پر، ڇو؟!“

”مون کي اهي جوتا وڻڻ لڳا آهن.“

”پر پنهنجو ڪم جوتا وڪڻڻ آهي، سنڀالڻ نہ. پاڻ دڪان پيا هلايون، ڪا ميوزيم نہ!“

”مون کي لڳي ٿو، توکي انهن معصوم جوتن سان ڪو وير آهي.“

”مون کي انهن جوتن سان پيار آهي جيڪي جلد وڪامي وڃن، پر اهي تہ جند ڇڏڻ وارا ئي نہ آهن.“

”بس منهنجو اهو فيصلو آهي تہ اهي جوتا هتي ئي رهندا ۽ انهن جي سار سنڀال لاءِ آءُ توکي اضافي چارج ڏيان ٿو.“ ،

سيلز مئن اچرج.وچان ڏسندو رهي ٿو.

”مون کي اُميد آهي تہ تون پنهنجو ڪم خوش اسلوبيءَ سان انجام ڏيندين، پر تنهنجو پي اسڪيل ۽ گريڊ ساڳيا رهندا!“

”پر اهي جوتا گسجڻ لڳا اهن ۽ جلد ئي ڦاٽڻ لڳندا.“

”انهيءَ ڪري تہ توکي چوان ٿو تہ تون انهن جي ڀرپور سار سنڀال ڪر. انهن جي پالش جو خيال ڪر ۽ جتي ۽ جڏهن ضروري سمجهين تہ موچيءَ کان چتيون بہ لڳرائي، پر انهن کي انهيءَ انداز ۾ رک تہ اهي ڏسجڻ جهڙا لڳندا رهن.“

سيلز مئن جي چهري تي هڪ عجيب ۽ پُراسرار مُرڪ ڦهلجي وڃي ٿي. هو دڪان جي مالڪ کان محسوس نہ ٿيندڙ انداز ۾ ڀنيرو تي گاٽ لڳل لانگ بوٽ کي هلڪي ڇڪ ڏئي ٿو. بوٽ جو مٿيون حصو هلڪي چرڙاٽ سان ٿورو ڦاٽي ٿو.

هو بوٽ کي ساڳي هنڌ رکي ڇڏي ٿو ۽ سوچي ٿو: بوٽن ۾ روزانو لڳندڙ چتين سان سندس ۽ موچيءَ جي آمدنيءَ ۾ ڪيترو اضافو ٿي سگهي ٿو!

# ٻاهريون ادب

پـــيءُ

ڪرسمس جو بهشتي وڻ

باپوءَ جي واپسي

بجورن اسٽريني بجورنسن

دوستو وسڪي / بيدل مسرور

ڪرشن چندر / رمضان راهي

# پيءُ

## بجورن اسٽريني بجورنسن

هنن صفحن تي نوبل انعام کٽيندڙ ليکڪن جون ڪهاڻيون ڏنيون وينديون. انهيءَ سلسلي ۾ پهرين ڪهاڻي جڳ مشهور ليکڪ بجورن اسٽريني بجورنسن جي ڏئي رهيا آهيون.
هن اديب کي 1903ع ۾ نوبل انعام ڏنو ويو ۽ سندس لاڏاڻو 1910ع ۾ ٿيو.



هتي جنهن ماڻهوءَ جي ڪهاڻي
ٻڌائي پئي وڃي، اهو پنهنجي ڪليسائي علائقي ۾ انتهائي امير ۽ وڏو اثر رسوخ رکندڙ شخص هو. سندس نالو ٿارڊ اورس هو. هڪ ڏينهن هو علائقي جي پادريءَ جي پڙهڻ واري ڪمري ۾ ويو. قد ۾ ڊگهو ۽ پڪو پختو، سنجيدو ۽ سلجهيل ٿي لڳو.

" خداوند مون کي پٽ ڏنو آهي." هن چيو.

"منهنجي خواهش آهي ته ان کي عيسائيت جي مذهبي خدمت لاءِ پيش ڪريان."

"سندس نالو ڇا سوچيو اٿئي؟"

"فِن.... اهو منهنجي پيءُ جو نالو هو."

"هَن جي پالڻ تاتڻ جو ضامن يا ذميوار ڪير هوندو؟"

ٿارڊ، ان ڪليسا ئي علائقي ۾ رهندڙ مائٽن ۽ ڪجهه معتبر ماڻهن (زالن توڙي مردن) جا نالا ڳڻايا.

"ٻي ڪا ڳالهه؟" پادريءَ ڪانئس پڇيو ۽ ڏانهنس نهاريو.

هي هاڻ ٿورو گهٻرائجي ويو.

"مان ته اهو پسند ڪندس ته هن جو اهو مذهبي غسل هِن کي مان پاڻ ڪرايان.

"هن آخري ڳالهه ڪندي چيو.

"ائين ڇنڇي ته اهو هفتي جي ڏينهن ٿيندو."

"جيءَ! ٻئي ڇنڇر تي، ٻارهين وڳي منجهند جو."

"ٻي ڪا ڳالهه؟"

"نه ٻي ڪا به ڳالهه ڪانهي." ٿارڊ پنهنجي ٽوپيءَ کي ڦيرائيندي چيو، جنهن مان لڳو ٿي ته هو واپس وڃڻ وارو آهي.

پوءِ پادري اٿيو.

"هي تيستائين هتي آهي" چوندي پادري، ٿارڊ جي پاسي وڏي ويو ۽ ٻار ڪي هٿن ۾ ڪٽي، سندس اکين جي گهرائيءَ ۾ نهاريندي چوڻ لڳو:

"الله سائينءَ چاهيو ته هي ٻار تو مٿان رحمتن ۽ برڪتن لاءِ دعاڳو ثابت ٿيندو."

## سورهن سالن کان پوءِ

هڪ ڏينهن وري به ٿارڊ، پادريءَ جي پڙهڻ واري ڪمري ۾ بيٺل نظر آيو.

"سچ پچ تو پنهنجي عمرجي حساب سان پاڻ کي حيرتناڪ حد تائين سنڀاليو آهي ٿارڊ!" پادريءَ کي ٿارڊ ۾ ڪا به جسماني تبديلي نظر نه اچڻ سبب چوڻو پيو.

"اهو ان ڪري جو مون کي ڪنهن به قسم جي پريشاني نه آهي." ٿارڊ چيو.

پادريءَ ڪجهه به نه ڳالهايو، پر ڪجهه دير بعد هن چيو، "اڄوڪي شام تو لاءِ ڪهڙيون خوشيون آنديون آهن؟"

"اڄ مان پنهنجي ان پٽ جي لاءِ آيو آهيان، جيڪو سڀاڻي ديني ڪمن جي سلسلي ۾ گرجا جي رڪن جي حيثيت ۾ پڪو ٿيندو."

"هي ذهين ٻار آهي."

"مان مقدس پادريءَ کي تيستائين ڪو به معاوضو نه ڏيندس جيستائين خبر نه پوي ته منهنجو پٽ گرجا جي رڪنيت لاءِ ڪهڙي نمبر سان ڪامياب ٿيو آهي."

"هو سڀاڻي يقينن پهرين نمبر تي بيٺل هوندو."

"مون به ائين ئي ٻڌو آهي، بهرحال! هي ڏهه ڊالر مقدس پادريءَ جي لاءِ."

”ڀيو ڪجهه؟ ... مان تنهنجي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟ “پادريءَ، ٿارڊ جي اکين ۾ نهاريندي پڇيو.
”نه ڀيو ڪجهه نه..“ ائين چئي ٿارڊ ٻاهر هليو ويو.

ڀين اٺن سالن گذرڻ ڪانپوءِ

۽ هڪ ڏينهن، پادريءَ جي پڙهڻ واري ڪمري جي ٻاهران هڪڙو گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو، ڪيترا ئي ماڻهو، پادريءَ ڪي ويجهو پوڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. جن جي اڳواٽي، ٿارڊ ڪري رهيو هو. پادريءَ ڪيس ڏسندي ئي سڃاتو.
”ٿارڊ! ڇا ڳالهه آهي؟ .... اڄوڪي شام ۾ هن طرح اچڻ جو ڪهڙو مقصد آهي؟.
“هن ڪانئس پڇيو.
”مان هتي توهان ڪي هڪ درخواست ڪرڻ آيو آهيان ۽ اها روزنامچي ۾ تحرير ڪئي وڃي... هو ڪارن اسٽورلڊن سان وهانءُ ڪرڻ ٿو چاهي، هن گڏ مُنڊ جي ڏيءَ سان، اڄهو هي منهنجي پرسان بيٺو آهي.“
”اوه ؟ ... هوءَ ته ڪليسا جي علائقي جي شاهوڪار ڇوڪري آهي.“
”اها ڳالهه ته هو ٻه ڪري رهيو آهي.“
ٿارڊ پنهنجي وارن ڪي پوئتي ڪندي چيو.
پادري ٿوري دير جي لاءِ ويهي رهيو، لڳو ٿي ته ڪنهن ڳوڙهي سوچ ۾ پئجي ويو آهي. پوءِ هن بنا ڪنهن راءِ ڏيڻ جي، هن هڪ رجسٽر ۾ماڻهن جا نالا داخل ڪيا. پوءِ ماڻهن انهن جي هيٺان پنهنجا دستخط ڪيا، ٿارڊ، ٽي ڊالر ڪڍي ٽيبل تي سندس آڏو رکيا.
”هن ڪم لاءِ ته هڪ ئي ڊالر ڪافي هو!“
”مان ڄاڻان ٿو، پر جيئن ته مون ڪي بس اهو هڪڙو ئي پٽ آهي ۽ مان هن لاءِ ڇڳو ئي ڪرڻ چاهيان ٿو.“
پادريءَ پئسا کڻيا.
”هي ٽيون ڀيرو آهي، ٿارڊ، ته تون پنهنجي پٽ جي ئي معاملي ۾ هتي آيو آهين.“
”پر هاڻي مان هن ڪي پاڻ سان گڏ وٺي ويندس.“ ائين چئي هن پنهنجو ٽيلهو بند ڪيو ۽ وڃڻ لڳو، ته ساڻس گڏ آيل ماڻهو ٻه آهستي آهستي ڪري وڃڻ لڳا.

پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ

هڪ سانتيڪي ۽ پرسڪون ڏينهن جو. پيءُ ۽ پٽ، شاديءَ جي تيارين جي سلسلي ۾، ٻيڙي ذريعي ڍنڍ پار ڪري، اسٽورلڊن ڏانهن وڃي رهيا هئا.
”هن ٻيڙيءَ جو تختو پڪو يا اعتماد جوڳو. ناهي.“ سندس پٽ چيو ۽ پنهنجي جاءِ تان اٿڻ لڳو. ان ئي وقت اوچتو سندس پيرن وارو تختو پيرن وٺان ترڪي ويو. هن رڙ ڪري، ٻانهن ڊگهيري، ڪنهن شيءِ جو سهارو وٺڻ چاهيو پر هو ٻيڙيءَ ڪان هيٺ ڪري پيو ۽ هٿ هٽڻ لڳو.
”ونجهه ڪي پڪڙي وٺ! “ پٽس پاڻيءَ ۾ ٽپي پيو ۽ ٽاڦوڙا هڻندي، ونجهه ڪي پٽ جي پاسي ڪندي، رڙ ڪري پٽ ڪي چيائين.
پٽس ٽاڦوڙا هڻندي، غوطا ڪائيندي ٻه پاڻ بچائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي پر هو ڪامياب نه ٿي سگهيو.
”هڪڙو منٽ ترس!“ پٽس رڙ ڪئي، هو پٽ جي پاسي وڌي ويو. پر پٽ ڪي پنهنجي اکين آڏو ٻڏندي ڏسي افسوس واري هڪ نظر مٿس وڌائين. پرهو پاڻ ٻه ٻڏڻ لڳو هو. ان ڪري هن پاڻ ڪي ٻه بچائڻ جي ڪوشش ڪئي.

تارڊ کي پنهنجي پٽ جي بچڻ جي ٿوري به اميد نه نظر ڪانه آئي. هن بيڙيءَ کي ڏاڍي مضبوطيءَ سان جهليو ۽ وري به پٽ کي ان جاءِ تي ڳولهڻ شروع ڪيائين، جتان هو ترڪي ڪريو هو. هن ڇاتو ته هو پاڻي جي سطح تي تري ايندو، پر پاڻيءَ ۾ ڪجهه بڙبڙ ٿيڻ لڳي ۽ هوا جا ڪيترائي ڦوٽا پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ڦهلجڻ لڳا... آخرڪار پاڻيءَ جو هڪڙو وڏو ڦوٽو، ڦڙڪ ڪري ڦاٽي پيو... پوءِ ڍنڍ بلڪل سانتيڪي ٿي وئي، پاڻيءَ جو مٿاڇرو پنهنجي اوجلتا ۾ آئيني وانگر چمڪڻ لڳو.

ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين تائين سانده، ماڻهن ڏنو ته پٽس ان جاءِ تي پئي ڦيريون پاتيون، نه هن ڪجهه کاڌو ٿي نه ئي گهڙيءَ لاءِ ستو ٿي. هو مسلسل ڍنڍ جي ڪناري ويهي پنهنجي پٽ کي سڏيندو رهيو، رئندو رهيو، سڏڪندو رهيو.

آخرڪار چوٿين ڏينهن صبح جو هن پنهنجي پٽ جي لاش کي ڳولهي ورتو. هن سندس لاش کي پنهنجي ٻانهن تي کڻي، مٿي پهاڙيءَ جي پاسي آندو، جتي سندس باغ هو.

### ان واقعي جي سال ڪانپوءِ

پن ڇڻ جي مند ۾ هڪ ڏينهن شام جو، جڏهن پادري ڪمري جي ٻاهران، ورانڊي مان ڪنهن جي اچڻ جو آواز ٻڌو، ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪو شخص وڏي احتياط سان دروازي جو ڪڙو ڳولهيندو هجي. پادري اٿي دروازو کوليو، هو ان اچڻ وارن واري، ڊگهي، سنهي شخص ڏانهن وڌي ويو جيڪو ڪبو ٿيو بيٺو هو. پادري ڪيتريءَ دير تائين ڏانهنس نهاريندو رهيو، گهڻي گهڻي دير ڪانپوءِ هن ڪيس سڃاتو ته هو تارڊ هو.

"خير ته آهي اويلو نڪتو آهين؟ پادريءَ ڪانئس پڇيو ۽ ساڳيءَ جاءِ تي، سندس سامهون ئي بيٺو رهيو.

"جي! ها؟ ها اوير ٿي وئي آهي." تارڊ چوندي هڪ جاءِ تي ويهي رهيو.

پادري پڻ ويهي رهيو، ڄڻ ڪيس ڪو اوسيئڙو هجي. ڪيتري دير تائين ته ڙڳو خاموشي ڇانيل هئي، آخرڪار تارڊ ڳالهايو:

"مون وٽ جيڪو ڪجهه آهي، مان چاهيان ٿو .... مان اهو غريبن ۾ ورهائڻ پسند ڪندس... پنهنجي پٽ جي صدقي هي ٻچايل موڙي غريبن جي نالي ڪرڻ ٿو چاهيان." ائين چوندي هو اٿيو ۽ هٿ ۾ جهليل رقم ٽيبل تي رکي، وري ويهي رهيو.

پادري ان کي ڳڻڻ لڳو.

"هيءَ ته تمام گهڻي رقم آهي." هن چيو.

"اها منهنجي باغ جي اڌ رقم آهي، مون اڄ ان کي وڪرو ڪري ڇڏجي."

پادري ٿوري دير جي خاموشيءَ ڪانپوءِ ڪانئس پڇيو: "هاڻي تون ڇا ٿو ڪرڻ چاهين، تارڊ؟"

"ڪي نيڪ ڪم."

ٻئي ڄڻا ڪيتري دير خاموش ويٺا رهيا. تارڊ جون اکيون جهڪيل هيون پر پادريءَ جون اکيون هن ۾ کتل هيون.

پادريءَ نرمائيءَ ۽ آهستگيءَ سان ڪيس چيو: "مان سوچيان ٿو ته تنهنجو پٽ بهرحال تولاءِ سچي رحمتن ۽ برڪتن وارو دعاڳو ثابت ٿيو آهي."

"جي... مان به ائين ئي ٿو سمجهان رهيا .تارڊ چيو. هن مٿي نهاريو ته ٻه ڳوڙها سندس اکين مان ڳلن تي لڙي آيا.

# ڪرسمس جو بهشتي وڻ
# (The Heavenly Christmas Tree)

## فيودور دوستووسڪي/ سنڌيڪار: بيدل مسرور

دوستو وسڪي جو شمار دنيا جي انهن چند اديبن ۾ ٿئي ٿو جن جون لکڻيون گهڻو ڪري دنيا جي هر زبان ۾ ترجمو ٿيون آهن، سندس هڪ لکڻي ڪهاڻي جي فن ۾ شاهڪار ليکي وڃي ٿي. انسان جي بيوسيءَ جي لازوال ڪهاڻي جيڪا صرف دوستو وسڪي جي قلم منجهان ئي لکجي سگهجي ٿي.



مان هڪ ناول نگار آهيان، لڳي ٿو ته مون هيءَ ڪا من گهڙت ڪهاڻي لکي آهي. لکان ٿو:

"مان سمجهان ٿو، جڏهن ته مان انهيءَ حقيقت کان واقف آهيان ته هيءَ ڪهاڻي مون ئي گهڙي آهي پر مون کي اڃان تائين اهو ئي تصور آهي ته ڪرسمس جي موقعي تي ڪنهن

جڏهن کين جهلڻ چاهيائين تہ اهي کيس گڏيون لڳيون. هو مرڪي ويٺو. هن اهڙيون گڏيون اڳ ڪڏهن نہ ڏٺيون هيون. هن جي خواب خيال ۾ بہ ڪونہ هو تہ اتي ڪي اهڙيون سهڻيون گڏيون رکيل هونديون.

سيءَ ۾ بک جي ڪري هن روئڻ پئي چاهيو. پر گڏين کي ڏسي دل ۾ ڪجهہ فرحت محسوس ڪيائين.

پر هو انهن خيالن ۾ ئي گم هو تہ اوچتو ڪنهن سندس قميص کان پڪڙي ورتو.

هو ڇرڪجي ويو.

هڪ لچو ڇوڪرو سندس پرسان آيو. نڪاءُ ڪري متي تي ڌڪ هنيائينس ۽ ٽوپي لاهي کيس ڌڪو ڏنائين. هو ٿاٻڙجي زمين تي ڪري پيو. ڌڪ لڳڻ سبب هن ڪان رڙ نڪري وئي ۽ ڊپ ڪان صفا هيٺو ٿي ويو. پوءِ هو ٽپو ڏئي اٿيو ۽ ڊوڙڻ لڳو. هو انڌاڌنڌ ڊوڙندو ويو. هن نہ ٿي ڄاتو تہ هو ڪهڙي پاسي ڊوڙي رهيو هو. ڊوڙندي هو ڪنهن گهر جي آڳر ۾ اچي پهتو ۽ ڪاٺيءَ جي ٻُنڊ جي پويان هڪ پاسي لڪي ويهي رهيو.

"هتي تہ مون کي ڪو بہ ڳولهي نہ سگهندو! تيستائين اونداهي بہ ٿي ويندي."

هن ڊپ کان پنهنجي بدن کي سوڙهو ڪري ساهہ روڪي ڇڏيو. اوچتو ئي اوچتو هن پاڻ کي ڏاڍو خوش محسوس ڪيو. سندس هٿن پيرن جو سور بہ ڇڻ لهڻ لڳو ۽ بدن ۾ بہ گرمائش محسوس ڪرڻ لڳو. هن کي ائين لڳو ڄڻ ڪنهن گرم منگالي جي پرسان اچي ويٺو هجي. پوءِ جلهن هن جي بدن جي ڏڪڻي بند ٿي وئي تہ هن سوچيو،

"ڇونہ سمهي پوان! هتي ڪيڏي نہ سٺي ننڊ ڪري سگهجي ٿي. منهنجو خيال آهي تہ مان ٿوري دير هتي ئي ويهي رهان! ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ وڃي اهي گڏيون ڏسي اچان!"

من ۾ سوچيندي سندس منهن تي مرڪ تري آئي... گڏيون "بلڪل بہ جيئريون جاڳنديون پئي لڳيون...."

پوءِ اوچتو پنهنجي ماءُ جو آواز ٻڌائين، جنهن کيس لولي ڏئي سمهارڻ ٿي چاهيو.

"امان مان سمهان ٿو. هتي سمهڻ ۾ ڪيڏو نہ سڪون آهي."

"آ ... هلي آ منهنجا ننڍڙا نينگر ... منهنجي ڪرسمس جي وڻ ڏانهن..." ڪو جهيڻو آواز هن جي ڪنن وٽان گذري ويو. هن کي لڳو تہ اهو بہ سندس ماءُ جو ئي آواز هو. پر نہ ... اهو سڌ سندس ماءُ جو نہ هو... هو ان کي ڏسي ڪونہ ٿي سگهيو. پر اونداهيءَ مان ڪنهن جهڪي کيس ڀاڪر ۾ ڪنيو تہ هن بہ ڏانهنس پنهنجون ٻانهون وڌايون ... ۽ اوچتو ... اوهہ! ڇا تہ تيز ۽ وڻندڙ روشني هئي! اوهہ! ڇا تہ ڪرسمس جو سهڻو وڻ هو... پر شايد اهو ڪرسمس جو وڻ نہ هو! يا شايد! پر هن اهڙو وڻ اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هو.

هو ڪٿي هو؟

اتي هر هڪ شيءِ نهايت روشن هئي ۽ هن جي چوگرد گڏيون ئي گڏيون هيون. پر نہ اهي گڏيون نہ هيون! اهي ننڍڙيون ڇوڪريون ۽ ننڍڙا ننڍڙا ڇوڪرا هئا. پر اهي بہ ڪيڏا نہ روشن هئا. اهي سندس چوڌاري اڏامي رهيا هئا. اهي واري واري سان کيس چميون ڏئي رهيا هئا ۽ پاڻ سان گڏ ڪٿي گهمائي رهيا

# باپوءَ جي واپسي

## تحرير: ڪرشن چندر / ترجمو: رمضان راهي

هندوستان آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڇا ٿيو، ڇا اهي خواب سچا ثابت ٿيا جنهن لاءِ هزارين ۽ لکين انسانن پنهنجو رت وهايو ۽ تڪليفون سٺيون. هي ساڳي ڳالهه اسان جي ملڪ مٿان به لاڳو ٿئي ٿي. ڪرشن چندر جي زهريلي نشتر جي هڪ شاهڪار ڪهاڻي.



بس اهو ڪو ساڍي پنجين وڳي جو وقت هوندو. آئون شام واري اخبار پڙهي واندو ٿيو هئس. ڪنهن دروازو کڙڪايو. انهيءَ کان اڳي جو آئون اٿي دروازو کوليان ها، اندرين ڪُنڊي خود بخود کلي ويئي ۽ هو دروازو کولي پاڻ ئي اندر هليو آيو.

ڏکهي قد ۽ مضبوط هاٿي ڪاٺيءَ وارو انسان هيو. هن ڪي صرف هڪ گوڏ ٻڌل هئي. سيني تي ٽن گولين جو نشان هوس. هو جلدي ۾ ڏکهيون ڏکهيون وکون کڻندو اچي منهنجي پر ۾ ويٺو ۽ منهنجي ويجهو جهڪي چوڻ لڳو، "ڇا ڪري رهيا هُئو؟"

انتظار ۾. هاڻ ائين ئي سهي.“ ڪمري مان ٻاهر نڪري ناڪي تي بس جي انتظار ۾ بيهي رهياسين. اسان جي اڳيان هڪ سنڌي عورت بيٺي هئي، جنهن جي هٿ ۾ گاسليٽ جو ڊٻو هيو. هوءَ ڏاڍي ڪاوڙ ۾ چئي رهي هئي، ”بس ۾ گاسليٽ جو ڊٻو به نه ٿا کڻڻ ڏين. ته آئون هن کي ڪيئن راشن شاپ تائين کڻي وينديس. راشن شاپ جو دوڪان هتان ٻه ميل پري آهي ۽ ڪيمپ ۾ بجلي به ناهي. سنو رام راڄ مليو آهي! اسان ڪراچي ۾ ڪهڙو بُرا هئاسين؟ اتان گهر به ڇڏيوسين. دوڪان به ڇڏيوسين. هتي ڪيمپ ۾ بيڪار پيا آهيون. واهه جو آزادي ملي آهي. بس ۾ گاسليٽ جو ڊٻو به نه ٿا کڻڻ ڏين. هاڻ ٻڌو آهي ته شرنارٿين جو راشن به بند ٿيڻ وارو آهي. واهه جو رام راڄ مليو آهي. هاٽي وڻ ٿا پوکين ۽ راشن بند ٿا ڪن.“

هڪ مرهٽي ڪلارڪ چيو، ”ها مائي! وڻ انهيءَ ڪري ٿا پوکيون ته جيئن سڄو هندستان جهنگ ٻڻجي وڃي. پوءِ هر وڻ تي باندر ٽپا ڏيندا ۽ صحيح معنيٰ ۾ رام راڄ قائم ٿي ويندو.“

”اڙي ڏسو، اها بس به نڪري وئي. اها پنجين بس به پري وڃي پئي ۽ هڪ به جڳهه خالي ناهي.“

”ائين ڇو آهي؟“ هن مون کان پڇيو.

مون چيو، ”هتي ويجهو شرنارٿين جي ڪيمپ آهي. انهي جي آبادي تمام گهڻي وڌي وئي آهي. بسون اتي ئي ڀرجيون ٿيون وڃن.“

هن چيو، ”ته هلو، پيدل هلون. آئون پنهنجو ملڪ ضرور ڏسندس.“

ويهن منٽن کان پوءِ اسان اسٽيشن پهتاسين. مون پڇيو، ”توهان بهشت کان ٽرڊ ڪلاس ۾ آيا آهيو يا فرسٽ ڪلاس ۾؟“

هن چيو، ”نه، مان پنهنجي اسٽيشن ويگن ۾ آيو هئس. اها ته مون واپس موڪلي ڇڏي. هاٽي ٽرڊ ئي ۾ هلنداسين.“

مون چيو، ”پر هيءَ اصلي ٽرڊ آهي. هتي اهو ٽرڊ نه آهي جنهن ۾ توهان سفر ڪندا هُيو. جنهن ۾ بجلي جو پکو به لڳل هوندو هيو. پنهي پاسن واريون سيٽون به توهان لاءِ خالي ڇڏيل هونديون هيون ۽ ڪاٺي جي تختن تي گدا به رکيل هوندا هئا. هاٽي ته توکي اصلي عوامي ٽرڊ ۾ سفر ڪرڻو پوندو. جتي نه گدا آهن، نه پکا ۽ هر سيٽ تي ڏهه ٻارنهن ماڻهو ڪلهي سان ڪلهو ملائي پڳهر ۾ شل وينا هوندا آهن.“

هن چيو، ”تون ٽرڊ جو ٽڪٽ ئي وٺي ڇڏ. آئون توکان وڌيڪ پنهنجي ملڪ جي عوام ۾ گهميو آهيان.“

مون چيو، ”سوچي وٺ. اڄ ڪلهه ڪوبه ڪانگريسي اڳواڻ يا وزير، عوامي ڪلاس ۾ سفر نه ٿو ڪري. ونو باٻاري به ٻڌو آهي فرسٽ ۾ سفر ڪري ٿو

۽ فرسٽ ۾ ايئر ڪنڊيشنڊ ۾ نـه تـه پـوءِ خالص چارٽرڊ هوائي جهاز........“

هـن چيـو، ”هـاٺي تـون رڳـو ڳالهائيندو ئي رهندين يا مان ڪنهن ٻئي جو سهارو وٺان؟“

مون چيو، ”چڱو، هاڻي ٻڌاءِ تـه ٽڪٽ ڪٿان جو وٺان؟“

”دلي جو.“

دلي پهچي اسان سڌو وائسـراءِ گلي لاج جو رخ ڪيو، جتي ملڪ جو صدر رهـي ٿـو. صــدر جــو اي ڊي ســي ڏاڍي پرجوش انداز سان مليو.

مون چيو، ”هي منهنجو دوست، پراڻو مهربان...... هي صدر سان ملڻ لاءِ آيو آهي.“

اي ڊي سي هيو تـه هندستاني، ڳالهائي بـه هندستاني ۾ رهيو هيو، پر هن جو لهجو بلڪل انگريزن جهڙو هيو. ائين معلوم ٿي رهيو هيو ڄڻ هن جي نڙيءَ ۾ ليٽو ٽائيپ جي مشين لڳل هجي، جيڪا هـڪ چڱـي ڀلـي هندسـتاني جملـي کـي انگريزي ۾ بدلائي رهي هجي.

”ڏاڍو افسوس هاءِ، صدر توهان سان نـه ٿو ملي سگهي. دربار هاءِ.“

”هـاءِ هـاءِ.“ مـون افسـوس مـان چيو.

”هاءِ هاءِ- دربار هاءِ.“

”هاءِ هاءِ هاءِ.“ مون ٻيهر چيو.

اي ڊي ســي جــو چهــرو ڪنــن تـائين ڳاڙهو ٿي ويو. چيـائين، ”ڇا آئـون سچ نـه ٿو چوان. هاءِ دربار هاءِ. صدر ڏاڍو مصروف آهي. دربار ۾ ملي سگهو ٿا.“

”ها.“ مون چيو. ”دربار وڃڻ لاءِ ڪو شرط آهي؟“

هـن چيـو، ” پرنـس هجـي يـا ڪائونسل جو ميمبـر يـا پارليـامينٽ جـو ميمبر هجي يا ڪانگريس جو مک اڳواڻ يا وزير..........“

مون چيـو تـه، ”پـوءِ تـون آخـري ڪيٽيگري ۾ وجي سگهين ٿو.“

هن اي ڊي سي کي حڪـم ڏيـڻ واري انداز ۾ چيو، ”تون صدر کي منهنجي هي چٽ ڏي، هو مون کي خود اندر گهرائـي وٺندو.“

اي ڊي سي چٽ کڻي اندر ويو.

ٿوري دير ۾ چٽ کڻـي واپس اچي ويو. چيائين، ”صدر چـوي ٿـو: توسـان ڪنهـن مذاق ڪيو آهي. اهڙي نـالي وارو مـاڻهو اندر ڪيئن اچي سگهي ٿو؟ اهـو تـه راڄ گهاٽ تي آهي.“

”هاءِ هاءِ.“ مون چيو.

”هـاءِ هـاءِ هـاءِ؟“ اي ڊي سـي ڪاوڙ ۾ چيو، ”آئون توکي چوان پيـو تـه هوڏانهن راڄ گهاٽ تـي اهڙي ماڻهوءَ جـو ڏس آهي. مون خود ڏٺو بـه آهي.“

”هاءِ هاءِ.“ مون چيو. ”ڇا خيال آهي، هلون راڄ گهاٽ تـي يا هتـي ڌرڻـي هڻڻ جو ارادو آهي؟“

هو ڪليو. چيـائين، ”آزادي کـان پوءِ بـه وائسراءِ گلي لاج جو تڪلف ساڳيو

آهي. آداب ۽ مراتب، نشست برخاست جو انداز ساڳيو آهي.“

مون چيو. ”معلوم ٿئي ٿو، بهشت ۾ رهي توهان اردو بہ سٺي پڙهي ورتي آهي.“

هن چيو. ”پيو ڇا ڪريون؟ اردو هندستان مان ويئي تہ هاڻي بهشت جي زبان ٿي ويئي آهي پيارا!“

پوءِ ڪجهہ وقفي کان پوءِ هن اي ڊي سي کان پڇيو. ”ڇا آئون هڪ منٽ جي لاءِ اندر وڃي سگهان ٿو؟ منهنجون ڪوڙ ساريون يادون وابستہ آهن.“

اي ڊي سي چيو. ”ساري. توهان جي دعوت نہ آهي. پيو تہ توهان ڊريس ۾ نہ آهيو.“

”ڪهڙي ڊريس؟“

”انگريزي ڊريس يا ڪارو اچڪن هجي.“

هن ڪاوڙ مان چيو. ”آئون بڪنگهم پيلس مان هن ڊريس ۾ آيو آهيان.“

”اها تہ اڳ جي ڳالهہ هئي. هاڻي توهان بڪنگهم پيلس تہ ڇا، ڪنهن عدالت ۾ بہ اهو لباس پائي داخل نہ ٿا ٿي سگهو.“

”هلو هلون.“

”ڪيڏانهن هلنداسين؟“

”جواهر لال نهرو سان ملنداسين.“

۽ نهرو جي ڏانهن وياسين تہ معلوم ٿيو تہ هو بمبئي ۾ هڪ پاگل خاني جو افتتاح ڪرڻ ويا آهن. اتان سردار پٽيل ڏانهن وياسين تہ معلوم ٿيو تہ آل پارٽيہ مارواڙي چيمبرس آف ڪامرس جي پروگرام ۾ شرڪت لاءِ بيڪانير ويا آهن. اتان کان ٿيندا مسٽر منسي وٽ وياسين تہ معلوم ٿيو تہ هو پُسادل ۽ منهاڙ جي وچ تي هڪ ڪجيءَ جو وڻ لڳائڻ ويا آهن. اها حسن اتفاق جي ڳالهہ هئي تہ انهيءَ ڏينهن جڳ جيون رام ڪوڪا ڪولا ڪمپني پاران تاسڪ ۾ ايڊريس پيش ڪرڻ لاءِ ويل هو ۽ شري يُت قدوائي چيلا بيلي پٽنہ ۾ هڪ نئون ٽيليفون ايڪسچينج جاري ڪرڻ لاءِ هليو ويو هو. شري هري ڪرشن مهتاب ستيہ نارائڻ جي ڪٿا ۾ مصروف هئا ۽ سردار بلديو سنگهہ ڪشمير ۾ هئا ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد ڪلڪتي ۾ بيمار هئا ۽ شري راج گوپال اچاريہ جي بہ آمريڪي سفير وٽ دعوت هئي. يعني پوري جي پوري ڪيبينٽ غائب هئي. مون چيو. ”ٻڌايو هاڻي ڇا ڪريون؟ ڪنهن ڊپٽي منسٽر سان ملندؤ؟“

”اهو ڊپٽي منسٽر ڇا هوندو آهي؟“ هن پڇيو.

مون چيو. ”اها وڏي مزي جي شيءِ هوندي آهي. ڪجهہ منسٽر کان هيٺين ۽ ڊپٽي سيڪريٽري کان مٿاهين...... ٻن ڏاڪڻين جي وچين ڪاٺي سمجهو.“

هن نڪ تي عينڪ ٺيڪ ڪندي چيو. ”مون وچين ڪاٺي کي ڪڏهن بہ پسند ناهي ڪيو.“

هئا، بادام کارايا ويندا هئا ۽ وٽامن جا انجيڪشن لڳندا هئا. پلا بهشت ۾ اها ڇا ڪائيندي آهي؟“

”ڪجهه ڪائيندي ناهي، خالي امرت پيئندي آهي.“

اسان ٻئي کلڻ لڳاسين. ايتري ۾ بهشت مان اسٽيشن ويگن اچي ويئي ۽ اسين ٻئي چمپارن پهچي وياسين. اتي اسان کي جهبومليو جيڪو منهنجو پراڻو يار آهي.

جهَبـُو مون کي چيو، ”هڪ اهڙو ماڻهو اسان جي ضلعي ۾ آيو هو، جهڙو تنهنجو ساٿي آهي. بلڪل انهيءَ جيان مسڪرائيندو هيو. جڏهن مون کي ٻن سالن جي قيد ٿي هئي، آئون جوان هئس، جڏهن مون کي جيل وڃڻ سٺو لڳندو هو.“

”ڇو؟“ مون پڇيو.

”انهيءَ لاءِ جو ڍل تمام گهڻي هئي، زميندار بيگار وٺندو هيو. انگريز جو آفيسر ظلم ڪندو هو ۽ جهڙو تنهنجو ساٿي آهي، انهيءَ شڪل صورت جي انهي ماڻهوءَ تي مون ۽ منهنجي ڳوٺ وارن ڀروسو ڪيو هو، ۽ انهيءَ جي چوڻ تي وڃي جيل به ڪٽي هئي، چڪي پيهي هئي، گهر لٽرايو هو، زمين ضبط ڪرائي هئي.“

”هاڻي ڪهڙو حال آهي؟“

منهنجي ساٿي پڇيو. ”هاڻ ته مزا ئي مزا هوندا. هاڻ ته پنهنجو راڄ آهي.“

”سو ته ٺيڪ آهي پائي.“

جهَبـُو ٿڌو ساهه ڀري چيو، ”پنهنجو راڄ ته آهي پر پنهنجي زمين نه آهي. زمين ته اهائي زميندار جي آهي ۽ هن جو ظلم اڳي جيان آهي ۽ انهيءَ جي مٿان وڏي سرڪار آهي، اها به ديسي، جيئن آزادي ڪان اڳ هئي، رڳو ٽوپي بدلي آهي ۽ ٻيو ڪجهه به ناهي بدليو. منهنجا ڀاءُ! پهريان انگريزي ٽوپي هئي، هاڻي گانڌي ٽوپي آهي ۽ پوئين مهيني کان ڏڪار پيو آهي، پر ٻڌو آهي ته دهلي جو وزير نه ٿو مڃي. ڇوي ٿو بهار ۾ ڏڪار ڪٿي؟ ڪالهه ئي اسان جي ڳوٺ جو ڪنيار مري ويو، ٻـُڪ وگهي مري ويو، پر اسان جو وزير ڇالاءِ مڃيندو؟ سيئي مري ويندا تڏهن به ڏڪر ڪونه پوندو. مٿان مختيارڪار چوي ٿو وڻ لڳايو. اڙي ادا! هن زمين ۾هڪڙو به ڄانور نه ٿو ٽئي، ايڏو وڏو وڻ ڪيئن ٿيندو؟ آهي نه انگريزن واري هٽ ڌرمي.....!“

”توهان مقابلو ڇونه ٿا ڪريو......؟“ هن پڇيو.

جهبـُو آهستي آهستي هيڏانهن هوڏانهن چوطرف نهاريو، پوءِ سرٻاٽ ڪندي چيائين، ”آهستي ڳالهايو، ڪٿي ڪنهن ٻڌي ورتو ته گولي هلي ويندي. ڀاءُ! چار ڏينهن زندگيءَ جا آهن، جيئن تيئن گذاري ويندا سين، پر رام پلو ڪري هن لنگوٽي واري جو، يار ڪيئن نه چمڪائي ڇڏيو. خود هن جا ڀائي بند ۽ چيلا مزا ڪري رهيا آهن. هتي جهبـُو اهڙي طرح وڙهي رهيو آهي. واهه جو رام راڄ آيو.

"اڳ ۾ قيمتون ايتريون وڌيل نہ هيون." مون چيو. "اڳ ۾ آئون حنائي آڱرين ۽ گلابي رنگن جا خواب ڏسندو هئس، پوءِ قيمتن جي شرح سؤ کان ٻہ سؤ، ٻہ سؤ کان ٽي سؤ سيڪڙو ٿي ويئي. هاڻ تہ ٽي سؤ کان چار سؤ ٿي ويئي آهي. ڏسندي ئي ڏسندي حنائي آڱريون مٽي ۾ سُن ٿي ويون ۽ گلابي ڪليون مرجهائجي مٽي ۾ ملي ويون ۽ اها، جنهن سان آئون محبت ڪندو هئس، اها منهنجي بيڪاريءَ مان بيزار ٿي هڪ سٺي باز وٽ هلي ويئي ۽ منهنجي محبت جي بدن تي صرف لنگوٽي چڙهي ويئي."

"ٻڪريءَ جو کير پيئندين؟" هن پڇيو.

"توهان جي بهشت واري ٻڪري جو کير نہ پي سگهندس. امرت پيئندڙ ٻڪريءَ جو کير پي آئون هميشہ زنده رهڻ نہ ٿو چاهيان."

"ڇو؟"

"هميشہ زنده رهڻ، ايندڙ نسل لاءِ خراب آهي. اهو سٺو آهي تہ اسان ٿوري وقت لاءِ زنده رهون ۽ مري وڃون ۽ پوءِ دنيا کان هميشہ لاءِ وسري وڃون."

"جيئن؟"

"جيئن پراڻا گل ٽڙي، مهڪي، جهُومي، مرجهائي ويندا آهن ۽ ان جڳهہ تي نوان گل ايندا آهن.پ

ايتري ۾ اسٽيشن ويگن اچي ويئي ۽ اسان بمبئي جي پيندي بازار ۾ پهچي وياسين.بمبئيءَ ۾ اسان کي ڪمال مليو.

ڪمال چيو، "مون توهان کي سڃاتي ورتو آهي."

"ڪيئن؟" هن پڇيو.

"توهان احمد آباد ۾ سارا ڀائي وٽ ايندا رهندا هُيُؤ ۽ آئون سارا ڀائي جي مل ۾ نوڪر هئس."

"اڄڪلهہ ڪٿي آهين؟"

"هتي سيسون مل ۾ ڪم ڪندو آهيان."

"انگريزن جي مل اڃان تائين هتي آهي."

"انگريزن جي ڪهڙي شيءِ هتان ڪان ويئي آهي؟ انگريزي تائين هتي موجود آهي."

"ڪپڙي جو ڪهڙو اگهہ آهي؟"

"مون کي معلوم نہ آهي."

ڪمال چيو ، "ٻن سالن کان ڪو ڪپڙو ناهي ورتو."

"ڇو؟"

"ڪاڌو، گهر، بيماري، بجلي، پاڻي ۽ ٻيڙي کان پوءِ پئسو نہ ٿو بچي."

"تنهنجي زال ڪٿي آهي؟"

"پاڪستان ۾."

"ڇو؟"

"جڏهن فساد شروع ٿيا تہ امان سان گڏ هلي ويئي. آئون بہ وڃان هليو ها، پر توهان منهنجي جان بچائي ورتي."

"هاڻي تون زال کي واپس ڇونہ ٿو گهرائين؟"

”ڪيئن گهرايان؟ خرچ نہ آهي.
مزدور هڙتال تي آهن.“
”هڙتال ڇو ٿا ڪن؟“
”بونس ناهي مليو.“
”بونس ڇا جو.....؟“
”مل مالڪن ڪروڙين روپيا ڪمايا آهن. توهان کي ياد هوندو. هڪ دفعو توهان ڪنٽرول ڪٺايو هيو. ٿورن ڏينهن ۾ مل مالڪن ڪروڙين روپين جو هير ڦير ڪيو هو.“
”ها. اها منهنجي غلطي هئي.“
”غلطي توهان جي هئي، مزو اسان کي پيو اچي. شين جا اگهہ وڌندا ٿا وڃن. جيئن جيئن آزادي جي عمر وڌندي ٿي وڃي.“
”توهان آخر ڇاهيو ٿا ـ بونس؟“
ڪمال چيو. ”نہ. آئون پنهنجي حڪومت چاهيان ٿو. آئون سيٺي ڪارخانا خود هلائيندس، پوک خود پوکيندس، سڄي محنت خود ڪندس، سڄو ڦل خود کائيندس.“
”پوءِ تہ گولي هلندي.“ هن ڪلي چيو.
ڪمال چيو. ”مون کي خبر آهي. ڇا توهان اسان کي هن لنگوٽيءَ ۾ ڏسي خوش آهيو؟ ڇا ڇُڙي ڇُڙي مرڻ لاءِ.......؟“
هن چيو. ”مون خود زندگي ڀر لنگوٽي پاتي آهي.“
”اها تہ مسيح جي صليب هئي.“ ڪمال چيو. ”صليب زندگي ۾ هڪ ڀيرو ملي ٿي، پر هيءَ صليب ڪهڙي هئي؟ دار تي جهولڻ بعد بہ قوم جي حالت ناهي بدلي. هن تن تي صرف اها لنگوٽي ئي رهي.....“
”توري تي گذارو ڪرڻ سک. ڪمال!“
ڪمال مسڪرائي چيو. ”چڱو ڀلا. خالي بونس ئي ڏيارايو. ملايو هٿ.“
هو کلڻ لڳو. چيائين. ”توهان جي هڙتال جو ڪوبہ اثر نہ ٿيو.....“
”گولي بہ ڀيرا هلي چڪي آهي. اڳتي بہ شايد هلي. گهر جا ٿانءَ بہ وڪامجي ويا. احمد آباد جا مل مالڪ ڏاڍا خوش آهن. ڇوتہ بمبئي جون ملون بند آهن ۽ احمد آباد جون ملون هلي رهيون آهن. جيڪو اسان لاءِ عذاب آهي، اهو اميرن لاءِ ثواب آهي.“
”منهنجي بهشت ۾ تہ ٻڪري ۽ شينهن هڪ ئي گهاٽ تي پاڻي پيئن ٿا.“
”تہ اهو چڙيا گهر، سرڪس جو گهاٽ هوندو. ڪنهن جهنگ جو گهاٽ نہ تو ٿي سگهي.“
”منهنجي بهشت ۾ امير ۽ غريب ٻئي برابر آهن.“
”تہ پوءِ اها سرمايہ پرستن جي بهشت هوندي، غريبن جي بهشت نہ هوندي.“
”توهان ٻين جو حق کسڻ چاهيو ٿا.“

(قسط پهرين)

# محشر

## رحمان خاصخيلي

اسان انگريزي ادب جي لازوال ناول جو ترجمو هن صفحن ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. هن ناول جو دنيا جي ٨٣ زبانن ۾ ترجمو ٿيو آهي. هڪ عورت جي ڪهاڻي جنهن ڪي جذهن مصيبتن ماريو ته هو پڙڪو ڪائي باهه ٻڄي وئي ۽ پوءِ سڄي دنيا هن کان ڊڄڻ لڳي.



آواز کي وڏيڪ بلند ڪندي چيو. چڻ اعلان ڪندي هجي.
"دلجاءِ ڪر. آءٌ توکي ضرور پسند ڪندا، پياري."
"چارلس چوي پيو. فڪر ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. هو مون کي چاهي ٿو. آئون بہ کيس بيحد پيار ڪريان ٿي. توهان جي هن سان ملاقات ٿيڻ جو انتظار نہ ٿي ڪري سگهان. هو پلوڙ شخصيت جو مالڪ آهي."
"مون کي بہ يقين آهي تہ هو اهڙو ئي هوندو." هوءَ چارلس سان ڪڏهن بہ ملي نہ سگهندي. هوءَ پنهنجي ڌيءَ جي ٻارن کي ڪڏهن بہ پنهنجي هنج ۾ کڻي نہ سگهندي. نہ، مون کي ان بابت هرگز سوچڻ نہ گهرجي.
"ٻچڙا، ڇا هو چاڻي ٿو تہ توسان پرڻجڻ هن لاءِ ڪيڏي وڏي ڀاڳ جي ڳالهہ آهي؟"
"آئون کيس پنهنجي متعلق گهٽو ڪجهہ ٻڌائيندي رهندي آهيان." ٽريسيءَ ڪيليو.
"تون پنهنجو پاڻ کي ڪيئن ٿي محسوس ڪرين. نيڪ تہ آهين نہ ؟"
تنهنجي صحت بلڪل نيڪ آهي،ڊورس. اهي هئا ڊاڪٽر رُوش جا لفظ. تون سؤ سال حياتيءَ کي چوڙي ماٺي ٿي سگهين. اها زندگيءَ جي ستم ظريفين مان هڪ ستم ظريفي آهي. "آئون پاڻ کي زبردست محسوس ڪري رهي آهيان."
"ڪو دوست تہ ڪو نہ هٿ ڪيو آٿئي؟" ٽريسيءَ کيس چيڙائڻ خاطر چيو.
ٻہ- ٽي سال اڳ جڏهن کان ٽريسيءَ جو پيءُ گذاري ويو هو، ڊورس وٺنيءَ باوجود ٽريسيءَ طرفان زور پرڻ جي ڪنهن ٻئي مرد سان پاهر وڃي گهمڻ ڦرڻ بابت ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو.
" نہ، ڪوبہ دوست نہ." هن موضوع بدلايو. "تنهنجي نوڪري ڪيئن پئي هلي؟ اڃان جاري رکيو پئي اڃي يا نہ؟"
" مون کي پنهنجي نوڪري ڏاڍي وڻي ٿي. پرڻجڻ ڪانپوءِ ڪم کي جاري رکڻ تي چارلس کي ڪوبہ اعتراض ناهي."
"ٻچڙا، اهو ڏاڍو سٺو آهي. لڳي ٿو تہ هو ٻين جي جذبن جو خيال رکندڙ ماڻهو آهي."
"هائو امي، توهان ساڻس ملندؤ تہ ڏاڍا خوش ٿيندو."
گجگوڙ جو زورائتو شور اچي رهيو هو. وقت پورو ٿي چڪو آهي. آخري ڀيرو موڪلائڻ کان علاوه چوڻ لاءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ رهيو هو. "خدا حافظ، منهنجي منڙي." هن پنهنجو آواز محتاط نموني متوازن رکيو.
"امي، توهان سان شاديءَ جي موقعي تي ملنديس، جيئن ئي چارلس ۽ مون ڪا تاريخ طئي ڪئي تہ توهان کي سڏائي وٺنديس."

سان اختلاف ڪيو هو. چارلس، پهرين تہ ان اختلاف مان لطف اندوز ٿيو پر پوءِ سندس سامهون موجود هڪ سهڻي عورت جي پرجوش بحث تي اندر ئي اندر خفي ٿي پيو. سندن وچ ۾ اهو بحث بُڪ بائينڊر ريسٽورنٽ ۾ ڊنر واري سموري وقت دوران جاري رهيو.

شروع ۾ تہ ٽريسي وٽني، چارلس اسٽين هوپ ٽئين کان قطعن متاثر نہ ٿي. جيتوڻيڪ ڪيس خبر هُئي تہ چارلس کي فلاڊيلفيا جو مالدار ترين شخص سمجهيو وڃي ٿو. چارلس پنجٽيهہ ورهين جو هو ۽ فليڊيلفيا جي جهونن گهراڻن مان هڪ جو امير ترين ۽ ڪامياب ياتي هو. سندس قد پنج فوٽ ڏهہ انچ، وار چٽندڙ ميرانجهڙا ۽ اکيون خاڪي هيون. سندس اٿڻ ويهڻ پرجوش هوهئي." هي بور ڪندڙ امير ماڻهن مان هڪ آهي." ٽريسيءَ سوچيو.

چارلس ٽيبل جي سامهون واري طرف جهُڪيو، چڻ ٽريسيءَ جي سوچن کي پڙهي رهيو هجي ۽ چيائين، "منهنجي والد کي خاطري آهي تہ ڪيس اسپتال ۾ ڪو غلط ٻار ڏنو ويو هو."

"جو؟"

"آئون ٿورو مختلف آهيان، ائين هرگز نہ سمجهندو آهيان تہ دولت ئي زندگيءَ جو پهريون ۽ آخري مقصد آهي، پر مهرباني ڪري منهنجي والد کي ڪڏهن متان ٻڌائين تہ ڪو مون ائين پئي چيو."

هن جو انڪساريءَ وارو انداز ايڏو وڻندڙ هو جو ٽريسيءَ کي هن ڏانهن ڇڪ محسوس ٿي. آئون حيران آهيان تہ هن جهڙي شخص سان پرڻجڻ ڪيئن لڳندو.

ٽريسي وٽنيءَ جي والد کي پنهنجو ڪاروبار مضبوط ڪرڻ ۾ لڳ ڀڳ سموري ڄمار لڳي ويئي، پر اسٽين هوپز اهڙي سطح جي ڪاروبار کي معمولي سمجهندي مذاق اڏائين ها. اسٽين هوپز ۽ وٽنيز جو ميلاپ ممڪن ناهي. ٽريسيءَ سوچيو، اهي تيل ۽ پاڻي برابر آهن ۽ اسٽين هوپز تيل آهي پر آئون احمقن وانگر اهو سڀ ڪجهہ ڇو پئي سوچيان. هڪ شخص مون کي ڊنر تي هلڻ لاءِ چئي رهيو آهي ۽ آئون اهو پئي طئي ڪريان تہ مون کي ساڻس شادي ڪرڻ گهرجي يا نہ. ٿي سگهي ٿو تہ اسين ٻيهر ملي بہ نہ سگهون.

چارلس چئي رهيو هو تہ، "اميد آهي تہ تون سياڻي ڊنر لاءِ واندي هوندينءَ."

ڇنڇر وارين راتين تي چارلس ۽ وٽني بيلي ڊانس يا فلاڊيفيا آرڪسٽرا جي موسيقيءَ واري فنڪشن کي ڏسڻ لاءِ ويا ۽ هفتي دوران نيو مارڪيٽ ۾ سوسائٽي هلز ۾ منفرد قسم جي دڪانن جو واءُ سواءُ ورتو. هنن هينوز ۾ سائيڊ واڪ وارين ميزن تي چيز اسٽيڪس کاڌا ۽ فلاڊيلفيا جي چند خاص الخاص ريسٽورنٽس مان هڪ ڪيفي رايل ۾ ڊنر

ڪيو. انهن هيڊ هائوس اسڪوائر متان خريداري ڪئي ۽ فليڊيلفيا ميوزيم آف آرٽ ۽ رودين ميوزيم گهميا.

ٽريسي، دي ٿنڪر مجسمي جي سامهون رُڪجي ويئي. هن چارلس ڏي ڏٺو ۽ کِلندي چيائين، "اهو تون آهين."

چارلس کي ورزش ۾ ڪا به دلچسپي نه هئي، پر ٽريسي کي ورزش ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو. هو آچر واري ڏينهن تي صبح مهل پارڪ ۾ وڃي وڏيون ڊوڙون پائيندي هئي. هن چنچر ڏينهن منجهند جو "تائي چي چُوئان" ڪلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ هڪ ڪلاڪ تائين سخت مشق ڪرڻ ڪانپوءِ ٿڪجي چڪي هئي، پر گڏوگڏ سندس طبيعت انتهائي شگفته ٿي پيئي هئي.

هوءَ چارلس سان سندس اپارٽمينٽ ۾ ملندي هئي. هو نفيس کاڌو رڌڻ جو شوقين هو. ٽريسيءَ جي معلومات مطابق چارلس وقت جي انتهائي پابندي ڪندڙن مان هڪ هو. هڪ ڀيري هوءَ ساڍس ڊنر تي رکيل ملاقات ۾ پندرنهن منٽ دير سان پهتي هئي، جنهن تي چارلس جي ناراضگي سندس سموري شام جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيو هو. ان ڪانپوءِ ٽريسيءَ وقت تي پهچڻ جو پڪو پهه ڪري ورتو هو. ٽريسيءَ کي جنسي ميلاپ جو تمام گهڻ تجربو هو، پر کيس لڳو ٿي ته چارلس جنسي ميلاپ وارو عمل به انهيءَ انداز تي ڪندو هو جهڙي انداز جي هو زندگي گذاريندو هو، يعني بيحد احتياط ۽ پوري پٽني نموني. هڪ ڀيري ٽريسي ساڻس هم بستري دوران غير روايتي ۽ زوراوري وارو طريقو اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن تي چارلس کي ايڏو صدمو پهتو هو جو ٽريسيءَ کي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته هوءَ جنسي پاڳلپڻي جو شڪار ته نه ٿي ويئي آهي.

اُميد سان ٿيڻ غير متوقع هو ۽ جڏهن متس اها ڪيفيت آئي ته ٽريسيءَ تي غير يقيني صورتحال ڇانئجي ويئي. چارلس ساڻس شادي ڪرڻ بابت ڪوبه اشارو نه ڏنو هو ۽ خود هن به نٿي چاهيو ته چارلس کي ساڻس ٻار جي ڪري لازمي طور شادي ڪرڻ گهرجي. کيس پڪ نه هئي ته کيس ٻار ڪيرائڻ جي عمل مان گذرڻو پوندو يا نه. پر ان جو متبادل فيصلو به هن لاءِ اوترو ئي لطف ڏيندڙ هو. ڇا هوءَ پيءُ جي مدد کان سواءِ ٻار کي نپائي سگهندي ۽ ڇا ائين ڪرڻ ٻار لاءِ به نيڪ ٿيندو؟ هن هڪ شام ڊنر ڪانپوءِ اِها خبر چارلس کي ٻڌائڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هن پنهنجي اپارٽمينٽ ۾ چارلس لاءِ "ڪيسوليٽ" تيار ڪيو هو. پنهنجي پريشاني ۾ اُن تَڙ ۾ اُن کي ساڙي وڌائين. جيئن ئي هُن اهو سڙيل گوشت ۽ مُڱَ چارلس جي آڏو رکيا ته کيس چڱي طرح پنهنجي رٽيل تقرير وسري ويئي ۽ بنا ويچارڻ جي هُن امالڪ چئي ڏنو، "معاف ڪجانءِ چارلس! آئون پيٽ سان آهيان."

هڪ ڊگهي ماٺ ڇانئجي ويئي ۽ ٽريسي اُن ماٺ کي ٽوڙڻ واري هئي ته

چارلس چئي ڏنو. ”پوءِ ڇاهي؟ اسين شادي ڪري وٺندا سين.“

ڏريسي اهو ٻڌندي ئي زبردست راحت جي احساس سان پرجي ويئي. ”آئون نٿي چاهيان ته تون اهو سوچين ته...... توکي مون سان شادي ڪرڻ جي ڪابه زور زبردستي ناهي. سمجهين پيو نه؟“

چارلس هٿ مٿي ڪٽي ڪيس روڪيو. ”ٽريسي! آئون توسان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو. تون هڪ زبردست زال ثابت ٿيندينءَ.“ هورياڻ هن وڌيڪ چيو ته. ”يقينن منهنجو والد ۽ ماءُ ڪجهه قدر حيران ضرور ٿيندا.“ ۽ هن مرڪيو ۽ ٽريسيءَ کي چمي ورتائين.

ٽريسيءَ هورياڻ پڇيو. ”اهي حيران ڇو ٿيندا؟“

چارلس ڏکھو ساھ کنيو. ”ڊارلنگ! مون کي انديشو آهي ته توکي ان ڳالهه جو قطعن ڪو اندازو ڪونهي ته تون پاڻ کي ڪٿي پيئي ڦاسائين. سٽين هوپز شاديون........ ڏيان ڏجانءِ. آئون جيڪو چوان پيو سو ڏنگين جي وچ ۾ آهي...... ”پنهنجي جوڙ وارن“ سان ڪندا آهن.“

”۽ هنن اڳيئي تنهنجي وني جي چونڊ ڪري ورتي آهي؟“ ٽريسيءَ اندازو لڳائيندي چيو.

چارلس کيس پنهنجي ياڪر ۾ ڀري ورتو. ”ان جي ذرو به پرواهه ناهي، پر جنهن کي مون چونڊي ورتو آهي، اهائي اهميت رکي ٿي. اسين اينڊڙ جمعي ڏينهن منهنجي والد ۽ ماءُ سان ڊنر کائيندا سين.

اهوئي وقت هوندو تنهنجي هنن سان ملاقات جو.“

نوَ وڄڻ ۾ پنج منٽ هئا ته ٽريسيءَ کي بينڪ ۾ شور جي سطح ۾ آيل فرق جو احساس ٿيو. بينڪ ملازمن ڪجهه وڌيڪ تيزيءَ سان ڳالهائڻ ۽ ڪجهه قدر تيزيءَ سان چرپر ڪرڻ شروع ڪيو هو. بينڪ جا دروازا پنجن منٽن بعد کُلي ويندا ۽ هر شيءِ کي تياري واري حالت ۾ رهڻو هو. سامهين ڪڙڪيءَ مان ٽريسيءَ ٻاهر سائيڊ واڪ تي قطار لڳائي بيٺل بينڪ ۾ اينڊڙ ماڻهن کي ڏسي پئي سگهي، جيڪي ٿڌي برسات ۾ بينڪ جا دروازا کُلڻ جي اوسيئڙي ۾ هئا.

ٽريسيءَ بئنڪ جي گارڊ کي رقم جمع ڪرائڻ يا ڪڍرائڻ واريون خالي سلپون ڏاتوءَ جي نهيل ٽري بئنڪ جي ايزل سينٽر سان لڳولڳ قطار ۾ رکيل ڇهن ميزن تي ورهائي رکڻ وارو ڪم مڪمل ڪندي پئي ڏٺو. روز اينڊڙن کي اهڙيون ڊپازٽ سلپون جاري ڪيون ويبديون آهن . انهن جي هيٺان“ پرسنل ميگنيٽائيزڊ ڪوڊ“ لڳل هو ته جيئن اهي روز اينڊڙ ماڻهو پنهنجيون رقمون جمع ڪرائين ته ڪمپيوٽر ازخود انهن کي واسطيدار اڪائونٽ ۾ جمع ڪري ڇڏين پر اڪثر ڪري اهي ماڻهو پنهنجي ڊپازٽ سلپن کان سواءِ بئنڪ پهچي ويندا هئا ۽ هتي اچي ساديون سلپون ڀريندا آهن.

گارڊ ديوار تي لڳل گهڙيءَ تي نظر وڌي. ڪلاڪ وارو ڪانٽو نوَن واري

انگ ڏانهن سُريو ۽ هو دروازي ڏانهن وڌيو ۽ دستور موجب ان کي کولي ڇڏيائين.

بئنڪ ۾ ڪم ڪار واري ڏينهن جو آغاز ٿي ويو.

ايندڙ ڪجهه ڪلاڪن تائين ٽريسي ڪمپيوٽر تي ايترو مصروف ٿي چڪي هئي جو ٻي ڪنهن ڳالهه تي سوچڻ بہ محال هو. هر وائر ٽرانسفر کي اهو يقين ڪرڻ لاءِ تہ اُن جو ڪوڊ بلڪل درست آهي، ڊبل چيڪ ٿي ڪيو. جڏهن بہ ڪنهن اڪائونٽ منجهان رقم ڪڍٽي هوندي آهي تہ هوءَ ان جو اڪائونٽ نمبر، ماليت ۽ جنهن بئنڪ ۾ رقم منتقل ڪرٽي هوندي هئي، ان جو نالو ڪمپيوٽر ۾ داخل ڪندي هئي. هر بئنڪ جو پنهنجو ڌار ڪوڊ نمبر هو ۽ اهو نمبر خُفيہ ڊائريڪٽريءَ جي فهرست ۾ شامل ٿيل هو. انهيءَ خفيہ ڊائريڪٽري ۾ دنيا اندر هر مکيہ بئنڪ جا ڪوڊ درج ٿيل هئا.

صبح وارو وقت تيزيءَ سان ختم ٿي ويو. ٽريسي پنهنجي لنچ ٽائيم واري وقفي دوران پنهنجا وار سيٽ ڪرائڻ لاءِ وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ هن هڪ بيوٽي پارلرواريءَ کان اڳواٽ وقت وٺي ڇڏيو هو . جيڪو جيتوڻيڪ ڪافي مهانگو هو پر چارلس جي والدين وٽ وڃڻ جي موقعي جي لاءِ نيڪ هو. ڇاڪاڻ تہ ٽريسي چاهيو پئي تہ چارلس جا والدين کيس سندس پوري سونهن ۾ ڏسن. مون کي پوري ڪوشش ڪرٽي آهي تہ هو مون کي پسند ڪن. البت مون کي ان جي ڪابہ پرواهہ ناهي تہ هو چارلس لاءِ ڪنهن کي تا پسند ڪن. ٽريسيءَ سوچيو. جيئن آئون چارلس کي خوش رکنديس، ائين ٻيو ڪوبہ نہ رکي سگهندو.

هڪ وڳي جيئن ئي ٽريسي پنهنجو برساتي ڪوٽ پائي رهي هئي تہ ڪلارنس ڊيسمنڊ کيس پنهنجي آفيس ۾ طلب ڪيو. ڊيسمنڊ اهم ترين منتظم جي هوبهو تصوير هو. جيڪڏهن بئنڪ کي پنهنجي مشهوري لاءِ ٽيليويزن ڪمرشل کي استعمال ڪرٽو پوي تہ هو هڪ مڪمل ترجمان ثابت ٿي پيو سگهي. سنئي لباس ۾ مضبوط شخصيت وارو ڏيک ڏيندي هن جي جهوني طرز جي حاڪميت بکي رهي هئي ۽ هو هڪ اهڙو شخص لڳي رهيو هو جنهن تي مڪمل اعتماد ڪري پيو سگهجي.

”ويهہ، ٽريسي.“ هن چيو.

هرهڪ بئنڪ ملازم هن طرفان سندس پهرئين نالي سان سڏڻ کي پاڻ لاءِ فخر جهڙي ڳالهہ سمجهندو هو. ”باهر موسم ڏاڍو نامهربان آهي. ها نہ؟“

”جي هائو.“

”پر پوءِ بہ ماڻهن کي بهرحال پنهنجو بئنڪ سان وهنوار تہ ڪرڻو ئي آهي.“ ڊيسمنڊ مختصر انداز ۾ ڳالهايو ۽ هو ميز تي جهُڪي پيو. ”آئون سمجهان ٿو تہ تون ۽ چارلس شاديءَ جي بندڻ ۾ ٻڌجڻ لاءِ مڱجي رهيا آهيو.“

چڙهي، جيڪا سنڌس ماءُ هن لاءِ ڪرسمس جي موقعي تي موڪلي هئي.

اهو لباس پائي وٺني مقرر وقت تي چارلس جي گهر پهتي.

عمارت جو دروازو هڪ ملازم کوليو. "شام بخير، مس وٽني."

اهو ملازم منهنجي نالي کان واقف آهي ڇا؟ اهو هڪ سُٺو اهڃاڻ آهي يا خراب اهڃاڻ آهي؟

ڇا آئون توهان جو ڪوٽ لاهيان؟" ان ملازم ڪائنس پڇيو.

" "جي ضرور"

ملازم سندس ڪوٽ لاٿو ۽ هي اندر داخل ٿي. هوءَ هاڻ قيمتي ايراني غاليچن مٿان هلي رهي هئي.

هن سندس ماربل جي ٺهيل راهداريءَ تي رهنمائي ڪئي، جيڪا سندس بئنڪ جي راهداريءَ کان ٻه ڀيڻي ڪشادي هئي. ٽريسيءَ پريشان ٿيندي سوچيو. "اوهه منهنجا خدا! مون ته صفا غلط ۽ نامناسب وڳو پهريو آهي. مون کي ساڳيو سينٽ لورينٽ وارو وڳو پهرڻ گهرجي ها." جيئن ئي هوءَ لائبريريءَ ۾ داخل ٿي ته هوءَ چارلس جي والدين جي سامهون موجود هئي.

چارلس سٽين هوپ سينئر ڏسڻ ۾ هڪ سخت ماٺهو ٿي لڳو ۽ هو پنهنجي ڇمار جي سانيڪي سال ۾ هو. هو هڪ ڪامياب شخص جيان نظر پئي آيو. سندس اکيون، چارلس جي اکين جيان خاڪي هيون. ڪاڏي مضبوط ۽ نرڙ وٽ

اڇن وارن جي جهالر هيس. ٽريسيءَ کي انهيءَ لمحي ۾ هو ڏاڏو وٽي ويو. هو پنهنجي اولاد لاءِ هڪ مڪمل ڏاڏا ثابت ٿيندو.

چارلس جي ماءُ ڏسڻ ۾ پُرڪشش هئي. هوءَ قد ۾ نسبتن ڇوٽي ۽ ڇيلهه کان هيٺ ڪجهه قدر ويڪري هئي. ان جي باوجود سندس انداز باوقار هو. هوءَ هڪ مضبوط ۽ انحصار جي قابل لڳي رهي هئي. ٽريسيءَ سوچيو. "هوءَ هڪ سادي ڏاڏي ثابت ٿيندي."

مسز سٽين هوپ سندس هٿ پڪڙيو. "منٽري، ڇڱو ٿيو جو تون اسان سان ملڻ آئي آهين. چارلس کي ڇئي ڇڏيو اٿئون ته اسان کي توسان چند منٽن لاءِ اڪيلو رهڻ ڏنو وڃي. توکي ان تي ڪو اعتراض ته ناهي؟"

"پڪ سان ڪيس ڪوبه اعتراض نه هوندو." چارلس جي والد وراڻيو.

"ويهه....... ٽريسي. تنهنجو نالو اهوئي آهي نه؟"

"جي. هائو."

بيئي ڄڻا سندس سامهون واري ڪوچ تي ويهي رهيا. "آئون ائين ڇو پيئي ڀانيان ته ڄڻ مون کي پُڇاڻي مان گذرڻو آهي؟" ٽريسيءَ پنهنجي ماءُ جو آواز ٻُڌي پيئي سگهي. "ٻچڙا، ڏٺي سڳورو تنهنجي مٿان اهڙي ڪا به شيءِ نه مڙهيندو، جنهن کي تون منهن نه ڏيئي سگهين. بس هڪ وقت تي رڳو هڪ ئي قدم کڻجانءِ."

ٽريسيءَ جو پهريون قدم ڪمزور مُرڪ هئي، جيڪا اُتساهيندڙ انداز ۾ ظاهر ٿي، ڇاڪاڻ تہ ان ئي لمحي دوران هن ڪي پنهنجي ڄنگهن ڪان وينديءَ پيرن تائين هڪ ٿڌي لهر محسوس ٿي، جنهن ڪي هن پنهنجا هٿ رکي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"ها تہ......" مسٽر سٽين هوپ جو لهجو پرجوش هو، "تون ۽ چارلس شادي ڪرڻ چاهيو ٿا؟"

"هائو." ٽريسيءَ وراڻيو.

"تو ۽ چارلس هڪ ٻئي کي گهڻو ڪو نہ ٿا سڃاڻو. ٺيڪ آهي نہ؟" مسز سٽين هوپ پڇيو.

ٽريسيءَ پنهنجي ڪاوڙ کي روڪي ورتو. "خيال صحيح نڪتو. مون کان هتي پڇاڻو ٿيڻ وارو آهي."

"اهو ڄاڻڻ لاءِ تہ اسين ٻئي هڪٻئي سان محبت ڪريون ٿا، اسان کي ڪافي جهجهو وقت مليو آهي مسز سٽين هوپ."

"محبت!" مسٽر سٽين هوپ ڀڻڪيو.

مسز سٽين هوپ چيو، "صاف گوئي سان چئجي مس وٽني، تہ چارلس جو اهو اعلان سندس والد ۽ منهنجي لاءِ صدمي واري روپ ۾ سامهون آيو آهي. يقينن چارلس توکي شارلٽ جي باري ۾ ضرور ٻڌايو هوندو؟" هن ٽريسيءَ جي چهري تي تاثر ڏٺو.

ٽريسي ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.

"اڇا.... بهرحال هو ۽ شارلٽ ننڍي هوندي کان هڪٻئي سان گڏ رهيا آهن. اُهي هميشہ پاڻ ۾ تمام ويجها رهيا آهن ۽........ سچ هيءَ آهي تہ هر ڪنهن کي توقع هئي تہ اهي هن سال پنهنجي مڱڻيءَ جو اعلان ڪندا."

شارليٽ بابت تفصيل بيان ڪرڻ هن لاءِ ضروري نہ هو. ٽريسي سندس تصوير چٽي پيئي سگهي، تہ هوءَ سندن پرسان ئي رهائش پذير هئي. بيحد امير ۽ ساڳيو چارلس وارو ئي سماجي پس منظر رکندڙ هئي. بهترين اسڪولن ۾ پڙهيل هئي. گهوڙن جي شوقين هئي ۽ هن گهوڙي سواري جي مقابلن ۾ ڪيترائي انعام پڻ کٽيا هئا.

"اسان کي پنهنجي خاندان متعلق ڪجهہ ٻُڌاءِ." مسٽر سٽين هوپ راءِ ڏني.

اوهہ منهنجا خدا! اهو راتوڪي واري فلم جو ڪو منظر لڳي رهيو آهي. ٽريسيءَ بيتابيءَ سان سوچيو. "آئون ريٽا هيورٿ جي روپ ۾ آهيان. جيڪا ڪيري گرانٽ جي والدين سان پهريون ڀيرو ملي رهي آهي. مون کي نڙي آلي ڪرڻ لاءِ پاڻي جي ضرورت آهي. جهونين فلمن ان وقت ملازم ٽري ۾ پاڻي سان ڪٽي پهچي ويندو آهي.

"ماءِ ڊيئر! تون ڪٿي پيدا ٿي هئينءَ؟" مسز سٽين هوپ پڇيو.

"لوزيانا ۾........ منهنجو والد مڪينڪ هو." ان جملي جو اضافو

ڪرڻ ضروري نہ هو. پر ٽريسي پاڻ کي روڪِني نہ سگهي. جهنم ۾ وڃن اهي سيئي. ڪيس پنهنجي والد تي فخر ۽ ناز هو.

"مڪينڪ؟"

"هائو. هن نيو آرليئنس ۾ ننڍڙو مينو فيڪچرنگ پلانٽ لڳايو ۽ ساڳي جاءِ تي اُن کي ڪافي وڏي ڪمپنيءَ جي شڪل ڏنائين. پنج سال اڳ منهنجي والد جي وفات بعد منهنجي ماءُ ڪاروبار سنڀالي ورتو."

"اها ڪمپنيءَ ڪهڙي مينوفيڪچرنگ ڪندي آهي؟"

"ايگزاسٽ پائپ ۽ ٻيا آٽوميٽڪ پارٽس تيار ڪندي آهي."

مسٽر ۽ مسز سٽين هوپ پاڻ ۾ نظرن جي متاستا ڪئي ۽ ساڳئي وقت ٻنهي جي وات مان " اوه " جو لفظ نڪتو.

سندن لهجي ٽريسيءَ کي اڻ تڻ ۾ وجهي ڇڏيو. "هنن سان پنهنجائپ پيدا ڪرڻ ۾ مون کي الائي ڪيترو وقت لڳندو؟" ٽريسي پنهنجو پاڻ کان پڇيو. هن سامهون ويٺل ٻنهي غير همدرد چهرن تي نظر وڌي ۽ هن متس طاري دهشت جي ڪري احمقانہ طور تي ڏاڍيان چوڻ شروع ڪيو تہ. "توهين منهنجي ماءُ کي ضرور پسند ڪندؤ. هوءَ خوبصورت، ذهين ۽ پرڪشش شخصيت جي مالڪ آهي. سندس تعلق ڏکڻ سان آهي ۽ مسز هوپ! هوءَ قد جي ڇوٽي، بلڪل توهان جي ڊيگهہ برابر

آهي." ٽريسيءَ جا لفظ نامڪمل رهجي ويا ۽ خوفناڪ ماٺ ۾ دٻجي ويا هئا: هن احمقانہ نموني مُرڪيو. جيڪا مسز سٽين هوپ جي گهُور جي سَٽَ نہ سهي اُجهامي ويئي.

هاڻ مسٽر سٽين هوپ جو وارو هو. جنهن بنا ڪو تاثر پيدا ڪرڻ جي چيو. "چارلس اسان کي آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي تہ تون پيٽ سان آهين."

ڪاش! آئون پيٽ سان نہ هجان ها. سندن رويو ڪُليو ناپسنديدگيءَ وارو هو. اهو ائين هو ڄڻ تہ جيڪو ڪجهہ ٿيو آهي، اُن ۾ سندن پُٽ جو ڪو واسطو ئي نہ هو. هُنن کيس محسوس ڪرايو هو تہ اهو بدناموسي ۽ ڪارنهن جو داغ آهي. هاڻ مون کي پتو پيو آهي تہ مون کي ڇا پهرڻ گهرجي ها. ٽريسيءَ سوچيو.

"مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اڄ جي زماني ۾ اهو ڪيئن ٿيو ۽..........." مسز سٽين هوپ چوڻ شروع ڪيو پر هوءَ پنهنجو جملو پورو نہ ڪري سگهي. انهيءَ لمحي دوران چارلس ڪمري اندر داخل ٿي چڪو هو. ٽريسي پنهنجي پوري حياتيءَ ۾ ڪنهن کي ڏسي ايڏو وڏيڪ خوش نہ ٿي هوندي.

"ها تہ......." چارلس شگفتہ انداز ۾ چيو. "توهين هڪٻئي کي ڪيئن ٿا لڳو؟"

ٽريسي اُٿي ڪرڙي ٿي ۽ تڪڙ تڪڙ ۾ پاڻ کي چارلس جي ٻانهن جي گهيري ۾ محفوظ ڪري ورتائين. "فائن

ڊارلنگ.“ ۽ هن کي پنهنجي وڏيڪ ويجهو ڇڪيندي سوچڻ لڳي، خدا جو شڪر آهي تہ چارلس پنهنجي والدين جهڙو ناهي. هو هنن جهڙو ڪڏهن بہ نٿو ٿي سگهي. اِهي تنگ نظر، امارت پسند ۽ غريبن کي حقير سمجهندڙ ۽ ڪنور طبيعت وارا آهن.

سندن پنيان موقع شناس ڪنگهڪار تي ۽ ملازم مشروبات جي ٽري کنيو بينل هو. ”سڀ ڪجهہ نيڪ ٿي ويندو.“ ٽريسيءَ پاڻ کي آٿت ڏني، ”هن فلم جي پڇاڙي موچاري ٿيندي.“

ڊنر تمام شاندار هو. ٽريسي ڊنر کائڻ کان وڏيڪ گهبراهٽ جو شڪار هئي. هنن بينڪنگ، سياست ۽ پريشان ڪندڙ عالمي صورتحال تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي. اهو بحث غير شخصي ۽ خوشگوار هو. چارلس جي والدين مان ڪنهن بہ اهو نہ چيو تہ، ”تو اسان جي پٽ کي شادي ڪرڻ لاءِ ڦاسايو آهي.“

”اهو قطعن واجبي آهي تہ جنهن عورت سان سندن پٽ پرڻجي پيو، ان بابت اونَ رکن.“ ٽريسيءَ سوچيو، ”هڪ ڏينهن چارلس سندن اداري جو مالڪ ٿيندو ۽ اهو ضروري آهي تہ سندس زال بہ لائق هجي.“ ٽريسيءَ پاڻ سان عهد ڪيو تہ يقينن ڪيس لائق زال ملندي.

چارلس هوريان سندس هٿ پڪڙيو، جيڪو ميز جي هيٺان نيپڪن کي وٽي رهيو هو ۽ مرڪي کيس اک پٽڪائين. ٽريسيءَ جي دل ٽپا ڏيڻ لڳي.

”ٽريسي ۽ آئون ننڍي پيماني تي شادي ڪرڻ چاهيون ٿا.“ چارلس چيو، ”۽ ان کانپوءِ......“

”احمق!“ مسز سٽين هوپ مداخلت ڪئي، ”اسان جي خاندان ۾ شاديون ننڍي پيماني تي نہ ٿينديون آهن، چارلس! بيشمار دوست ۽ عزيز آهن جيڪي توکي پرڻجندي ڏسڻ جا خواهشمند آهن.“ هن ٽريسيءَ جي شخصيت جي تور تڪ ڪندي مٿس نظر وڌي، ”شايد اسان کي اهو بندوبست ڪرڻ گهرجي تہ شادي لاءِ دعوتون هڪدم موڪليون وڃن.“ بعد ۾ آيل ويچار تحت هن وٽنيءَ کي چيو تہ، ”جيڪڏهن توهان کي اهو منظور هجي تہ.....“

”ها، ها بلڪل.“ شادي ٿيڻ واري آهي. مون کي آخر شڪ بہ ڇو ٿيو؟ وٽنيءَ سوچيو.

مسز سٽين هوپ چيو، ”ڪجهہ مهمان ڏيساور کان ايندا. آئون سندن رهڻ جا انتظام پنهنجي گهر ۾ ڪنديس.“

مسٽر سٽين هوپ پڇيو، ”ڇا توهان اِهو طئي ڪري ورتو آهي تہ توهين هني مون لاءِ ڪٿي وڃي رهيا آهيو؟“

چارلس مُرڪيو، ”اها اهم اطلاع آهي، بابا سائين.“ هن ٽريسيءَ جي هٿ کي مروٽو ڏنو.

”ڪيترو ڊگهو هني مون ملهائڻ متعلق توهان رٿيو آهي؟“ مسز سٽين هوپ پڇيو.

عبادت رڙين واري جي انداز ۾ ڪري رهيا هئا.

"آئون توهان کي بس ايتري تائين ئي پهچائي پيو سگهان." ڊرائيور کيس آگاهه ڪيو.

۽ تڏهن ٽريسيءَ مٿي نهاريو ۽ ڏٺو. اهو ناقابلِ يقين لقاءُ هو. زور سان رڙيون ڪندڙ هزارين ماڻهن جو هڪ انبوهه هو. سندن منهن تي نقاب هيا ۽ اهي ڪنين واري اجگر نانگن، وڏن مانگر مڇن ۽ پتر جي ديوتائن جو سانگ ڌري بي هنگم آوازن سان گهٽين ۽ پاسي وارن رستن تي ڳاهٽ تي رهيا هئا. اهو جسمن ۽ موسيقي، نچڻ ۽ ٽپڻ جو مجنونانه مظاهرو هو.

"ان کان اڳ جو اهي منهنجي ٽيڪسيءَ کي اونڌو ڪن، بهتر آهي ته توهان اُن مان لهي پئو." ڊرائيور چيو.

ها واقعي به. هي فيبروريءَ جو مهينو آهي. هيءَ اهو وقت آهي جڏهن سڄو شهر ايسٽر جي پهرين چاليهن ڏينهن وارن روزن جو تهوار ملهائڻ جي شروعات ڪندو آهي. ٽريسي ٽيڪسيءَ منجهان ٻاهر نڪري آئي. سوٽ ڪيس هٿ ۾ جهلي رڪاوٽ وٽ بيني. اڳئين ايندڙ لمحي ۾ هوءَ ڪوڪارون ڪري نچندڙ ٽپندڙن جي انبوهه ۾ ڌڪجي شامل تي ويئي. لڪين انتقام جون ديويُون، سندس ماءُ جي موت جو سوڳ ملهائي رهيون هيون. ٽريسيءَ جو سوٽ ڪيس سندس هٿن مان ڇڏائجي غائب تي ويو. ڪيس شيطان جو ٻهروپ ڌاريل هڪ ٿُلهي متاري شخص پنهنجي ٻانهن جي گهيري ۾ قابو ڪري ورتو ۽ ڪيس چُميائين. هڪ هرڻ سندس ڇاتيءَ کي دٻايو ۽ هڪ وڏي ٻُت واري پانڊا ڪيس پٺيان ڪان پڪوڙي مٿي کڻي ورتو. هن پاڻ ڇڏائڻ لاءِ هٿ پير هنيا ۽ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ائين ڪرڻ بنهه ناممڪن هو. هوءَ ڳائڻ نچڻ واري ڏڻ جي گهيري ۾ ڦاسي پيئي هئي. فرار جو ڪوبه رستو نه هو ۽ جڏهن هوءَ اهو گهيرو ٽوڙي ڀڄي وڃي سانيتڪي گهٽيءَ ۾ پهتي ته هوءَ لڳ ڀڳ هسٽريائي دورن جي ويجهو وڃي پهتي هئي. هوءَ ڪجھ وقت تائين سانت پيئي رهي ۽ بجليءَ جي ٿنڀي سان ٽيڪ لڳائي ڊگها ڊگها ساهه کڻڻ لڳي. هوريان هوريان سامت ۾ اچڻ بعد هوءَ پوليس اسٽيشن ڏانهن وڌڻ لڳي.

ليفٽيننٽ ملر اڌڙوٽ ڄمار جو، مُنڌ سٽيل چهري ساڻ هڪ هراسيل شخص جيان تي لڳو، جيڪو پنهنجي موجوده ڪردار کان حقيقت ۾ غير مطمئن تي پاسيو. "مون کي افسوس آهي، آئون توسان ايئرپورٽ تي نه ملي سگهيس."

هن ٽريسيءَ کي چيو، "پر سڄو شهر احمقائپ جي ور چڙهيل آهي. اسان تنهنجي والده جي سامان جو جائزو وٺنداسين ۽ رڳو تون ئي آهين جنهن کي اسين ڳولي، فون تي رابطو ڪري پئي سگهياسين."

"امڙ مون کي ان بابت ڇو ڪونہ ٻڌايو؟" اها درد جي دانهن هئي. سندس ماءُ کي مليل پوڳنائن جي دانهن هئي.

"تنهنجي والده هڪ غيرت واري خوددار عورت هئي ۽ تون ڪري بہ ڇا ٿي سگهين؟ ڪوبہ ڪجهہ نہ ڪري سگهي ها." جهوني فورمين آٿت ڏيندي چيو.

تون غلط آهين. ٽريسيءَ شديد نموني سوچيو. "آئون جوزف رومانو کي ڏسڻ ٿي چاهيان. ڪيس ڪٿي هٿ ڪري سگهنديس؟"

"هن کي وساري ڇڏ. توکي خبر ئي ناهي تہ هو ڪيڏو نہ طاقتور آهي." اوٿو شمٽ ڪيس چيو.

"هو رهي ڪٿي ٿو، اوٿو؟" ٽريسيءَ زور ڏيندي پڇيو.

"هن جي هڪ رهائش گاهہ جيڪسن اسڪوائر ويجهو آهي، پر اتي وڃڻ سان توکي ڪو فائدو نہ ٿيندو. ٽريسي، مون تي وشواس ڪر."

ٽريسي ڪو جواب نہ ڏنو. هوءَ اهڙي اڌمي سان پريل هئي جنهن کان پاڻ بہ واقف نہ هئي. نفرت جو جذبو. جوررومانو کي منهنجي ماءُ جي قتل جو پورو پورو حساب ڏيڻو پوندو. ٽريسيءَ پنهنجو پاڻ سان واعدو ڪيو.

ڪيس سوچڻ لاءِ وقت گهربل هو. اڳيون قدم کڻڻ لاءِ رٿابندي جو وقت. تباهہ ٿيل گهر ڏانهن موٽي وڃڻ هن جي برداشت کان ٻاهر هو، ان ڪري هوءَ فرينچ ڪوارٽر، جتي مڃريل انبوهہ جي پريڊ اڃا تائين جاري هئي، کان ڳچ مفاصلي تي ميگزين اسٽريٽ تي واقع هڪ ننڍي هوٽل هن ڪمرو بُڪ ڪرايو. وٽس ڪوبہ سامان نہ هو، ان ڪري شڪ ۾ ورتل هوٽل ڪلرڪ ڊيسڪ جي پرئين پاسي ويٺي ويٺي چيو، "توهان کي ادائيگي اڳ ۾ ڪرڻي پوندي. هوٽل ۾ هڪ رات رهڻ جا چاليهہ ڊالر لڳندا."

پنهنجي ڪمري مان ٽريسيءَ ڪلارنس ڊيسمنڊ کي اهو ٻڌائڻ لاءِ فون ڪيو تہ هوءَ ڪجهہ ڏينهن تائين ڪم تي اچڻ کان معذور آهي.

هن کي توقع هئي تہ ڪيس چارلس کي اِهو ٻڌائڻ ضرور ياد رهندو تہ ڪلارنس ڊيسمنڊ ڪيڏو نہ فهميدو ۽ سهڪاري انسان آهي. ٽريسيءَ جي اينڊڙ فون ڪال چارلس ڏانهن هئي، "چارلس، ڊارلنگ......"

"ٽريسي! تون آهين ڪٿي؟ ممي صبح کان توسان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هوءَ اڄ توسان گڏ لنچ ڪرڻ چاهي ٿي. توهان ٻنهي کي تمام گهڻا انتظام ڪرڻا آهن."

"مون کي معاف ڪجانءِ ڊارلنگ. آئون هن وقت نيو آرليئنس ۾ آهيان."

"ڪٿي آهين؟ نيو آرليئنس ۾ ڇا پئي ڪرين؟"

"منهنجي والده گذاري ويئي آهي." لفظ ٽريسيءَ جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا هئا.

"اوهه." هن جو لهجو هڪدم بدلجي ويو. "آءِ ايم سوري. ٽريسي! اهو واقعو تمام گهڻو اڳ جو ٿيو هوندو. هوءَ اجا ڪافي جوان هئي، ها نه؟"

هوءَ واقعي ڪافي جوان هئي.

ٽريسيءَ ڏکوئيل انداز ۾ سوچيو پر وڏي آواز ۾ چيو. "ها. ها. هوءَ ڪافي جوان هئي."

"ڇا ٿيو؟ تون ٺيڪ ته آهين نه؟"

بهرحال ٽريسي، چارلس کي اهو ٻڌائڻ جي همت نه ڪري سگهي ته سندس ماءُ آپگهات ڪيو آهي.

هن شدت سان رڙيون ڪري سموري خوفناڪ ڪهاڻي ٻڌائڻ ٿي گهري ته سندس ماءُ سان ڪيڏو ظلم ڪيو ويو هو. پر هن پاڻ کي روڪيو. هيءَ منهنجو ذاتي مسئلو آهي، هن سوچيو. آئون پنهنجو بار چارلس مٿان اڇلائڻ نٿي چاهيان. "ڳڻتي نه ڪر ڊارلنگ! آئون بلڪل ٺيڪ آهيان."

"ڇا تنهنجي خواهش آهي ته آئون به اتي پهچان، ٽريسي؟"

"نه، تنهنجا لک ٿورا. آئون صورتحال کي منهن ڏيئي ٿي سگهان. آئون سڀاڻي والده جي تدفين جي ذميواري مڪمل ڪري وٺنديس. سومر ڏينهن فلاڊيلفيا واپس پهچي وينديس."

ريسيور رکڻ بعد هوءَ پنهنجي بيڊ تي آهلي پيئي. سندس خيالات منتشر هئا. هن ڇت تي لڳل داغدار ٽائلز کي ڳڻيو:

هڪ..... ٻه........ ٽي....... رومانو..... چار........ پنج...... رومانو........ ڇهه.......... ست.......... ڪيس حساب ڇڪائڻو پوندو. ان ڏس ۾ هن وٽ ڪابه رٿابندي ٿيل نه هئي، پر رڳو اهو معلوم هئس ته هوءَ جوزف رومانو کي سندس ڪيل عمل تي هرگز ڇڏي نه ڏيندي. هوءَ پنهنجي ماءُ جي قتل جو پلاٽ ڪنهن نه ڪنهن نموني ضرور ڪندي.

ٽريسي منجهند مهل پنهنجي هوٽل مان رواني ٿي ويئي ۽ ڪينال اسٽريٽ تي پهتي . هٿيارن جي وڪرو ڪندڙ هڪ دڪان تي آئي. ڪائونٽر جي پويان هڪ ڏبرڙو شخص ويٺو هو.

"توهان جي ڪهڙي خدمت ڪجي؟"

"آئون هڪ عدد گن خريد ڪرڻ چاهيان ٿي."

"ڪهڙي قسم جي گن؟"

"هڪ ريوالور، سمجهيوَ نه؟"

"توهان کي ٻٽيهه بور جو گهرجي، پنجيتاليهه بور جو، يا هڪ....."

ٽريسي پنهنجي ڄمار ۾ ڪڏهن به ريوالور هٿ ۾ ڪونه کنيو هو. "ٻٽيهه بور وارو ٺيڪ رهندو."

"مون وٽ ٻٽيهه ڪيليبر جو سمٿ اينڊ ويسٽن جو اعليٰ معيار وارو ريوالور موجود آهي، جنهن جو ملهه ٻه سئو اوڻٽيهه ڊالر آهي يا بيو ٻٽيهه ڪيليبر جو

جنهن ڪانپوءِ هوءَ مُڙي ۽ تيزيءَ سان دڪان مان ٻاهر نڪري آئي.

”خاتون!“ هن زورائتي رڙ ڪندي چيو، ”اِهو هرگز متان وسارين تہ ڳن لوڊ تيل آهي.“

جيڪسن اسڪوائر واري جڳهہ ”فرينچ ڪوارٽرز“ نالي علائقي جي وچ ۾ آهي. هتي تمام پيارا گهر ٺهيل آهن. جن جي سامهون وڻن جون قطارون آهن. جن انهن کي شور ۽ گوڙ کان الڳ ڪيو ٿي. ”جوزفرومانو“ بہ انهن گهرن مان هڪ جو مالڪ هو.

ٽريسي شام ٿيڻ جو انتظار ڪيو. جنهن بعد هوءَ جورومانو جي گهر طرف رواني ٿي وئي. گهر کان ٿورو پرتي بيهي هن گهر جو جائزو ورتو. ڪيس پنهنجو پرس نهايت ڳرو لڳي رهيو هو. ڇوتہ ان منجهہ ڀريل پستول پيل هو. هن جو منصوبو تمام سڌو هو. هوءَ ”جورومانو“ جي گهر وڃي ان سان ملندي ۽ ڪيس مجبور ڪندي تہ هو پنهنجي ڏوهہ کي مڃي سندس ماءُ تي لڳل فراڊ جي الزام جي داغ کي متانهس صاف ڪري. جيڪڏهن جورومانو ان ڳالهہ کي مڃڻ کان نابري واري تہ پوءِ ٽريسي ڪيس پرس ۾ پيل پستول سان ڌمڪائيندي ۽ ڪانئس سندس ڏوهن جو اعتراف نامو لکائي وٺندي. جيڪو سندس ماءُ تي لڳايل ڏوهن جي الزامن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندو. جنهن بعد ٽريسي ڪيس ليفٽيننٽ ملر وٽ وٺي ويندي جيڪو ”جوزف رومانو“ کي گرفتار ڪندو. ان وقت سندس من ۾ اها شديد خواهش اڀري تہ ڪاش هن مهل چارلس ساڻس گڏ هجي ها. پر ٻئي لمحي ڪيس خيال آيو تہ اهو ڪم ڪيس اڪيلي سر ڪرڻو هو ۽ ٻئي ڪنهن کي بہ ان جي ڄاڻ نہ پوي. جنهن وقت سڄو مامرو سلجهي ويندو تہ ان وقت هوءَ چارلس کي سڀ ڪجهہ پاڻ ئي ٻڌائي ڇڏيندي. ان لمحي ڪيس هڪ ماڻهو پنڌ هلندي ڏانهنس وڌندي نظر آيو. هن انتظار ڪيو جيستائين اهو ماڻهو هن جي ڀرسان گذري هليو نہ ويو.

ٽريسي آهستي آهستي خبرداريءَ سان هلندي جوزف رومانو جي در وٽ پهتي ۽ ان جي در تي لڳل گهنٽيءَ کي وڄايائين. ”شايد هو پنهنجي گهر ۾ ڪونهي. ڇوتہ مون کي اندران ڪوبہ آواز ٻڌڻ ۾ نہ پيو اچي.“ هن سوچيو. ”پر مان هن جي اچڻ جو انتظار ڪنديس.“

ايتري ۾ ڪار پورچ جي لائيٽ روشن ٿي وئي ۽ گهر جو دروازو کلي ويو. ۽ ڪيس اتي هڪ ماڻهو بيٺل نظر آيو. هن جي شڪل، صورت ۽ پوشاڪ ڪيس ڪجهہ حيران ڪري ڇڏيو. هن سوچيو هو تہ جورومانو ڪو خوفناڪ مهانڊي وارو ماڻهو هوندو. جنهن جو ڏوهن جي دنيا سان واسطو رکندڙ ماڻهن وانگر ئي جسم هوندو. پر ان جي بدران ان در جي وچ ۾ اهڙي شڪل ۽ صورت وارو ماڻهو بيٺو هو جهڙي شڪل وارا يونيورسٽي ۾ پروفيسر هوندا آهن. ان ماڻهوءَ جو آواز جهڪو ۽

مجيندو.“ اهو خيال ڪري ٽريسيءَ ڦڙتي سان پرس مان پستول ڪڍي مٿانهنس تاڻي ڇڏيو. ”آئون توکي ٻڌايان ٿي تہ ڪهڙي ڳالهہ مون کي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي وڏيڪ شڪتي ڏيندي. هاڻ تون پنهنجن ڏوهن جو اعتراف ڪر.“

”مون ڪهڙا ڏوهہ ڪيا آهن؟“

رومانو معصوميت سان پڇيو.

”تو فراڊ ڪري منهنجي ماءُ جي ڪارخاني جو سامان وڪيو ۽ وڏا وڏا آرڊر ڏئي مال گهرائي ان کي گم ڪيو ۽ ائين منهنجي ماءُ مٿان ٺڳيءَ جو الزام لڳو آهي.“

رومانو سندس پستول کي ڏسندي چيو. ”اهو وڌيڪ بهتر ٿيندو تہ تون پنهنجي ان پستول کي پرس ۾ رکي ڇڏ. ائين مون مٿان تاڻڻ سان اهو هلي بہ سگهي ٿو.“

”هيءَ پستول واقعي هلائڻ لاءِ ورتو ويو آهي ۽ اهو بہ تنهنجي مٿان. توکي پنهنجي ڏوهن جو اعتراف نامو لکڻو پوندو جنهن ۾ اهو ٻڌائڻو آهي تہ تو ڪيئن منهنجي ماءُ جي ڪمپنيءَ کي لٽيو ڦريو ۽ ان جو ڏيوالو ڪڍايو ۽ جنهن ڪري منهنجي ماءُ آپگهات ڪري ڇڏيو.“

رومانو، ٽريسي کي نهايت غور سان گهوري رهيو هو. ”اوهہ....... مان هاڻ سمجهيس...... پر جيڪڏهن مان اهو اعتراف نامو نہ لکان تہ....؟“

”تہ پوءِ آئون توکي قتل ڪري ڇڏيندس. آئون ان ڪري ٿي هيءَ پستول کڻي تو وٽ آئي آهيان.“ ٽريسيءَ چيو.

پر سندس هٿ ڏڪي رهيو هو.

”تون قاتلہ ڪونہ ٿبي لڳين ۽ نہ ڪو تون قتل ڪري سگهين ٿي.“ هن ڏانهنس آهستي آهستي وڌندي چيو. شراب جو ڀريل گلاس اڃا تائين رومانو جي هٿ ۾ هو. سندس لهجو نرم ۽ هلڪو هو. ”سچ پڇين تہ منهنجو تنهنجي ماءُ جي آپگهات سان ڪو واسطو ناهي.“ اهو چوندي هن اَمالڪ هٿ جي جهٽڪي سان شراب ڏانهنس اڇليو. جيڪو سڌو سندس منهن تي لڳو.

ٽريسي ڪان دانهن نڪري وئي، ڇوتہ تيز شراب سندس اکين ۾ گهڙي ويو هو. جنهن سندس اکين کي پوسرائي ڇڏيو هو. لمحي اندر رومانو هن جي هٿ مان سندس پستول کسي ورتو.

”تنهنجي ماءُ بہ بستري تي نهايت جوان ٿي ويندي هئي. ڇوتہ مون ان جو مزو چکيو هو. پر ان مون کي ڪڏهن بہ اهو نہ ٻڌايو تہ تو جهڙي حسين ۽ خوبصورت ڇوڪري بہ ڪا سندس ڌيءَ آهي.“

رومانو ٽريسيءَ جا ٻئي هٿ قابو ڪري ڇڏيا هئا. اکين ۾ شراب پوڻ ڪري کيس ڪجهہ بہ نظر نہ پئي آيو ۽ نہ وري هن حالت ۾ ڪجهہ دماغ ۾ سُجهيس پئي تہ هوءَ ڇا ڪري. هن ڪوشش ڪئي تہ هوءَ پنهنجن هٿن کي رومانو جي پڪڙ مان آجو ڪرائي پر ڪرائي نہ سگهي. انهيءَ

چڪتاڻ ۾ هوءَ ديوار سان وڃي لڳي ۽ رومانو مٿانهس ڇانيل هو. ”تو جهڙيون دلير ۽ خوبصورت ڇوڪريون مون کي بيحد پسند آهن ۽ مون کي ڇريو ڪري ڇڏينديون آهن. تو جهڙو شڪار تہ خود هلي منهنجي گهر آيو آهي.“ رومانو هن جي جسم کي ديوار ۾ پيڇي ڇڏيو هو.

ٽريسي ڏاڍو ڦٿڪي رهي هئي پر رومانو جي پڪڙ نهايت سخت هئي. ”تون مون کان منهنجي ڏوهن جو اعتراف ڪرائڻ آئي هئينءَ نہ.....؟ هاڻ انهن ڏوهن ۾ تنهنجي عزت لٽڻ جو بہ ڏوهہ شامل ٿي رهيو آهي.“

ٽريسيءَ رڙيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر رومانو هن جي وات مٿان هٿ رکي ڇڏيو. هن جي وات مان صرف هڪ جملو نڪتو. ”مون کي ڇڏي ڏي...... مون کي ڇڏي ڏي.“

رومانو جهٽڪو ڏئي سندس قميص لاهي ڦٽي ڪئي ۽ هن جي ارهن کي پڪڙي ورتائين. ”ها.... ڇا تہ سهڻا ارهہ آهن. ڪنوارا ۽ خوبصورت...... توکي مون سان وڙهڻ جو شوق هو نہ......؟ هاڻ تون مون سان منهنجي بستري تي جنگ ڪجانءَ.“

”مون کي ڇڏي ڏي.“ ٽريسيءَ جو آواز گهٽجي رهيو هو.

هن جهٽڪو ڏئي ٽريسيءَ کي فرش تي ڪيرائي ڇڏيو. ”تون فڪر نہ ڪر....... مون مان توکي اهڙو مزو ايندو جو تون ان کي زندگي ڀر وساري نہ سگهندينءَ.“ رومانو جا هٿ سندس بدن مٿان گهمي رهيا هئا. اهي سندس رانن مٿان آيا..... انهن مٿي هلڻ جو سفر جاري رکيو.

نفرت ٽريسيءَ جي من ۾ طوفان وانگر ڪاهي آئي. ڪاوڙ سندس سڄي جسم ۾ پرجي وئي. هن هيڏانهن هوڏانهن هٿ ڪنيا. هن جي هٿ ۾ سندس ڪريل پستول اچي ويو. هن ان کي قابو ڪيو ۽ ٻئي لمحي گولي ڇٽڻ جو زوردار ڌماڪو ٿيو.

”اوهہ منهنجا خدا!“ رومانو جي وات مان نڪتو. هن جي پڪڙ ٽريسيءَ مٿان ڍري ٿي وئي ۽ هو پاسو ورائي ٻي طرف ڪري پيو. هو ڪنجهي رهيو هو. ”رنڊي! تو مون کي گولي هڻي ڪڍي...... مون کي ماري ڇڏيو.......“

ٽريسي هڪ بت وانگر اهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهي هئي. ڪيس ڪوبہ پتو نہ پئي پيو تہ آخر اهو ڇا ٿي رهيو هو. سندس جسم ساڻو ٿي پيو هو. جيڪو حرڪت ڪرڻ کان جڻ معذور هو. سندس اکيون اجان بہ پوسرجي رهيون هيون. هوءَ همت ڪري آهستي آهستي اٿي ويٺي ۽ ٽاٻڙجندي در وٽ پهتي ۽ ان کي کوليائين. اندر غسل خانو هو. هن نلڪي مان پاڻي هلايو ۽ ٿڌي ٿڌي پاڻيءَ سان اکين کي

ڏوتائين. اکين جو سُور آهستي آهستي ختم ٿيڻ لڳس ۽ سندس نظر صاف ٿي ويئي. هن غسل خاني جي آئيني ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏٺو. هن جون اکيون رت وانگر ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. "اوهه منهنجا خدا..... مون ڪجهه منٽ پهرين هڪ ماڻهوءَ جو قتل ڪيو آهي." هن سوچيو ۽ واپس ڊرائينگ روم ۾ موٽي آئي.

جورومانو اڃا تائين فرش تي پيو هو. سندس رت نڪري فرش تي پيل اڇي رنگ جي غاليچي کي خراب ڪري ڇڏيو هو. ٽريسي هن جي مٿان اچي بيٺي. سندس منهن هيڊو ٿي ويو هو. "مون کي افسوس آهي جو مون توکي گولي هنئي. منهنجو مقصد هرگز توکي مارڻ نه هو."

"ايمبولينس گهراءِ ڇوري......

مان مري رهيو آهيان." جورومانو اڃا تائين زنده هو. ٽريسي ڊوڙندي ٽيليفون وٽ پهتي ۽ نمبر ڊائل ڪري ايمرجنسي واري ماڻهوءَ کي چيائين، "آپريٽر...... جلدي ايمبولينس هن گهر ۾ موڪل. هتي حادثو ٿي پيو آهي. گهر جي ائڊريس هيءَ آهي......" هن آپريٽر کي ائڊريس ٻڌائي. سندس آواز ڏڪي رهيو هو.

هن جورومانو کي ڏٺو. جيڪو ٻنان ڇرڇرجي فرش تي پيو هو. "اوهه منهنجا رب! هن کي بچاءِ. مون ته صرف پنهنجي عزت پئي بچائڻ چاهي. منهنجو ڪيس قتل ڪرڻ جو ڪو به مقصد نه هو."

هن دل ئي دل ۾ خدا کي پاڏايو. رومانو جوڻ اکيون بند هيون پر هو زنده هو ۽ ساهه کڻي رهيو هو.

"مون ايمبولينس وارن کي فون ڪري ڇڏيو آهي.... اهي اچڻ وارا ئي هوندا." اهو چئي ٽريسي ان گهر مان ڊوڙندي ٻاهر نڪتي.

ٻاهر نڪري هن ڪوشش ڪئي ته هوءَ نه ڊوڙي ۽ ڊرا ڊرا قدم کڻي پين واڻ ويندڙن وانگر هلي، ڇوته ڊوڙڻ ڪري متان ماڻهو مٿس شڪ ڪن. هن پنهنجو ڪوٽ جسم جي چوگرد مضبوطيءَ سان جهليو ته جيئن ڪنهن کي سندس قاتل قميص نظر نه اچي. هوءَ ٿورو پرتي هلي ته هڪ ايمبولينس گذري جنهن جو رخ جورومانو جي گهر طرف هو.

هن سک جو ساهه کنيو ۽ پوءِ هڪ ٽيڪسيءَ کي روڪيائين، "جيترو جلد ٿي سگهي، آئون هتان نڪري وڃان. مون کي واپس پنهنجي شهر وڃڻ کپي." هن سوچيو.

"ٽيڪسي خالي آهي؟" هن ڊرائيور کان پڇيو.

"ڪيڏانهن وڃڻو آهي"

"ايئرپورٽ."

"ويهي رهه."

ايئرپورٽ ڏانهن ويندي هن کي خيال آيو ته جيڪڏهن ايمبولينس پهچڻ کان اڳ جورومانو مري ويو هوندو ته

پوءِ....... هن کي قاتل چيو ويندو. هوءَ تڙ تکڙ ۾ پنهنجو پستول به رومانو جي گهر ۾ ڦٽو ڪري آئي هئي، جنهن مٿان سندس آڱرين جا نشان هئا. جيڪڏهن پوليس پڪڙيو ته هوءَ ڇا چوندي......؟

”جوزف رومانو مون سان زوري زنا جي ڪوشش ڪئي ۽ مون پنهنجي جان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان ويڙهه ۾ پستول ڇٽي ويو، ۽ رومانو مري ويو.“ پر پوليس ڪڏهن به سندس ڳالهه تي اعتبار نه ڪندي. اهو پستول ٽريسيءَ جو خريد ڪيل هو، جنهن مٿان هن جي آڱرين جا نشان هئا. رومانو مري ويو هوندو. هوءَ دل ئي دل ۾ سندس بچڻ جون دعائون گهرڻ لڳي.

ٽيڪسي ايئرپورٽ وٽ پهتي.

هن ياڙو ڏنو ۽ لهي آئي. هن سوچيو، ”ڇا هيءَ سڀ ڪجهه هڪ ڏينهن ۾ ٿيو آهي؟ سندس ماءُ جو آپگهات، سندس هتي اچڻ، رومانو سان وڙهڻ ۽ ڪيس گولي هڻڻ، هاڻ فرار ٿي پنهنجي شهر ڏانهن پڄڻ؟“

هوءَ ايئرپورٽ ۾ داخل ٿي.

جيتوڻيڪ اتي هرڪو پنهنجي ڪم ڪرت سان لڳو پيو هو، پر هن کي ائين پئي لڳو ڄڻ هرڪو ڪيس ئي ڏسي رهيو هو. ”هن کي ئي ضميرجو جهڄڻ چئبو آهي.“ هن سوچيو، ”اهڙو ڪو رستو هجي جنهن ذريعي مون کي پتو پئي ته جورومانو اجا تائين زنده آهي يا هن جو موت ٿي ويو آهي.“ پر اهڙو ڪو رستو ڪيس نه پئي سجهيو. هن دل ۾ ويچاريو، ”خدا گهريو ته هو زنده هوندو ۽ هينئر ڪنهن اسپتال ۾ سندس علاج ٿي رهيو هوندو. آئون سياٽي چارلس سان گڏجي ماءُ کي دفنائڻ لاءِ اينديس ۽ ان وچ ۾ رومانو به ٺيڪ ٿي ويندو.“

ٽريسيءَ اڳيان وڌي ٽڪيٽ واري ڪائونٽر آڏو آئي، ”مون کي فلاڊلفيا جي لاءِ ٽڪيٽ گهرجي.“

ٽڪيٽ واري ماڻهو پنهنجي اڳيان رکيل ڪمپيوٽر کي ڏٺو ۽ ڪيس چيو، ”هن جهاز ۾ هيءَ آخري سيٽ هئي. تون خوش قسمت آهين. ٽڪيٽ ناهيان؟“

”ها.... مون کي ٽڪيٽ ناهي ڏي...... جهاز ڪيڏي مهل هلندو؟“

”ويهن منٽن ۾. مسافر جهاز ۾ چڙهي رهيا آهن. تون ٽڪيٽ وٺ ۽ جهاز ۾ چڙهه.“ ٽريسيءَ پئسا ڪڍڻ لاءِ پرس کوليو. ان وقت ڪيس اهو محسوس ٿيو ته ٻه پوليس وارا هن جي ٻنهي پاسن کان اچي بيٺا هئا. انهن مان هڪ ڪانئس سوال ڪيو، ”ٽريسي وٽني؟“ سندس دل جي ڌڙڪڻ ڄڻ بند ٿي وئي، ”جي ها..... مان ٽريسي آهيان.“

”توکي گرفتار ڪيو پيو وڃي.“

ٻئي لمحي هن جي هٿ ۾ هٿڪڙيون لڳل هيون.

باقي ايندڙ پيري پڙهندا

مسئلو اهو آهي تہ جين هينري خوابن جي دنيا ۾ زندگي گذاري رهيو آهي." هن چيو.

"جان هينرچ پيسلوزيءَ وانگر؟"

سندس زال اطمينان سان ٿهہ پهہ وراڻيس.

سندس مڙس منجهس نهاريندي هڪدم ڳالهہ شروع ڪئي تہ پيسلوزي، زيورخ جو هڪ مشهور تعليمي ماهر آهي، جنهن پنهنجي زندگي اسڪول ڪولي تعليم عام ڪرڻ جي ڪم کي سونپي ڇڏي آهي، جنهن ۾ ٻار گهرن جي پيٽ ۾ وڏيڪ سهٽي انداز ۾ هن ڪان پڙهڻ جا نوان طريقا سکندا آهن.

"ها." هن جي زال آهستگيءَ سان سندس ڳالهہ کي مڃيندي چيو، "پيسلوزي وانگر."

اهو خيال جيڪو جين هينريءَ جي ذهن ۾ پيدا ٿيو. تنهن کيس معروف رضاڪار بڻائي ڇڏيو ۽ هن طب ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ پي ڪنهن بہ تجويز کي نہ قبوليو. جين هينري ضمير جي فيصلي تي غير معمولي انداز ۾ عمل ڪندي اسپتالن ۾ وڃي ڏيرو ڄمايو ۽ پنهنجو ڪم شروع ڪيو. پر ترت ئي هن کي پنهنجي اڪيلائيءَ جو احساس ٿيو. جنيوا هڪ سکيو ستابو شهر هو ۽ وهمي سئز ماڻهو پنهنجي صحت سان تعلق رکندڙ انهن معاملن تي بہ تمام گهٽو ڌيان ڏيندا هئا. جن ۾ هو جيوڙن جي واڌ ويجهہ جو ذرو بہ انديشو هوندو هو. جنهن نوعيت جي ڪم ڪرڻ جو هن سپنو ڏٺو هو. ان جو اتي ڪو امڪان ئي ڪونہ هو. تنهنڪري هو ٻارڊر ٽپي اٽليءَ پهتو ۽ سولفيرنو نالي شهر ۾ وڃي رهيو.

هتي زندگي هڪ بلڪل نئون رخ اختيار ڪيل مليس. هن جي ڪم جو دائرو پنتي پيل علائقن ۾ هو. جتي تمام ننڍڙا زبون حال گهر هوندا هئا. جن ۾ هڪ ئي وقت ڪيترائي ماڻهو رهائش پذير هوندا هئا. ماڻهو بنيادي گهرجن جي حاصلات جي ڊوڙ ڊڪ ۾ رڌل هوندا هئا. اهڙين حالتن ۾ بيماريون پکڙجي ويندڙيون هيون ۽ وقت گذرڻ سان جڏهن ڊيونٽ ٽيهين سالگره تي پهتو. تڏهن کيس اٽڪل 14 يا 15 ڪلاڪ روز ڪم ڪرڻو پوندو هو. سندس مريض کيس چاهيندا هئا. جڏهن تہ مقامي اختياريون سندن شهرين جي عام ڀلائيءَ جي معاملي ۾ لاپرواهيءَ سان ڪم وٺڻ جي ڪري ڪليو ڪلايو تنقيد ڪرڻ تي کيس پنهنجن معاملن ۾ دخل اندازي ڪندڙ غيرملڪي سمجهي ڌڪاريندڙيون هيون ۽ سندس شهرت کي داغدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون رهنديون هيون. پر ڊيونٽ تي انهن جو ڪوبہ اثر نہ ٿيندو هو. هو سموورن احتجاجن کي هڪ پاسي ڦٽو ڪري ڪيترن ئي اطالوي ڊاڪٽرن جي مدد سان

ڪوئائي، جنهن ۾ مختلف ملڪن جا 36 ماهر ۽ وفد اچي گڏ ٿيا ۽ اها ڪانفرنس 26 ڪان 29 آڪٽوبر تائين هلي. هن سيشن دوران هلال احمر جا بنيادي اصول باهمي رضامنديءَ سان جوڙيا ويا ۽ ڪميٽيءَ مختلف ملڪن کي پرخلوص انداز ۾ پنهنجيون توانائيون هن ضروري ڪم لاءِ صرف ڪرڻ جون صلاحون ڏينديون قومي سطح جون سوسائٽيون جوڙڻ جي گذارش ڪئي، جيڪي هلال احمر تحريڪ جي نشو و نما ۾ بهرو وني سگهن.

سچ پڇو تہ اها هڪ ڏاڍي ڏکي ذميداري هئي، پر ڪميٽيءَ بنا دير جي اها نڀائي ڏيکاري هئي. انهن کي لا تعداد مشڪلاتون درپيش آيون پر اهي عالمي شهرت رکندڙ جنرل ڊيوفور، گستاف موئنيئر جي منظم ڪندڙ صلاحيت ۽ جين هينري جي اڻٿڪ ڪوشش جي ڪري پنهنجي سر ڪنيل ڪم ۾ ڪامياب ٿيا. جن هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين سفر ڪري سرڪاري عيوضين سان ان سلسلي ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. هڪ هڪ تي ڪري مختلف ملڪن ساڻن سهڪار تي آمادگي ظاهر ڪئي. شهنشاهہ نيپولين ٽئين پاران هن اسڪيم جو پرجوش حامي بنجڻ سان اها تحريڪ پنهنجي عروج تي پهچي وئي. (ڪوبہ ماڻهو تپرس ۾ وجهندڙ جذبي سان ڊيوننٽ جهڙو ڪيرون لهڻندڙ ڪم نٿي ڪري سگهيو، جيڪو سولفيرينو ۾ هن جي سپاهين لاءِ ڪيو ويو هو يا پيش بنديءَ طور 1870ع واري فرانس ۽ پرشيا واري لڙائيءَ جي موقعي تي ڪيو ويو هو.)

تنهن ڪانپوءِ ڪميٽيءَ سئزرلينڊ جي وفاقي ڪائونسل سان رابطو ڪيو ۽ انهن کي 8 آگسٽ 1864ع تي جنيوا ۾ هڪ ڊپلوميٽڪ ڪانفرنس گهرائڻ جي ترغيب ڏني، جنهن ۾ مختلف ملڪن جي 26 عيوضين شرڪت ڪئي. هن گڏجاڻيءَ ۾ جنيوا ڪنوينشن ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هلال احمر عالمي سطح جي پذيرائي حاصل ڪري ورتي هئي ۽ ان جا بنيادي اصول جڙي چڪا هئا. سمورا زخمي توجهہ ۽ احترام جوڳا قرار ڏنا ويا. فوجي اسپتالون انهن جي غيرجانبدار تيمارداريءَ جون ذميوار قرار ڏنيون ويون. طب جي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن ۽ سامان کي تحفظ ڏيڻ جو اقرار تي چڪو هو. اهڙيءَ طرح هلال احمر جي عالمي ڪميٽي قانوني طور تي جڙي چڪي هئي. ان جي نشاني ريڊ ڪراس نڪتل جهنڊو قرار ڏني وئي هئي.

اجا بہ تمام گهڻو ڪم ڪرڻ لاءِ رهيل هو ۽ سڄي ڄمار جي سک لاءِ هو هر لحاظ کان مڪمل تنظيم جوڙڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهيو، جيڪا هن جي ڇپرايل ڪتابڙي ۾ ڏنل تجويزن تي آڌاريل هئي. هر سال، توڙي هر مهيني واڌارا ۽ سڌارا ٿيندا رهيا. نيون تبديليون

# عجيب ڪرشما

انجنيئر ڪامران ميمڻ

مابعدالطبيات تي سنڌي ۾ ڪو خاص مواد نہ آهي. اسان جي ڪوشش آهي تہ هنن صفحن ۾ اسان اوهان کي نين نين پر حقيقي ڳالهين کان روشناس ڪرايون. ان سلسلي جو پهريون مضمون پيش ڪيو پيو وڃي



لوئي جيڪوليئوٽ مشهور قانوندان تي گذريو آهي جيڪو بعد ۾ فرانس جو چيف جسٽس پڻ بڻيو. هيءُ نهايت ڪليل دماغ جو مالڪ هو. هيءُ مذهبي فلسفي جو گهٽو قائل نہ هو. هن جي بقول انساني دماغ بيپناهہ وسعتن جو مالڪ آهي ان ڪري دماغ جي پرواز کي هرگز روڪڻ نہ گهرجي. هو هميشہ انسانن جي عجيب ڪرشماتي قوتن جي تلاش ۾ رهندو هو. هو 1860ع ڌاري هندوستان منجهہ آيو.

کو سوال ڪري سگهي تہ جنهن جو جواب هي روحن کان وٺي ڪيس ڏيندو. لوئي جيڪوليئوٽ انگريزي الفابيٽ وارن حرفن وارا پتا پنهنجي پيتيءَ مان ڪڍيا ۽ هڪ مري ويل دوست بابت سوچڻ لڳو. ڪجهہ دير کان پوءِ هڪ پتو چريو جيڪو انگريزي حرف ”A“ جو هو. اهڙي نموني واري واري سان بين حرفن وارا پتا چرڻ لڳا. جن کي جڏهن گڏ ڪري پڙهيو ويو تہ هڪ پيغام جڙي پيو جيڪو اهو هو تہ ”البرٽ برنيئر جو موت 3 جنوريءَ 1856 تي بورگن بريسي نالي شهر ۾ تي ويو هو.“ هي اهو ئي پيغام هو جيڪو لوئي جيڪوليئوٽ واقعي ان وقت سوچي رهيو هو.

لوئي جيڪوليئوٽ کي اهو خيال آيو تہ شايد اهو فقير سندس دماغ پڙهي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائي رهيو آهي ان ڪري هن ٻئي ڏينهن بہ ان فقير کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏني. هن ٻئي ڏينهن بہ اهو ساڳيو عمل دهرايو پر نتيجو ساڳيو رهيو.

لوئي جيڪوليئوٽ کي اهڙا تجربا ٻين ڪافي فقيرن سان بہ ٿيا جن کيس حيران ڪري ڇڏيو. انهن فقيرن مان هڪ فقير هڪ ننڍڙي ميز کي اهڙي نموني پڪڙيو جو لوئي جيڪوليئوٽ هر ڪوشش ڪري ڏٺي پر هو ان ميز کي ڇوڙي نہ سگهيو. جيتوڻيڪ ان ڪشمڪش ۾ ان ميز جو هڪ پائو پڻ ڀڄي پيو هو. ان ساڳئي فقير هڪ ڪونڊيءَ ۾ هڪ ٻج پوکي ان کي پاڻي ڏنو ۽ بہ ڪلاڪ کن ڪنهن مراقبي ۾ ويو هليو. ٻن ڪلاڪن اندر اهو ٻج مان سلو ڦٽي نڪتو جيڪي اتي جو اتي 8 انچ کن ڊگهو ٿي ويو.

لوئي جيڪوليئوٽ کي سڀ کان وڌيڪ حيرت ۾ جنهن لقاءُ وڌو سو ڪووندا سوامي نالي هڪ فقير ڪري ڏيکاريو. هن فقير پنهنجي منترن ذريعي هڪ بادل هوا منجهہ پيدا ڪري ڏيکاريو جنهن ۾ ڪجهہ مهل کان پوءِ هٿَ ظاهر ٿيا ۽ انهن مان هڪ هٿ تہ پنهنجو هٿ لوئي جيڪوليئوٽ سان پڻ ملايو. ان هٿ فقير جي چوڻ تي عمل ڪندي هڪ گل ير واري ڪونڊيءَ مان پٽيو ۽ ان کي لوئي جيڪوليئوٽ جي پيرن منجهہ ڦٽو ڪيو. تنهن کان پوءِ ان فقير هڪ ڪکر وانگي ڌنڌلي وجود کي پيدا ڪري ڏيکاريو. لوئي جيڪوليئوٽ جي سوال ڪرڻ تي تہ ڇا اهو وجود ڪنهن وقت زنده ماڻهو هو. ان وجود جي سيني مٿان ”ها“ جو چمڪندڙ لفظ اڀريو. تنهن بعد ان فقير هوا منجهان هڪ ٻئي وجود کي ظاهر ڪيو جنهن جي هٿ ۾ بانسري هئي ۽ اها هن سڄي ڪمري ۾ گهمندي وڄائي ڏيکاري. ٿوري دير کان پوءِ اهو وجود گم ٿي ويو ۽ ان جي اها بانسري اتي ئي زمين تي ڪري پئي. مزي جي اها ڳالهہ هئي تہ اها بانسري ساڳي هئي جيڪا لوئي جيڪوليئوٽ ڪنهن راجا کان اڌاري ورتي هئي ۽ بقول لوئي

جيڪوليئوٽ جي ان وقت به ڪنهن تالي واري پيتيءَ منجهه بند ٿيل هئي.

انهن متين بيان ٿيل ڳالهين جي سڀ کان اهم اها ڳالهه آهي ته لوئي جيڪوليئوٽ انهن ڳالهين مٿان هرگز يقين نه ٿي رکيو ۽ اهي سڀ ڳالهيون هن ڪنهن مابعدالطبيات واري رسالي منجهه نه لکيون آهن پر اهي سڀ واقعا هن هندو مذهب مٿان لکيل هڪ سنجيده ڪتاب ۾ بيان ڪيا آهن. هن انهن سيني واقعن جي ڪا عقلي توجيهه پڻ پيش نه ڪئي آهي پر صرف عام حوالي سان اهي ڳالهيون بيان ڪيون آهن. ان زماني ۾ انهن مابعدالطبيات وارين ڳالهين مٿان تحقيق اجان ايترو زور نه ورتو هو جو چئجي ته لوئي جيڪوليئوٽ ان پس منظر هيٺ لکيون هونديون. انهن بذايل ڳالهين منجهان اهو ظاهر آهي ته اهي ڪرشماتي ڪم ڪندڙ فقير خود انهن ڳالهين کي روحن جي طرفان ٿيل سمجهندا هئا. جيڪي ڳالهيون خود لوئي جيڪوليئوٽ جي اکين آڏو ٿيون تن هن جهڙي روشن خيال ماڻهوءَ کي به مڪمل قائل ڪري ڇڏيو ته واقعي انهن پنهنجو وجود رکيو ٿي.

سندس ڳالهيون عام هندن لاءِ ڪي نيون ڪو نه هيون ڇو ته انهن روح يا آتما جي وجود جو عقيدو رکيو ٿي. سندن مکيه ويدن اپنيشد ۽ ڀڳوت گيتا پڻ انساني روحن بابت بذايل آهي جيڪي بقول هندو تعليمات جي سندن خالق "برهما "سان سڌو ڳانڍاپو رکن ٿا. بقول هندو مذهب جي جيڪڏهن ڪو پنهنجي روح جي اندر گهڙي وڃي ته ڪيس برهما ملي ويندو. اها ساڳي تعليمات مابعدالطبيات وارن جي به آهي ته جيڪڏهن انسان پنهنجي اندر پاڻ کي پروڙيندو ته ڪيس عجيب ۽ پراسرار قوتن سان واسطو پوندو. ڇوته اهي عجيب و غريب قوتون سيني انسانن جي اندر هميشه موجود آهن پر انهن قوتن کي ڪي تمام ٿورا انسان پنهنجي مرضيءَ مطابق استعمال ڪري سگهن ٿا.

انسان جي بدن جي اندر لڪل شڪتي يا قوتن کي يوگا نالي ورزشن ذريعي پائي سگهجي ٿو جيڪي اصل ۾ علم ارتڪاز جو ٻيو نالو آهن. انهن ورزشن ذريعي ماڻهو پنهنجي جسم ۽ جذبن مٿان قابو پائي پنهنجي اندر جي ان نقطي تي پهچي سگهندو آهي جيڪي اسان جي بدن، سوچن ۽ مقصدن جو محور هوندو آهي. يوگا جون مشقون ڪندڙ يوگا جي مختلف آسڻ ڪندي پنهنجي اندر گم ٿي، پنهنجي سوچن مٿان قابو پائي پنهنجي دماغ کي هڪ جڳهه تي ساڪت ۽ جامد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. انهن يوگا جي سيني مشقن جو اصل مقصد انسان جي اندر جي سڪون کي ڳولڻ هوندو آهي. هنن مشقن دوران جيتوڻيڪ اسان جو وجود مڪمل بي حرڪتيءَ جي عالم

## زين تعليمات جو راز:

هيريگل تير ڇڪڻ ۾ ان کي هلائڻ منجهان اهو سکيو ته انسان پنهنجي شعوري ۽ غيرشعوري قوتن کان ڪيئن واقف ٿي سگهي ٿو. انسان کي پنهنجي وجود جي سڄاٽپ سندس اندر جي طاقتن جي آگاهي ڏين ٿيون ۽ هو ان ريت پنهنجي اندر جي آفاقي سچ کي ڄاڻي ٿو. زين تعليمات جو مرڪزي نڪتو اهو آهي ته انسان پنهنجي باري ۾ ضرورت کان وڌيڪ باخبر بنجي ردعمل ڏئي ٿو يا ان کي مشهور ليکڪ ڊي ايڇ لارينس جي لفظن ۾ اسان زياده "ذهني باخبري واري ردعمل" وارا بنجي وڃون ٿا.

ان متئين ڳالهه جي حمايت ۾ هو اهو چون ٿا ته جنهن وقت ڪنهن هلندڙ ماڻهوءَ کي اها خبر پوي ٿي ته هن کي ڪو ماڻهو ڏسي رهيو آهي ته ان وقت هن جي قدمن منجهه لڙڪڙاهٽ اچي وڃي ٿي. ساڳئي نموني جڏهن هن کي اها خبر پوي ٿي ته سندس ڳالهائڻ دوران ڪو ماڻهو سندس لفظن کي غور سان ٻڌي رهيو آهي ته ان وقت به سندس لفظن جي اچارڻ ۾ ڪافي غلطيون ٿي وڃن ٿيون. انهن بنهي ڳالهين جو سبب اهو آهي ته اسان جو دماغ ماڻهن جي پاڻ کي غور سان ڏسڻ يا ٻڌڻ وارن ڳالهين جي باخبريءَ جي ردعمل سبب اسان جو عام يا قدرتي رويو بدلجي وڃي ٿو ۽ اسان شعوري طرح اها ڳالهه ڪرڻ شروع ڪريون ٿا جنهن جي نتيجي ۾ اسان اهي غلطيون ڪيون ٿا. زين تعليمات مطابق اها وڌيڪ باخبري اسان جي دماغ کي ساڳئي نموني منجهائي ڇڏي ٿي ۽ اسان قدرتي وهڪري کان نڪري شعوري طور ڳالهين کي ڪرڻ شروع ڪيون ٿا جنهن جي ڪري اسان جو دماغ ۽ ان جون مخفي قوتون پنهنجو پاڻ کي صحيح نموني ڪرڻ کان لاچار آهن. زين تعليمات جي مشقن وسيلي اسان پنهنجي اندر سڪون ۽ بدني ڍرائي (Relexation) حاصل ڪري پنهنجي اندر لڪل قوتن ۽ صلاحيتن کي پنهنجي وس اندر آڻي سٺي نموني ڪتب آڻي سگهون ٿا. اسان کي صرف پنهنجي اندر جي ڊپ کي ماري اها سڪون واري حالت ماڻڻي آهي.

ان ڏس ۾ مشهور هندو فلسفي ۽ بزرگ راما ڪرشن جو مثال ڏنو وڃي ٿو.هي جڏهن اڃا نوجواني جي عالم ۾ هو ۽ تياڳ وٺي هندو مت جو پنڊت بنيو هو تڏهن ڪافي عرصي ڪشٽ ۽ ڪشالن کان پوءِ به هن کي نرواڻ حاصل نه ٿيو هو. آخر هن مايوس ٿي آپگهات ڪرڻ جو سوچيو ۽ هڪ تلوار کڻي ان جيئن پنهنجي پيٽ اندر کپائڻ چاهي ته ڪيس ڪالي ماتا جو ديدار ٿيو. جنهن کي ڏسڻ بعد هن کي اهو لڳو ته سڄو جهان هڪ لامحدوڊ قوت سان پريل هو ۽ جنهن جي جهلڪ کيس آفاقي ڄاڻ جي آگاهي ڏني. اصل سندس اندر جو ڊپ جڏهن خودڪشي جي ڪوشش ڪري لٿو ته هن جي اندر لڪل قوتون ظاهر ٿي

پيون. ان سبب ڪري هي چوي ٿو تہ جڏهن ڪنهن ڪي سندس اندر جي آگاهي ٿيئي ٿي تہ پوءِ هن جي لاءِ پاڻيءَ تي هلڻ، باهہ منجهان گذرڻ، شين کي بنا ڪنهن وسيلي جي پنهنجو پاڻ حرڪت ۾ آڻڻ يا هوا ۾ رسيءَ کي بنا ڪنهن سهاري جي سڌو بيهاري ان مٿان چڙهي وڃڻ وغيره عام ڳالهيون هيون. بقول راما ڪرشن جي اهي ڪم ڪرڻ تہ يوگين جي شروعاتي تربيت دوران جا آهن. جڏهن تہ معرفت جو مٿانهيون منزلون تہ ڪي ٻيون آهن. جڏهن اهي يوگي يا فقير ڪشت ڪشالا ڪاٽي معرفت جون منزلون طئہ ڪن ٿا تہ پوءِ هو پالهٺار سان ملڻ هڪ تي وڃن ٿا. ان حالت اهي پاڻيءَ تي هلڻ جهڙن ڪمن کي هو حقارت جي نگاهن سان ڏسن ٿا.

## يوگانندا نالي يوگيءَ جا حيرت ۾ وجهندڙ ڪم:

سڀ کان وڏيڪ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون يوگي پرمهنسا يوگانند نالي يوگيءَ جي نالي مشهور آهن جيڪي "هڪ يوگيءَ جي آتم ڪٿا "نالي ڪتاب منجهہ ڏنل آهن. جيتوڻيڪ انهن ڳالهين کي پڙهڻ کان پوءِ اولهہ جا ماڻهو انهن واقعن کي صرف لپاڙون سمجهي مٿانهس اعتبار نہ ڪندا. پر هن ڪتاب جو پيش لفظ جڳ مشهور اوپر جي ماهر ڊبليو وائي ايوانس وينٽز (W.Y.Evans-Wentz) لکيو آهي. هن جي لکڻ کان پوءِ انهن ڳالهين مٿان ڪو شڪ نہ هئڻ کپي. جيتوڻيڪ اڪثر ڳالهيون هندو مت

بابت لکيل آهن تنهن هوندي بہ ان ڪتاب ۾ بيان ٿيل يوگيءَ جا واقعا معجزن کا گهٽ هرگز نہ آهن.

پرمهنسا يوگانندا جڏهن صرف اٺن سالن جو هو تہ هي موتمار بيماريءَ ڪالرا جو شڪار ٿي پيو. سخت بيماريءَ جي عالم سندس ماءُ کيس چيو تہ هن جي ڪمري ۾ لڳل هڪ يوگيءَ جي تصوير آڏو جهڪي هو صحت لاءِ ٻاڏائي. جيتوڻيڪ هي سخت بيمار هو ۽ جسماني طرح ان قابل نہ هو تہ هو اٿي ويهي ان تصوير آڏو بيهي تنهنڪري هن اٿي کٽ تي ويهي ان يوگيءَ جي تصوير آڏو ڪنڌ نمايو. ان سمي کيس ائين لڳو چڻ سندس ڪمرو روشنيءَ سان پرجي ويو هجي ۽ ان دم سندس بخار لهي ويو ۽ هي چاق چڱو ڀلو ٿي ويهي رهيو. ان جي ڪجهہ دير بعد هن جو پنهنجي ڀيڻ سان ان ڳالهہ تي جهيڳڙو ٿيو تہ هوءَ ڪو مرهم پنهنجي ڦرڙيءَ مٿان هٽڻ واري هئي ۽ هن کيس ان کان منع ڪندي چيو تہ هو اهو مرهم نہ هٽي چو تہ ان مرهم جي لڳائڻ کان پوءِ اهو ڦٽ بجاءِ ختم ٿيڻ جي وڏي ويندو ۽ گڏوگڏ سندس ٻانهن تي بہ ساڳيو ڦٽ ظاهر ٿي پوندو. واقعي ٿيو بہ ائين. سندس ڀيڻ مرهم لڳايو تہ پهرين واري ڦرڙي وڏي ويس ۽ گڏوگڏ ٻيءَ ٻانهن تي بہ ساڳئي نموني جي ٻي ڦرڙي ظاهر ٿي پيس. سندس ڀيڻ ان واقعي بعد کيس جادوگر جو لقب ڏنس.

هن واقعي کان پوءِ هن جي ڪرشماتي ڪمن بابت ڳالهيون مشهور

يڪتيسور هن جي هوٽل جي ڪمري منجهه آيو ۽ هن سان ڪافي ڳالهيون ڪيون . انهن ڳالهين ۾ ان يوگي ڪيس اهو ٻڌايو تہ موت کان پوءِ هاڻ يوگي يڪتيسور کي اهو ڪم سونپيل هو تہ هو آفاقي دنيا منجهہ رهي ماڻهن جي رهنمائي ڪري.

اهو ممڪن آهي تہ اسان ان ڪتاب ۾ پيش آيل سيني ڳالهين کي هڪ هندو يوگي جي مذهبي جنونيت سمجهي رد ڪري سگهون ٿا پر اهو ڪرڻ کان اڳ اسان کي اهو ضرور سوچڻ گهرجي تہ ان ڪتاب منجهہ ڏنل سيئي ڳالهيون ”روحانيت جي تحقيق جي تنظيم“ پهرين ئي ڳوڙهي تحقيق کان پوءِ قبول ڪري چڪي هئي ۽ اهڙا ڪافي واقعا ريڪارڊ تي آڻي چڪي هئي.ان کان سواءِ اسان اهو ڄاڻون ٿا تہ گهڻن ئي فقيرن ۽ هندو يوگين کي پنهنجن پنهنجن بدنن مٿان ايترو تہ ڪنٽرول حاصل هو جو هو پنهنجو پاڻ کي زنده مٽيءَ منجهہ پورائيندا هئا ۽ ڪجهہ وقت کان پوءَ زنده نڪري ايندا هئا. ڪافي تہ ايڏو گهڻو وقت دفن ٿي گذاري ايندا هئا جو انهن جو زنده نڪرڻ عقل جي سمجهہ کان ٻاهر هو.

چا اسان اهو وساري ٿا ويهون تہ ڪافي ماڻهن مسلمان درويشن جي باري ۾ ٻڌايو آهي جنهن جي باري ٻڌايل ڳالهيون اڄ بہ اسان جي دماغ کي چرخ ڪري ڇڏين. مشهور فلسفي گرجيف جي شاگرد جان جي بينيٽ ( John G.Bennett) ڪافي اهڙن بزرگن جي باري ۾ ٻڌايو آهي جيڪي عجيب ڪرشما ڪرڻ تي قادر هئا ۽ جن کي هن خود ترڪيءَ جي شهر استنبول اکين سان ڏٺو هو. هڪ درويش زمين تي ويهي الله الله جي لفظن جو ورد ڪندي جذب جي عالم اچي ويو ۽ ان حالت دوران هن پنهنجي ڳلن ۽ ٻانهن منجهہ ڏگها ڏگها ڪوڪا وجهڻ شروع ڪري ڇڏيا پر ڪيس ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو.

ٻئي واقعي ۾ هڪ درويش زمين تي پٺيءَ پر ليٽي پيو ۽ هڪ تلوار سندس جسم مٿان ان نموني رکي وئي جو ان جي ڌار سندس پيٽ مٿان هئي. تنهن بعد هڪ ماڻهو ان درويش جي پاسن تي بيٺل ٻن ماڻهن جو هٿ جهلي ان تلوار مٿان هلڻ شروع ڪيو. جڏهن اهو ماڻهو ان تلوار تان لٿو تہ اهو درويش زمين تان اٿيو ۽ ماڻهن اهو ڏٺو تہ ڪيس ڪا لهس بہ نہ آئي هئي. جڏهن جان جي بينيٽ ان تلوار جو معائنو ڪيو تہ ڪيس اها ڄاڻ ٿي تہ ان جي ڌار انتهائي تيز هئي جيڪا پل ۾ ڪنهن بہ شي کي ڪٽي سگهي ٿي.

## اڏامندڙ پادري

اهو ڏٺو ويو آهي تہ بيخوديءَ جي انتهائي اوچائي تي پهچڻ بعد انسان عجيب عجيب ڪرشما ڪري سگهي ٿو. مذهبي بزرگ، يوگي يا يکشو عبادتن ڪندي بي خودي جي انتها تي پهچي هو ا ۾ هلڻ يا اڏامڻ جي ڪرشمن تي بہ قادر ٿي سگهن ٿا .

هو تہ سچ سيد صلاح الدين جي گهرواريءَ جي ڪنچ ۾ اچي پيو. جنھن ڪانپوءِ ھڪدم سندس اک کلي پئي. ھي بزرگ ڏاڍو پريشان ٿيو. رات جو قافلو سبزوار شهر ڏانھن روانو ٿي ويو. جڏھن اھو بزرگ سيد صلاح الدين نوربخش جي گهر ۾ داخل ٿيو تہ ڪيس اھا خوشخبري ٻڌائي وئي تہ ھڪ ڏينھن اڳ گهر ۾ ھڪ ڇوڪرو ڄائو ھو ۽ سندس نالو شمس الدين رکيو ويو ھو. ھن بزرگ نورالدين کي پنھنجو خواب پيرائتو ڪري ٻڌايو ۽ اھا بہ اڳڪٿي ڪئي تہ ھيءُ ڇوڪرو وڏو ٿي وڏي عزت ۽ شان وارو ٿيندو. جنھن سبب سندس وڏائي ۽ نيڪ نامي قيامت تائين سج وانگر چمڪندي رھندي.

شمس الدين جي پرورش ٿيندي رھي ۽ جڏھن ھو جوان ٿيڻ جي ويجهو ٿيو تہ ڪيس سندس چاچي جي حوالي ڪيو ويو. سندس چاچو عبدالھادي تفسير، فقہ ۽ حديث جو تمام وڏو ڄاڻو ھو. جنھن نھايت ئي ڌيان سان شمس الدين جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ۽ ٿوري ئي وقت اندر شمس الدين ظاھري ۽ باطني علمن جي ڄاڻ ۾ ان درجي تي پھچي ويو جو سندس چاچو عبدالھادي بہ دنگ رھجي ويو.

15 شعبان 560ھ تي پيدا ٿيندڙ ھيءُ ٻار جڏھن اڃا اوٺويھن سالن جو بہ نہ ٿيو ھو جو سندس والد بدخشان ڏانھن سفر جا سانباھا ڪيا. اھو سفر ڪنھن واپاري فائدي لاءِ نہ پئي ڪيو ويو. انڪري جو اُھو ماڻھو انھن ماڻھن منجهان ھئا، جيڪي دنيا کي آخرت جي پوکي سمجهندا ھئا ۽ جن جي لاءِ ھر ڪم صرف ۽ صرف خدا جي راضپي لاءِ ڪيو ويندو آھي. سيد صلاح الدين نوربخش ڪنھن ڪان ٻڌو ھو تہ بدخشان ۽ ان جي پرپاسي واري علائقي ۾ رھڻ وارا الله پاڪ جي پيغام ڪان اڻڄاڻ آھن ۽ سندن ڪنن تائين حق ۽ سچ جي سدا اڃا تائين نہ پھتي آھي. ھن پٽ کي پاڻ سان ورتو ۽ 579ھ ۾ بدخشان ڏانھن روانو ٿي ويو. بدخشان وارن سندس ڳالھہ ۽ پيغام کي عجب سان ٻڌو ۽ آھستي آھستي اسلام جي روشنيءَ جي اثر ۾ ايندا ويا. ايتري حد تائين جو تمام ٿوري وقت جي اندر ھزارين خاندان سچي دين ۾ داخل ٿي ويا. جڏھن ھتي سندس ڪم ختم ٿيو تہ پاڻ تبت ڪوچڪ جو رخ ڪيائين، جتي جا ماڻھو ٻڌ مت جا مڃيندڙ ھئا. ھتي شمس الدين جون صلاحيتون ڪجهہ وڌيڪ کلي ظاھر ٿي پيون. پاڻ پنھنجي پوڙھي پيءُ کي گهر ۾ ڇڏي پر پاسي جي ڳوٺن ۾ وڃي دين اسلام جو پيغام پھچائيندو رھندو ھو. گوتم ٻڌ جا مڃيندڙ ڪي عام معمولي ماڻھو نہ ھئا جو ايڏو سولائيءَ سان سندس ڳالھين ۾ اچي وڃن. اھي ساڻس وڏو بحث مباحثو ڪندا ھئا تہ جيئن ڪيس مات ڪرائي سگهن، پر شمس الدين ڪين سدائين لاجواب ڪري ڇڏيندو ھو.

نوجوان شمس الدين تبت جي ھڪ واديءَ ۾ ويھي قدرت جي نظارن کي پرکي رھيو ۽ سندس دل مالڪ حقيقيءَ تي درود ۽ سلام پڙھي رھي ھئي ۽ ھو پنھنجون اکيون بند ڪري دل ئي دل ۾ خدا

پاڪ جي وڏائي ۽ بي نيازيءَ ڪي ساراهي رهيو هو ته اوچتو ڪيس ڪجهه ماڻهن جي وڏن ٺهڪن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن اکيون کولي سامهون ڏٺو ته چادرون جسم تي پاتل ڪي ٻڌ مت جا ڀڪشو لڪ ۾ ڪيس ڏسي رهيا هئا. پاڻ ڪين سڏيندي حيرت مان ڪانئن پڇيائين ته "بابا! ڇا ڳالهه آهي، توهان مون تي ڇو کلي رهيا آهيو؟"

تنهن تي هڪ ڀڪشو جواب ڏنس ته " اسين اهو ڄاڻڻ ٿا گهرون ته تون هتي ڇا ڪرڻ آيو آهين؟"

شمس الدين وراڻيو ته "اسان ٻڌو هو ته تبت جا رهاڪو غلط رستي تي هلي رهيا آهن ۽ اهي اجا تائين حق ۽ سچ جي پيغام کان محروم آهن، انڪري اسين هتي تبليغ جي خيال کان آيا آهيون."

تنهن تي ان ڀڪشو نفرت مان ڪيس چيو ته "ڇا تون اهو سمجهين ٿو ته اسين گمراهي ۽ اونداهيءَ ۾ آهيون ۽ تون اسان کي پنهنجي دين کي قبول ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهندين؟"

"نه، هرگز نه، اسانجو اهڙو ڪو به ارادو نه آهي، ڇاڪاڻ ته اسانجي دين ۾ زوري زبردستي جائز نه آهي. اسانجي پياري نبيءَ جو فرمان آهي ته لا اڪراه في الدين، يعني دين ۾ ڪا به زبردستي نه آهي، پوءِ اسين اوهان کي ڪيئن مجبور ڪري سگهون ٿا ته اوهان پنهنجن ابن ڏاڏن جي دين کي ڇڏي مسلمان ٿي وڃو."

"پوءِ توهان هتي ڇا ڪرڻ آيا آهيو؟"

شمس الدين وراڻيو ته "اسان پنهنجي پياري رسول صہ جي پاڪ زندگي ۽ سندس ڏنل پيغام کان اوهان کي واقف ڪرڻ آيا آهيون. اگر اهي ڳالهيون اوهان کي سٺيون لڳن ۽ دل انهن کي مڃڻ لاءِ راضي ٿئي ته پوءِ انهن تي سوچ ويچار ڪريو، تي سگهي ٿو ته انهن ۾ ڪجهه اهڙيون ڳالهيون به هجن، جيڪي اوهان کي زندگيءَ ۾ ڪم اچن."

ڀڪشو پڇيو ته "ڇا اهي ڳالهيون شاڪيه منيءَ (گوتم ٻڌ) جي ڳالهين کان به وڌيڪ ڪارائتيون آهن؟"

شمس الدين وراڻيو ته "ان جو جواب آئون نه ڏيندس، بلڪه اوهان پاڻ مڃيندا. ڇو ته جيڪڏهن آئون پنهنجي پاران ڪجهه چوندس ته توهان چوندا ته جيئن ته آئون مسلمان آهيان، انڪري پنهنجي رسول صہ جي اجائي طرفداري ڪري رهيو آهيان."

هڪ ڀڪشو ڪجهه ويجهو اچي چيو "چڱو ڀلا پنهنجي نبيءَ جو ڪجهه ڳالهيون اسان کي ته ٻڌاءِ."

شمس الدين جواب ۾ چيو ته "پهريائين تون مونکي ٻڌاءِ ته توهانجو شاڪيه مني (گوتم ٻڌ) توهان کي ڪهڙي تعليم ڏئي ويو آهي؟"

ڪيس جواب مليو ڏنو ته "شاڪيه منيءَ (گوتم ٻڌ) اسانکي سيکاريو آهي ته اسان هر قسم جي ڏاڍ ۽ ظلم کان پاڻ کي پاسيرو رکون، جهيڙو جهٽو هرگز نه ڪريون ۽ ڪنهن جو خون ڪرڻ کان بچون."

شمس الدين چيو تہ ”پر اسانجي نبيءَ اسانکي سيکاريو آهي تہ جيڪڏهن ڪير اسانجي هڪ ڏند کي بہ نقصان پهچائي تہ اسان سندس بہ هڪ ڏند پچي سگهون ٿا ۽ جيڪڏهن اسانکي ڪير هڪ چماٽ هڻي تہ جواب ۾ اسان بہ ڪيس هڪ چماٽ هڻي سگهون ٿا.“

”شاڪيہ منيءَ (گوتم ٻڌ) اسانکي سيکاريو آهي تہ زندگي ۽ دنيا بيڪار شيون آهن، خواهشن کي ختم ڪرڻ سان ئي انسان وڏو رتبو ماڻي سگهي ٿو. اهو مقصد، جنهن کي اسين نروان چئون ٿا، اهو صرف ۽ صرف خواهشن کي ختم ڪرڻ ۽ پاڪ صاف زندگي گذارڻ ڪانپوءِ ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو.“

شمس الدين جواب ۾ چيو تہ ”پر اسان جي پياري نبيءَ اسانکي سيکاريو آهي تہ لا رهبانيت في الدين. يعني اسان جي دين ۾ رهبانيت جي ڪابہ گنجائش نہ آهي، دنيا ۾ رهندي بہ دنيا کي ائين وساريو جيئن اها بيمقصد نہ سڏجي. الله پاڪ هن دنيا ۾ جيڪي ڪجهہ پيدا ڪيو آهي، اهو صرف ۽ صرف اسان انسانن لاءِ ئي پيدا ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن اسان ان جي پيدا ڪيل نعمتن کان منهن موڙيون ٿا تہ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هيءَ دنيا بيمقصد خلقي وئي آهي، انڪري دنيا ۾ ائين رهو، جيئن ان ۾ گم نہ ٿي وڃو. پاڻيءَ کان ٻاهر رهي، پنهنجو پاڻ کي سڪل رکڻ ۾ ڪابہ عجيب ڳالهہ نہ آهي. بلڪ پاڻيءَ اندر گهڙي بہ پاڻ کي پسڻ کان بچائڻ ئي اعليٰ ڪمال جو درجو آهي.

مونکي مون پرين، ٻڏي وڏو ٻار ۾،
ايا ائين چون تہ متان پاڻ پسائيين.
(شاهہ)

اهو بحث مباحثو ڪافي دير تائين هلندو رهيو ۽ جڏهن ڳالهہ ٻولهہ بند ٿي تہ اهي ڀڪشو مسلمان ٿي چڪا هئا ۽ پنهنجي گذريل زندگي ۽ مذهب تي رهڻ جو افسوس ڪري رهيا هئا.

تبت ۾ پنهنجو تبليغي ڪم پورو ڪرڻ بعد شمس الدين ڪشمير جو رخ ڪيو. هتي چنگڙ نالي هڪ قوم رهندي هئي، جيڪا سج جي پوڄا ڪندي هئي. ان قوم ڪيس تمام گهڻيون تڪليفون ڏنيون ۽ پريشان ڪيو، پر شمس الدين بہ همت نہ هاري ۽ پنهنجي محنت جاري رکي. هو اڪثر چنگڙ قوم جي مذهبي اڳواڻ وٽ وڃي ويهندو هو ۽ ان سان مختلف موضوعن تي ڳالهائيندو رهندو هو. چنگڙ قوم جو اهو پوڙهو مذهبي اڳواڻ، جنهن جي ڏاڙهي پراڻي چيني نسل جي ماڻهن جيان هئي، جنهن جي نرڙ تي بي انتها گهنج نظر ايندا هئا ۽ سندس ڏند پچي چڪا هئا. اهو شمس الدين سان سدائين رڪائيءَ سان پيش ايندو هو پر ان جي جواب ۾ شمس الدين سدائين ساڻس خوش اخلاقي ۽ عزت سان پيش ايندو هو.

هڪ ڏينهن چنگڙ قوم جي ان چڱي مڙس، شمس الدين کي چيو تہ ”تون منهنجي قوم تي محنت ڪري پنهنجو وقت اجايو وڃائي رهيو آهين. ڇا توکي پڪ آهي تہ دنيا ۾ سج کان وڌيڪ ڪا شيءِ وڏي ۽

روشن ٿي سگهي ٿي، نہ رڳو روشن، بلڪ چمڪندڙ ۽ وڏي عزت واري!“

شمس الدين جواب ڏنو تہ ”اسان جنهن خدا جي پوڄا ڪريون ٿا، هيءَ سڄ تہ ان جي ڪائنات جو هڪ تمام معمولي ۽ ننڍڙو ذرو آهي، توهان ان جي وڏائي ۽ طاقت کي مڃيو ٿا تہ پلي شوق سان مڃيو پر آئون اوهان کي عرض ٿو ڪريان تہ هن سڄي معاملي ۾ ٿورو سوچ ويچار کان ڪم وٺو.“

پوڙهي چيو تہ ”منهنجا وڏا غلط رستي تي نہ هئا ۽ انهن جيڪي مذهبي عقيدا اختيار ڪيا هئا، سي بہ غلط نہ هئا.“

شمس الدين جواب ڏنو تہ ”پر سائين! اوهان اهو ڇو نہ ٿا سمجهو تہ جيڪڏهن سوچڻ جو اهو ئي طريقو دنيا جو هر ماڻهو استعمال ڪري تہ پوءِ دنيا جو هر ماڻهو سڄ تي ئي هوندو. پر هيءَ ڳالهہ سچائي ۽ انساني عقل جي خلاف آهي تہ دنيا جو هر ماڻهو سچو هجي ۽ دنيا جي سڀني ماڻهن جا ابا ڏاڏا سڄ تي رهيا هجن. اها عقلمندي نہ آهي تہ جانورن وانگر هڪ ئي واٽ تي هلندو رهجي ۽ عقل ۽ سوچ ويچار کان ڪم نہ وٺجي. انسان کي الله سائينءَ عقل ان لاءِ ئي ڏنو آهي تہ هو ان جي وسيلي صحيح ۽ غلط ۾ پيٽ ڪري سگهي، اگر انسان ائين نٿو ڪري ۽ رڳو پنهنجن وڏن جي واٽ تي هلندي رهڻ کي آخري ڳالهہ ٿو سمجهي ۽ پنهنجي عقل سان نٿو پرکي تہ پوءِ تہ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ انسان ۽ جانور ۾ ڪو فرق ئي نہ آهي!“

پوڙهو گهري سوچ ۾ پئجي ويو ۽ ٿوري دير بعد وراڻيائين ”چڱو ڀلا تون اهو ٻڌاءِ تہ دنيا ۾ سڄ کان وڏي ڪهڙي شيءِ ٿي سگهي ٿي؟“

شمس الدين جواب ڏنو تہ ”رات جي اها چادر، جيڪا سڄ جي مٿان پوي ٿي ۽ سڄ جي سموري طاقت ۽ روشني گم ٿي وڃي ٿي.“

پوڙهو بزرگ چڙي پيو ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين تہ ”اي نوجوان! حيا ڪر، سڄ جي ائين بيحرمتي نہ ڪر.“

شمس الدين جواب ڏنو تہ ”آئون سڄ جي بيحرمتي تہ ڪونہ ڪري رهيو آهيان، آئون تہ رڳو ان جي اصل حقيقت بيان ڪري رهيو آهيان.“

پوڙهي بزرگ پنهجيون اکيون بوٽي ڇڏيون ۽ اونهي سوچ ۾ پئجي ويو ۽ ڪجهہ دير ڪانپوءِ پڇيائين ”..۽ تون جنهن جي پوڄا ڪرين ٿو، اهو ڪيئن آهي؟“

شمس الدين جواب ڏنو تہ ”اسانجو خدا اهو آهي، جيڪو نہ رڳو اسانکي، بلڪ ڪنهن کي بہ نظر نٿو اچي، پر هو هر جڳهہ تي موجود آهي. هن کي ڪن نہ آهن پر ٻڌي سگهي ٿو، اکيون نہ آهن پر هر شيءِ کي ڏسي سگهي ٿو. ڪائنات جو ذرو ذرو سندس قبضي ۾ آهي، هو ئي هر ساهہ واري کي رزق پهچائي ٿو. هن جي ئي حڪم سان هوائون لڳن ٿيون، سڄ ۽ چنڊ اڀرن ٿا، ٻج زمين ۾

واڌ ويجهه ڪري سلاتي اپرن ٿا ۽ اهو ئي انهن سلن کي وڏو ڪري انهن منجهان اناج پيدا ڪري ٿو. سندس حڪم سان ئي انسان پيدا ٿين ٿا ۽ مرن ٿا. سندس ڪابہ شڪل نہ آهي پر هو هر شڪل ۾ موجود آهي.“

پوڙهي بزرگ تي انهن ڳالهين جو تمام گهڻو اثر ٿيو. هن وڌيڪ پڇيو تہ ”ڇا مسلمانن جو تعداد دنيا ۾ وڌي رهيو آهي؟“

شمس الدين جواب ڏنو ”تعداد نہ رڳو وڌي رهيو آهي، بلڪہ وڌي چڪو آهي ۽ دنيا جي تمام ڏورانهن علائقن تائين مسلمان پهچي چڪا آهن ۽ پراڻا مذهب ميٽجي رهيا آهن. هن مذهب جو سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي تہ هن کي قبول ڪرڻ وارو رڳو هڪ خدا کي سجدو ڪري هزارين بتن کي سجدو ڪرڻ کان آزادي ماڻي وٺي ٿو.“

پوڙهي بزرگ وڌيڪ پڇيو تہ ”اوهان عبادت ڪيئن ڪندا آهيو. مونکي بہ تہ سيکاريو!“

شمس الدين جواب ڏنو تہ ”پهرين تون اسلام کي دل سان قبول ڪر، پوءِ توکي عبادت جا مذهبي طريقا بہ سيکاري وٺندس.“

پوڙهي بزرگ هڪ عجيب سوال پڇيو تہ ”پلا تورو اها ڳالهہ تہ پڌاءِ تہ مسلمان ٿي وڃڻ بعد منهنجي سماجي حيثيت ڇا رهندي. ڇاڪاڻ تہ هن وقت آئون پنهنجي قوم جو اڳواڻ ۽ مذهبي مهندار آهيان. پر ڇا مسلمان ٿي وڃڻ ڪانپوءِ بہ منهنجي اها ئي حيثيت ۽ شان برقرار رهندو يا نہ؟“

شمس الدين جواب ڏنو تہ ”افسوس! اسلام ۾ اهڙو ڪوبہ قانون موجود نہ آهي جو ڪوبہ شخص پنهنجي خانداني وڏائيءَ جي ڪري ڪنهن وڏي مرتبي يا حيثيت جي لائق سمجهيو وڃي. هتي تہ پهريون ڪلمو ئي اهو پڙهڻو پوندو آهي تہ لاالله الا الله يعني الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ خدا نہ آهي، هن جي وڏائي ۽ شان جي آڏو ڪنهن جي بہ وڏائي ۽ شان جو تصور نٿو ڪري سگهجي. ها اگر ڪو ماڻهو وڏي عزت ۽ شان حاصل ڪرڻ گهري ٿو ۽ اهو چاهي ٿو ڪيس خدا وٽ بہ اهو مقام مليل هجي تہ ان جو صرف هڪ ئي طريقو آهي تہ ماڻهو پنهنجي ذاتي ڪردار ۽ اخلاق ۾ بهتري ۽ وڏائي پيدا ڪري ۽ خدا جي خوف، عبادت ۽ پرهيزگاريءَ ذريعي پنهنجي عزت وڏائي. تون جيڪڏهن مسلمان ٿيڻ بعد بہ عزت ۽ مرتبي وارو رهڻ گهرين ٿو تہ پوءِ ان جو بهترين طريقو اهو آهي تہ پنهنجي عمل ۽ اخلاق سان وڌو ٿيڻ جي ڪوشش ڪر ۽ ان طريقي سان ئي جيڪو بہ شخص وڏائي حاصل ڪندو. ان کي انهن سمورن ماڻهن جي مٿان بہ وڏائي حاصل هوندي، جيڪي مسلمان ٿيڻ کان اڳ بہ پنهنجن ابن ڏاڏن جي نسلي تعلق سبب وڏا سمجهيا ويندا هئا.“

انهن ڪرين ڳالهين پوڙهي بزرگ کي گهڻو متاثر ڪيو ۽ پنهنجي سموري قوم سميت مسلمان ٿي ويو.

هڪ ڪتاب به پاڻيءَ ۾ نه پسيو هو. پاڻ هڪ هڪ ڪتاب ڪڍي ان کي اٿلائي پٿلائي ڏسندو رهيو ۽ ان ۾ پاڻيءَ جي آلاڻ کي ڳولهيندو رهيو پر ڪيس ڪو ذرو به پسيل نظر نه آيو.

مولانا روميءَ، شمس الدين ڏانهن حيرت ۾ نهاريندي سوال پڇيو "سائين! هي ڇا....!؟"

شمس الدين چيو: "هيءَ اهو آهي جنهن کي تون نه سمجهي سگهندين."

مولانا رومي سڪتي ۾ اچي ويو ۽ شمس الدين پنهنجي راهه وٺي روانو ٿي ويو. هوش سنڀاليندي ئي مولانا رومي کيس ڳولهڻ لاءِ ڊوڙيو پر هو ڪيس نظر نه آيو ۽ گهڻي وقت ڪانپوءِ جڏهن وري مليس ته مولانا رومي سندس ئي ٿي رهجي ويو.

حضرت شمس الدين تبريزيءَ جي زندگيءَ جي باري ۾ تاريخ جي ڪتابن ۾ ڪو گهڻو تفصيل نه بيان ڪيو ويو آهي.

حضرت شمس الدين تبريزي رحه شروع ۾ باطني فرقي جي هڪ اسماعيلي بزرگ سان تعلق رکندو هو. پر پوءِ پنهنجو مسلڪ تبديل ڪري هڪ پهتل بزرگ بابا ڪمال الدين جنديءَ جو مريد بڻجي ويو. پنهنجي مرشد جي نگرانيءَ ۾ پاڻ ٿوري ئي وقت ۾ طريقت ۽ سلوڪ جون سموريون منزلون ماڻي ورتائين. پاڻ پنهنجي مرشد جو منظورِ نظر هو. پاڻ شروع کان ئي فقيراڻي زندگي گذاريندو هو. سندس معمول هو ته پاڻ چاليهه ڏينهن لاڳيتو روزو رکندو هو ۽ وري ٿورو گهڻو کائي چاليهن ڏينهن لاءِ نئون روزو رکي ڇڏيندو هو ۽ ان عرصي ۾ عبادتون ۽ رياضتون ڪندو رهندو هو. سندس مائٽ ۽ دوست ڪيس ڪجهه ڪائڻ لاءِ ڏيندا هئا ته پاڻ انڪار ڪري ڇڏيندو هو. پاڻ اڪيلائپ پسند هو ۽ هيڪلائيءَ ۾ عبادت ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو هو.

شمس الدين کي تبريز شهر ڏاڍو وڻندو هو. پاڻ تبريز ۾ ئي رهائش اختيار ڪيائين. مولانا روميءَ به اتي ئي ساڻس گڏ رهڻ لڳو. شمس الدين هتي ئي شمس الدين تبريزيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو. تبريز ۾ پاڻ ٻارنهن سالن تائين سڪر جي حالت ۾ رهيو. هتي ئي شمس تبريزيءَ ۽ مولانا روميءَ هڪ ئي حجري ۾ ٽن ڏينهن جو چِلو ڪاٽيو. مولانا روميءَ کي ساڻس ايتري ته عقيدت ٿي وئي جو ڏينهن رات سندس صحبت ۾ رهڻ لڳو. مولانا روميءَ جي چاهيندڙن کي اهو سڀڪجهه ڏاڍو برو لڳندو هو. ماڻهو مولانا روميءَ سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ ۽ ساڻس علمي بحث مباحثا ڪرڻ چاهيندا هئا. پر شمس الدين تبريزيءَ جي موجودگيءَ ۾ اهو ممڪن ئي نه هو. انڪري ئي مولانا روميءَ جي، چاهيندڙن جي دل ۾ شمس الدين تبريزيءَ جي لاءِ ڪاوڙ ۽ غصي جا جذبا پيدا ٿيڻ لڳا. هڪ ڏينهن ڇا ٿيو جو شام ڪان ٿورو پهرين هڪ وڏي عمر جو عالم مولانا روميءَ سان ملڻ آيو. مولانا رومي، شمس

پهتو تہ مولانا رومي نهايت خوش ٿيو ۽ وري سماع جون محفلون جاري ٿي ويون. قونيہ وارن کي حضرت شمس الدين تبريزيءَ جو قونيہ ۾ رهڻ بلڪل نہ وڻندو هو، پر هو خاموش رهندا هئا.

حضرت شمس الدين تبريزيءَ تصوف جي دنيا ۾ جيڪو اعليٰ رتبو ماڻيو آهي، اهو ڪنهن کان بہ لڪل نہ آهي. پاڻ شاعريءَ جي زبان ۾ جيڪو پنهنجن جذبن جو اظهار ڪيو آهي، اهو ڪيترين ئي دلين کي گرمائڻ جو سبب بڻيو آهي. پاڻ معرفت جي مقام تي پهتل هو ۽ سندس پيغام شروع کان آخر تائين عشق جو ئي پيغام آهي. سندس چوڻ آهي تہ جنهن انسان جي دل عشق کان خالي آهي، اهو انسان نہ پر پٿر آهي ۽ جيڪڏهن ڪا قوم عشق جي جذبي کان عاري آهي تہ اها رڳو مٽيءَ جو ڍير آهي. سندس ڪلام ۾ تصوف، اخلاق ۽ نفسيات جي اونهن مسئلن ۽ الاهي معرفت جي اسرارن جو هڪ درياءُ وهي رهيو آهي. حضرت شمس تبريزي چوي ٿو تہ طريقت جي رستي تي هڪ اهڙو موڙ بہ اچي ٿو جو جيڪڏهن ان کي صحيح طريقي سان بيان ڪيو وڃي تہ پوءِ رڳو ظاهري اک سان ڏسڻ وارا ماڻهو طريقت جي ان سالڪ کي ڦاسيءَ تي چاڙهي ڇڏيندا. صوفين جو عقيدو آهي تہ انسان جو روح هڪ مستقل ۽ نہ متجندڙ شيءِ آهي، جنهن جو سڌو سنئون لاڳاپو الله پاڪ سان آهي ۽ اهو لاڳاپو ائين ئي آهي، جيئن جزي جو ڪل سان هوندو آهي.

هڪ ڀيري حضرت شمس الدين تبريزي ڪجهہ مهينن لاءِ پنهنجو پاڻ کي هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري چلي ۾ ويهي رهيو. سندس اها جدائي مولانا روميءَ جي سهپ کان ٻاهر هئي ۽ جڏهن شمس تبريزي رحہ پنهنجو چلو ڪاٽي ٻاهر نڪتو تہ مولانا رومي ڏاڍو خوش ٿيو. سندس سموري بيقراري ختم ٿي وئي. ڪيس اهڙي انتهائي خوشيءَ جي ڪيفيت ۾ ڏسي حضرت شمس تبريزي رحہ مولانا روميءَ کي آزمائڻ چاهيو ۽ فرمايو "مولانا! مونکي هن وقت هڪ خوبصورت عورت جي گهرج آهي. آئون تو مان تمام گهڻو خوش ٿيندس، جيڪڏهن تون مونکي ڪٿان بہ ڪري ڪا عورت آڻي ڏين."

مولانا رومي بنا ڪو سوال پڇڻ جي پنهنجي گهرواري، جيڪا خوارزم جي شاهہ جي ڌيءُ هئي ۽ انتهائي خوبصورت ۽ حسن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي، ان کي آڻي سندس خدمت ۾ پيش ڪيو. حضرت شمس تبريزيءَ جڏهن مولانا جي گهرواريءَ کي ڏٺو تہ چيائين "مون توکي هن کي آڻڻ لاءِ تہ نہ چيو هو. هيءَ تہ منهنجي ڀيڻ ۽ ڌيءُ وانگر آهي."

مولانا جواب ڏنو "سائين! منهنجي نظر ۾ هن کان وڌي خوبصورت عورت ڪابہ نہ آهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ آئون پنهنجي سڀ کان پياري شيءِ اوهان تي قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

ان تي شمس تبريزيءَ چيو "مونکي هاڻي عورت جي گهرج نہ آهي.

جيڪڏهن تون آٿي سگهين ٿو تہ مونکي، هڪ خوبصورت ڇوڪرو آڻي ڏي.“

مولانا روم تڪڙو تڪڙو پنهنجي مرشد جي حجري مان نڪتو ۽ بنا ڪنهن سوال جواب جي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو. گهر پهچي هن پنهنجي پٽ کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو ۽ ان کي وٺي اچي حضرت شمس تبريزيءَ جي آڏو پيش ڪيائين. حضرت شمس تبريزي هن ڀيري بہ مولانا کان ناراض ٿيو ۽ چيائينس ”مون توکي هيءَ ڇوڪرو آڻڻ لاءِ تہ نہ چيو هو. هيءَ تہ منهنجو پٽ آهي“.

مولانا وراڻيو ”منهنجا مرشد سائين! آئون اوهان تي قربان ٿيڻ چاهيان ٿو. آئون ڇو ۽ ڇا جي چڪر ۾ پوڻ نٿو چاهيان. آئون تہ حڪم جو غلام آهيان. منهنجو ڪم اوهانجي فرمان برداري ڪرڻ ۽ اوهان تي قربان ٿي وڃڻ آهي.“

اهي ڳالهيون ٻڌڻ بعد مولانا جي پٽ کي بہ حضرت تبريزي رحہ موٽائي ڇڏيو. ان بعد مولانا روميءَ کي چيائين ”هاڻي وڃ ۽ وڃي منهنجي لاءِ شراب کڻي اچ. شراب اهڙو هئڻ گهرجي، جيڪو مونکي سرور ۽ مستيءَ ۾ آڻي ڇڏي.“

مولانا رومي، جيڪو پنهنجي زهد ۽ تقويٰ جي ڪري تمام گهڻو مشهور هو. سندس علم ۽ حڪمت جي هرهنڌ هاڪ هئي، پر هو ڪنهن بہ ڳالهہ جي پرواهہ نہ ڪندي قونيہ ۾ يهودين جي هڪ بازار ۾ هليو ويو ۽ اتان شراب وٺي اچي حضرت شمس الدين تبريزي رحہ جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. حضرت شمس تبريزيءَ جڏهن شراب جي ڀريل بوتل ڏٺي تہ ڪافي دير تائين مولانا روميءَ کي گهوري ڏسندو رهيو ۽ پوءِ شراب جي بوتل پٽ ۾ هٿي ڀڃي ڇڏيائين. مولانا ماٺ ميٺ ۾ سڀ ڪجهہ ڏسندو رهيو ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪڇيو. ڪافي دير بعد حضرت شمس تبريزيءَ مولانا کي چيو ”اي جلال الدين! اڄ کان تو ان مقام تي پهچي چڪو آهين جنهن جي ڪري تنهنجو نالو ابد تائين ياد رکيو ويندو. اڄوڪي ڏينهن تو معرفت جو سموريون منزلون ماڻي ورتيون آهن. هي مون جيڪي عورت، ڇوڪري ۽ شراب آڻڻ لاءِ توکي حڪم ڏنو هو اهو رڳو تنهنجي آزمائش لاءِ هو ۽ تون انهن آزمائشن تي ايترو پورو لٿو آهين جو ان جو مثال ملڻ دنيا ۾ مشڪل آهي. اڄ کان توکي اهو مان ۽ مرتبو حاصل ٿي ويو آهي، جنهن سان تنهنجو نالو تيستائين قائم رهندو. جيستائين هيءَ دنيا قائم آهي ۽ ماڻهو تنهنجين لکڻين کي قيامت تائين پڙهندا رهندا ۽ ان جا اسرار پروڙيندا رهندا ۽ آئون تنهنجو مرشد هوندي بہ گمنام رهندس ۽ ماڻهو مونکي تنهنجي ئي حوالي سان سڃاڻندا ۽ ياد ڪندا. ماڻهو مونکي شمس تبريزيءَ بدران مولانا روميءَ جي مرشد جي حيثيت سان سڃاڻندا.“

اهي ڳالهيون ٻڌي مولانا رومي تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ حضرت شمس الدين تبريزيءَ جي محبت ۽ عقيدت ۾ ايترو تہ جذباتي ٿي ويو جو پاڻ پنهنجي

هڪ شعر ۾ چيائين تہ ”جيڪڏهن مونکي حضرت شمس تبريزيءَ جي غلامي نصيب نہ ٿئي ها تہ آئون ڪڏهن بہ مولانا روم نہ بڻجي سگهان ها .“

ظاهري شريعت جي پابند عالمن کي شمس تبريزيءَ جي خيالن کان سخت چڙ هوندي هئي. هو سندس مقبوليت کان سڙندا هئا. جنهن ڪري انهن عالمن بغداد جي حڪمرانن کي تمام گهڻو برغلايو ۽ کين يقين ڏياريو تہ جيڪڏهن حضرت شمس تبريزيءَ کي بغداد ۾ رهڻ ڏنو ويو تہ اهو ڏينهن پري نہ آهي، جڏهن خدا جو عذاب هتي اچي ڪڙڪي. بادشاهہ دربار سان تعلق رکندڙ ۽ شهر جي ناميارن عالمن جي گڏيل اثر هيٺ هڪ حڪم جاري ڪيو تہ شمس تبريزي رحہ هڪدم بغداد ڇڏي وڃي. شمس تبريزي حڪم ملڻ شرط بغداد مان نڪري ڪاظمين هليو ويو.

هوڏانهن بادشاهہ جڏهن شمس تبريزيءَ جي شهر نيڪاليءَ جو حڪم ڏئي دربار مان روانو ٿيو تہ ان وقت ڪيس سندس مٿو ڳرو محسوس ٿي رهيو هو. سندس دل تي بار هو. ائين پئي لڳو ڄڻ ڪو سندس دل کي مهٽي رهيو هجي. بادشاهہ تي ڪيترا ئي ڏينهن ويڳاڻپ ۽ اداسيءَ واري ڪيفيت طاري رهي. سندس سمجهہ ۾ نہ اچي رهيو هو تہ سندس اهڙي حالت ڇو ٿي رهي آهي. ڪيترن ڏينهن بعد بادشاهہ کي اهو اطلاع ڏنو ويو تہ ولي عهد جي حالت نازڪ آهي. بادشاهہ پريشانيءَ جي حالت ۾ اندر داخل ٿيو، جتي سندس سڀ کان پيارو شهزادو موت جي بستري تي ائين پيو هو جهڙوڪر موت جو انتظار ڪري رهيو هجي. بادشاهہ محل جي عورتن کي دڙڪا ڏنا ۽ کين چيائين تہ ”جڏهن شهزادي جي حالت ايتري خراب هئي تہ پوءِ ڪيس اطلاع ڇو نہ ڏنو ويو.“

ڪنهن عورت جواب ڏنو ”حضور! اسان سڀني جي اها ڪوشش هئي تہ شهزادي جي بيماريءَ جي خبر ٻڌائي اوهان کي پريشان نہ ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ اوهان اڳيئي بادشاهي ڪمن ڪارين ۽ حڪومتي معاملن ۾ گهيريل رهو ٿا .“

بادشاهہ انتهائي ڪاوڙ ۾ چيو تہ ”شهزادي سان آئون وڌ کان وڌ محبت ڪريان ٿو ۽ اگر الله نہ ڪري ڪيس ڪجهہ ٿي وڃي تہ...!؟“

”شاهي طبيبن جي پنج رڪني ٽيم شهزادي جي علاج ۾ رڌل آهي ۽ الله مان اها اميد آهي تہ هو ڪيس بچائي وٺندا.“ انهن مان هڪڙيءَ جواب ڏنو.

بادشاهہ، شهزادي کي ويجهو وڃي ڏٺو. ڪمزوريءَ جي ڪري شهزادي جون اکيون ڏرا ڏئي ويون هيون ۽ ٻنهي ڳلن جون هڏيون ٻاهر نڪري آيون هيون. بادشاهہ نهايت پيار ۽ محبت سان شهزادي سان ڳالهائيندي چيو ”پٽ! تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟“

شهزادي ويران اکين سان پيءُ کي ڏٺو پر ان کي سڃاڻي نہ سگهيو.

شهزادو هڪ دفعو وري ڦڙڪيو.
"مونکي ڪاظمين وٺي هليو. آئون ڪاظمين ويندس."

بادشاهه جو اکيون آليون ٿي ويون ۽ حڪيمن کان معلوم ڪيائين "هن کي توهان ڪيتري دير تائين جيئرو رکي سگهو ٿا."

حڪيمن جي اڳواڻ جواب ڏنو "بس ڪجهه ڪلاڪن تائين مس."

بادشاهه پريشانيءَ ۾ چيو "نه، بلڪل نه. ان ۾ ڪجهه واڌارو ڪريو. آئون ان بزرگ کي ڪاظمين مان سڏائي ٿو وٺان ۽ ان کان معافي وٺندس. ان سان وڏي بيواجبي ٿي آهي ۽ هيءَ ان ئي ظلم ۽ ڏاڍائيءَ جي سزا آهي جيڪا شهزادو ڀوڳي رهيو آهي ۽ آئون ڇريو ٿي رهيو آهيان."

ان بعد بادشاهه. شهزادي جي وارن ۾ هٿ ڦيرائيندي چيو "پٽ! تون فڪر نه ڪر، آئون اجهو هينئر ئي شمس تبريزيءَ کي گهرائي ٿو وٺان."

بادشاهه شهزادي کي چمي ڏئي ٻاهر نڪري ويو ۽ اوڏي مهل ئي هڪ وفد ڪاظمين ڏانهن روانو ڪيائين ۽ انهن کي حڪم ڪيائين ته هو ڪنهن به قيمت تي شمس تبريزيءَ کي واپس وٺي اچن. اتان واندو ٿي بادشاهه واپس شهزادي وٽ پهتو. شهزادي تي ان وقت به هذياني ڪيفيت طاري هئي ۽ بادشاهه ان کي ساڳيءَ حالت ۾ ڏسندي اتان هليو ويو.

حڪيم پنهنجين ڪوشش سان شهزادي جي زندگي بچائڻ جي ڪم ۾ رڌل رهيا. ڪجهه ڏينهن بعد بادشاهه کي اطلاع ڏنو ويو ته شهزادي جي حالت ڏاڍي خراب آهي ۽ هو ڪجهه گهڙين جو ئي مهمان وجي رهيو آهي. بادشاهه پريشانيءَ جي حالت ۾ ڪمري ۾ داخل ٿيو. شهزادي ويران اکين سان ڪيس ڏٺو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

بادشاهه بيوسيءَ جي حالت ۾ شهزادي کي ڏٺو ۽ درٻار ۽ شهر جي عالمن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. شهزادي پنهنجي نرڙ تي ائين هٿ رکيو، ڄڻ پنهنجي پيءُ کي آخري سلام ڪري رهيو هجي. بادشاهه جي دل ٻڏڻ لڳي ۽ ڪيس جهنجهوڙيندي پڇيائين، "پٽ! ڇا ٿيو. تنهنجي طبيعت ڪيئن آهي؟"

شهزادي جون اکيون ٻڏڻ لڳيون ۽ ٿوري ئي دير اندر شهزادي جو دم نڪري ويو ۽ ڪنڌ هڪ طرف لڙڪي پيو. شاهي محل ۾ ماتم جهڙو ماحول پيدا ٿي ويو ۽ بادشاهه جي وات مان رڙ نڪري وئي. شاهي حڪيم اڳيان وڌيو ۽ غور سان معائنو ڪرڻ بعد اعلان ڪيائين. "شهزادو پنهنجي حقيقي مالڪ وٽ پهچي چڪو آهي. انڪري ڪيس سندس حالت ۾ ڇڏيو وڃي ۽ ڪيس ننڊ مان سجاڳ نه ڪيو وڃي."

ٿوري وقت بعد بادشاهه کي اطلاع ڏنو ويو ته شمس تبريزيءَ کي ڪاظمين مان واپس آندو ويو آهي. بادشاهه ڇرين واري حالت ۾ ٻاهر نڪتو ۽

لفظ ورجايا پر شهزادو نہ اٿيو. نيٺ چوٿون پيرو ڪاوڙ ۾ اچي چيائين "قم باذني (منهنجي حڪم سان اٿي کڙو ٿيءُ)."

شهزادو اٿي ويهي رهيو.

شمس تبريزي ان ڪانپوءِ هڪدم ٻاهر نڪري آيو ۽ محل ۾ اها ڳالهه ٻاهه وانگر پکڙجي وئي تہ شمس تبريزيءَ مئل کي زنده ڪري ڇڏيو. شمس تبريزيءَ مئل شهزادي کي جيئرو ڪري ڇڏيو. اها چرڪائيندڙ خبر محل مان نڪري سڄي شهر ۾ پکڙجي وئي. شهر ۽ دربار سان تعلق رکندڙ ظاهر پرست عالم منهن سڄائي پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا تہ ڪا خدائي مار پويس. شمس تبريزيءَ کي آخر ڇا ٿي ويو آهي! خدا جي حڪم سان تہ شهزادو اٿيو ڪونہ ۽ جڏهن پنهنجي حڪم سان سڏ ڪيائينس تہ هڪدم اٿي ويهي رهيو. شمس تبريزيءَ خدا هئڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. جنهنڪري مٿس شرعي حد لاڳو ٿيڻ گهرجي.

وڏا وڏا ظاهر پرست عالم گڏ ٿيا ۽ شمس تبريزي رحہ کي انهن جي آڏو آڻي بيهاريو ويو. ان معاملي ۾ بادشاهہ وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو. ڇاڪاڻ تہ شمس تبريزيءَ تي ڪفر ۽ خدائيءَ جي دعويٰ جا الزام لڳايا ويا هئا.

عالمن ڪانئس پڇيو. "ڇا اهو صحيح اهي تہ جڏهن تو قم باذن الله چيو تہ مئل شهزادو زنده نہ ٿيو؟"

شمس تبريزيءَ جواب ڏنو. "ها اهو بلڪل صحيح آهي."

عالمن وري سوال ڪيو. "..۽ ڇا اهو بہ سچ آهي تہ جڏهن تو مئل شهزادي کي پنهنجي حڪم سان اٿڻ جو چيو تہ هو اٿي ويهي رهيو؟"

"ها اهو بلڪل سچ آهي." شمس تبريزي رحہ جواب ڏنو."

عالمن يڪراءِ ٿي چيو "يعني مئل شهزادو الله جي حڪم سان نہ اٿيو پر تنهنجي حڪم سان اٿي وينو. آخر ان جو مطلب ڇا ٿو نڪري؟"

شمس تبريزي رحہ جواب ڏنو. "ڇا آئون ۽ خدا الڳ الڳ آهيون. اهو بہ خدا جو ئي آواز هو. جنهن اهو چيو هو تہ اٿي وڃ منهنجي حڪم سان. جنهن جي ڪري مئل شهزادي خدا جي حڪم جي پوئواري ڪئي ۽ اٿي ويهي رهيو."

عالمن ڪاوڙ مان پڇيو. "ڇا تون خدا آهين. ڇا تون خدا هجڻ جي دعويٰ ٿو ڪرين؟"

شمس تبريزيءَ جوش ۾ اچي چيو. "مون اهو ڪڏهن چيو آهي تہ آئون خدائيءَ جي دعويٰ ٿو ڪريان؟"

عالم چيو. "جڏهن تو پنهنجي حڪم سان مئل کي جيئرو ڪيو تہ ان جو ٻيو ڪهڙو مطلب نڪري ٿو!"

شمس تبريزيءَ جواب ڏنو. "ان جو مطلب توهان جي سمجهہ ۾ نہ ايندو. اوهانجي سمجهہ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي تہ جڏهن مون قم باذني جو حڪم ڏنو هو. اهو منهنجو آواز نہ هو. اهو الله جو آواز هو. جڏهن خدا پاڻ اهو حڪم ڏنو تہ

# محبت ہے قیامت ہے

(مکمل ناول)

کرشن چندر / بیدل مسرور

# محبت ۾ قيامت ۾

**عظيم اديب جي لازوال قلم جو ڪرشمو. وقت جي ڌارا پوئتي موڙي ٿي ۽ ماضي ۽ حال گڏجيو وڃن. وقت جي انهيءَ عجيب سنگم مان هي شاندار ناول سرجي ٿو. پيار محبت جو انوکو داستا جيڪو صرف ڪرشن چندر ئي لکي سگهي ٿو.**



گاڏي جڏهن پنسارا جنڪشن تي بيٺي ته منهنجي سامهون واري برٿ تي اڌ ليٽيل شخص، مون کان پڇيو ” بابو هيءَ ڪهڙي اسٽيشن آهي؟“

حالانڪ ٿورو اٿي، دريءَ واري طرف جهڪي، ٻاهر پليٽفارم جي هڪ ٿنڀي تي لڳل جنڪشن جو بورڊ هو پاڻ به پڙهي ٿي سگهيو ته ڪهڙي اسٽيشن آهي، پر هو شخص ايترو ته ٿلهو هو، ايترو ته ٿلهليل، ٻيڙو ۽ ڦيڦو هو جو ڪيس ٿورو به اٿڻ ۽ گردن ڦيرائي دريءَ طرف جهڪڻ ۾ ايتري ئي تڪليف ٿئي ها، جيتري ڪنهن تازي تواني ماڻهوءَ کي ٻن مڻن جو وزن کڻڻ ۾!

انڪري هُن مون کان پڇيو!

سڄي سفر ۾ هو مون کان خدمت ڪرائيندو پئي آيو ۽ مان هن جي ڊيوٽي ڏيندو پئي آيس. حالانڪ نه مان ڪيس سڃاڻيندو هوس، نه ئي سندس نالي کان واقف هوس. مان ته هن جو



”پر تيستائين هي توڪي ڪوبه ڪم.چوي، تون نه ڪر. هن کي پاڻ کي ڪرڻ ڏي.“

”نيڪ آهي، هاڻي ايئن ئي ٿيندو.“ مون فوجيءَ کي چيو ۽ پوءِ ٿوري دير بعد لهجو بدلائي مون هن کان پڇيو: ”ڪٿان پيا اچو؟“

”بن مهينن جي موڪلن سبب گهر پيو وڃان.“

فوجيءَ جو چهرو، گهر جي خوشين جو خيال سبب چمڪڻ لڳو.

پوءِ هن مون کان پڇيو: ”تون ڪٿان پيو اچين؟“

مون چيو: ”مان ڪلڪتي کان پيو اچان. هڪ اخبار ۾ ايڊيٽر هوس. پر اخبار بند ٿي وئي!“

”ها اڄ ڪلهه ڪلڪتي ۾ وڏي ڳڙٻڙ آهي.“ فوجي چوڻ لڳو.

”ابا ڳڙٻڙ جي ڪهڙي ڳالهه ٿا ڪريو.“ ٿلهو شخص اسان جي گفتگو ۾ دلچسپي وٺندي چوڻ لڳو: ”مان پاڻ ڪلڪتي مان ڀڄي نڪتو آهيان. نڪسلين نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو هو. مون خود ڪلڪتي وارو سارو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي ڀوپال ۾ نئين فيڪٽري هڻندس. ڪلڪتي ۾ ته جيئڻ جنجال آهي. اسان جا اٺ ڏهه پائيبند به ڪلڪتي مان اسان سان گڏ نڪتا. ڪو بمبئيءَ ويو ته ڪو مدراس. ڪو ترانڪور ته ڪو ڪانپور. مان ڀوپال پيو وڃان ... ٽورو ٽرماس مان پاڻي ته ڏجانءِ.“ ٿلهي شخص وڏي عاجزيءَ وچان مون ڏي نهاريندي چيو. مان اٿڻ وارو ئي هوس ته فوجيءَ هٿ جي اشاري سان مون کي روڪي ورتو. ٿلهي شخص، فوجيءَ جو اشارو سمجهندي مون کي پيهر ڪجهه به نه چيو. ٿوري دير هو خاموش ٿي رهيو. پر پوءِ هن پنهنجي پوري طاقت گڏ ڪري پرسان واري ديوار تي لڙڪيل ٽرماس لاهي ورتو ۽ ان کي کولي ان مان پاڻي پيئڻ لڳو.

ٽرماس اڌ خالي ڪري هن ان کي پيهر بند ڪيو ۽ ان خوف کان ته وري پيهر نه اچ لڳي ان ڪري هن ٽرماس کي سيٽ تي پنهنجي ئي پرسان رکي ڇڏيو. ان سموري ڪوشش جو نتيجو اهو نڪتو جو هن جو ساهه پرجي آيو. سندس سينو ڏنوڻ جيان ڏنوڻ لڳو ۽ چهرو پگهر ۾ ٻڏي ويس. هن پنهنجي قميص جي ٻانهن سان منهن تي آيل پگهر اگهيو. پوءِ اخبار پڙهڻ ۾ لڳي ويو.

ڪيتري دير تائين ڪوپي ۾ خاموشي ڇانيل هئي. گاڏي ڪٽاڪٽ ڪٽاڪٽ ڪندي هلي رهي هئي. ٿلهي شخص کي اخبار پڙهندي پڙهندي گهيرٽ اچڻ لڳا. فوجي ڪيس ڪاوڙ مان نهاريندو رهيو.

ٿلهو شخص ننڊ سبب بيوس ٿيندي چوڻ لڳو: ”مون کي ننڊ پئي اچي. مون کي برٿ تي ليٽڻ ڏيو.“

”ته ليٽي پوءِ.“ فوجيءَ چيو.

”مان پاڻ نه ٿو ليٽي سگهان. هن بابوءَ کي چئه ته منهنجي مدد ڪري.“

”نه هي تنهنجي ڪابه مدد نه ڪندو. تون ڪوشش ڪري پاڻ ئي پنهنجي برٿ تي ليٽي پوءِ.“

جو ڪپ ۽ ڪلهن جي لچڪ، پوءِ هڪدم مُڙي، هن پنهنجي ساڙهي ٺيڪ ڪئي، ڇڻ هن کي ان ڳالهه جو احساس ٿي ويو هو تہ بہ ڏاريا مرد سندس حسن کان متاثر ٿيندي، ڪيس مسلسل گهوري رهيا آهن.

پوءِ هوءَ ورڇجي سيڙهجي پنهنجي مڙس جي پيرن ۾ ويهي رهي. سندور جو هڪ وڏو تلڪ هن جي نراڙ تي چمڪي رهيو هو.

”سڳنڌي!“ سيٺ ٿڪل لهجي ۾ پنهنجي زال کي سڏيو، ”مون کي هن برٿ تي ليٽاءِ.“

ان کان اڳ جو سڳنڌي پنهنجي جاءِ تان اٿي ها، منهنجي ۽ فوجيءَ جا هٿ سيٺ جي بغلن ۾ پئجي چڪا هئا ۽ اسان ڪوشش ڪندي سيٺ کي وڏي احتياط سان سندس برٿ تي سمهاري رهيا هئاسين.

• • • •

”ڪنهن کي سُڌ هئي تہ هن ٻڍڙي سيٺ جي زال ايتري خوبصورت هوندي!“ فوجيءَ چيو. هن جو سڌو سنئون اشارو اسان جي ڪوپي ۾ ليٽيل سيٺ ۽ ان جي نوجوان زال ڏانهن هو. مان ۽ فوجي ٻئي، پنهنجي ڪوپي مان ٻاهر اچي ڪاريڊور جي ڪنڊ ۾ سگريٽ ڇڪي رهياهئاسين ۽ ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين. سيٺ کي سندس برٿ تي ليٽائي ڇڏيو هو. فوجيءَ پنهنجي هيٺين برٿ سيٺياڻيءَ لاءِ خالي ڪري ڇڏي هئي تہ جيئن رات جو ان سهڻي عورت کي بار بار هيٺ مٿي، لهڻو چڙهڻو نہ پوي. پاڻيءَ جا بہ ٿرماس ڀرائي سيٺ جي پرسان رکرايا ويا هئا ۽ ٻنهي زال مڙسن لاءِ ڪينٽين مان گرم گرم کير گهرايو ويو هو ۽ ايئرڪنڊيشن ڪلاس جي اٽينڊنٽ جي خوشامد ڪري سيٺ ۽ سيٺياڻيءَ لاءِ بہ وهاڻا بہ گهرايا ويا هئا!

ٻاهر ڏاڍي ڙٺنڊڙ چانڊوڪي هئي، جنهن جي هلڪي روشنيءَ ۾ وڻ، ٻنيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن گهر مان ڏيئي جي روشني، ڪنهن اٽلڪي اميد جي ڪرڻي جيان دل ۾ روشني ڪندي گذري ٿي وئي.

اسان ڪيتري دير تائين گفتگو ڪندا رهياسين. فوجيءَ پنهنجو نالو رونق سنگهہ ٻڌايو هو. هوسپاٽي نوين وڳي صبح جو شهپارا نالي اسٽيشن تي لهي ويندو. هو شادي ڪرڻ تي ويو. بہ مهينا پنهنجي زال سان رهندو. هن ٻڌو آهي تہ سندس ٿيڻ واري زال ساوتري، ڏاڍي سهڻي آهي، هن سيٺياڻيءَ جهڙي تہ سهڻي شايد نہ هجي، ڇو تہ هن عورت کي تہ ڀڳوان پنهنجي هٿن ويهي ناهيو هو.

”پر ناهي! ڪهڙي تہ ردي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو آهي“، مون چيو.“ هن جي بدقسمتي تہ ڏسو!“

” پر هن کي پنهنجي بدقسمتيءَ جو ڪو بہ احساس ڪونهي!“ فوجيءَ چيو، ”اسان جون هندستاني عورتون اهڙيون هونديون آهن، شرم حياءَ جون پتليون، اهي مڙسن جو جسم نہ ڏسنديون آهن. پر انهن جي نانءَ سان جيئنديون آهن، تو ڏٺو ڪونہ تہ هوءَ ڪيئن نہ پنهنجي سيٺ تي نڇاور ٿي رهي هئي، ڪيئن نہ هن جي خدمت، سچائيءَ ۽

تي هلان تہ پنين جي پُريل مٽي منهنجي پيرن
جي ترين کي لڳي. غاليچن جو بخملي ڇهاءُ
نہ. ۽ جڏهن رات ٿئي ٿي تہ اڱڻ واري چلهہ ۾
پرندڙ ٽانڊن جي روشنيءَ ۾، ڪنهن جي
جهڪيل چهري تي اندر جي سانديل محبت
جو پَرتوَ ڏسان. مصنوعي محبت واري فلمن
شاعري نہ!"

اوچتو هڪ زوردار چماٽ منهنجي
ڳٽي تي پئي.

ديوار سان ٽيڪ ڏئي، بيني بيني
گهيرڻ ڪائيندڙ ويٺر بہ اوچتو چرڪ پري
جاڳي پيا ۽ ڪائونٽر تي بينل ڪلارڪ بہ
چرڪي اسان ڏي ڏسڻ لڳو. پوءِ وري پينسل
پنهنجي وات ۾ وجهي ان کي چٻاڙڻ لڳو.

آيا ميز تي مٿو رکي روئڻ لڳي.

هوءَ دير تائين سڏڪا ڀريندي رهي
۽ مان سندس وارن ۾ آڱريون ڦيريندو رهيس.
دير تائين سندس ڪافيءَ جو گلاس ٿڌو ٿيندو
رهيو.دير دير تائين مان سوچيندو رهيس تہ
هي ڪهڙي قسم جي محبت آهي. جذبا نہ ٿا
ملن. جسم نہ ٿا ملن. فڪر نہ ٿو ملي پوءِ بہ
ڪشش جي هڪ ڏوڙ آهي جا هڪڙي جي
روح کان ٻئي جي روح تائين ٻڌل آهي.

آيا اوچتو ميز تان اٿي باٿ روم
۾ هلي وئي. جڏهن واپس آئي تہ سندس
اکيون خشڪ هيون ۽ چهرو نئين ميڪ اپ
سان تازو توانو ٿيل هوس. مون سوچيو تہ
عورت پنهنجي ڪيترين اڻپورين خواهشن کي
نئين ميڪ اپ ۾ لڪائي وٺنديون آهن. پر
مردن کي هزارين ڪوڙ ڳالهائڻا پوندا آهن.

واپس اچي هوءَ ميز جي پرسان
ويهي رهي، ۽ وڏي رُکي لهجي ۾ مون کان
پڇيو: "تہ تون مون نہ رهندين؟"

"جيڪڏهن شادي ڪنديءَ تہ
رهندس پر ڪلڪتي ۾ نہ!"

"شادي ممڪن ناهي، مون کي
پنهنجي آزادي وڏيڪ پياري آهي ۽ ڪلڪتو
بہ پسند آهي. توکي ڪلڪتي ۾ ئي رهڻو
پوندو. توکي شهر ايتري قدر ناپسند ڇو آهن؟
انسان سڀ ترقي شهر وسائي ڪئي آهي.
سائنس، ڪلچر، ادب، معاشيات، تهذيب،
سماجيات، سڀني جو دامن شهرن سان ٻڌل
آهي. مان مڃان ٿي تہ قدرت جي حسن ۾
تمام وڏي دلفريبي آهي پر انسان جو حسن،
قدرت جي حسن ۾ اضافو آهي. قدرت
خوبصورت جهنگل ٺاهيو، تہ انسان تاج محل
تعمير ڪرايو. قدرت وهندڙ پاڻيءَ کي
موسيقي ڏني، انسان تانسين جي راڳڻي،
قدرت هوا ۾ ڇلانگ ڏيندڙ هرڻ، تہ انسان
جيٽ هوائي جهاز. قدرت ٻوڄ پتر ڏنو، انسان
ان تي ڪاليداس ۽ شڪنتلا لکيو. شهر کان
ڀڄي ڇا تون وري جهنگلي ٿيڻ ٿو چاهين؟"

"ها!"

"ڇو؟"

"ان لاءِ تہ مان شهرن جي ظلم ۽
ستم کان عاجز اچي چڪو آهيان. مون کي
هاٿي ڪنوارن پهاڙن جي هوا گهرجي. ڪنهن
جي نگاهہ جيان افق تي ڪلندڙ ڪنوڻ، تنهنجي
وارن جيان گهنگهور گهٽائون، جڏهن
دارجلنگ ۾ اسان ٻنهي جي سامهون بادل
هٽي ويا هئا، آهستگيءَ سان اسٽيج جي پردن

مون چيو: ”ها ڪيترائي ساڏو ٻار پيدا ڪرائڻ جا ماهر ٿيندا آهن!“

”هاڻي جيڪو ٽيٽو هوندو سو ٿيندو،“ خوبصورت سيناٽي چوڻ لڳي، ”هن ڪي ٻار گهرجي. بس هن کي ٻار ملي ويندو.“

”پر اهو سيٺ جو ٻار نه هوندو!“

”سڏائيندو ته ان جو ئي.“ هن ڪوڙي لهجي ۾ چيو.

مون چيو: ”هي تنهنجي بدن مان ڪهڙي نه وڻندڙ خوشبو پئي اچي، ڄڻ جُوهيءَ جي..“

چوڻ لڳي: ”ها چمڻ سان ئي منهنجي بدن مان اها خوشبو آئي هئي، ان ڪري منهنجي پيءُ مون تي سڳنڌي نالو رکيو هو. ڪڏهن ڪڏهن مون کي پڪڙي منهنجي بدن کي سنگهندو به آهي ۽ سنگهندي سنگهندي صفا چريو ٿي پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته پٿين سان به ٽڪر هڻندو آهي.“

منهنجي دل ۾سيٺ جي لاءِ ٿورڙي جاءِ پيدا ٿي پئي، پوءِ اوڪارو اچڻ لڳو.

نه نه هن خوبصورت عورت کي ڇهڻ جو ان ٿلهي کي ڪو به حق ناهي!

”سڳنڌي، ڇا تنهنجون ڀيون پينر به تو وانگر سهڻيون آهن؟“

”نه! اهي بس شڪل صورت ۾ چڱيون آهن. ڀڳوان هڪ مون کي ئي سهڻو سندر ناهي بدقسمت بڻائي ڇڏيو آهي!“ هن جي ڳلي ۾ ڪو سڏڪو هو جيڪو سندس ڳلي ۾ ئي ڦاٿل رهيو.

مان هن جي ميڻ جهڙي ڳچيءَ تي چميون ڏيندو رهيس. هن جا سڏڪا وڌندا ويا. هن پنهنجو چهرو منهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو.

”سڳنڌي، مون سان هلندينءَ؟“

”ڪٿي؟“

”دور هماچل جي ڪنهن واهڻ ۾ يا ڪنهن جهنگل جي ڪناري، مان زمين خريد ڪري فارم ناهيندس، ٻني ٻارو ڪندس، تون منهنجي زال هججان، پوءِ اسان جا ٻار ٿيندا ۽ اهي ڏاڍا پيارا ٻار هوندا.“

ائين ڳالهائيندو ويس ۽ هوءَ ڪلندي رهي، سپني مان سپنو جڙندو ويو. اميد مان اميد نهندي وئي ۽ زندگيءَ جي شطرنج جڙندي وئي، جيئن صبح جي اس ۾ ماڪ سان ڀنل پٿين جي هيٺان ساوڪ تي سونهري شطرنجيون وڪريل نظر اينديون آهن. مان هن جي حيران اکين مان اهي ساريون تصويرون ڏسي رهيو هوس، جيڪي مون کي ڪلڪتي کان جهنگل جي طرف ڇڪي رهيون هيون. اهي سپنا، جن مون کي آيا کان ڇڏايو هو!

ڄڻ هوا جي هڪ جهلڪي سان انهن حيران اکين ۾ نظر ايندڙ سموريون تصويرون، اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويون.

چوڻ لڳي: ”پر ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مان ته پرڻيل آهيان!“

”نامرد کان طلاق جلدي ملي ويندي آهي. ايترو قانون ته مان به ڄاڻان ٿو. دراصل اها شادي ئي قانون جي نظرن ۾ ناجائز آهي.“

پوءِ ريشم ئي ريشم، ملائيءَ تي ملائي، پرتن تي پرت.

۽ ساري فضا ڄُوهيءَ جي خوشبو سان واسجي وئي.

• • • •

ٻئي ڏينهن صبح کان ئي مون سيٺ کي ڳالهين ۾ لڳائي ڇڏيو. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ هن بابا گوري سهاڻي جي سماڌيءَ تي وڃڻ جو ذڪر ڪيو، ته مون چيو:

”عجيب ڳالهه آهي!“

”ڪهڙي عجيب ڳالهه آهي؟“ هو منهنجي ڳالهه ٻڌي پنهنجي پيانڪ آوز ۾ پڇڻ لڳو.

”عجيب ڳالهه هيءَ آهي سيٺ جي ته ان معاملي ۾ مان تنهنجي وڏي مدد ڪي سگهان ٿو.“

”ڪيئن؟“

”مون وٽ هڪ سُڌي ٻوٽي آهي.“

”ڪهڙي سُڌي ٻوٽي؟“

”هڪڙي ساڌوءَ مهاتما، مون کي ڏني هئي، ان جي هڪڙي چپٽي کارائڻ ۽ هڪڙو منتر پڙهڻ سان، نيڪ پورن نون مهينن کان پوءِ ٻار پيدا ٿيندو آهي.“

”توکي اها سُڌي ڪٿان ملي؟“

”مان نيپال جي جهنگلن ۾ ڏاڍو رليو آهيان. ٻڌ ساڌوئن ۽ مهاتمائن جي هميشه خدمت ڪندو آيو آهيان. اتي مون کي هڪ سوامي گورکناٿ نرانڪاريءَ جو درشن ڪرڻ جو موقعو مليو. ٻن سالن جي خدمت کانپوءِ ان مون کي اها سُڌي ٻوٽي ڏني، جنهن سان جنهن عورت کي چاهيو ان سان ٻار پيدا ڪري ٿا سگهو.“

”تون ان سُڌيءَ جو ڇا ونندو آهين؟“ سيٺ شڪي نگاهن سان ڏسندي پڇيو.

”ان جي لاءِ ڪجهه ونڻ پاپ آهي.“

”پوءِ به؟“

چيم ته سهي سيٺ جي، مون کي منهنجي گروءَ ٻڌايو هو ته جيڪڏهن تو ان سُڌيءَ لاءِ ڪٿي به ڪو اگهه ٻار ڪيو ته اها سُڌي تنهنجي هٿن مان هلي ويندي.“

”ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته تون پئسا نه ٻڌائيندين؟ پر جيڪڏهن اسان پنهنجي خوشيءَ سان توکي ڏيون ته اهو ته وٺندين نه؟“

”نه مان ڪجهه به نه ٿو وٺي سگهان سيٺ جي، هڪڙو پئسو به نه. هڪڙي پائي به نه بلڪل مفت ۾ ٻار پيدا ڪندس.“

”ڪيئن؟“

مان ان لاءِ صبح کان ئي تيار هوس، جنهن لاءِ تيل جي هڪ ننڍي شيشيءَ کي صاف ڪري ان ۾ سگريٽ جي رک پري ڇڏي هئي.

”تو وٽ ڪا مني شيءَ هوندي؟“

”ها مائو آهي!“

”مائو به نيڪ آهي.“ مون چيو.

”چپٽي مون کي کارائيندين؟

“سيٺ پڇيو.

پيدا نہ ٿئي تہ مون کي نوَ هزار گاريون لکي موڪلجانءِ!''

سيٺ ڪارڊ ورتي، رکڻ لاءِ پنهنجي سينياٽيءَ کي ڏنو. سڳنڌيءَ پڙهي احتياط سان رکي ڇڏيو.

سيٺ چوڻ لڳو: تو منهنجو پلو ڪيو آهي، تہ هڪڙو پلو مان بہ ڪرڻ تو چاهيان.''

مان هن جي منهن ۾ ڏسڻ لڳس.

”جي، ..!'' سيٺ پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو. ”تو هاڻي هاڻي ڳالهين ڳالهين ۾ ٻڌايو هو تہ تون هماچل پرديش ۾ زمين خريد ڪرڻ پيو وڃين، جتي فارم کولڻ جو ارادو ٿو رکين!''

مون هاڪار ۾ مٿو لوڏايو.

”پر هماچل پرديش ۾ تہ زمين ڏاڍي مهانگي آهي، ٽن چئن هزارن کان گهٽ تہ هڪڙو ايڪڙ بہ نہ ملندءِ. پر مان توکي ٽي سو رپيا في ايڪڙ زمين ڏياري ٿو سگهان.''

مون چيو: ”تہ اها پوءِ بنجر ٿي هوندي!''

چوڻ لڳو: ”بنجر ناهي، زرخيز آهي!''

”پوءِ ايتري سستي ڪيئن ٿي ملي؟''

”اصل ۾ اها هڪ سچي ويران هنڌ تي آهي، ٽن طرفن کان جهنگ اٿس ۽ ٽڪريون آهن، وچ ۾ ٽيهن ايڪڙن جو ٽڪرو آهي، برسات اتي تمام گهٽي پوندي آهي، هڪڙو کوهہ بہ آهي، جيڪو ٻارهن ئي مهينا پاڻيءَ سان ڀريل هوندو آهي، ۽ ها هڪ ندي بہ آهي.''

”تہ ان جو مالڪ اهڙي زمين مون کي سستي ڪيئن ڏيندو؟''

”تون پوري ڳالهہ تہ ٻڌين ڪونہ ٿو!'' سيٺ ٿورو ڪاوڙجي چوڻ لڳو. ”اها زمين اصل ۾ هڪ رن زال جي آهي، ويجهو ڪو ڳوٺ واهڻ ڪونہ اٿس. ڪا آبادي ڪانہ اٿس. ٽيهہ ڪوهہ پيادل هلڻ ڪانپوءِ هڪڙي ريلوي اسٽيشن ٿي اچي، بس! اها عورت اڪيلي سر ان زمين جي سار سنڀال لهي ڪانہ ٿي سگهي ۽ آبادي نہ هجڻ جي ڪري، ڪوبہ ان زمين کي خريدڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿو ٿئي. ڪير ان جهنگ ۾ وڃي رهڻ پسند ڪندو؟''

”اها بيوهہ عورت ان زمين کي وڪڻي ڇا ڪندي؟''

”هوءَ پنهنجي ڌيءَ جي ساهرن ڏانهن هلي ويندي، ان جي هڪڙي ئي ڌيءَ آهي ۽ ڪنهن دوردراز علائقي ۾ پرڻيل آهي، اها ڏهاڳڻ. اها زمين وڪڻي پنهنجي ڌيءَ ڏي هلي ويندي.''

”ان سڄي قصي جي توکي ڪيئن خبر پئي؟'' مون پڇيو.

”ان جي ڇوڪريءَ جا ساهرا اسان جي ڳوٺ جي ويجهو رهندا آهن. مان ان ڇوڪريءَ جي گهروارن کي سڃاڻيندو آهيان. اهي ئي ان زمين جي سودي جي ڳالهہ ڪرڻ آيا هئا. معاملو ٽن سوَن رپين ايڪڙ تي بيٺل آهي، مان وڃي اها زمين ڏسي بہ آيو

وجھو آھي، سني مزوري ملندءِ. صوبيدار رونق سنگھ شادي ڪرڻ پنھنجي گھر پيو وڃي.“

ائين چئي ھوءَ وري کلڻ لڳي. ھن جي ٿڌي برف جي ٽڪرن جيان ٽڙڪاٽ ڪندڙ وڪرندڙ کل، منھنجي بدن ۾ ڪنبڻي پيدا ڪري رھي ھئي.

”ڪيڏي مرد مار عورت آھي، مگر اڳي ائين نہ ھئي.“ رونق سنگھ مون کي ڏيمي انداز ۾ ٻڌائڻ لڳو. ”جيستائين پوڳلو حلوائي زنده ھيو، ھوءَ ان جي وفادار زال ئي ھئي. ڪابہ ڳالھ ڪانہ ٻڌيسون. پر حلوائيءَ جي مرڻ ڪانپوءِ جڏھن ھن کي پنھنجي ننڍڙي پٽ کي پالڻو پيو تہ ھن ھيءَ دڪان سنڀالي ورتو. تڏھن ڪان ڪيس ٻاھرين دنيا سان بہ واسطو پيو تہ ھوءَ بہ ھن شڪاري دنيا سان گڏ شڪارڻ ٿي وئي. اسٽيشن تي سيئي ھن ڪان واقف آھن، سيئي ھن ڪان ڊڄندا آھن. پوليس وارن کي تہ ھن مٺ ۾ بند ڪري رکيو آھي، ۽ ڪيترن ڊاڙيلن سان بہ ھن جو تعلق آھي. وڏي جھٽڪي واري عورت آھي.“

”جھٽڪي واريءَ سان تنھنجي ڇا مراد آھي؟“

رونق سنگھ مون ڏانھن نھاري ٿوري دير جي لاءِ خاموش رھيو. پوءِ ھڪ شرارت واري مرڪ سندس اکين مان اٿل ڪائي ٻاھر آئي. اھا مرڪ ھن جي اکين ڪان ھلندي چپن تائين اچي پھتي پر پوءِ بہ ھو خاموش رھيو. ڪجھ چوڻ جي ضرورت ھئي بہ ڪانہ. ڇاڪاڻ تہ مان سمجھي ويو ھوس.

”شايد ان ڪري توکي ٻن پھرن تائين ترسائڻ پئي چاھي؟“ مون بہ ڏيمي آواز سان رونق سنگھ ڪان پڇيو.

رونق سنگھ پنھنجي کل روڪي نہ سگھيو. جنھنڪري وات ۾ جيڪو گراھہ ھوس سو نڙيءَ ۾ ڦاسڻ سبب ٻاھر اچي ويس.

سمريءَ دڙڪو ڏيندي چيس:” ڪنھن جي گلا ڪندين تہ ائين ئي ٿيندءِ!“

۽ جڏھن اسان پئسا ڏئي وڃڻ لڳاسين تہ ھن ھڪ ڀيرو ڀيھر رونق سنگھ کي گھوري نھاريو.“ ڪاڏي ويندي رونق سنگھ. ٻن مھينن ڪان پوءِ تہ ضرور ان ئي اسٽيشن تي موٽندين، پوءِ توکي پڪڙي ويھاريندس.”ائين چئي رونق سنگھ جو ھٿ پڪڙي ورتائين. ۽ ايترو تہ قابو ڪري جھلياٸينس جو ھٿ ڇڏائڻ مشڪل ٿي پيس. پوءِ سندس ھٿ ڇڏي سمري ٺھڪ ڏئي کلڻ لڳي. اسان جي وڃڻ ڪانپوءِ بہ ھن جا اھي ٺھڪ اسان جو پيڇو ڪندا رھيا. دير دير تائين رونق سنگھ جو منھن بہ ڳاڙھو لال لڳو پيو ھو. ۽ ھن مون سان اکيون بہ ڪونہ پئي ملايون.

ٻن پھرن تائين اسان ٻارھن ڪوھہ سفر طئي ڪيوسين. ٿورو آرام ڪرڻ لاءِ رستي ۾ ھڪڙي ڳوٺ جي پرسان ڪوھہ وڻ نھيل ٻانس جي لڪڙن واري جھوپڙي ۾ ليٽي پياسين. ھتي انبن جا ڪجھہ وڻ ھئا. ڪي جمونءَ جا. ڪجھہ وڻن مان املتاس جون ڦريون پئي لڙڪيون. انھن جي پرسان ئي نانگ جي ڦڻ جھڙا ٿوھر بينا ھئا. ٻانس جي

ان سڪل واهہ ۾ ڪٿي ڪٿي پهاڙن تان ڪرندڙ پاڻي، ندين ندين ڍبن جي شڪل ۾ بيٺو هو. واهہ ويڪري ٿيندو ويو ۽ گدوگڏ سندس ڪنارو بہ مٿانهينءَ تي ٿيندو ويو. پرسان هڪڙو پهاڙي سلسلو بہ شروع ٿي ويو. مان ڪڙَ ڇڏي واهہ جي وچ مان پٿرن تان هلندي رستو طئي ڪرڻ لڳس.

وري واهہ جا ڪنارا سوڙها ٿيندا ويا ۽ چاڙهي شروع ٿي وئي، منهنجي سامهون واهہ جو موڙ اچي ويو، ڏاڍو خطرناڪ ۽ پٿريلو هو. ٻنهي پاسن کان گهاٽا وڻ هئا جو موڙ جو اڳيون حصو بہ نظر ڪونہ پئي آيو.

موڙ طئي ڪري جيئن ئي اڳيان وڌيم تہ هڪدم ڏچي بيهي رهيس، ڀريائين تہ ڪنن تي ڪنهن جهرڻي جو آواز آيو. پر جڏهن اڳتي وڌيس تہ پهاڙي ڪنهن ديوار وانگر منهنجي سامهون نظر آئي، جنهن جي وچ واري ڦاٽ مان پاڻي نڪري رهيو هو، جيڪو هيٺ وهندي، جهرڻي جي صورت ۾ بدلجي ٿي ويو. پاڻي اوپر کان ڏکڻ طرف وهي رهيو هو. شايد انڪري واهہ جو اولهہ کان اوڀر وارو پاسو سڪل هو.

ان پهاڙيءَ جي پٺ جي بلڪل مٿان سڀ کان مٿانهين چوٽيءَ تي ڪواڙي قلعي جي ٽٽل ديوار، ٽٽل ڦٽل ڪنگرا ۽ برجيون نظر اچي رهيون هيون.

مون سوچيو، ڪو بيو رستو بہ هوندو، جيڪو ڪواڙي قلعي جي طرف ويندو هوندو. مان شايد ان قلعي جي پوئين پاسي کان آيو هوس. ان پاسي پهاڙي ڪافي سڌي هئي، ساڄي پاسي مون کي هڪڙو چارو نظر آيو، ڇڱو خطرناڪ هو، پر وچ ۾ جاءِ جاءِ تي ننڍا ننڍا ٻوڙا ۽ وليون ڦٽل هيون، جن کي جهلي، مان مٿي وڃي ٿي سگهيس.

پٽ تي رينگڻ واري چڇيءَ جيان مان آهستي آهستي ڪوشش ڪري مٿي چڙهندو ويس، من ۾ طرح طرح جا خيال پئي آيا ويا. عجيب ڇريو ماڻهو آهيان مان بہ جو ڪلڪتو ڇڏي هن سنسان علائقي ۾ هليو آيو آهيان، سو بہ هڪ بيوقوف سيٺ جي چوڻ تي.

زندگيءَ جي ڏکئي امتحان کان بچڻ لاءِ جهنگ سان هن قسم جي محبت هڪ حساب سان فرار نہ آهي؟ پر تون بچي نہ سگهندين! جتي ويندين زندگي تنهنجو پيڇو ڪندي رهندي ۽ پنهنجو ڏن وصول ڪندي رهندي مسٽر!

سوچڻ سبب منهنجو پير ٿڙي ويو، جنهن ٻوڙي ۾ هٿ پيل هو ان جي تاري ٽٽي پئي ۽ مان بہ تي فوٽ هيٺ کسڪي ويس، پر پير ڦٻائڻ جي جاءِ ملي وئي ۽ پيل جي هڪ تاري هٿ لڳي وئي جيڪو پهاڙ جي ديوار کي ڦاڙي نڪتو هو. زندگي ائين پهاڙ کي ڦاڙي پيدا ٿيندي آهي، ان کان ڪيترو ڀڄندين!؟

گوڏا ڇلجي پيا، هٿ زخمجي پيا، پر مٿي کسڪندي، لڙڪندي، ٽڙندي ٿاٻڙجندي بهرحال ڪنهن طريقي سان قلعي جي ان ٽٽل ديوار تائين پهچي ويس، جتي اهو پيچرو ختم ٿي رهيو هو.

آبشار جو آواز گهٽجي ويو هو ۽ منهنجي سامهون ڪو منظر ئي بيو هو،

هئي انڪري مون کي سندس ڳالهہ تي يقين
اچڻ لڳو.

”مان تہ ريڪا آهيان. ۽ منهنجي شادي پنج سال پهرين جيرآباد ضلعي ۾ ٿي چڪي آهي ۽ مون کي هڪڙو ٻار بہ آهي. مان هتي پنهنجي ماءُ وٽ آئي آهيان.“

”هتي ڪنهن وٽ؟“

ڇوڪريءَ جو هلڪو قد ٿورو پاسيرو ٿي ويو. هن آڱر سان واديءَ ۾ نهيل گهر طرف اشارو ڪندي چيو:

”او هو گهر ڏسين ٿو. اهو اسان جو آهي. اهو ٻن منزلن وارو.“ ائين چئي هوءَ منهنجي طرف ڦري بيٺي. هن جي ان ريت مڙي بيهڻ سان سندس ڇاتيون پاڻيءَ سان ڀريل ڦوڪڻي وانگر ڇلڪي ويون تہ منهنجي دل بہ ڇلڪڻ لڳي.

”تہ تون سريني واديءَ جي مالڪياڻي آهين؟“

”مالڪياڻي تہ منهنجي ماءُ آهي.“

”سُرجي امان.“

هن جا سنهڙا ڳاڙها چپ ٿورا کليا جن ۾ چمبيليءَ جا گل نظر آيا. هوءَ حيرت وچان پڇڻ لڳي: ”توکي منهنجي ماءُ جي نالي جي خبر ڪيئن پئي؟ توکي تہ هن علائقي ۾ مون اڄ تائين ڪونہ ڏٺو آهي. ۽ منهنجي ماءُ جو نالو سُرجي نہ سروجا ديوي آهي.“

”مان بہ هن کان ’ڳ هن علائقي ۾ نہ آيو آهيان. هڪڙي سيٺ مون کي تنهنجي ماءُ جو نالو ٻڌايو هو ۽ اهو بہ ٻڌايو هئائين تہ اها هڪ بيوهہ آهي. پنهنجي زمين وڪڻي پنهنجي ڌيءَ جي ساهرن ۾ وڃي رهندي.“

”اهو تہ سچ آهي.“ ڇوڪريءَ مٿو ڌوڻي چيو. هن جي نظرن ۾منهنجي لاءِ جيڪو شڪ شبهو هو اهو هاڻي دور ٿيندي نظر آيو.“ تہ ڇا تون زمين ڳنهڻ آيو آهين؟“

” زمين ڳنهڻ نہ پر زمين ڏسڻ آيو آهيان. جيڪڏهن پسند آئي ۽ اگهہ نيڪ ٿيو تہ ڳنهي بہ وٺندس. پر هاڻي توکي ڏسي دل چوي ٿي تہ مان بہ جيرآباد ۾ وڃي رهان.“

”هل هل.“ هن معمولي ڪاوڙ ڪندي چيو.

سندس چهري تي ڪاوڙ ۽ غصو ٿوري وقت لاءِ هو. هر عورت پنهنجي تعريف ٻڌي خوش ٿيندي آهي. ڀلي اها شادي شده ڇو نہ هجي.

”منهنجو مڙس ڏاڍو ظالم آهي. جيرآباد ۾ تو جي مون سان اهڙي تهڙي ڳالهہ ڪئي تہ تنهنجو ساهہ ڪڍي ڇڏيندو.“

”گهڻا ئي ڏٺا آهن ساهہ ڪڍڻ وارا.“ مان هن جي ويجهو وڃڻ لڳس. هن هٿ ۾ جهليل پٿر مون ڏانهن اولاريو تہ مان بيهي رهيس.

”مون کي تہ هاڻي بہ اعتبار ڪونہ ٿو اچي تہ تون ساوتري ناهين؟ سود ٻود اهائي صورت. ڇا هڪ جهڙيون بہ ڇوڪريون ٿي سگهن ٿيون؟ ايتري گهري مشابهت! ڪٿي تون مون سان الين تہ نہ ٿي؟“

”تون اسان جي گهر تہ هلين ٿو نہ. هلي امان سان ڳالهائيندين نہ تہ ان کان پڇي ونجانءِ تہ مان ڪير آهيان.“

سج ٻڏڻ لڳو. پاڇا ڊگها ٿيڻ لڳا ۽ قلعي جي ڪنگرن ۽ برجين تي لهندڙ سج

توري دير ڪانپوءِ اسان لاهيءَ تي لهڻ لڳاسين. هوءَ اڳيان اڳيان. مان پويان پويان. توري دير ڪانپوءِ پاٽيءَ جو شور بڌڻ ۾ آيو. هڪڙي جاءِ تي هوءَ بيهي رهي. اتي اونداهي ڪجهه وڌيڪ هئي.

چوڻ لڳي: "اڃي منهنجو هٿ جهل."

"ڇو؟"

"هتان پاٽيءَ جو وهڪرو تيز آهي. اسان وڻ ڪيرائي پل تہ ٺاهي آهي پر لڏندي ڏاڍي آهي. مان تہ اکيون بند ڪري ٽپي ويندي آهيان. پر تنهنجو تورو بہ پير ٿابڙيو تہ ڏو وڃي پاٽيءَ ۾ ڪرندين. پاسڙاٿيون ئي ڀڃي پوندءِ."

مون پڇيو:" توکي هن اونداهيءَ ۾ ڊپ ڪونہ ٿو ٿئي؟"

"نہ تہ ...!"

هوءَ هلڪي آواز ۾ چوڻ لڳي:" اونداهي تہ مون کي ڏاڍي پسند آهي. اونداهي تہ منهنجي تقدير آهي."

مان چپ تي ويس. سوچڻ لڳس. هي ڇوڪري ڏاڍي پيار ڪندڙ ٿي لڳي. ان عمر جون ڇوڪريون گهڻو ڪري رومانٽڪ ٿينديون آهن. ۽ مڙس ۽ ٻارن گهر گهاٽ هوندي بہ محبت جي تلاش ۾ آهون پرينديون رهنديون آهن.

مون پنهنجو هٿ سنڌس هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو. هوءَ منهنجو هٿ جهلي هلڻ لڳي. اسان جا پير هاٽي ڇلي صاف ڪيل وڻن واري پل تي هئا. هينئان واهہ جي پاٽيءَ جو شور وڌي ويو هو. پاٽيءَ ۾ جيڪا اڇي اڇي گج نهي پئي، اونداهيءَ جي باوجود ڪڏهن ڪڏهن اها بہ نظر پئي آئي. ڇوڪري مضبوط قدمن سان هلي رهي هئي. هن جي نرم نازڪ هٿ جون ميڻ جهڙيون آڱريون. منهنجي من ۾ شمعن جيان ٻري رهيون هيون. پوءِ اسان پل پار ڪئي ۽ هڪ چاڙهي چڙهڻ لڳاسين. پاٽيءَ جو گوڙ گهٽ ٿي ويو. وٺن مان ايندڙ آواز بدستور ايندو رهيو. اسان هڪ سڌي سطح تي اچي وياسين. هتان وادي پکڙجي هڪ ميدان جي صورت اختيار ڪري چڪي هئي. اسان ٻئي وٺن جي جهڳٽن ۾ بينا هئاسين تہ سامهون اٽڪل بہ سو والن تي اهو بہ ماڙ گهر نظر آيو. جنهن جي اندر روشني جهلمل ڪري رهي هئي.

ريکا منهنجو هٿ ڇڏي ڏنو.

چوڻ لڳي: "مان وڃان ٿي!"

"ڪيڏانهن؟"

"پنهنجي گهر."

"۽ مان؟"

"تون بعد ۾ اچجانءِ."

"ڇو؟"

"منهنجا گهر وارا مون کي ڪنهن ڌاريي سان گڏ ڏسندا تہ ڇا چوندا! ان ڪري تون اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ اچجانءِ ... نہ نہ ڪلاڪ ڪانپوءِ اچجانءِ."

نهيل هيون، تريل مٽر، پٽاٽن جي ڀاڄي، مرچن وارو ڪدوءَ جو ڀوڙ، تازو مکڻ، گرم گرم اڦراٽا.

ريڪا جي ماءُ چوڻ لڳي:" ناشتو چڱيءَ طرح ڪجانءِ، اڄ توکي زمين ڏسڻ لاءِ وڃڻو آهي، شام جو موٽندين."

"ته ڇا سارو ڏينهن ماني نه ملندي؟" مون مرڪندي پڇيو ۽ غور سان سروجا ديويءَ ڏانهن ڏٺو. سروجا ديوي وهنجي آئي هئي ۽ بنارسي سلڪ جي سفيد ساڙهي پائي ويٺي هئي، سندس ڳاڙهسري چهري جو پڪو پختو حسن عجب دلڪش پئي لڳو. مون سوچيو، هن عمر ۾ ئي هيءَ عورت ايتري خطرناڪ حد تائين حسين آهي ته جوانيءَ ۾ سندس ادائون ڪيتريون نه دل ڪسيندڙ هونديون.

سروجا ديوي چوڻ لڳي:" نه! مان ڪريا رام جي هٿان ٻن پهرن جو ڪاڌو موڪلي ڏينديس."

ريڪا پڇيو: "پر هو اسان کي ڳولبو ڪٿي؟"

سروجا ديوي چيو: "هو ماني ڪٿي توهان کي شڪارگهر تي اچي ملندو."

"اهوشڪارگهر ڪٿي آهي؟" مون ريڪا کان پڇيو.

"جتي اسان جي زمين ختم ٿئي ٿي ۽ جهنگل شروع ٿئي ٿو، اتي هلي، مان توکي ڏيکاري ڇڏينديس." ريڪا چيو.

منهنجي سامهون پٽ تي ٻه تصويرون ٽنگيل هيون. ويڪري چهري، وڏين مڇن ۽ ڪاڏيءَ تي ٻنهي طرفن کان ڇڪيل راجپوت وضع جي ڏاڙهي، گهريون چمڪيليون ۽ پروقار اکيون، مٿي تي ڪلف لڳل ڪپڙي واري پڳ. هڪڙي جي عمر وڏيڪ پئي لڳي، ٻئي جي گهٽ، پر ٻنهي جي شڪلين ۾ تمام گهڻي مشابهت هئي، جيئن مون ساتري ۽ ريڪا جي چهرن ۾ ڏٺي هئي.

مون ٻنهي تصويرن جي باري ۾ ريڪا جي ماءُ کان پڇيو.

سروجا ديويءَ جو چهرو مرجهائجي ويو، هن هڪ لمحي لاءِ ٻنهي تصويرن ڏانهن نهاري، نظرون ڦيرائي ڇڏيون، آهستي چوڻ لڳي: "وڏي عمر وارو منهنجو مڙس آهي، ٻيو جيڪو ننڍي عمر جو ٿو لڳي، اها تصوير منهنجي ڏير جي آهي!"

"ٻئي ڪٿي آهن؟"

سروجا ديوي ڪجهه به نه ڳالهايو، اکين ۾ ڳوڙها ترڻ لڳا.

ريڪا چوڻ لڳي: "ٻئي گذاري ويا آهن."

سروجا ديوي چوڻ لڳي: "جيستائين ٻئي ڄائر جيئرا هئا، هيءَ وادي سرسبز هئي ۽ زندگيءَ جيان جيئري جاڳندي هئي، پورن ٽن سون ايڪڙن ۾ پوک ٿيندي هئي، پنجاهه کان

ڪليون. پرسان ئي ندي پئي وهي، شيشي جيان شفاف صاف سترو ۽ مٺو پاڻي. شڪارگهر جي چئني پاسن کان بانس جي لڪڙن سان ٺهيل لوڙهو هو ۽ هڪڙو باغيچو. جيڪو وڻن ۽ جهنگلي ولين سان ڀريل هو. ولين مٿان جاءِ جاءِ تي ڪرني جا گل پئي لڙڪيا!

گل ڄڻ جهومڪن جيان ريڪا پنهنجي ڪنن ۾ پاتا.

مون پڇيو: ”هن زمين ۾ ڪهڙي پيداوار ٿيندي آهي.؟“

چوڻ لڳي: ”جيستائين بابا زنده هو ته گهڻو ڪجهه پوکبو هو. نديءَ جي ڪناري چانور ٿيندا هئا. پهاڙ واري پاسي جوئر ۽ مڪئي ٿيندي هئي. ميداني حصي ۾ ڪڻڪ، ريتيلي زمين ۾ ٻاجهر، جوئر، داليون وغيره. حاويليءَ جي ويجهو باغن ۾ هر قسم جون سبزيون هيون. هاڻي ته جهنگ ئي جهنگ آهي. پوءِ به گهر جي لاءِ گهڻو ڪجهه اچي ٿو.“

مون چيو: ”جيڪڏهن ڪو محنت ڪندو ته هي ته هڪ ننڍڙي جنت آهي.“

چوڻ لڳي: ”جنت نه دوزخ آهي، دوزخ.“

”دوزخ ڇو؟“

ريڪا ٿوري دير خاموش ٿي وئي. پوءِ چوڻ لڳي: ”اڄ کان پنج سال پهرين هن ئي شڪارگهر ۾ ڪنهن منهنجي بابا کي گولي هڻي مار ڇڏيو هو.“

”هن شڪارگهر ۾!؟“ مون کان ڇرڪ نڪري ويو.

”ها هن ئي ڪمري ۾ جتي اسان ويٺا آهيون. ان ئي ڪمري ۾ هن جو لاش مليو هو.“

”قاتل جو ڪو پتو پيو؟“

”نه. مان ٻئي ڪمري ۾ هئس، گولي ڇٽڻ جو آواز ٻڌي مان ... ڊوڙندي آيس ته بابا کي فرش تي خون ۾ رتورت ڏٺم. مون هن کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڏٺم ته هو اڃا جيئرو هو. پر اهي هن جا آخري پساهه هئا. هن جي اکين ۾ هڪڙو سوال هو، ڄڻ ڪجهه چوڻ چاهيندو هجي. تمام گهڻي ڪوشش ڪري هن چيو: ”مون کي..“ بس ان کان وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهيو ۽ هن جي گردن لڙڪي پئي آخري ساهه به نڪري ويس.

ڏک کان ريڪا جو آواز ڀرجي آيو ۽ اکين ۾ ڳوڙها اچي ويس.

ٿوري دير ته مان به خاموش ٿي ويس. بعد ۾ پڇيومانس: ”قاتل جو ڪو پتو پيو؟“

”اون هون. هارين، ڪڙمين سارو جهنگل ڳولهيو. ڪيترائي مهينا پوليس به جانچ ڪندي رهي پر قاتل پڪڙجي نه سگهيو. پر بابا جي قتل کان ٿيڪ سال پوءِ اسان جي چاچي، جنهن جي تصوير تو حاويليءَ ۾ ڏٺي هئي، ان

اٿس. راجپوت ذات ۾ بہ اسان ڪان مٿي آهي!“

”لالچ بري بلا آهي!“ مون چيو.

”جن ڏينهن ۾ منهنجي بابا جو قتل ٿيو هو، ان وقت تائين تہ منهنجي شادي بہ ڪانہ ٿي هئي! پوءِ هن جي ڇا جي لالچ هئي؟“ ريڪا مون ڪان پڇيو.

هي عمارت بہ ڍهندي، دل ۾ عجيب خيالن ۽ وسوسن ۾ ڦاٿل هئي، ڪجهہ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿي آيو.

”عجيب پراسرار معاملو آهي!“

ريڪا ڳالهہ جو رخ بدلائيندي چيو:” هاڻي ڇڏ انهن درد ڀرين ڳالهين کي، ڇا رکيو آهي انهن ۾. اچ تہ مان تو کي پنهنجي انبن جو باغ ڏيکاريان.“

اسان پهاڙي سلسلي ڪان منهن ڦيري، اولهہ جي طرف هلڻ لڳاسين. جنهن پاسي زمين جو مٿاڇرو ڪافي هموار هو، هيٺ مٿانهين گهٽ هئي. اسان گهوڙن کي تيز ڊوڙائيندي اولهہ جي پاسي هليا وياسين ۽ هڪ پڪي ديوار جي ڀرسان پهچي اسان رڪجي وياسين.

ديوار جي وچ ۾ بانس جو هڪڙو دروازو هو، جيڪو کولي اسان اندر وياسين. باغ جي حالت نهايت خراب هئي، انب، چمون ۽ ليچي جي وڻن ڪان علاوہ رڳو ٻوڙن جو جهنگل هو.

جيڪو باغ جي چوديواريءَ ۾ بہ ڦٽي پيو هو، بلڪ ڪيترين جاين تي تہ زمين جي دنگ واري ديوار بہ انهن ٻوڙن ۽ ان جي لامن سان ڀريل هئي.

مون چيو: ”هن باغ ۾ ڏسڻ لاءِ ڇا رکيو آهي!“

ريڪا هڪ ٿڌو ساهہ کنيو، چوڻ لڳي:” ڪڏهن تہ هي باغ بہ ڏسڻ وٽان هو، جڏهن منهنجو بابا جيئرو هو. مان هن باغ ۾ پينگهہ وجهي لوڏا کائيندي هئس، باغ جي پر ۾ هڪڙي کوهہ ۾ ڏاڪڻيون لڳل هونديون هيون. ان کوهہ جو پاڻي ڏاڍو ٿڌو ۽ مٺو هوندو هو.“

باغ ڪانپوءِ اسان ان کوهہ کي ڏسڻ وياسين، جيڪو باغ جي ٻاهران، ٻن ڊگهين ٽڪرين جي وچ ۾ هو. پر سڄو سڪل هو، پاڻيءَ جو هڪڙو بہ ڦڙو ڪونہ هئس.

ريڪا افسوس واري لهجي ۾ چيو: ”هن کوهہ مان سموري باغ کي پاڻي ملندو هو!“

مون چيو: ”هاڻي بہ نديءَ جي پاڻيءَ سان هي باغ سرسبز ڪري سگهجي ٿو، پر تو هن باغ جي ڇا تہ بري حالت بنائي ڇڏي آهي.“

”ڪير ڏسي؟ مان سال ۾ هڪڙو ڀيرو پيڪن ۾ ايندي آهيان، امان اڪيلي سر ڇا ڇا ڪري، ڇا ٿي ڪري سگهي؟ ڪنهن ڪنهن تي حڪم هلائي!“

جسم جو تصور ڪري ٻري رهيو هوس. ٻري ڪان ڪو مور ٺهوڪي رهيو هو. وڻن جي پنن تان پاڻيءَ جي ڪِرڻ جو آواز اچي رهيو هو ۽ اجايل زمين مان مٽيءَ جي مهڪار اٿي رهي هئي. ڄڻ زمين جا جذبا جاڳي رهيا هجن. مان پيرن کان نهن جي چوٽيءَ تائين ڏڪي ويس. مرد هجڻ به ڪيڏو نه خطرناڪ آهي. خاص ڪري جڏهن اڪيلائيءَ ۾ عورت قريب هجي. مرد هٿ وڌائي تهذيب جو سهارو وٺڻ چاهيندو آهي. پر تهذيب ڪنهن نازڪ تاريءَ وانگر هڪدم ٽٽي پوندي آهي. مون ڏند پيڪوڙي، اکيون بند ڪري پاڻ کي لعنت ملامت ڪرڻ لڳس. پر ٻئي لمحي جڏهن اکيون کوليم ته ريڪا کي پنهنجي سامهون ورانڊي ۾ ڏٺم.

چوڻ لڳي: ”وڃ وڃي پنهنجي ڪپڙا سڪاءِ. مان هتي ويهان ٿي. الائي ڇو ڪرپارام اجا تائين ماني کڻي ڪونه آيو آهي.“

مون چيو: ”هن تيز برسات ۽ طوفان ۾ ويچارو ڪيئن اچي سگهندو.“

پوءِ مان هن جي پر مان گذريس ته ريڪا پاڻ بچائڻ لاءِ ٿورو پاسيرو ٿي وئي. مان اندر ڪمري ۾ هليو ويس ۽ دروازو اندران بند ڪري ڇڏيم.

اٽڪل هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ مون دروازو کوليو.

ريڪا اندر آئي.

هن جي پويان ڪريا رام به ڪڏ ڪڏ اندر آيو. پنهنجي پڳل ڪپڙن مان پاڻي ڳاڙيندي، اندر اچي هن کاڌي جو سامان ميز تي رکيو.

مان ٽفن کي هٿ لائي هڪدم ڇرڪ ڀري هٽائي ڇڏيو ۽ حيرت وچان چيم: ”ڪمال آهي پاڇيءَ وارو ڪٽورو اجا تائين گرم آهي.“

ريڪا کلي چوڻ لڳي: ”ڪريا رام، رسوئيءَ گهر ۾ وڃي، باهه ٻاري ٻيهر گرم ڪري آيو آهي.“

مون چيو: ”شڪارگهر ۾ مون ته رسوئي ڪانه ڏٺي!“

”او هوڏانهن، شڪارگهر جي ٻاهران وڻن جي وچ ۾ رسوئي گهر آهي ۽ اتي ٻيا ڪمرا به آهن. نوڪرن لاءِ. برسات بند ٿئي ته ڏيکاريندي سانءِ.“

”ڏسي ڇا ڪندس.“

”ڇو، جڏهن تون هيءَ زمين خريد ڪرڻ وارو آهين ته بهتر آهي ته سڀڪجهه ڏسي وٺ نه!“

”في الحال ته بک لڳي آهي، ماني ته کائون پوءِ ڏٺو ويندو.“

ريڪا، ڪرپارام کي چيو، جيڪو سرديءَ سبب ڏڪي رهيو هو: ”وڃ تون رسوئي گهر ۾ وڃي ڪپڙا سڪاءِ.“

جڏهن ڪرپارام وڃڻ لڳو ته ريڪا پڇيس: ”چانهن جو سامان آندو اٿئي؟“

”جي بيبي جي آندو آهي.“

”ٿوري جهٽ رکي پوءِ چانهن آڻجانءِ.“

چوڻ لڳي: ”ھاڻي تہ جيئن تون تو
ٻڌائين، مون کي تہ تنھنجي ئي ڳالھہ درست
ٿي لڳي.“

” نہ منھنجي ڳالھہ بہ درست
ناھي!“ مون سروجا ديويءَ کي ذري گھٽ
دڙڪو ڏيندي چيو. ” منھنجو اندازو اڃا ئي
کو ٻيو آھي!“

” تنھنجو اندازو ڪھڙو آھي؟“ ھن
مون کي ڊڄندي ۽ ڌيمي آواز ۾ پڇيو.

”منھنجو خيال آھي تہ ھو توھان
سان محبت تو ڪري.“

ھن ڪجھہ بہ نہ ڪڇيو. بس
ساڙھيءَ جي پلوَ کي ويڙھيندي رھي. پوءِ
آھستي آھستي سڏڪڻ لڳي. پوءِ ھوءَ جنھن
تخت تي ويٺي ھئي ان تي ڪري پئي. ھن
ٻنھي ھٿن سان پنھنجو منھن لڪائي ڇڏيو ۽
ھن جو سڄو بدن سڏڪن سبب ڏڏي رھيو
ھو.

مون ھن کي وڌيڪ ڪجھہ نہ
چيو. مان اٿي ان بيٺڪ ۾ ٽھلڻ لڳس. ٿوري
دير ڪانپوءِ مان بيٺڪ مان ٻاھر اڱڻ ۾
نڪري آيس. منھنجو اندازو غلط نہ ھو.
سروجا ديويءَ زبان سان ڪجھہ بہ نہ چيو پر
ھن جا سڏڪا ھن جي دل جي سموري وارتا
بيان ڪري رھيا ھئا.

اٽڪل اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ جڏھن
مون ڀانيو تہ ھن جا ڳوڙھا سڪي ويا ھوندا تہ
مان وري اندر بيٺڪ ۾ گھڙي آيس. ھوءَ
تخت تي خاموش ويٺي ھئي. ھن پنھنجي
ڳوڙھا اگھي ڇڏيا ھئا ۽ پنھنجي اندر جي
ڪيفيت کي وس ۾ ڪري ورتو ھو.

مان جڏھن اندر آيس تہ ھن مون
ڏانھن شرمسار نگاھن سان نھارنيندي چيو:

” تنھنجو اندازو بلڪل صحيح
آھي پر مان توکي ٻڌائڻ چاھيان ٿي تہ اڄ
تائين مان ھن کي پنھنجي ويجھو اچڻ نہ ڏنو
آھي. ھو وڏو ھوشيار ۽ چالاڪ ھو. جيستائين
ريکا جي شادي ڪانہ ٿي ھئي تہ ھن مون کي
ڪجھہ بہ نہ چيو. پر جيئن ئي ڇوڪريءَ جي
شادي ٿي وئي ھن آھستي آھستي مون تي
پنھنجي دلي مراد ظاھر ڪرڻ شروع ڪري
ڏني. مون چاھيو تہ ھن کي ڪڍي ڇڏيان پر
ھن کي ڪڍي ڇڏيان ھا تہ زمين جي سنڀال
ڪير ڪري ھا. سيني ڪڙمين تي تہ ھن جو
ئي رعب ھلندو ھو ۽ اھي بہ ھن جو ئي حڪم
مڃيندا ھئا. مان ھن کي ڪڍي بہ ڇڏيان ھا
تہ بہ تہ مان ھن جھنگ ۾ اڪيلي رھجي وڃان
ھا! انکري مان ھن کي ٽاريندي رھيس ۽ ھو
بہ آسري ۾ ويٺو رھيو. پوءِ جيڪو زمين وٺڻ
ايندو ھو تہ ڪنھن نہ ڪنھن بھاني ان جي
دل ڪٽائي ڇڏيندو ھو. اڄ مان اھو ڇاڻي ورتو
آھي، پر سچ پڇين تہ ان کان اڳ نہ! ھاڻي
مان اندازو ڪري سگھان ٿي تہ ھو مون کي
ڪيترو تو چاھي. ھن منھنجي ڪري وڏي
ٺاڪر جو قتل ڪيو. پوءِ ننڍي ٺاڪر جو.
جنھن جي لاءِ ڪيس مان نہ بہ چوان ھا تہ بہ ھو
ان کي قتل ڪري ڇڏي ھا! شايد ھو اھو ئي
چاھي پيو تہ ھو ھجي ۽ مان. بس. مٿان مٿان
مان مالڪ ھجان ھا. پر اندروني طور تي ھو
ئي مالڪ بڻجي ويھي ھا! منھنجو بہ تہ زمينن
جو بہ.“

” تہ ڇا اھو اوھان کي قبول نہ
ھجي ھا؟“

” شروع ۾ تہ مان ھن سان سخت
نفرت ڪندي ھئس. مان تہ ھن تي لعنت
ملامت بہ ڪندي ھئس. گاريون بہ ڏيندي

سلسلو گھاٽن ڪڪرن سان ڍڪجي ويو هو. جتي ڪڏهن ڪڏهن ڪنوڻ بہ ڪجڪا ڪري رهي هئي. جيئن تہ صبح ٿي ويو هو پر سج اڃا ڪونہ اڀريو هو. يا شايد پهاڙن جي پويان اڀريو هجي ۽ ڪڪرن جي گهونگهٽ ۾ هجي.

ريڪا هوا جي خوشبوءِ ڪي ساڃاهي چوڻ لڳي:

" سرينيءَ جي پهاڙن ۾ بارش پئي ٿئي."

مون چيو: "مون کي هيءَ صبح جي خنڪي سٺي ٿي لڳي. سفر سهاڻو ڪٽجي ويندو."

اوچتو ريڪا ڇرڪ ڀريو ۽ ڏڪڻ لڳي:

مون پڇيو: "ڇا ٿيو؟"

هوءَ ڏڪاري لهجي ۾ چوڻ لڳي:

"الائي ڪهڙي ڳالهہ آهي. الائي ڇو امان جي جدائيءَ جو ڏک ڏنگي رهيو آهي."

مون چيو: "گهٻراءِ نہ. هوءَ پنهنجي حفاظت پاڻ ڪرڻ ڄاڻيندي آهي."

" اهو تہ مان بہ ڄاڻان ٿي!"

ريڪا ڪي قدر مطمئن ٿي اڳتي قدم وڌايو.

هاڻي تہ رستو صفا مشڪل ٿي ويو هو. متانهين پهاڙين تان هلڻو ٿي پيو. جن ۾ ڪٿي ڪٿي جهنگلي ٻوڙا بيٺل هئا. ڪٿي ڪٿي ننڍيون ننڍيون ڇرون هيون. ريڪا مون کي چيو: "بس هي رستو گذري ويندو. پوءِ اڌ ميل جي آخري لاهي آهي. جنهن ڪانپوءِ ڏوليا ندي. جنهن جي ٻئي پاسي ڏوليا بستي ۽ پوءِ ميداني علائقو آهي. ندي پار ڪرڻ ڪانپوءِ شهپارا ڳوٺ تائين پهچڻ ۾ صرف ٽي ڪلاڪ لڳندا."

مون چيو: "شڪر آهي اڄ سج ڪڪرن جي اوٽ ۾ آهي. نہ تہ تہ گرميءَ سبب هن سفر ۾ منهنجو حال ڏاڍو خراب هجي ها!"

ريڪا هڪدم بيهي. مڙي منهنجي ڇپن تي آڱر رکي. ۽ آهستي سسپس واري انداز ۾ چوڻ لڳي:

"چپ ڪر!"

مان حيرت وچان بيهي رهيس.

هوءَ جڻ هوا ۾ گهلندڙ آوازن کي ڪنائڻ لڳي.

"گهوڙن جي ڊڙڪڻ جو آواز پويان اچي رهيو هو.

ريڪا ڪجهہ چوندي مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو: "هيڏانهن اچ!"

هوءَ تيزيءَ وچان هڪڙي موڙ وٽان مڙي. مون کي هڪ ڇُر ۾ گهلي وئي. اسان ٻئي دم ٻوساٽيو هڪ ٻئي جي ويجهو. بيٺي بيٺي انتظار ڪري رهيا هئاسين. ان وقت تائين مون کي ڪنهن بہ خطري جو احساس ڪونہ هو. بس رڳو هن جي بدن جي قريب هجڻ جو احساس هو ۽ تڪڙن تڪڙن ساهن سبب هن جي ڇاتين جو هيٺ مٿي ٿيڻ.

اوچانڪ اسان جي پر مان. اصل بلڪل پر مان. ٻن اپين پهاڙين جي وچ مان ٻہ گهوڙي سوار گذريا. اهي عقاب وارين نگاهن سان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندا ٿي ويا. ٻنهي جي ڪلهن تي بندوقون هيون ۽ گهوڙن جي پني پگهر ۾ ٻڏل هئي. لڳو ٿي تہ هو واديءَ کان هيستائين جو مفاصو ڏاڍو جلدي طئي ڪري آيا آهن.

"پهرين تہ مون کي سچي دنيا جي مردن سان نفرت ٿي وئي هئي. پوءِ جڏهن مون پنهنجي ڀين ساهيڙين کي پنهنجي بدقسمتيءَ جي باري ۾ ٻڌائڻ ڪانسواءِ ئي احتياط سان پڇا ڳاڇا ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ سڀئي مرد اهڙا نہ ٿيندا آهن. بس ڪو ڪو اهڙو ٿيندو آهي."

مون چيو: "اهڙي ماڻهوءَ کي ڇڏي ڏجانءِ. اهڙي مرد کي ڇڏي ڏيڻ دنيا ڌرم توڙي قانون جي نظرن ۾ بہ گناهہ نہ آهي. توکي اهڙي انسان سان هڪڙو پل بہ گڏ رهڻ نہ گهرجي. هي گل جهڙو بدن. گل جيان ٽڙڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي. ڇهڪ ڪائڻ لاءِ نہ!"

هوءَ آهستگيءَ سان چوڻ لڳي:

"ڪهڙي خبر تون بہ اهڙو ئي نڪرين!"

مان ڇرڪي ويس. هن جو جملو انتهائي گهرو هو. عورت جي دل جيان اٿاهہ گهرو ۽ هزارين تهن ۾ لڪل. نہ ڄاڻ تون ڇا چئي وئينءَ ريڪا. ان جملي جون تہ الائي ڪيتريون ئي معنائون آهن. الائي تہ ڪيترا ئي رنگ آهن. منهنجي اکيان انڊلٺ جي رنگن جيان ڪلندا ٿا وڃن. مون شرير نگاهن سان هن ڏانهن تڪڻ شروع ڪيو:

"ڇا سچ پچ مون کي بہ تون ائين ٿي سمجهين؟"

هن جو هٿ آهستي آهستي منهنجي هٿ ڏانهن سرڪي آيو. منهنجي هٿن جون آڱريون هن جي هٿن جي آڱرين سان ڪيڏڻ لڳيون. ڏاڍو منڙو ۽ من موهڻو لمحو هو اهو. مان هن جي هٿ جي ريکائن کي ڳولهڻ لڳس تہ شايد انهن ۾ ڪٿي منهنجي جيون جي ريکا هجي.

مان آهستي آهستي هن جي ويجهو وڃڻ لڳس.

هن هڪدم پنهنجو هٿ منهنجي هٿ مان ڇڏائي ورتو. ڏکويل لهجي ۾ چوڻ لڳي:

"مون کي ٺڳ نہ لائجانءِ! بابو."

مان پنهنجي جاءِ تي ڄمي ويس.

اهو لمحو هڪ سڏڪو بڻجي فضا ۾ ڦهلجي ويو.

● ● ● ●

پوپاڙيءَ جا پاڇا ڊگها ٿيندا پئي ويا ۽ اسان ٿڪڙا ٿڪڙا قدم کڻي شهپارا جي طرف وڃي رهيا هئاسين.

اوچتو اسان سامهون دز اڏامندي ڏٺي. گمان ائين ٿيو ڄڻ ڪو ريڊار پنهنجو ڌڻ ڪاهيندو پئي آيو. يا ڪي ماڻهو گهوڙن تي سوار هيڏانهن اچي رهيا هئا. اسان هڪدم وڻن جي آڙ ۾ لڪي پياسين. ٿوري دير ۾ ئي بہ گهوڙي سوار اسان جي پرسان گذريا.

مون ۽ ريڪا انهن ٻنهي کي سڃاتو. اهي اُهي ئي راهڪ هئا. راوت جا ماڻهو. جيڪي شايد اسان جو ڏس پتو نہ ملڻ سبب مايوس ٿي واپس وڃي رهيا هئا.

جڏهن هو گهڻو پري نڪري ويا تہ اسان ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو.

پوءِ ريڪا اطمينان وارو ساهہ کڻي چوڻ لڳي:

”ڇگو ٿيو اهي واپس موٽي ويا،
هاڻي شهپارا ۾ اسان جي لاءِ ڪو خطرو نہ آهي.“

هاڻي ڪٿي ڪٿي روشنيون نظر اچڻ لڳيون. شهپارا جو ڳوٺ ويجهو اچي رهيو هو.

• • • •

شهپارا تائين پهچندي پهچندي ريڪا ڏاڍو ٿڪجي پئي هئي، چوڻ لڳي:

”اڄ رات هتي،شهپارا ڳوٺ جي سراءِ ۾ آرام ڪنداسين. صبح جو پڻ اٺ ڪري جيراآباد هلنداسين.

”جيراآباد تائين ڇا انهن جو رستو آهي؟“

”ها!“ ريڪا چيو. ”مان تہ سدائين انهن تي چڙهي ويندي آهيان، اهو رستو هتان ڪان ويجهو آهي.“

پر منهنجو خيال هو تہ ممڪن آهي شهپارا جنڪشن ڪان جيراآباد تائين گاڏي ويندي هجي. ريڪا کي سراءِ ۾ ويهاري مان اسٽيشن تي ويس. معلوم ٿيو تہ ڪلاڪ ڪن ۾ ڇوٽي لائين تي هڪڙي گاڏي ايندي، جيڪا سياڻي صبح جو جيراآباد جي اسٽيشن تائين پهچي ويندي.

رستو تہ ريل گاڏيءَ جي لحاظ ڪان ڏکيو ڪونہ هو. پر ڇوٽي لائين واري گاڏي، انهن جي رفتار ڪان بہ آهستي هلندي آهي. پوءِ بہ مون شهپارا ڪان جيراآباد تائين واري بيابان کي انهن تي پار ڪرڻ ڪان ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪرڻ بهتر سمجهيو. ان ڪري جيراآباد جون بہ ٽڪيٽون وٺي واپس سراءِ هليو آيس.

ٽڪ سبب ريڪا کي ننڊ اچي وئي هئي. مون هن کي آهستگيءَ سان جاڳايو. سراءِ جي تنور تي مانيون پچائڻ واري نانوائيءَ کان ڪاڌو تيار ڪرائي ڪاڌوسين ۽ گاڏيءَ ۾ صرف ڏهہ منٽ بچيا هئا جو اسان اچي گاڏيءَ تي چڙهياسين.

ريڪا تہ ننڊ جي خمارن ۾ هئي، سراءِ کان اسٽيشن تائين جو سمورو رستو منهنجو هٿ پڪڙي هلي رهي هئي. هن کي تہ شايد اهو بہ پوريءَ ريت معلوم ڪونہ ٿيو تہ هوءَ ڪيڏيءَ مهل ريلوي اسٽيشن تي پهتي.

هوءَ ڇوٽي لائين جي ريل ۾ ويني. ڪڏهن گاڏي هلي! هوءَ تہ بس، فرسٽ ڪلاس جي ڊبي ۾ ايندي ئي برٿ تي پير پساري سمهي پئي!

هي ڇهن برٿن وارو ڊبو هو، ٽي هيٺ ٽي مٿي. چارماڻهو اسان کان اڳ ۾ ئي هن ڊبي ۾ موجود هئا. ٻہ هڪ برٿ تي تہ ٻہ ٻيءَ برٿ تي.

هڪڙي برٿ تي ٻہ هپي ويٺا هئا. هڪڙو انهن مان تڪڙو توانو هو پر ٻيو ڪمزور ۽ نازڪ بدن وارو. هن جا وار گهاٽا وڏيل هئا جنهن مان هن عورتن وانگر چوٽو ڪري ڇڏيو هو. ممڪن هو تہ مان کيس عورت سمجهان ها. جيڪڏهن هن جي منهن تي سنهڙي ڏاڙهي نہ هجي ها. شڪل ٿوري ڏکي هئس، پلڪون گهاٽيون هئس، هٿن جون آڱريون بہ ڏکيون هئس ۽ آواز بہ سنهڙو هئس. مون کي ڪجهہ ائين لڳو، ڄڻ قدرت هن کي عورت بنائيندي اڌ ۾ ڇڏي ڏنو هجي.

منهنجو مڙس هوندو ۽ مان هن جي زال هوندس. اڄ اسان هتي آهيون تہ سڀاڻ ڪٿي ٻئي هنڌ. اسان ڪنهن گهر جي اڱڻ ۾، ڪنهن وڻ جي ڇانءَ ۾، ڪنهن نديءَ جي ڪناري سمهي پوندا آهيون ۽ ٻئي ڏينهن وري اڳتي هلڻ لڳندا آهيون. اسان گهٽين، سڙڪن، عمارتن، لفٽن ۽ دروازن وارن گهرن جي گهٽيل ماحول کان مڪتي حاصل ڪئي آهي ۽ رڇ يا چيتي جهڙي آزادي حاصل ڪري ورتي آهي.''

مون چيو: ”رڇ جي بہ هڪ ڄُر هوندي آهي، اهو بہ سارو ڏينهن ڪم ڪندو آهي، سارو ڏينهن کاڌي جي ڳولها ڪندو آهي، ماڻهو بہ اهو ئي ڪم ڪندو آهي پر شايد توري ڏکيائيءَ سان. شهر جي بوساٽيل زندگيءَ کان تہ مان بہ بيزار ٿي پيو آهيان. پر ڪم ڪرڻ کا ڪيٻائڻ نہ تو چاهيان. هر شخص کي صبح کان شام تائين ضرور ڪم ڪرڻ گهرجي.''

” ڇو؟'' ڪمزور هپي توري کاوڙ ڪندي چوڻ لڳو، ”سڀئي ڪم بيڪار ۽ فضول آهن. مون تہ ڏنو آهي تہ هر ڪم ۾ ٻئي جو ئي فائدو ٿيندو آهي. ماڻهوءَ جو پنهنجو پلو تہ گهٽ ئي هوندو آهي. جيڪڏهن توهان ڏينهن ۾ ڏهہ ڪم ڪريو ٿا تہ توهان جي حصي ۾ هڪڙي ڪم جو فائدو تو اچي، اها ناانصافي آهي. ان بيهودي ورياج خوريءَ مان اسان بيزار ٿي پيا آهيون. ان ڪري اسان ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي.''

” پوءِ روٽي پاڻي توهان کي ڪير ڏيندو آهي؟''

”اسان جا والدين اسان جي مدد ڪندا آهن، جيڪڏهن ڪنهن مهيني ماس اسان کي اتان مدد نہ ملندي آهي تہ اسان پني پورت ڪري وٺندا آهيون. ڪڏهن ڪڏهن اسان ڪم بہ ڪري وٺندا آهيون پر انتهائي مجبوريءَ جي حالت ۾.''

”ٻين لفظن ۾ توهان ٻين جي محنت تي زندهہ رهڻ ٿا چاهيو!''

” اسان جي خواهشون تمام ٿوريون آهن. صرف هڪ يونٽ. باقي نَوَ يونٽ اوهان ڪٽي وٺو پر اسان کي اڪيلو ڇڏي ڏيو. ڇا اوهان اسان کي هڪ يونٽ بہ نہ ڏئي سگهندا؟ اسان جون خواهشون تمام محدود آهن. اسان رڳو اهو ٿا چاهيون تہ اسان کي اڪيلو ڇڏي ڏنو وڃي.''

دنبي هپيءَ، ٻانهن وڌائي، ڪمزور هپيءَ جي ڇيلهہ ۾ ڦيرائي ورتي. دنبي هپيءَ جي چولي جي هڪڙي ٻانهن ڦاٽل هئي، جنهن مان سندس ڀورن وارن واري مضبوط ٻانهن نظر اچي رهي هئي. ڪمزور هپي ان جي انهيءَ اگهاڙي جاءِ تي پنهنجي کاڏي رکي پنهنجي سنهڙي ڏاڙهي ڪنهڻ لڳو.

سامهون واري برٿ تي ليٽيل همراهہ جيڪو هندي اخبار پڙهي رهيو هو، اٿي ويٺو، ۽ پر ۾ ويٺل شخص کان پڇڻ لڳو: ”جناب هيءَ غريبي آخر ڪڏهن ختم ٿيندي؟ هي غربت هٽايو نعرو تہ بلڪل ئي فراڊ آهي.''

شيرواڻيءَ واري شخص چيو: ”هڪ ٻن سالن ۾ تہ هيءَ غربت ختم ڪانہ ٿيندي جناب. آخر صدين کان هلندي پئي اچي، اها غربت بہ!''

. هندي اخبار کي ويڙهي، پنهنجي آڱر ۾ پيل سوني منڊيءَ کي ڦيرائيندي هن ٻُلهہ ڪندي چيو: ”ڇو ڀلا! جيڪڏهن غربت

”پر اھا مشابھت سطحي آھي.
“مون چيو.
شان سنگھ رونق سنگھ کان پڇيو: ”تو ڪھڙو فيصلو ڪيو؟“
رونق سنگھ چوڻ لڳو: ”چوڪري کي مون ٻاھر وڻ سان ٻڌي ڇڏيو آھي. ھن کي ساوتريءَ جي سامھون گولي ھڻي ماري ڇڏيندس.“
”ھلو ڏسون ٿا.“ پوءِ شان سنگھ مون کي مخاطب ڪندي چيو.” تون بہ ھل تہ جيئڻ توکي بہ پڪ ٿي وڃي تہ جيڪو اسان چوندا آھيون اھو ھر صورت ۾ ڪندا آھيون.
“
غار جي ڏکڻ ۾ ٿورو ھموار علائقو ھو. وڻ بہ ڪي خال خال ھئا. جن مان ھڪ وڻ سان ھڪڙو نوجوان ٻڌل ھو. ڊگھي اُبي ڳچي، وڏي ويڪري پيشانيءَ وارو چھرو، ڳاڙھسرو رنگ، وارن ۾ سونھري رنگ جي جھلڪ، ھٿ پير صاف سٿرا. پر شھري ڪنھن بہ صورت ۾ ڪونہ ٿي لڳو. شڪل تي اھائي ڳوناٺي معصوميت ھئس ۽ اکين ۾ محبت واري وڏائي.
رونق سنگھ چيو: ”ساوتريءَ کي سڏيو.“
ڪنھن جي وجڻ کان اڳ ۾ ئي بہ ڏاڙيل ساوتريءَ کي جھلي اچي رھيا ھئا. ھن جو چھرو لٿل ھو. اکين اڳيان اونداھي ڇانئجي وئي ھئس. نظرون ڪنھن ھڪ جاءِ تي نہ پئي ٽڪيس.
وڻ سان ٻڌل نوجوان جي اکين تي پٽي ٻڌل ھئي.
رونق سنگھ رائيفل سڌي ڪندي چيو: ”درشن سنگھ پنھنجي پڳوان کي ياد ڪري وٺ.“
درشن سنگھ چوڻ لڳو: ”تون گولي ھلاءِ. وڌيڪ نہ ڳالھاءِ.“
رونق سنگھ چيو: ”جيڪڏھن تون ساوتريءَ تان ھٿ کڻي ٿو تہ مان تنھنجي جان بخشي ڇڏيندس.“
درشن سنگھ چوڻ لڳو: ”مان ساوتريءَ تان تہ ھٿ کڻي بہ ڇڏيان پر ھن جي محبت تان نہ. ھوءَ تہ آخري پساھن تائين منھنجي من ۾ رھندي.“
رونق سنگھ ڏند ڪرٽيندي رائيفل سڌي ڪندي چيو: ”تہ پوءِ پٽ! مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃ.“
اوچتو ساوتري ھڪ ڏاڙيل کان پاڻ ڇڏائي، ڀڄندي اچي ان نوجوان جي سيني سان چنبڙي پئي ۽ ھيانءُ ڦاڙي روئڻ لڳي.
رونق سنگھ ڳاج وانگر ڳجندي چيو: ”ساوتري سامھون کان ھٽي وڃ.“
رونق سنگھ جو دڙڪو ٻڌي ھوءَ ويتر ان نوجوان کي چھٽي پئي، ھن مڙي رونق سنگھ ڏانھن ڏٺو. ھن جي نگاھن مان چڻگون پئي نڪتيون. چوڻ لڳي:
”مارڻو ائي تہ اسان ٻنھي کي گڏ ماري ڇڏ. ھلاءِ گولي.“
رونق سنگھ چست ٻڌي.
ڪيترا ئي لمحا گذري ويا.
”ھلاءِ گولي ڏسين ڇا ٿو؟“
ساوتريءَ رڙ ڪندي چيو.
رونق سنگھ نھايت ٺڏائيءَ سان چيو: ”جيڪڏھن توھان ٻئي ھڪ ٻئي کي

ڇڏي ڏيو تہ مان توهان ٻنهي جي جان بخشي ڇڏيندس.“

”اهڙي جيئڻ کان موت ڀلو آهي، تون گولي هلاءِ.“ساوتريءَ جي لهجي ۾ نفرت ۽ حقارت هئي.

”آخري ڀيرو ٿو توهان کان پڇان تہ ڇا تون هن ڇوڪري کي ڇڏي مون سان شادي ڪندينءَ؟“

”ڪڏهن بہ نہ! ڪڏهن بہ نہ.“ ساوتريءَ وڏي شدت وچان چيو.

اسان ٻئي ساهہ روڪي اهو تماشو ڏسي رهيا هئاسين. رونق سنگهہ جي چهري تي پگهر اچي ويا هئا. ائين ٿي لڳو ڄڻ هن جي اندر ۾ ڪا لڙائي ٿيندي هجي. پوءِ اوچتو هن جا چپ ڀيڪوڙجي ويا. ۽ ڏند ڀيڪوڙيندي ٿورو ڏڪاري لهجي ۾ چوڻ لڳو:

” تہ ٺيڪ آهي، ٻئي تيار ٿي وڃو مرڻ لاءِ.“

”بس مرڻ کان اڳ ۾ مون تي هڪڙي ڀلائي ڪر.“نوجوان چيو.

”ڇاهي؟“

”منهنجي اکين تان لٿو لاهي ڇڏ.

“

”ڪپڙي هٽائڻ سان تنهنجو ڪهڙو ڀلو ٿيندو؟“رونق سنگهہ کانئس پڇيو.

”ساوتريءَ کي آخري دم تائين ڏسي سگهندس.“

” مان چوان ٿو چپ ٿي وڃ.“

رونق سنگهہ رڙ ڪندي چيو.

آهستي آهستي هن رائيفل سڌي ڪئي، ساوتري درشن سنگهہ جي سيني تي ٺيڪ ڏيو بيٺي هئي.

شان سنگهہ چيو: ”اڄ تنهنجو امتحان آهي رونق سنگهہ. اهڙو نشانو ٻڌ جو گولي ڇوڪريءَ توڙي ڇوڪري جي سيني مان ڀسڻ پار ٿي وڃي، ٻنهي جي جان لاءِ بس هڪ ئي گولي ڪافي آهي.“

رونق سنگهہ رائيفل کي ڇوڪريءَ جي سيني تائين مٿي ڪيو. هن جو سڄو چهرو پگهرجي پاڻي ٿي ويو هو. چپ بہ ڏڪڻ لڳا هئس.

شان سنگهہ چوڻ لڳو:

”هڪ ....

ٻہ ....

ٽي ....

چار ....

پر گولي وري بہ نہ هلي. آهستي آهستي رائيفل هيٺ ٿيڻ لڳي، ايستائين جو سندس پيرن تي ڪري پئي. رونق سنگهہ ڏڪ کان ٻيٺو ٿيندي چيو:

”شان سنگهہ هنن ٻنهي کي ڇڏي ڏي.“

اوچتو رونق سنگهہ رائيفل کڻي ان کي ڳلي سان لڳائيندي روئڻ لڳو. اصل ٻنيڪارون ڏئي روئڻ لڳو. ڄڻ سموري دنيا ۾ ان رائيفل کانسواءِ هن جو ٻيو ڪو بہ مٽ مائٽ، ڪوبہ ساٿي، سنگتي نہ هجي!

• • • •

” تو انهن کي ماريو ڇونہ؟“

”رونق سنگهہ ۽ مان، ڏاڙيلن . علائقي مان نڪري ريل جي بند جو پاڻي ويٺو. شهپارا جي پاسي وڃي رهيا هئاسين.

رونق سنگهہ دير دير تائين خاموش هو. نيٺ ڳالهائيندي چوڻ لڳو:

"ڪنهن تصوير منهنجا هٿ جهلي ورتا هئا!"

"ڪهڙي تصوير؟"

"وڏين وڏين اکين ۾ ڪجل لڳل هوس. ميلي جي هڪڙي اسٽال تي ڪنهن جا سهڻا هٿ، ڪنگڻيون پاتل. هوا ۾ اڏامندڙ اهو آئينن جي ٽڪن وارو ڳاڙهو لينگو پڙو ۽ ڪنهن بيباڪ پکيءَ جيان ڪلندي ٽهڪ ڏيندي، هوا سان ڳالهيون ڪندي پئي وئي، عجيب تصوير هئي. جڏهن بہ مون نشانو پئي ورتو، اها تصوير منهنجي سامهون پئي اچي وئي، ان تصوير مون کي مات ڏئي ڇڏي."

رونق سنگهہ رائيفل سان رستي جي هڪ پٿر کي ڏڪو ڏنو ۽ خاموش ٿي ويو.

"پر تون شان سنگهہ وٽ ڪيئن پهتين؟"

"شان سنگهہ منهنجو ننڍي هوندي جو دوست آهي، اسان ٻنهي اٺ جماعتون گڏ پڙهيون آهن، پوءِ مان فوج ۾ هليو ويس، شان سنگهہ ڌاڙيل ٿي ويو. مان ڪاوڙ ۾ تہ اڳي ئي هوس، سو جڏهن ڳوٺ کان نڪتس تہ سڌو پنهنجي دوست شان سنگهہ وٽ هليو ويس ۽ کيس چيم:

"مان بہ ڌاڪو ٿيڻ ٿو چاهيان.

پڇڻ لڳو: ڇو؟ مون کيس پوري ڳالهہ ٻڌائي، چوڻ لڳو: اسان وٽ جيڪو بہ ڪو گينگ ۾ شامل ٿيندو آهي، ان کي هڪڙو خون هر حالت ۾ ڪرڻو پوندو آهي. مون چيو: مان هڪ نہ پر ٻہ خون ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!"

شان سنگهہ پڇيو: "ٻہ خون ڪيئن؟"

مون چيو: "ساوتري جنهن ڇوڪري درشن سنگهہ سان پڳي آهي، جيڪڏهن تون انهن ٻني کي ڳولهي ڏيندين تہ مان انهن ٻني کي قتل ڪري تنهنجي گينگ ۾ شامل ٿي ويندس."

هن ويچاري ڏينهن رات ڪري درشن ۽ ساوتريءَ کي ڳولهي ورتو. پر مون ساوتريءَ سان شادي ڪرڻ ٿي چاهي، هن جي انهيءَ بي وفائيءَ جي باوجود مان هن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار هوس، پر هو ٻئي ڪنهن بہ صورت ۾ هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. آخرڪار مون پنهنجي رائيفل ڪنئي، پر انهن تصويرن کان هارجي ويس، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو تمام ننڍين ننڍين شين کان شڪست کائي ويهندو آهي."

"پر تون تہ سپاهي آهين ۽ سپاهيءَ لاءِ بندوق هلائڻ مشڪل تہ نہ آهي!"

"سپاهي صرف دشمن تي گولي هلائي ٿو سگهي ۽ اهي ٻئي منهنجا دشمن نہ هئا، اهي ٻئي هڪ ٻئي جي محبت ۾ ايترو تہ ٻڌل هئا جو انهن جي اڳيان ڪو بہ ٽيون ماڻهو ڪونہ هو، نہ دوست نہ دشمن. مان پاڻ هن جي نظرن ۾ هڪ ڌاريو هوس، اجنبي هوس، ڪنهن ويران سنسان هنڌ تي قتل اڪيلو ۽ اجنبي وڻ. خبر نہ آهي مان ڇا ڳالهائي رهيو آهيان."

"تون جيڪو بہ ڪجهہ ڳالهائي رهيو آهين، اهو مان سمجهي رهيو آهيان."

"ٻڌ؟" هو هڪدم ڇئي چپ ٿي ويو ۽ منهنجي ٻانهن کي جهلي بيهاري ڇڏيائين:

”ٻڌ.“ هن رڙ ڪندي چيو،” هڪ سپاهي ڪنهن اجنبيءَ تي گولي ڪيئن ٿو هلائي سگهي؟ شان سنگهه مون تي ڪلي رهيو هو، مان هن کي گوليءَ سان اڏائي به سگهيس پئي، پر هو منهنجو ننڍي هوندي جو دوست آهي، پر تو ڏٺو هن ڪيڏي نه حقارت واري انداز ۾ چيو ته تون ڏاڙيل ٿيڻ جي قابل نه آهين... پر مان چاڻان ٿو ته مان بزدل نه آهيان، ڪانئر نه آهيان پر ها بدقسمت ضرور آهيان.“

مون پڇيو: ”هاڻي تون ڇا ڪندين؟“

چوڻ لڳو: ”سپاهي آهيان واپس پنهنجي رجمينٽ ۾ هليو ويندس، ايندڙ لڙائيءَ جي خبر ۾ تون به ڪڏهن پڙهي وٺندين ته صوبيدار ميجر رونق سنگهه فرنٽ تي وڏي بهادريءَ سان لڙندي مارجي ويو.“

هو نهايت ڏکاري انداز سان مرڪيو، مرڪڻ دوران هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا، پر مون هن جي دل رکڻ لاءِ ڳالهه جو رخ ڦيرائيندي چيو:

”تون زنده رهندين رونق سنگهه ۽ وري محبت ڪندين.“

چوڻ لڳو: ”محبت ته بس هڪڙو پيرو ئي ٿيندي آهي، باقي ته سمجهوتا هوندا آهن!“

باقي رستو اسان خاموشيءَ سان طئي ڪيو. هو شايد منهنجي پرسان هلندي به پنهنجي خيالن ۾ ايترو پري هليو ويو هو جو لڳو پئي ته هو مون سان گڏ ڪونه پئي هليو، هو اتي موجود ئي نه هو. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو موجود هوندي به موجود نه هوندو آهي ۽ هلندي به ڄڻ هڪ هنڌ بيٺل هوندو آهي، ساهه جي کڄڻ جي باوجود زندگيءَ کان اڳتي نڪري ويندو آهي. مون هن سان وڌيڪ ڪجهه به ڳالهائڻ نه چاهيو ڇاڪاڻ ته هو اتي موجود ئي ڪونه هو.

• • • •

شهپارا اسٽيشن تي پهچي مون لڳيج آفيس مان سوٽ ڪيس ڪيرائي، کوليو. ڪپڙن جي تهن ۾ دٻائي رکيل، هڪڙو پوري رنگ جو لفافو رکيو هو، جنهن ۾ ٽيهه هزار رپيا هئا. اهو لفافو ڪڍي موڙي مروڙي مون کيسي ۾ وڌو، سوٽ ڪيس بند ڪيو، لڳيج آفيس جي ڪلارڪ کي پنج رپيا خرچي ڏئي، هدايت ڪيم ته ممڪن آهي مون کي اچڻ ۾ ڪجهه ڏينهن لڳي وڃن. سو منهنجي سوٽ ڪيس کي سنڀالي رکجانءِ. هن احتياط سان رکڻ جو وعدو ڪيو، مون ڏٺو ته هن جي شڪل تي پنجن رپين واري مرڪ به هئي.

پوءِ مان پوئتي موٽيس. رونق سنگهه جي مهربانيءَ سان واپسيءَ جو رستو ته مون کي معلوم ٿي ئي چڪو هو. گنريل پيري وارو هڪڙو ڏينهن، شهپارا ۾ رهڻ سبب مون کي اهو ته اندازو ٿي ويو هو ته ڪو شخص منهنجو پيڇو ڪري رهيو آهي. مون ڪنهن کي ڏٺو ته ڪونه پر ڪنهن پاڇي وانگر، ڪنهن جن وانگر مون کي ان جو هر وقت احساس ٿي رهيو هو.

جهنگ ۾ پهچڻ ڪانپوءِ اٽڪل ڪري مان هڪڙي طرف هلڻ لڳس، مشڪل سان ڪي سو وال به نه هليو هوندس ته ڪنهن جي پيرن جو ڪڙڪو محسوس ڪيم، مڙي

جو ڏسان تہ هڪڙو ڏاڙيل مشين گن هٿ ۾ کنيو مون سان گڏ گڏ هلي رهيو آهي. شڪ يقين ۾ بدلجي ويو تہ ضرور ڪنهن منهنجو پيڇو ڪيو آهي.

اهو ڏاڙيل مون سان گڏگڏ هلڻ لڳو. ڪٿي رستو ڀُلي ٿي ويس تہ اڳيان اچي منهنجي رهنمائي بہ ڪيائين پئي. ٿورو اڳيرو هلڻ ڪانپوءِ هن مون کي چيو:

”هاڻي هتان ڪانپوءِ تنهنجي اکين تي پٽي ٻڌبي.“

مون اکين تي پٽي ٻڌرائڻ کان ڪيس منع ڪئي تہ هن منهنجا هٿ پڪڙي منهنجي اکين تي ڪپڙي واري مضبوط پٽي ٻڌي ڇڏي. باقي بچيل رستو اسان ائين ئي طئي ڪيو. بس ايترو ياد آهي تہ جڏهن پٽي کلي تہ مان شان سنگهہ جي سامهون هوس.

”رقم آندءِ؟“

مون هن کي پنجويهہ هزارن جا نوٽ ڳڻي ڏنا. جڏهن هن کي اطمينان ٿي ويو تہ هن مون سان گڏ آيل ڏاڙيل کي چيو:

”ريکا کي آزاد ڪري هن جي حوالي ڪريو ۽ ها هنن کي احتياط ۽ حفاظت سان جهنگل جي آخري حد تائين ڇڏي اچو.“

• • • •

ڏاڙيل موٽي ويا هئا ۽ هاڻي اسان ٻئي هڪڙي پيچري تي پنڌ ڪندي وڃي رهيا هئاسين. ان وچ ۾ سڄو رستو. ريکا مون سان ڪجهہ ڪونہ ڳالهايو. جڏهن ڳچ پنڌ ڪري اڳتي نڪري آياسين تہ مون ريکا جو هٿ جهليو. هن ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو. بس چپ چاپ مون سان گڏگڏ هلندي رهي. ائين تي لڳو ڄڻ ڪنهن گهري سوچ ويچار ۾ محو هئي. هن جي هٿ جي ڇهاءَ مان بہ اهو محسوس پئي ٿيو تہ هن کي ڪنهن بہ ڳالهہ تي ڳالهائڻ جي ضرورت ڪانہ هئي. ڄڻ هن جا سمورا جذبا پنڊپهڻ ٿي ويا هئا. بس هڪڙو بي جان هٿ هو جيڪو منهنجي هٿ ۾ هو.

هڪ سنهڙي ندي، ننڍن ننڍن پهڻن تي وهندڙ سست رفتار نديءَ مان پار اُڪري، اسان ويهي ماني کاڌي، پاڻي پيتو. هوءَ دير دير تائين نديءَ جي پاڻيءَ سان منهن ڌوئيندي رهي ۽ اکين تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻندي رهي، ڄڻ اکين جي آڏو ڪو ڏنڌ ڇانئجي ويو هجيس، ڄڻ اکين تي پاڻي هاري ان کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

مون بہ هن کي ڪجهہ ڪونہ چيو. نديءَ جي ڀر ۾ هڪڙو املتاس جو وڻ بيٺو هو سو مان وڃي ان جي هيٺان ليٽي پيس.

ٿوري دير ڪانپوءِ هوءَ بہ آئي ۽ منهنجي ڀر ۾ اچي ويهي رهي، پوءِ هن پنهنجو مٿو منهنجي سيني تي رکيو.

مان هن جي وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳس.

ٿوري دير ڪانپوءِ هن ڳهٽيل آواز ۾ چيو: ”مون کي پنهنجي ٻانهن ۾ لڪائي وٺ.“

• • • •

پهاڙي سلسلو ختم ٿي ويو هو ۽ جهنگل بہ. هاڻي اسان وڏن وڏن دڙن واري واديءَ ۾ پهچي ويا هئاسين جا خشڪ ٻوڙن ۽ ڪانڊيرن سان ڀريل هئي. ڪٿي ڪٿي ننڍا

نندا واريءَ جا ذرا بہ هئا جن تي انن جي پيرن جا نشان بہ پيل هئا.

ريکا چوڻ لڳي: ”انن جو رستو اڃي ويو آهي، هاڻي جيڪڏهن ڪو اوني نظر آيو تہ مان ان تي چڙهي گهر هلي وينديس.“

” تہ ڇا هي رستو جيراآباد ڏانهن تو وڃي؟“

هن آڳر جو اشارو ڪندي چيو: ”جيراآباد تہ اڃا پري آهي، هن واريا سي علائقي کي پار ڪنداسين تہ او هو ننڍين ننڍين پهاڙين وارو جهنگل ايندو. ڏسين تو نہ؟“

”ها.“

”ان کي پار ڪرڻ کانپوءِ ٻئي طرف جيراآباد آهي، پر مان توکي اوستائين نہ وٺي هلنديس، ڪنهن اونيءَ سان هلي وينديس. ڪو اٺ وارو نہ مليو تہ مان اڪيلي هلي وينديس، پهاڙن جي هن پاسي واري وادي تہ منهنجي پنهنجي وادي آهي، اتي ڪوبہ خطرو نہ آهي، اتان تہ خير گهر بہ ويجهو آهي، خطري جي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي.“

”نہ ! مان تو کي ڳوٺ جي دنگ تائين ڇڏڻ هلندس.“

”نہ نہ.“ هوءَ گهبرائجي چوڻ لڳي، ” ممڪن آهي هو ٻاهر ٻنين تائين آيو هجي، وڏو ظالم آهي، هن سڄي علائقي جا ماڻهو ڪانئس ڊڄندا آهن.“

” نہ مان تو سان ساڻ هلندس.“

مون سختيءَ سان چيو.

هوءَ روئڻهارڪي ٿي چوڻ لڳي: ”ڏس هي منهنجي عزت جو سوال آهي.“

مون کي ياد آيو. بہ ڪلاڪ اڳ هن پاڻ مون کي منهنجي ٻانهن ۾ لڪائڻ لاءِ چيو هو تہ مون هن کي پنهنجي ٻانهن ۾ جڪڙي، پنهنجا ڳل هن جي ڳلن تي رکي ڇڏيا هئا. پوءِ منهنجا چپ هن جي چپن سان ملي ويا هئا ۽ جڏهن بيقرار هٿ هن جي سيني کي ڇهڻ لڳا هئا ۽ هن جي چولي جا ٻنڻ کولڻ لڳو هوس تہ هڪدم منهنجي هٿ کي پري ڪري، سڏڪندي چيو هو:

”بابو مون تي ٽڪو نہ لائجانءِ.“

۽ مون هن کي ڇڏي ڏنو هو ڇاڪاڻ تہ مون هن جي اندر جي ڪشمڪش کي محسوس ڪري ورتو هو ۽ مون چاهيو پئي تہ هوءَ پاڻ ئي منهنجي ٻانهن جي جڪڙ مان پاڻ ڇڏائي ڪو فيصلو ڪري. پوءِ بہ مون هن کي چيو هو:

”ڇا تون محبت کي ڪو بدنما داغ ٿي سمجهين؟“

هن جي چولي جو هڪڙو ٻنڻ کلي ويو هو ۽ هن جي سيني جا اڀار ڪنهن قاتل پکيءَ وانگر چولي ۾ ئي ڦٿڪي رهيا هئا. منهنجي نگاهن جو رخ ڏسي هن هڪدم پنهنجي رئي کي سيني تي ورائي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳي:

” هلون دير پئي ٿئي.“

سڄو رستو بيچينيءَ سان گذريو. اڌ ۾ ڇڏيل ڳالهيون. اڻچيل ڳالهيون. اڌ ۾ رهجي ويل نغما، اڻپورو سنگم. ٽٽل تصويرون. پرزا پرزا جذبا. نہ ڄاڻ زندگي الائي ڪهڙي خطرناڪ موڙ تي اچي رسي آهي، اڳواٽ ڪجهہ بہ معلوم نہ تو تي

سکھي، ھي سفر ڪيڏانھن وٺي ويندو. ھيءَ ڇوڪري ڇا ٿي چاھي. ھن جي زندگيءَ جو ھڪروکھڙي پاسي وھڻ ٿو چاھي! ڇا مان ان ھڪري منجھان پار اڪري ويندس؟ يا وچ سير ۾ لڙھي ويندس. ريڪا ھاڻي منھنجي زندگيءَ جي ريڪا بڻجي چڪي ھئي.

ورو ڪڙ واريا سن پيچرن تان ھلندي ھلندي آخر تائين ڪو اٺ وارو ڪونہ مليو. نورپُرا، نانگ، جھنگلي سيھڙ ۽ ڪوئا تہ مليا پر ڪو اوٺي نہ مليو ۽ اسان ٽپيل رستي تي سفر ڪندا رھياسين. وري پھاڙي سلسلو شروع ٿي ويو ۽ وڻن جي ڇانئن ۾ گرميءَ کان ٿورو بچي بہ وياسين. اٽڪل ھڪ ڪلاڪ سفر ڪرڻ کانپوءِ ھڪڙو ٻہ واٽون آيو. ھڪڙي واٽ، تہ اندرين علائقي طرف پئي وئي، جتي پري کان ئي ڇوٽي لائين وارو بند نظر پئي آيو. پر ٻي واٽ ھڪڙي اوچي پھاڙ تان مٿان ٿيندي پئي وئي.

اتي پھچي ريڪا بيھي رھي، چوڻ لڳي:

”ھاڻي ھتان ئي مان اڪيلي ويندس.“

”ڇو؟“

”ھتان گھر ويجھو آھي.“

”اھو ڪيئن؟“

”او ھُو موڙ مڙي مان پھاڙيءَ جي مٿان ويندس، ھُتي پاسي ڪليل وادي آھي ۽ جيرآباد... بس تون ھيستائين ئي اچي سگھين ٿو، ھن کان اڳتي نہ. تنھنجو رستو ھي ميداني علائقي وارو رستو آھي جيڪو ستو شھپارا ٿو وڃي. مان پنھنجي رستي سان ويندس، تون پنھنجي رستي سان ويندين ... وعدو ڪر.“

ھن مون سان ياڪر پائيندي چيو.

”وعدو تہ ڪريان ٿو پر منھنجو ڇا ٿيندو؟“

چوڻ لڳي: ”تون شھپارا کان ستو منھنجي ماءُ جي گھر ھليو وڃجانءِ. مان بہ ٽن ڏينھن کانپوءِ موٽي ايندس، پوءِ تون جتي چوندين مان توسان اوڏانھن ھلي ھلندس.“

منھنجي من ۾ خوشيءَ جي ھڪ لھر ڊوڙي آئي جا منھنجي رڳ رڳ ۾ سمائجي وئي.

”سچ ٿي چوين؟“

”ھا.“ ھن سھڪندي چيو.

مون ھن کي ڳلي لڳايو. دير دير تائين اسان ھڪ ٻئي جي ياڪر ۾ ئي رھياسين. ھڪ ٻئي جي چپڙن تي ترسي پياسين. نيٺ ڪنھن مجبوريءَ تحت ھوءَ مون کان جدا ٿي چوڻ لڳي:

”چڱو ھاڻي تون وڃ... بس وڃ ھليو.“

”پھرين تون وڃ.“

ھن پنھنجو محبت وارو ھٿ وڏي مشڪل سان ڇڏايو ۽ پنھنجي رستي تي وڃڻ لڳي. بلڪل ائين لڏندي وڃڻ لڳي جيئن سرڻيءَ جي پھاڙن ۾ پئي ھلي. مان ھن جي پويان ڊوڙيس ۽ وڃي ھن کي ٻانھن ۾ ڪٽي ورتو ۽ ...

ھن گھٽيل آواز ۾ چيو: ”ھاڻي تون مون کي ماري ڇڏيندين ڇا، ساھ ڪڍي ڇڏيندين ڇا؟“

مون پاڻ کي ڊرو ڪري ڇڏيو. هن کي پاڻ کان جدا ڪندي من ۾ ڪو ڪنبو ڇپي رهيو هو. مان هن کان جدا ٿي ويس ۽ منهن ڦيري ورتو:

” توکي ڏسندس تہ وري توکي اچي ڪٽي وٺندس، ان ڪري منهن ڦيري ٿو بيهان. تون بس مهرباني ڪري جلدي جلدي هلي وڃ.“

”چڱو.“ هن ٿڌو ساهہ کڻندي چيو.

هن جو اهو ٿڌو ساهہ پهاڙن، جهنگلن، ريتيءَ جي ذرن، ندين ۾ ساري ڪائنات ۾ ڦهلجي ويو. ٿورڙيءَ دير ۾ ئي جڏهن مون منهن ڦيرائي پوئتي نهاريو تہ ڏٺم تہ ريڪا وڃي چڪي هئي. رڳو هن جو ٿڌو ساهہ منهنجي چئني طرفن کان ڦيريون پائي مون کي ياڪر ۾ ڀري رهيو هو. ڄڻ هوءَ ڪائنات جي ذري ذري ۾ سمائجي ٿڌا ٿڌا ساهہ ڀريندي هجي.

”ريڪا...“ مون هڪ وڏي رڙ ڪئي. مايوسيءَ وچان مان هن جي پويان ڊوڙڻ لڳس. پري پري تائين ڊوڙندو ويس. پر هوءَ مون کي ڪٿي بہ نظر نہ آئي. ڊوڙندي ڊوڙندي پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهي ويس. پوءِ بہ هوءَ مون کي ڪٿي نظر نہ آئي. ٻئي طرف وادي گهاٽي جهنگ ۽ اوچن اوچن ذرن سان ڀريل هئي. پر مون کي نہ ريڪا نظر آئي، نہ جيراآباد جو ڳوٺ. شايد هوءِ ڪنهن سوڙهي پيچري تان گذري اکين نڪري وئي هجي، يا شايد جيراآباد جو ڳوٺ هن جهنگل جي پويان هجي.

مان مايوس ٿي واپس موٽيس. واپس اچي بہ واٽي تي اچي مون لاهيءَ وارو رستو اختيار ڪيو. هلندي هلندي رستي ۾ مون کي هڪڙو اوٺي مليو. ان سان شهپارا تائين هلڻ جو ڪرايو طئي ڪري اٺ تي چڙهي ويٺس. اٺ جي هلڻ کانپوءِ محسوس ڪيم تہ جيڪر ڪو واريءَ جو دڙو هلڻ لڳي تہ بلڪل اٺ وانگر ئي ٿلندو هلندو. منهنجي اڳيان اٺ جو ڪوَنڌُ هو. جنهن کي ڏسي ائين پئي لڳو ڄڻ انسان جي سموري حياتي هڪڙو ڪونڌُ هجي، ايڪڙو، ٽيڏو ڦڏو.

محبت کان ڀڳو هوس. محبت ۾ گرفتار ٿي ويو هوس. زندگي... او زندگي ... الائي تہ تنهنجي ڪهڙي ڪَل سڌي آهي؟

• • • •

شهپارا پهچي بہ ڏينهن تہ مان سراءِ ۾ ئي ٽڪيو پيو هوس. سوچيم ريڪا تہ ٽن ڏينهن کانپوءِ ايندي، مان بہ ڏينهن اڳ ۾ وڃي ڇا ڪندس؟ هن واديءَ ۾ وڃي هڪ عجب قسم جي گهبراهٽ، اداسي ۽ بيچينيءَ جو احساس ٿيندو هو. ٺيڪ آهي، جنهن ڏينهن ريڪا ايندي، ان ئي ڏينهن ويندس.

ٻہ ڏينهن سراءِ ۾ ترسيو پيو هوس. صبح شام سئر ڪرڻ لاءِ پري پري تائين هليو ويندو هوس. شهپارا ۾ بہ تہ ڪا جاءِ ڏسڻ وٽان ڪان هئي. گندگيءَ سان ڀريل پوئتي پيل ڳوٺ هو. سوين سال پراڻين حالتن

ڏينهن دوران تہ ان پيل جو تلهو تہ پيدا ڪونہ ٿي پيو هوندو.

ڇا مان ڪنهن ٻئي هنڌ تہ نہ اچي ويو آهيان. نہ.. پر هي تہ انهن ئي وڻن جو جهڳٽو آهي! اهائي جاءِ آهي. آسپاس جا ڌڙا، لاهيون بہ اهي ئي آهن جيڪي چند ڏينهن پهرين، پنهنجي اکين سان ڏسي ويو هوس. وري بہ دلجاءِ ڪرڻ لاءِ مان هيڏانهن هوڏانهن ڦري ڏسڻ لڳس. ڪيتري دير تائين ان بہ ماڙ حاويليءَ کي ڳولهيندو رهيس. سرينيءَ جي حدن ۾ وهندڙ ندي تہ ملي وئي، پر اها حاويلي ڪيڏانهن هلي وئي. اها ٻني ڪيڏانهن هلي وئي. لڳو پئي تہ ورهين کان هن علائقي ۾ ڪو بہ ٻني ٻارو ڪونہ ٿيو آهي.

گهمي ڦري وري بہ مان ان سڙيل ڪنبر طرف اچي ويس. دير دير تائين مان مٽي کي هٿ ڏيو ويٺو رهيس. پر منجهيل معاملي جو سرو ڳولهي نہ سگهيس. پوءِ مان اتان اٿي شڪارگهر ڏانهن هليو ويس. پر جتي شڪارگهر هجڻ گهرجي ها! اتي ڪوبہ شڪارگهر موجود ڪونہ هو! ڪوبہ باغ يا باغيچو ڪونہ هو. آسمان تي ڪو ڪکر بہ ڪونہ هو! بس چئني پاسي ويرانو. جهنگلي ٻوٽا. وليون ۽ جهنگل ئي جهنگل. منهنجي جسم جون رڳون ڇاڇي ويون. هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي؟ دل ۾ هڪ عجيب دهشت پيدا ٿيڻ لڳي.

مان واپس ڪنبر ۾ گهڙي ويس ۽ اتان ڪان طرف جو اندازو ڪري ڪوارڙيءَ جي قلعي جي طرف وڃڻ لڳس. هلندي هلندي نيٺ ڪوارڙيءَ جي قلعي تائين رسي ويس. قلعي کي سڃاڻي ٿورو سڪون محسوس ڪيم. ها تہ مان هتي ئي تہ آيو هوس. اهو ئي تہ قلعو هو. اهي ئي تہ ان جا ڪنبر آهن. جهڙا مون پهرين ڀيري ڏٺا هئا. هيءَ اها ئي تہ جاءِ هئي جتي مون پهريون ڀيرو ريڪا کي ڏٺو هو... پر اتي هير جو ڪوبہ وڻ ڪونہ هو. نہ ئي ان جو ڪو ٿڙ ئي موجود هو. بس ڪي سڪل ٿاريون ۽ پن وکريل هئا.

بي اختيار مون هڪ رڙ ڪئي:

"ريڪا...."

ريڪا ......

ريڪا ........

منهنجو آوازقلعي جي ٿنڀ ديوارن سان ٽڪرائجي پڙاڏو بڻجي موٽي آيو. منهنجو من پرچي آيو. پوءِ هڪ گهري سناٽي ۾ ڇڻ ڪوئي مون کي چئي رهيو هو:

"هتان هليو وڃ...."

هليو وڃ....

هتي ڪوئي بہ ڪونهي...

ڪوبہ نہ آهي هتي....

بدن مان سيسراٽ نڪري ويا ۽ مون ڪڙيءَ تي زور رکي ڀڄڻ شروع ڪيو. ڀڄندو ويس، دور دور تائين. خبر بہ ڪانہ ٿي پئي تہ ڪيڏانهن پئي ڀڄندو ويس! منهنجي منزل ڪهڙي آهي. ڪٿي ترسڻو آهي؟ ڪيترو ڀڄڻو آهي؟ ساهہ مٺ ۾ هو ۽ مان ٽڙندي ٽاٻڙجندي بس ڊوڙندو ٿي ويس. منهنجا ڳوڏا چلجي ويا. ڪانڊيرا منهنجي پيرن جي ترن ۾ چڀندا ويا. سڄو بدن پگهر ۾ شل ٿي ويو... پر مان ڊوڙندو ٿي ويس.

# گذارش

ڪرزما ڊائجسٽ سنڌي ادب ۾ نواڻ آڻ...
معياري، معلوماتي دلچسپ ۽ تفريحي ادب متعارف ڪرائڻ ...
هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي. انهيءَ لاءِ سنڌي ادب پڙهندڙن دوستن ...
گذارش آهي تہ اداري سنڌي توڙي پرڏيهي ڪهاڻيون، ناول ۽ ...
مواد موڪلين. ترجمي ڪرڻ سان دلچسپي رکندڙ سڄڻن ڪي گذار...
آهي تہ اهي اداري سان ان سلسلي ۾ لهہ وچڙ ۾ اچن.

## ساليانی ميمبر شپ

ڪرزما ڊائجسٽ ڪي ساليانی ميمبرشپ ذريعي گهر و...
موڪلڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ اداري ...
ڪراچي ائڊريس تي 300روپيہ مني آرڊر ڪري موڪليا وڃن، ...
موڪليندڙ دوستن کي ڊائجسٽ ٽپال رستي سال لاءِ هر مهيني ...
گهر تائين پهچائي ويندي.